# برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو

(جلد اٺون، پاڳو پهريون)

مرتب ۽ ايڊيٽر

## جي.اي گريئرسن

سنڌيڪار

## ڊاڪٽر فهميده حسين

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي،
حيدرآباد، سنڌ

اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ
فار پرزرويشن آف هيريٽيج آف سنڌ، ڪراچي

# برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو

(LINGUISTIC SURVEY OF INDIA)

جلد اٺون

ڀاڱو پهريون

هند - آريائي خاندان

اتر - اولهه وارو گروهه

سنڌي ۽ لهندا جا نمونا

مرتب ۽ ايڊيٽر:

**جي. اي. گريئرسن**

سنڌيڪار:

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

**سنڌي لئنگئيج اٿارٽي**

حيدرآباد، سنڌ

**اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ**

فار پرزرويشن آف هيريٽيج آف سنڌ

# انتساب

آءٌ پنهنجو هيءُ پورهيو
پنهنجي پهرئين استاد
۽ والد محترم
**محمد يعقوب "نياز"**
کي ارپيان ٿي.

**ـ فهميده حسين**

# LINGUISTIC SURVEY OF INDIA

## VOL. VIII

## PART I

# INDO-ARYAN FAMILY

## NORTH-WESTERN GROUP

**SPECIMENS OF SINDHĪ AND LAHNDĀ**

COMPILED AND EDITED BY

G. A. GRIERSON, K.C.I.E., PH.D., D.LITT., I.C.S.

# ناشر پاران

انگريزن جي دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ کي نہ صرف سنڌ جي سرڪاري ٻولي قرار ڏنو ويو بلڪ ان جي لاءِ معياري عربي- سنڌي لپي مقرر ڪري ڪتابن لکڻ لکرائڻ جي روايت وڌي وئي. ان کي تعليمي ادارن ۾ رائج ڪري مختلف مضمونن جا درسي ڪتاب لکرايا ويا. سرڪاري عملدارن جي لاءِ سنڌي ٻولي سکڻ لازمي قرار ڏنو ويو ۽ انهيءَ مقصد ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ سنڌي- انگريزي، انگريزي- سنڌي ڊڪشنريون، سنڌي ٻوليءَ جا گرامر ۽ ٻيا تحقيقي ڪتاب لکرايا ۽ شايع ڪرايا ويا. ديسي عالمن ۽ استادن کان سواءِ ڪيترن يورپين اسڪالرن بہ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ بابت ڪتاب ۽ مقالا لکيا، جن ۾ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ، رچرڊ برٽن وغيره سرفهرست آهن. ويهين صديءَ جي شروعات ۾ سر جارج گريئرسن سموري ننڍي کنڊ جي مادري ٻولين جو هڪ جامع جائزو پيش ڪرڻ لاءِ "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا جي" نالي سان مختلف جلد تيار ڪرڻ شروع ڪيا، جن مان جلد اٺون، ڀاڱو پهريون، موجوده پاڪستان جي ايراضيءَ (سنڌ و ماٿريءَ) ۾ ڳالهائجندڙ ٻن وڏين ٻولين: "سنڌي" ۽ "لهندا" بابت هو. جيڪو هن پهريون ڀيرو 1919ع ۾ شايع ڪرايو. جنهن کان پوءِ ان جا ٻيا ڇاپا بہ ايندا رهيا. عام خيال اهو هو تہ جيئن تہ انهيءَ ڪتاب جي ٻولي ڪجهہ ڏکي هئي، ان ڪري گهڻا ماڻهو اُن مان لاڀ پرائي نہ ٿي سگهيا. ان ڪري ان کي ترجمو ڪيو وڃي. انهيءَ ڳالهہ کي مدنظر رکي، مون هن ڪتاب کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. ان وقت هن ڪتاب جي پهرئين ڇاپي ۾ هڪ مترجم جي حيثيت ۾ مون لکيو هو تہ: "هيءُ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد، ارتقا توڙي بنيادي سٽاءَ ۽ ساخت يا گرامر جي بيان ۾ بنيادي ۽ اهم ڪتاب رهيو آهي. جيتوڻيڪ ان کان پوءِ ان کان بهتر ۽ وڌيڪ تحقيق وارا ڪيئي ڪتاب اچي چڪا آهن. ڪيترائي نوان نظريا، ان جي رد ۾ پيش ٿي چڪا آهن، پر تہ بہ هن ڪتاب جي اهميت گهٽ ڪانہ ٿي آهي. سنڌيءَ جي داردي ٻولين ۽ لهندا سان رشتي ناتي قائم ڪرڻ جي ڏِس ۾ گريئرسن جو پنهنجي ليکي هڪ جداگانہ ۽ منفرد رايو آهي ۽ اُن مان ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ سميت ڪيترن ئي عالمن پنهنجن ڪتابن ۾ استفادو ڪيو آهي ۽ اهو سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جي بيان ۾ هڪ اهم جاءِ والاري ٿو..."

۽ اڄ بہ ان ڳالهہ تي قائم آهيان تہ هيءُ هڪ اهڙو بنيادي ڪم هو جنهن سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي مختلف لهجن جي باري ۾ تحقيق جي روايت وڌي. جيتوڻيڪ گريئرسن تي اها بہ تنقيد ٿي تہ هُن، هِن ڪتاب جي لاءِ مواد ڪٺو ڪرڻ لاءِ هيٺينءَ سطح جي روينيو عملدارن کان ڪم ورتو جن مان ڪن اُن ڪم ۾ غير ذميواريءَ جو مظاهرو ڪيو ۽ ڪيس لهجن وغيره جي باري ۾ اڻپوري يا غلط معلومات مهيا ڪئي، پر تنهن هوندي بہ ان جي اهميت گهٽ ڪانہ ٿي.

سنڌي ٻوليءَ تي ٿيندڙ تحقيق جي حوالي سان انهيءَ ڪتاب جي سمورن جلدن جي اهميت هميشہ رهندي، اهو ئي سبب آهي، جو جڏهن "اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف هيريٽيج آف سنڌ (سنڌ جي ثقافتي ورثي جي تحفظ واري اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ) پاران سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ آڳاٽن ڪلاسڪ ڪتابن جي ٻيهر ڇپائي ۽ ترجمي واري رٿا، اٿارٽيءَ لاءِ منظور ڪئي وئي تہ ان ۾ شامل ڪتابن ۾ هن ڪتاب کي بہ شامل ڪيو ويو.

هن رٿا جو ٻيو حصو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ جديد طرز جي 'سائونڊ اسٽوڊيو' جي تعمير آهي، جنهن تي پڻ ڪم هلندڙ آهي، ۽ خيال آهي تہ 2011ع جي وچ ڌاري اهو اسٽوڊيو تيار ٿيڻ کانپوءِ اٿارٽيءَ پاران سنڌي ٻوليءَ جي مختلف

لهجن ۽ محاورن کي محفوظ ڪرڻ سان گڏوگڏ اُن جي واڌاري، سکيا ۽ استعمال جي ڏس ۾ مختلف پروگرام ترتيب ڏئي، اُن جي ترقيءَ ۽ تحفظ جي ڏس ۾ ڪردار ادا ڪيو ويندو.

آخر ۾ آءٌ اينڊو مينٽ فنڊ ٽرسٽ جي چيئرمئن ۽ ميمبرن، خاص ڪري ان جي سيڪريٽري محترم عبدالحميد آخوند جا ٿورا مڃڻ پنهنجو فرض ٿي ڀانيان، جنهن اهو پراجيڪٽ اڻارتيءَ کي ڏياري، هڪ ڀيرو وري اهو ثابت ڪيو آهي تہ هو سنڌ، سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت لاءِ ڪيترو درد رکي ٿو.

مون کي اميد آهي تہ هن ڪتاب مان اسان جا محقق، عالم اديب ۽ سنڌي ٻوليءَ جا شاگرد ضرور لاڀ پرائيندا.

حيدرآباد، سنڌ

7 فيبروري2011ع

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

چيئرپرسن

# مقدمو

1 ـ هن ڪتاب جي مترجم ڊاڪٽر فهميده حسين اديبہ بنت اديب آهي. جيترو بہ هن ڪتاب جي اهميت جي باري ۾ لکي سگهجي ٿو اوترو ئي ڊاڪٽر فهميده حسين جي قابليت، ذهانت، محنت ۽ سنڌي ٻوليءَ سان سندس پيار، محبت، عشق، صداقت ۽ سچائيءَ لاءِ صفحن جا صفحا لکي سگهجن ٿا. آءٌ هن نياڻيءَ کي سالن کان سڃاڻان. سندس والد، محترم محمد يعقوب ميمڻ مرحوم سان منهنجي پهرين ملاقات، 1954ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس ۾ واقع، 'سنڌي ڊڪشنري آفيس' ۾ ٿي، جتي پاڻ هڪ ريسرچر طور خدمت ڪندو هو. ميمڻ صاحب مان، مريادا ۽ ڏيا وارو انسان هو. جهڙو هو پاڻ قربائتو تهڙو ئي آهي سندس اولاد. ڏٺي ڪري سندس سڀ ٻار سدائين شاد ۽ آباد هجن!

ڊاڪٽر فهميده هوندي ته ڪيترن ئي ڪتابن جي ليکڪا آهي ۽ اُن سان گڏ ڪيترائي ڪتاب تاليف بہ ڪيا اٿس ته ايڊٽ بہ. ڊاڪٽر صاحبہ پنهنجيءَ قابليت ۽ ذهانت جو سچو ڪمال، هن ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ ۾ ڪم آندو آهي، هوندي بہ تہ هيءُ ڪتاب نہ فقط هڪ جڳ مشهور ڪتاب آهي، پر سنڌي ۽ لهندا زبانن جي ڳالهائيندڙن لاءِ، هيءُ هڪ اهم ۽ ڪارائتو ڪتاب آهي. هيءُ ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد" جي مطالعي، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي مطالعي، سنڌي ۽ برصغير جي ٻين زبانن جي تقابلي مطالعي، سنڌي ۽ لهندا جي لهجن جي اونهي تقابلي اڀياس ۾ تمام گهڻي مدد ڪري ٿو. ان کان سواءِ سر گريئرسن طرفان برصغير ۾ هند ـ آريائيءَ ٻولين جي پکيڙ جي باري ۾، هند ـ آريائي ٻولين جي شاخن جا نقشا، سنڌي ٻوليءَ ۽ ٻين ٻولين جي سرحدن ۽ ٻئي مواد جي باري ۾ هن ڪتاب ۾ گهڻي ڄاڻ ڏنل آهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين صحيح چيو آهي تہ: "هيءُ ڪتاب، سنڌيءَ جي بڻ بنياد، ارتقا، توڙي بنيادي سٽاءَ ۽ ساخت يا گرامر جي بيان جي سلسلي ۾، هڪ بنيادي ۽ اهم ڪتاب آهي." پر منهنجي خيال ۾ هاڻ هن ڪتاب ۾ ڏنل مواد تي نظرثاني ٿيڻ گهرجي. اهوئي سبب آهي، جو سنڌيءَ ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾، هن مهاڳ ۾ دليلن سان بحث ڪري سر گريئرسن جي هڪ سئو سالہ پراڻي نظريي تي نئين سر نظر وڌي ويئي آهي، ۽ نتيجا پيش ڪيا ويا آهن.

2 ـ هيءُ ڪتاب هر دؤر ۾ پنهنجي اهميت جتائيندو رهيو آهي ۽ اڳتي بہ جتائيندو رهندو. ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻوليءَ بابت مختلف ماهرن جي نظرين جو اڀياس ڪري سر گريئرسن، بر صغير جي ٻولين جي باري ۾ جيڪي نظريا پيش ڪيا هئا، سي اُن وقت (1919ع) ۾ تہ بلڪل تازا، نوان ۽ نئين سوچ وارا پئي لڳا، پر پوءِ جيئن جيئن لسانيات جي موضوع تي يورپ، آمريڪا ۽ برصغير ۾ ماڻهن جو مطالعو وڌندو ويو ۽ نوان نوان ڪتاب مارڪيٽ ۾ ايندا ويا، تيئن تيئن ٻين موضوعن سان گڏ علم التاريخ، علم اللسان ۽ علم الانسان وارن موضوعن تي ماڻهن جي سوچ ويچار ۾ بہ انقلابي تبديليون آيون؛ ويتر موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ، سنڌو ـ تهذيب ۽ برصغير جي تاريخ ۾ نوان انقلاب آندا. سر جان مارشل جي هنن ڪاوشن، دنيا جي ماهرن کي، سنڌو ـ تهذيب جي روشن باب تي نئين سر سوچڻ ۽ لکڻ جي دعوت ڏني. علم آثار قديمہ جي ماهرن جي کوجنائن، دنيا جي تهذيب ۽ تمدن واري تاريخي مواد، آريا ۽ آڻ ـ آريا واري نظريي ۽ اهڙين ٻين ڳالهين تي نئين سر سوچڻ ۽ لکڻ لاءِ ماهرن کي مجبور ڪيو. موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي آثارن جي کوٽائيءَ، سنڌو ـ تهذيب، اُن جي رهواسين، اُن تهذيب جي ڌار ڌار پهلوئن، اُن تهذيب جي ٺاهيندڙن ۽ اُن تهذيب ۾ رائج ٻوليءَ وارا موضوع، ماهرن جي تحقيق جو مرڪز بڻجي ويا. نيٺ هن نظرئي تہ: "برصغير جون سڀ ٻوليون سنسڪرت مان ڦٽي نڪتل آهن"، تي نئين سري سان کوجنا

ڪري ماهرن پنهنجو فرض سمجهيو. ساڳيءَ طرح سان هيءَ نظريو تہ "سنڌي ٻوليءَ، وراچڊ اپڀرنش جي ذريعي، سنسڪرت جي هڪ شاخ آهي." ۽ "موجوده سنڌي ٻولي ٻارهين صدي عيسويءَ ڌاري وجود ۾ آئي آهي"، بہ ڪمزور محسوس ٿيڻ لڳو ڇاڪاڻ تہ اها سوچ برهمڻ جي هئي، جنهن کي پوءِ پهرين ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ، پنهنجي ڪتاب A Grammar Of Sindhi Language ۾ پيش ڪيو ۽ پوءِ سر گريئرسن بہ ساڳيءَ راءِ کي پنهنجي هن ڪتاب جي جلد اٺين ۾ بيان ڪيو. سر گريئرسن 'لساني لڳ لاڳاپا' واري عنوان هيٺ لکيو تہ:

"هن جلد ۾ لهندا جي تعارف واري حصي ۾ اهو سمجهايو ويندو تہ سنڌي ۽ لهندا گڏجي، هند آريائي ديسي ٻولين جي ٻاهرئين گهيري جو اتر – الهندو گروهہ ناهين ٿيون. ۽ انهن ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون خاصيتون آهن، جيڪي ڪين اُتر اولهہ واريءَ سرحد (N.W.F) جي داردي ٻولين سان ڳنڍيين ٿيون، خاص ڪري ڪشميريءَ سان. آءٌ هتي ان عام حقيقت جي باري ۾ اڳوات راءِ ڏيڻ بدران انهن نڪتن ڏانهن ڌيان ڏيندس، جيڪي خاص ڪري سنڌيءَ سان واسطو رکن ٿا."

اهڙيءَ طرح هن اڳتي 'سنڌيءَ جو بنياد'، عنوان هيٺ وري هيئن لکيو آهي:

"اسان جي اڳيان پراڪرت ويا ڪرڻي، مارڪنڊيہ (xviii_I) جي وضاحت آهي تہ سنڌ ۾ ڳالهائجڻ واري 'اپڀرنش پراڪرت' کي، 'وراچڊ' سڏيو ويندو هو جنهن مان سنڌي ڦٽي نڪتي آهي."

3 _ بهرحال جيتري آهي سنڌو – تهذيب جي تاريخ قديم، اوتري ئي آهي سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ قديم. هن تهذيب ۽ ٻوليءَ جي قدامت ۽ بڻ بنياد لاءِ ماهرن ڌار ڌار رايا ڏنا آهن. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر ٽرومپ کان وٺي سر گريئرسن تائين ۽ ويجهڙائيءَ ۾ مسٽر ڪولن ماسيڪا سميت اڪثر پرڏيهي ماهرن ۽ ڏيهي ماهرن ۾ مرزا قليچ بيگ، ڪاڪو ڀيرومل، ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ٻيا هن راءِ جا آهن تہ "سنڌي ٻولي، سنسڪرت جي شاخ آهي ۽ اُن لحاظ سان سنڌي زبان هند – آريائي ٻولين سان واسطو رکي ٿي."

4 _ (الف) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پهريون ڏيهي عالم آهي، جنهن سنڌي ٻوليءَ جي قدامت، اُن جي بڻ بنياد جي سلسلي ۾ مٿي ڄاڻايل سيني ماهرن جي راءِ سان اختلاف ڪيو ۽ رايو ڏنو تہ:([1])

موجوده سنڌي ٻولي، سنئون سڌو سنسڪرت مان نڪتل نہ آهي، بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري مقامي پراڪرت يا پراڪرتن مان اُسري. اُها هند– آريائي ٻولي آهي. لهندا (سرائڪي، ٻهاولپوري، ملتاني، ديري والي، هندڪو) ڪشميري ۽ اُترئين سنڌو– ماٿر جون داردي ٻوليون، اُن جون ڀينرون آهن. بودباش جي لحاظ سان اهي مڙيئي سنڌو– ماٿر جون آڳاٽيون هند– آريائي ٻوليون آهن. پر سناءَ ۽ تاريخي ارتقا جي لحاظ سان اهي هن براعظم جي ٻين هند– آريائي ٻولين کان نراليون آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن جي بناوت ۽ اوسر ۾ مُنڊا ۽ داردي ٻولين کان سواءِ هند– ايراني ۽ اولهہ کان ٻين داخل ٿيندڙ ٻولين جي اثر کي پڻ دخل آهي."

هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڏنل رايِن ۾ تضاد بہ ڪهڙو آهي هُو هڪ طرف لکي ٿو تہ:

"بود باش جي لحاظ کان اِهي مڙيئي سنڌو– ماٿر جون آڳاٽيون 'هند– آريائي' ٻوليون آهن، پر سناءَ ۽ تاريخي ارتقا جي لحاظ سان اهي هن براعظم جي هند– آريائي ٻولين کان نراليون

---

[1] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو 1990ع/1411هہ ص 44.

آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن جي بناوت ۾ اوسر ۾ ڦنڊا ۾ دراوڙي ٻولين کان سواءِ هند۔ ايراني ۾ اولھ کان ٻين داخل ٿيندڙ ٻولين جي اثر کي پڻ دخل آهي.“ (ص 33)

(ب) تہ ٻئي هنڌ لکي ٿو تہ:

”سنڌي انهيءَ وراچڊ اپڀرنش مان نڪتل ڪانهي، جنهن جو اڳين نحوين ذڪر ڪيو آهي، سنڌيءَ جو خمير سنڌ جي سرزمين ۾ تيار ٿيو. ان جو بنياد اُن جو پنهنجو موروثي سرمايو آهي، جنهن جي تاريخ سنسڪرت کان اڳ واري پروٽو۔ پراڪرت يا پهرين پراڪرت تائين پهچي ٿي.“ (ص 33).

(ت) تہ وري ٽئين هنڌ لکي ٿو تہ:

”قديم دؤر اٽڪل چوٿين صدي عيسويءَ ۾ اُن کان اڳ وارو زمانو آهي، جنهن کي ’سنڌ جي ٻولي يا ٻولين وارو دؤر‘ چئي سگهجي ٿو اُن وقت سنڌي ٻولي يا ٻوليون ضرور هيون، مگر ’سنڌي ٻولي‘ جنهن جي اسان کي علمي ڄاڻ آهي، سا اڃا ناپيد هئي. هن عرصي ۾ سنڌ ديس جي ٻوليءَ يا ٻولين تي سامي، دراوڙي ۽ آريائي ٻولين جو اثر پيو.

’مئن جي دڙي‘ جي آثار قديمہ مان مليل مواد ۽ معلومات جي بناءَ تي چئي سگهجي ٿو تہ ’سنڌ جي قديم ٻولي‘ شايد ڪا ’سامي‘ زبانن جي سٽ مان هئي، جنهن تي دراوڙي ۽ پوءِ آريائي ٻولين جو اثر پيو. انهن آريائي ٻولين مان، هن قديم زماني ۾ سنڌ جي ٻوليءَ تي گهڻي ۾ گهڻو اثر ايراني ۽ دردي ٻولين جو پيو ۽ اُن بعد پالي پراڪرت ذريعي سنسڪرت جو. ( ص 1 ۔ 2)

بهرحال ڊاڪٽر صاحب اڳتي هلي پنهنجن انهن خيالن کي بدلايو آهي.

5 ۔ (الف) هن سلسلي ۾ ٽئين نظرئي جو محرڪ محترم سراج الحق ميمڻ آهي، سراج صاحب جو رايو آهي تہ:

”سنڌي سنسڪرت جي ڄائي نہ پر سنسڪرت سنڌي جي ڄائي آهي.“ ([1])

سراج صاحب، پنهنجي هن نظرئي جي مدد سان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ مشرق توڙي مغرب جي تهذيب ۽ ٻولين جو اصل مقام ۽ بنياد، سنڌو۔ ماٿر آهي، جتان سنڌ ملڪ جي ماڻهن، اولھ طرف يعني بابل ۽ ميسوپوٽيميا وارن خطن ڏانهن پنهنجي تهذيب ۽ زبان کي پکيڙيو. سراج صاحب جو خيال آهي تہ ’سميري تهذيب جو سنڌو۔تهذيب تي ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو آهي، بلڪ ’التوبابل‘ ۽ ’سمير‘ جي تهذيب تي، سنڌو۔تهذيب (هڙپا ۽ موهن جي دڙي واري تهذيب) جا اثر نمايان نظر اچن ٿا، جيڪا واپارين ۽ تاجرن جي معرفت اوڏانهن پهتي ۽ پکڙجي وئي.“

(ب) سراج صاحب وڌيڪ لکي ٿو تہ:

سنڌي جيڪڏهن سنسڪرت لفظن جي مرهون منت آهي تہ سنسڪرت تي تہ سنڌيءَ جو اُن کان بہ وڏو قرض آهي، سنسڪرت تہ هڪ طرف سان سنڌيءَ جي ڄائي آهي، سڌيءَ طرح نہ سهي، اڻ سڌيءَ طرح ئي سهي.“ ([2])

6 ۔ (الف) اهڙيءَ طرح ڀارت جي مشهور سنڌي ڀاشا وگياني، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي بہ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ رايا ڏنا آهن، هن مهراڻ رسالي لاءِ انٽرويو ۾ فرمايو تہ:

---

[1] سراج الحق ميمڻ، سنڌي ٻولي، حيدرآباد سنڌ، عظيم پبليڪيشن، 1964ع، پيش لفظ ص 4

[2] ايضاً

پنڊت دوارڪا پرشاد اڳتي لکي ٿو ته:

"سپيتا ۽ ڏوم جي پيٽ ڪنڌي به ڏسڻ ۾ ايندو ته موهن جي دڙي جا ماڻهو وئدڪ هندو آريا هئا." ([1])

پنڊت دوارڪا پرشاد جي 1944ع ۾ ڏنل اها راءِ، ڊاڪٽر ڪرشنا راءُ جي 1982ع ۾ ڏنل راءِ سان هڪ جهڙائي رکي ٿي. پنڊت دوارڪا اچا به اڳتي لکي ٿو ته:

"اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته مهن جي دڙي يا هڙاپا ۾ جيڪي ماڻهو رهندا هئا، تن مان گهڻو اندازو وئدڪ يعني هاڻوڪن هندن جي وڏن جو هو مگر انهن جي سپيتا ۾ زماني گذرڻ سبب، انقلاب ضرور اچي ويو." ([2])

بهرحال جڏهن رگ ويد ئي ڇهه سئو ق.م ڌاري لکيو ويو هو ته پوءِ موهن جي دڙي وارا آريا ويدڪ ڪيئن ٿيا؟ ان سلسلي ۾ اڳتي بيان ڪيل ڳالهين مان خبر پوندي.

(i) ڊاڪٽر ڪرشنا راءُ، پنهنجيءَ تحقيق ۾ لکي ٿو ته:

"سنڌو- ماٿر جي رهاڪن جي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ماهرن جي راءِ ۾ گهڻو اختلاف آهي. هڪڙن جو رايو آهي ته سنڌو- ماٿر جا رهاڪو دراوڙ يا مُنڊا گروهه واري نسل سان واسطو رکن ٿا. جڏهن ته ٻين جو خيال آهي ته اِهي در اصل آريا نسل وارا هئا. 'فادر هيراس' ۽ ويجهڙائيءَ ۾ روسي ودوانن، سنڌن ٻوليءَ جي نشانين جي، لفظن جي شروع ۽ آخر ۾ استعمال جي تجزيي جي مدد سان رايو ڏنو آهي ته انهن لوڪن جي ٻولي 'قديم دراوڙي' (Proto_ Dravidian) هئي. انهيءَ هوندي به اهي سڀئي رايا ظني آهن ۽ 'هڪ اندازي' (assumption) تي مدار رکن ٿا." ([3])

(ii) ڊاڪٽر ڪرشنا راءُ اڳتي لکي ٿو:

"سنڌو- ماٿر جي لکت جي پڙهڻيءَ مان ثابت ٿيو آهي ته سنڌو- ماٿر ۾ رهندڙ اصلوڪي قوم، 'آريا' ۽ 'اشور'، هڪ گڏيل نسل واري اُها قوم هئي، جنهن جو اصل نسل، تهذيب ۽ تمدن ساڳئي بڻ بنياد وارو هو. اها جاتي، سنڌو- ماٿر ۾ ڪتان ٻاهران آيل 'نئين جاتي' (new comers) ڪانهي، پر اها قوم ۽ اُن جا ماڻهو جُڳن کان، هن ئي 'سرزمين' (سنڌو- ماٿر) جا اصلوڪا رهاڪو آهن، ۽ اُهي ماڻهو (اشور ۽ آريا)، تيستائين هن ئي ماٿريءَ ۾ رهندا هئا، جيستائين سنڌو- تهذيب قائم هئي، يعني اُن جو خاتمو نه ٿيو هو.

اهي ماڻهو هڪ ٻئي کان تڏهن الڳ ٿيا، جڏهن سنڌو- تهذيب جو خاتمو ٿيو اُها قوم آريا (Aryans) جي نالي سان، سنڌن همعصر تهذيب ۽ تمدن وارين قومن وٽ، سڃاتي ويندي هئي. اها گڏيل نسل واري (آريا ۽ اشور) قوم، انسان ذات جي چئن وڏين ۽ طاقتور قومن ۾ شمار ٿيندي هئي. اُنهن مان هڪ قوم ته هئي سنڌو- ماٿر واري قوم ۽ باقي ٽي قومون هيون: سامي، هامي ۽ توراني." ([4])

---

[1] ايضاً، ص 135

[2] ايضاً ص. 137

[3] Krisna Rao, Dr. M.V.N. Indus script Deciphered Delhi, 110035, B.N. Printers 4240, Budh Nagar, Rampura, 1982, Inner Cover, p.2

[4] Krisna Rao, Dr. Op. Cit, P.2

بهرحال پنڊت دوارڪا پرشاد ۽ ڊاڪٽر ڪرشنا راءِ جي انهن راين کي سامهون رکي، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ ۽ سر گريئرسن جي آرين جي ٻاهران اچڻ واريءَ نظريي کي رد ڪرڻ لاءِ دليل سامهون اچن ٿا. ڊاڪٽر ڪرشنا راءِ جي انهيءَ نظرئي، شري گنگا رام سمراٽ ۽ سوامي سنڪرانند جي نظرين جي پٺڀرائي ڪئي آهي. هنن راين جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته اهو مجڻ درست نه آهي ته ڪو ڌارين جي حملن جي ڪري سنڌو- ماٿر جا اصلوڪا رهاڪو پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي پر وارن جهنگلن، جبلن ۾ پناهه گاهن ۾ پنهنجي ڪٽنب جي ڀاتين ۽ مال سميت وڃي لڪا هوندا.

جيڪڏهن آرين جي حملي واري راءِ کي ڪٿي قبول به ڪجي، تڏهن به هڪ ته حملي آور ايتري وڏي تعداد ۾ هئا ڪون. جو سنڌو- ماٿر جا سڀ جا سڀ رهاڪن پنهنجا آجها ڇڏي ڀڄي ويا هجن. ۽ آرين سڄي سنڌو - ماٿر واري علائقي تي هڪ ئي وقت قبضو ڪري ورتو هوندو. البت سنڌو- ماٿر جي قومن ۽ قبيلن، حملي آورن جي آڻ مڃي هونديءَ ۽ اُنهن کي پنهنجو فاتح قبول ڪري هٿيار ڦٽا ڪيا هونداٿون. اهو ئي سبب آهي جو هزارين سالن جي گذرڻ وڃڻ جي باوجود، سنڌو- تهذيب ۽ تمدن جي ڪيترن ئي پهلوئن ۾ تسلسل قائم رهيو آهي ۽ اڄ تائين اهو رهندو آيو آهي.

8- (الف) منهنجي خيال ۾ سنڌ جي اڪثر ماهرن، سر گريئرسن جي ساڳئي موضوع تي لکيل هن جڳ مشهور ڪتاب جي، جلد پهرئين جو مطالعو ئي نه ڪيو آهي. انهن گهڻو ڪري جلد اٺين کي ئي پڙهيو آهي، ۽ اُن ۾ ڏنل راءِ کي ئي سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد لاءِ آڌار بڻايو آهي، پر جڏهن ساڳئي ڪتاب جي جلد پهرئين جو اڀياس ٿو ڪجي ته اهو چٽيءَ طرح معلوم ٿو ٿئي ته خود سر گريئرسن ، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي سلسلي ۾ جلد اٺين ۾ پنهنجي ڏنل راءِ تان ڦري ويو آهي. پڙهندڙن جي اطلاع لاءِ ڪتاب جو جلد اٺون 1919ع ۾ شايع ٿيو هو. جڏهن ته ساڳئي ڪتاب جو جلد پهريون، اٺين جلد جي ڇپجڻ ظاهر ٿيڻ کان اٺ سال پوءِ، يعني 1927ع ۾ شايع ٿيو هو. جلد پهرئين ۾ قابل احترام مصنف، سنڌس اُنهن سڀني جلدن ۾ ڏنل راين جو نئينءَ نظر سان تجزيو ڪيو آهي. ۽ جلد پهرئين ۾ سنسڪرت ٻوليءَ کي آرين جي اصلوڪي زبان نه، پر اُن (سنسڪرت) کي، سنڌو- تهذيب جي اتر- اولهه طرف سنڌوءَ جي ڪناري تي روزانه وهنوار ۾ استعمال ٿيندڙ پراڪرت جي هڪ لهجي 'اُڌيچيه' جي به هڪ شاخ جو سڌاريل ۽ سنواريل روپ بيان ڪيو آهي.

سر گريئرسن پنهنجي مذڪوره ڪتاب جي جلد پهرئين ۾ لکي ٿو ته:

> "سنڌو نديءَ جي ڪنڌيءَ وارن لهجن مان هڪ لهجي، سنسڪرت جو روپ ورتو هو." ([1])

سر گريئرسن ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

> "ٻئي طرف برصغير جي سر اولهه طرف، ايراني ٻولين واري خطي سان لڳو لڳ، هڪ لهجو ڪلاسيڪل سنسڪرت جي اوسر جو سرچشمو بڻيو. هن لهجي جي وجود جي شاهديءَ پراڪرت جي ٻئي درجي مان ملي ٿي." ([2])

(ب) ساڳيءَ طرح امپيريئل گزيٽيئر آف انڊيا جو ايڊيٽر به سنسڪرت کي اُڌيچيه پراڪرت جي، هڪ لهجي جو، سڌاريل ۽ سنواريل روپ ٿو ڄاڻائي. هُو لکي ٿو ته:

> "اها دعوي ڪرڻ هڪ غلطي آهي ته برصغيرجي ڪابه 'هاڻوڪي' (modern) ٻولي، سنسڪرت مان ڦٽي نڪتي آهي. وڌ ۾ وڌ ايئن چئي سگهجي ٿو ته اُها ٻولي ۽ سنسڪرت ساڳئي بنياد مان ڦُٽي نڪتل آهن." ([1])

---

[1] Grierson G, Linguistic Survey of India. Vol:1 Part 1, p.123

[2] Ibid.

(ت) هن بيان مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته برصغير جي ڪابہ ٻولي سنسڪرت مان ڦٽي نڪتل ڪانهي، پر سنسڪرت ته پاڻ اتر- اولهه واري خطي ۾ رائج پراڪرت جي هڪ لهجي، 'اديچيہ' جي ان شاخ جو سڌاريل ۽ سنواريل روپ آهي، جيڪو سنڌو- ماٿر جي ڪناري واري اُن علائقي ۾ ڳالهايو ويندو هو.

9- هن راءِ کي هاڻ گهڻو ڪري هر ماهر قبول ڪيو آهي ته سنڌو- ماٿر جي تهذيب، آرين جي بر صغير ۾ اچڻ کان اڳ جي تهذيب آهي. آثار قديمہ علم الانسان ۽ علم التاريخ جا سڀ ماهر هاڻ هن فيصلي تي پهتا آهن ته **سنڌو- تهذيب ۽ ان جي تهذيب جا ناهيندڙ ڪٿان ٻاهران، ڪنهن ٻئي علائقي مان لڏي هت ڪونہ آيا هئا، پر سنڌو تهذيب، سنڌو- ماٿر جي اصلوڪي ۽ مقامي تهذيب آهي، جيڪا سنڌو- ماٿر جي سر زمين ۾ ئي پيدا ٿي آهي، هن سر زمين ۾ ئي اها تهذيب اسري آهي، هتي ئي وڌي ۽ ويجهي آهي، ۽ هن ئي واديءَ ۾ نشونما پاتي اٿس. اِها تهذيب ختم ڪانہ ٿي آهي، پر ان ۾ تسلسل موجوده زماني تائين رهندو آيو آهي.**

10 - (الف) اڳ ۾ چيو ويو آهي ته آرين جي حملي وقت سنڌو- ماٿر جا، سڀ جا سڀ رهاڪو پنهنجا ماڳ ۽ مڪان ڇڏي هتان ڀڄي ڪونہ نڪتا هوندا، پر آباديءَ جي اڪثريت، حملي آورن اڳيان پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪري سندن آڻ مڃي هوندي ۽ اُنهن کي پنهنجو حڪمران قبول ڪيو هوندو. جيڪڏهن سٺو فيصد آبادي هتان لڏي وڃي ها ته پوءِ صرف موجوده سنڌ واري علائقي ۾ ئي، سنڌو- ماٿر ۾ رهندڙ قديم جاتين جمڙوڪ: مهاڻن، پٽين (واٽين) ، ماڇين، ميربحرن، اوڏن، ڀيلن، باگڙين، ڪولهين (ڪوهلن) شودرن (سودرن) آهيرن، ايرن، پرهياڙن ۽ بروهين جو وجود ئي نہ هجي ها.

(ب) (i) سنڌو- ماٿر جي قديم لوڪن جي، پنهنجي پنهنجي علائقي ۾، رهجي وڃڻ ڪري، ۽ هزارين سالن جي گذري وڃڻ جي باوجود، هن ماٿر ۾، تهذيب ۽ تمدن جو تسلسل قائم رهندو آيو آهي، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي. البت اهو قبول ڪرڻو پوندو ته وقت بہ وقت فاتح قومن جي ٻولين جو اثر، سنڌو- تهذيب جي قديم ٻوليءَ تي ٿيندو رهيو آهي.انهيءَ ڪري ئي 'سنڌوئي' لوڪن جي ٻوليءَ جو لغوي خزانو گاڏڙ ٿيندو ويو آهي. پر 'سنڌوئي ٻوليءَ' جي صوتي، صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ تي، آرين توڙي ٻين فاتح قومن جي ٻولين جي صوتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ جو ايترو گهڻو اثر ڪونہ ٿيو اهو سٽاءَ اڄ بہ اهوئي قديم آهي.

(ii) اها دعوي بہ صحيح ڪانهي ته سنڌو- تهذيب ۾ رائج ٻولي، آرين جي فتح کان پوءِ بلڪل ختم ٿي ويئي يا مري ويئي. جيڪڏهن ايئن ٿيو هجي ها ته پوءِ سنڌو- ماٿر جي قديم ٻوليءَ جي باقيات، 'اوڏن'، 'ڀيلن'، 'باگڙين' ۽ 'بروهين' توڙي سنڌو- ماٿر مان لڏي ويل 'جپسين' جي ٻولين جي روپ ۾ زنده نہ هجي ها. هزارين سالن جي گذري وڃڻ جي باوجود، اهي قديم ٻوليون، موجوده وقت تائين زنده رهنديون آيون آهن. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته قديم ٻوليءَ ۾ تسلسل قائم رهندو آيو آهي.

11 - **سنڌو تهذيب مقامي تهذيب آهي:**

سنڌو- ماٿر جي تهذيب ۽ تمدن توڙي اُن علائقي ۾ رائج ٻوليءَ ۾ تسلسل جي باري ۾ دليل ڏيڻ کان اڳ، هن موضوع تي بحث ڪرڻو آهي ته سنڌو- تهذيب مقامي يعني هن سر زمين جي اصلوڪي/بنيادي يعني ديسي تهذيب آهي يا

---

[1] Ethnology, Languages, Literature and Religions of India, Reprinted from the third edition of the Imperial Gazetteer of India, (1907_09), Oxford at Clarenden Press, 1931.pp.357_358

هيءَ تهذيب ٻاهران آئي آهي؟ هن سلسلي ۾ آثار قديمہ جي ماهرن، سر جان مارشل ۽ مارٽمر وهيلر توڙي ٻين ماهرن جي راءِ هاڻ عالم آشڪار آهي. هن سلسلي ۾ بلڪل ويجهڙائيءَ ۾ قائم ڪيل رايا پيش ڪجن ٿا:

(الف) مٿي ڊاڪٽر ڪرشنا راءِ جي ڪتاب مان، هُن جي راءِ کي هُوبهو دُهرايو ويو آهي، پر هُن جو رايو ۽ جيڪي رايا هيٺ ڏجن ٿا، اُنهن ۾ پڙهندڙ خود فرق محسوس ڪري سگهندا. پاڪستان جو مشهور ماهر لسانيات، مؤرخ ۽ ماهر بشريات، ڊاڪٽر مهر عبدالحق سنڌو- ماٿر جي اصلوڪن رهاڪن کي ٻاهران آيل ماڻهو تسليم نٿو ڪري، هن جي راءِ موجب اهي ماڻهو سنڌو- ماٿر جا اصلوڪا رهاڪو آهن.

هُو لکي ٿو تہ:

"اها راءِ تہ سنڌو- ماٿر جي تهذيب ۽ تمدن، ڪٿان ٻاهران آيل ماڻهو پاڻ سان کڻي آيا، يا سنڌو تهذيب ڪٿان ٻاهران لڏي آيلن جي تهذيب ۽ تمدن تي مدار رکي ٿي، يا اِها تهذيب، هڪ پراڻي سوچ، يا اهو هڪ پراڻو نظريو آهي: انهيءَ سوچ تي هاڻي نظر ثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ تہ تحقيق کان پوءِ نيون سوچون ۽ نوان نظريا، انهيءَ پراڻيءَ سوچ ۽ پراڻي تحقيق تي حاوي پئجي چڪا آهن.

نئين تحقيق، نئين سوچ ۽ نون نظرين کي جنم ڏنو آهي، جنهن موجب 7000 ق - م ڌاري، سنڌو- ماٿر جي مقامي تهذيب ۽ تمدن جي نشونما ٿي، ۽ واهن (آبڪلاڻي) ذريعي، زرعي آباديءَ واري طريقي جي ابتدا ٿي." ([1])

(ب) اهڙيءَ طرح پاڪستان جي آرڪيالاجي کاتي جي اڳوڻي ڊائريڪٽر جنرل ۽ مشهور ماهر آثارِ قديمہ ڊاڪٽر محمد رفيق مغل صاحب، 4 مئي، 1996ع تي، ڪراچيءَ ۾ روزانہ ڊان (انگريزي) اخبار ۾، انهيءَ سلسلي ۾ "سنڌو - تهذيب" جي باري ۾، پنهنجي انٽرويوءَ ۾ هيٺئن فرمايو هو:

"وثوق وارن ثبوتن ۽ دليلن سان مون انهيءَ نظرئي کي رد ڪيو آهي تہ سنڌو- تهذيب ڪا ڪٿان ٻاهران يعني ميسوپوٽيميا يا ايران کان، هن علائقي ۾ آيل آهي. مون پنهنجيءَ تحقيق ذريعي ثابت ڪيو آهي تہ سنڌو- ماٿر جي تهذيب، ڏيهي يعني مقامي (indigenous) تهذيب آهي، جنهن جون پاڙون، سنڌو- تهذيب ۾ ئي کُتل آهن، ۽ جيڪا سنڌو- ماٿر مان اُڀري، اُسري، وڌي ۽ ويجهي آهي، سنڌو- ماٿر مان ئي پروان چڙهي آهي. هن تهذيب جو خاتمو بہ، هن ئي واديءَ ۾ ٿيو." ([2])

(ت) ساڳيءَ طرح وسڪانسن- يونيورسٽيءَ جي انٿراپالاجي شعبي جو پروفيسر، ڊاڪٽر جي- مارڪ ڪنائر (J. Mark, Kenoyer)ڪيتري ئي عرصي کان، هڙپا جي کنڊرن جي کوٽائي ڪري رهيو آهي. ڊاڪٽر ڪنائر، ڪراچيءَ ۾ جون 1997ع ۾ Ancient Cities of Indus Valley جي موضوع تي ڪوٺايل هڪ سيمينار ۾، هن موضوع تي، هڪ پيپر ۾، پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ:

"اهو سمجهڻ غلط آهي تہ سنڌو- تهذيب ۽ اُن جي شهرن کي ڪو ٻاهران آيل ماڻهن يا قومن اچي تعمير ڪيو، پر در اصل هڙپا شهر واري حصي کي، هتي جي مقامي ڏيهي ماڻهن

---

[1] Mahar Abdul Haq, Dr, The Soomras, Multan, Beacon Books, 1992, P.4

[2] Mughal M. Rafique, Dr: Interview, Published in Daily Dawn, Karachi, May 4, 1996.

3300 ق۔ م کان 2600 ق۔ م ڏاري آباد ڪيو هو ۽ اهڙو ڪوبہ ثبوت نٿو ملي تہ هن علائقي ۾ ڪا ٻاهرين/ڌاري قوم اچي قيام پذير/آباد ٿي هجي.“ (1)

(ث) هنن بيانن مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌو۔ تهذيب ڪا ٻاهران آيل تهذيب ڪانهي، پر اها هن سر زمين جي مقامي تهذيب ٿي آهي.

هاڻ ڏسڻو هي آهي تہ انهيءَ مقامي تهذيب جا جوڙيندڙ (معمار) ڪير هئا؟ سر گريئرسن اهو بہ قبول ڪري ٿو تہ آرين جي اچڻ کان اڳ، بر صغير ۾ دراوڙ قومون آباد هيون، هُو پنهنجي مذڪوره ڪتاب جي جلد پهرئين ۾ لکي ٿو تہ:

آثار قديمہ جا سڀ ماهر هن راءِ تي متفق آهن تہ آرين جي اچڻ کان اڳ، بر صغير ۾ دراوڙ قومون آباد هيون، اُهي قومون دراوڙي ٻولي ڳالهائينديون هيون.“ (2)

12۔ اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ سنڌو۔ تهذيب ڪنهن ٻاهران آيل ماڻهن جي تهذيب نہ آهي، پر اها هن سرزمين جي مقامي تهذيب آهي، جيڪا هتي جي ماڻهن ٺاهي هئي. هن دليل جي آڌار تي اها بہ دعوي ڪري سگهجي ٿي تہ سنڌي زبان هن مقامي تهذيب جي ٿي جائي آهي ۽ اها دعوي بي بنياد آهي تہ سنڌي زبان، ڪا سنسڪرت جي شاخ آهي.

(الف) مٿي عرض ڪري آيو آهيان تہ ڊاڪٽر ٽرمپ پهريون عالم هو جنهن اها دعوي ڪئي هئي تہ ’سنڌي ٻولي سنسڪرت جي ڌيءَ آهي.‘ (3)

هن وڌيڪ لکيو تہ:

”سنڌي نج سنسڪرتي ٻولي آهي، هيءَ ٻولي اُتر۔ اولهہ وارين ٻين ڏيهي ٻولين جي ڀيٽ ۾، پرڏيهي (ڌارئين) عناصرن کان وڌيڪ آجي آهي، پراڪرت جا پراڻا وياڪرڻي، شايد ڪو سهڻو سبب ڏيئي سگهن ۽ اهو پڌائي سگهن تہ اپڀرنش جو اهو ڪهڙو لهجو آهي، جنهن مان سنڌي پراڪرت جي سيني کان بگڙيل لهجي جي صورت ۾ ڦٽي نڪتي آهي: پر جڏهن سنڌيءَ جي پنهنجين ڀينر ٻولين سان، وياڪرڻ جي نقطہ نظر سان ڀيٽ ڪجي ٿي، تڏهن اسان، سنڌيءَ کي، ٻين ڏيهي ٻولين جي مقابلي ۾ اولين حيثيت ڏيون ٿا. هيءَ ٻولي هاڻوڪي دؤر جي مرهٽي، هنديءَ پنجابي ۽ بنگاليءَ کان قديم پراڪرت کي وڌيڪ ويجهي آهي. ۽ هن ٻوليءَ وياڪرڻ جي سيني مکيہ نقطن کي پاڻ وٽ سانديو ۽ سنڀاليو آهي: انهيءَ ڪري سڀ ڀينر ٻولين هن سان ساڙ رکن ٿيون.“ (4)

(ب) ڊاڪٽر ٽرمپ هيٺن بہ لکيو هو تہ:

”سنڌيءَ ۾ جيڪي خصوصيتون آهن، تن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي، قديم پراڪرت سان ويجهڙائي رکي ٿي.“ (5)

---

[1] Kenoyer, J.Mark, Lecture on Ancient Cities of Indus Valley, Karachi, Dawn (English) June, 1997.

[2] Grierson. G, Linguistic Survey of India. Vol: I, Op.Cit, 1927, P.130

[3] Trumpp, E, Dr, A Grammar of Sindhi Language, Op.Cit.Introduction, PP. i&ii.

[4] Ibid.

[5] Ibid.

(ت) ڊاڪٽر ٽرمپ اڳتي هلي، پنهنجي اُنهيءَ دعوي (سنڌي اپڀرنش مان ڦٽي نڪتي آهي) کان پاڻ شڪي ٿيو آهي، ۽ پنهنجي ساڳئي ڪتاب ۾ اڳتي لکي ٿو ته:

"سنڌي ٻوليءَ پنهنجي اصلي بڻ بنياد کان ڇڄڻ واريءَ حالت جي وقت واريون قديم پراڪرت جهڙيون سڀ خصوصيتون پاڻ وٽ سانديو سوگهيون رکيون آهن، پر اهي سنڌيءَ جي ڀين ڀينر ٻولين قائم نه رکيون آهن. اسان پنهنجي ڪتاب جي تمهيد ۾ ڄاڻايو آهي ته پراڪرت وياڪرڻي گرمديشوَرَ اپڀرنش مان مثال ڏيئي، وياڪرڻ جا جيڪي قاعدا قانون ڄاڻايا آهن، اُهي اڄا تائين سنڌيءَ ۾ ملن ٿا. سنڌي ٻولي، اهڙيءَ طرح هڪ خود مختيار (independent) ٻولي آهي، جيڪا سندس ڀينر ٻولين واري ساڳئي ٻُڄ مان آهي، پر در اصل انهن کان مختلف آهي." ([1])

(ث) بهرحال مٿي ڏنل ڳالهين مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته:

(i) سنسڪرت، بر صغير جي ٻولين جو اصل بڻ بنياد نه آهي.

(ii) سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، سنڌو- ماٿر جي سنڌو- تهذيب سان واسطو ٿو رکي.

(iii) سنسڪرت نه پاڻ، اُتر - اولهه واريءَ پراڪرت جي هڪ لهجي، اُڏيچيه جي شاخ جو سڌاريل ۽ سنواريل روپ آهي.

(iv) يعني سنسڪرت جو بڻ بنياد، ابتدائي پراڪرت (Primary Prakirat) لهجي جي به هڪ شاخ آهي.

13- (الف) انهن دليلن ۽ نقطن جي آڌار تي هيءُ نتيجو ڪڍيو ويو آهي ته پراڪرت ٻوليون سنسڪرت جون بگڙيل صورتون نه پر اُن جي ابتڙ سنسڪرت خود، پراڪرتن جي اتر- اولهه وارن لهجن مان هڪ لهجي (اڏيچيه) جي هڪ شاخ جو سڌاريل ۽ سنواريل روپ آهي. لهاذا سنسڪرت جي حيثيت، بر صغير جي ڪنهن به ٻوليءَ جي 'ماتر ڀاشا' واري هرگز ڪانه آهي، پر سنسڪرت نه پاڻ، پراڪرت جي ٻين لهجن وانگر، هڪ لهجي جهڙي رهي آهي، جيڪو (لهجو) برصغيرجي اُتر- اولهه واري خطي 'تنوّل' واري خطي ۾ ڳالهايو ويندو هو.

هن موضوع تي، بر صغير جي علم اللسان جي هڪ وڏي ماهر ڊاڪٽر سُنيتي ڪمار چٽرجيءَ به وضاحت سان روشني وڌي آهي. ڊاڪٽر چٽرجيءَ لکيو آهي ته:

" هڪ هزار ق- م کان 600 ق- م تائين وارو زمانو جيڪو برهمن جي تمام پراڻين لکيتن وارو زمانو هو اُن زماني دوران، لکيل ڪتابن ۾ اسان کي ڪٿي ڪٿي هندو پاڪ جي ٻولين جي حيثيت ۽ حالتن جي باري ۾ لکيل اشارن مان معلوم ٿو ٿئي ته آرين جون عوامي ٻوليون ٽن گروهن ۾ ورهايل هيون: اُهي هي هيون:

(i) اُڏيچيه يا اُتر- اولهه وارو لهجو

(ii) مڌيه ديشيه يعني وچ هندستان وارو لهجو

(iii) پراچيه يا اوڀر وارو لهجو

[1] Trumpp, E, Introduction.

انهن لهجن مان، اُڏيچيہ لهجو رگ ويد جي ٻوليءَ جي ڪجهه قدر ويجهو هو جڏهن تہ پراچيہ لهجو رگ ويد جي ٻوليءَ کان بلڪل بدليل هو." ([1])

ڊاڪٽر چيٽرجي اڃا بہ اڳتي لکي ٿو تہ:

"سنسڪرت ٻولي، اُڏيچيہ لهجي جي هڪ محاوري مان اُسري، ۽ برهمن اُن کي مڌيہ ديش، پورب ۽ ڏکڻ ۾ گهڻي اُتساهہ ۽ چاهہ سان پنهنجو ڪيو." ([2])

(ب) اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ سنڌي زبان جي اڪثر سچڻن سر گريئرسن جي مذڪوره ڪتاب جي جلد پهرئين جو مطالعو ئي نہ ڪيو آهي. جلد ائين ۾ سر گريئرسن، سنڌيءَ ٻوليءَ کي وراچڊ اپڀرنش جي شاخ ٿو بيان ڪري، پر جلد پهرئين ۾ وري سنسڪرت کي پرائمري پراڪرت جي هڪ لهجي جي سڌاريل سنواريل صورت ٿو سڏي مثال طور هُو لکي ٿو تہ:

"هندو پاڪ جي آرين جي هند- آريائي ٻولين جا سچا پچا مثال رگ ويد جي گاٿائن مان ملي سگهن ٿا. انهن مان ڪيترين ئي، گاٿائون، شاعرن پنهنجي روزمره واري لهجي ۾ اصلي روپ ۾ جوڙيون هيون. اهو اصلوڪو لهجو اُهو هو جنهن جي ٻولي اصلوڪي هئي، ۽ جنهن ۾ ڪا بہ ڦيرقار يا تبديلي ٿيل ڪانہ هئي. اُن جي مقابلي ۾ 'ڪلاسيڪل سنسڪرت'، برهمن جي هٿ ۾ وڏيڪ نقلي زبان هئي، ۽ اُها سڌاريل سنواريل زبان هئي، يعني غير اصلي زبان هئي.

'اشوڪا' (250 ق- م) جي ڪتبن ۾، برصغير جي مشهور وياڪرڻي 'پتنجليءَ (150 ق- م) جي لکيتن مان، اسان کي معلوم ٿيو تہ عيسوي سن کان ٽي سئو سال اڳ، آرين جي هڪ ٻولي (مختلف لهجن ۾)، اُتر- هند ۾ ڳالهائي ٿي ويئي. هيءَ ٻولي آهستي آهستي قديم عوامي ٻولين مان اُسري هئي. اها ٻولي عوام جي اظهار جو ذريعو هئي. ساڳئي دؤر ۾ برهمن جي اثر هيٺ، انهن لهجن مان هڪ لهجو (اُڏيچيہ)، سنسڪرت ٻوليءَ جو روپ ورتي، وجود ۾ آيو ۽ جا در اصل ثانوي ٻولي هئي." ([3])

صدين تائين هندستان جي آريائي ٻولين کي پراڪرت سڏيو ويندو هو. پراڪرت مان مراد آهي 'قدرتي' يا 'اصلوڪي زبان'. ان جي مقابلي ۾ سنسڪرت جي معنيٰ آهي، 'سڌاريل، سنواريل' ۽ 'هٿراڌو ٺاهيل ٻولي'. پراڪرت لفظ جي انهيءَ معنيٰ ۽ وصف مان ظاهر ٿو ٿئي تہ ويدڪ منترن جي دؤر واريون مقامي ٻوليون، هٿراڌو سڌاريل ٻوليءَ يعني سنسڪرت جي مقابلي ۾ اصلوڪيون ٻوليون هيون. انهن کي برصغير جون ابتدائي پراڪرتون (Primary Prakrits) چئي سگهجي ٿو.

اُهي مقامي ٻوليون جيڪي هنن پراڪرتن مان اُسريون، ۽ جيڪي سنسڪرت سان گڏوگڏ ترقي پذير رهيون، ۽ جيڪي برهمن جي اثر کان آجيون هيون، ۽ سنسڪرت جو روپ نہ ورتو هئائون، تن کي ثانوي پراڪرتون (Secondary Prakirts) چئي سگهجي ٿو.

---

[1] Chatterji, S.K., Indo Aryan & Hindi, Gujarat Vernacular Society, Ahmedabad 1942, P.69.

[2] Chatterji, S.K., Indo Aryan & Hindi, Gujarat Vernacular Society, Ahmed abad 1942, P.69.

[3] Grierson G, Linguistic Survey of India. Vol: I, Part I, P.121.

**"مقامي ٻولين جي هن ڊگهي ارتقائي دؤر سان گڏو گڏ اسان کي ڪلاسيڪل سنسڪرت بہ اُسرندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪا پرائمري پراڪرت جي هڪ لهجي مان ڇڇي، سنسڪرت جي نالي سان وجود ۾ اچي رهي هئي."**([1])

(ت) اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪيترائي ماهر، سنسڪرت کي، اُتر- اولهہ جي پراڪرت جي هڪ لهجي جي سڌاريل ۽ سنواريل صورت بيان ڪن ٿا. مثال طور: ڪي_ اي نيلڪنٺ (K.A. Nilakanta) جو رايو آهي تہ:

"سنسڪرت کي 'پاڻيني‘، 'پاشا' نالو ڏنو. هيءَ ٻولي برهمڻ جي پاٺشالائن ۾ تعليم جو ذريعو تہ بڻي هئي، پر هيءَ ٻولي، اُديچيہ خطي جي عوامي ٻولي ڪا نہ هئي. جتي پاڻيني بہ ڄائو هو. عوامي ٻوليءَ پنهنجو خود مختيار رخ ورتو هو. اهڙي طرح اُها ٻولي، جنهن کي پاڻينيءَ سُڌاريو ۽ سنواريو هو. سا آهستي آهستي، برهمن جي نظر ۾ پسنديده ۽ مقبول بڻجي ويئي، ۽ پاٺشالائن ۾ تعليم جي ذريعي طور ڪم اچڻ لڳي."([2])

(ث) 'سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد‘ ڪتاب (ٻئي ڇاپي) ۾ علم اللسان ۽ تاريخ جي ماهرن جي راين جي مدد سان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ پراڪرت ٻوليون، اصلوڪيون يعني قدرتي ٻوليون هيون، جن مان ٻيون ٻوليون ڦٽي نڪتيون آهن. سنسڪرت بہ، انهن پراڪرتن مان هڪ پراڪرت، جيڪا اُتر- اولهہ هند ۾، (موجوده اُتر- اولهہ پاڪستان) سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪناري واري خطي، يعني تڪش شلا واري خطي جي سامهون، درياءَ جي ٻيءَ پر، 'تنؤل خطي‘ ۾ ڪم ايندڙ لهجي جو سڌاريل سنواريل روپ آهي. پنڊت پاڻينيءَ اُن کي ٻهرين 'پاشا‘ نالو ڏنو ۽ پوءِ اُن جو نالو سنسڪرت رکيائون. جنهن جي معنيٰ آهي. 'سڌاريل، سنواريل ۽ صاف ڪيل.‘([3])

14_ (الف) سنڌي ٻوليءَ لاءِ مٿي چيو ويو آهي تہ اها آريائي خاندان جي ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ڄائي نہ آهي پر هيءَ (سنڌي) ٻولي، دراصل، بر صغير جي سنڌو- ماٿر ۾، آرين جي اچڻ کان ڪئين زمانا اڳ، سنڌو- تهذيب ۾ رائج زبان هئي، يعنيٰ تہ هن ٻوليءَ جون پاڙون سنڌو- تهذيب جي پاتال ۾ کُتل آهن. هيءَ ٻولي، سنڌو- ماٿر جي اصلوڪن رهاڪن، يعني سنڌوئي لوڪن جي، 'سنڌوئي زبان‘ آهي، جنهن تي پوءِ پراڪرت، پالي، سنسڪرت ۽ ٻين ٻولين جو اثر پيو.

سنڌو- تهذيب جي اُها زبان (سنڌوئي) مٽي ڪانهي، پر اڄ بہ هن واديءَ جي ثقافت، تهذيب ۽ تمدن ۾، اُن زماني کان وٺي، موجوده زماني تائين، اُن زبان ۾ تسلسل قائم رهندو آيو آهي.

(ب) سنڌو- تهذيب جي اڪيچار پهلوئن مان ڪيترائي پهلو ثابت ٿا ڪن تہ هن تهذيب ۾ شروع کان وٺي رائج ٻولي، ماڻهن جي روزانہ زندگيءَ جي وهنوار، مختلف ڪمن ڪارين، ڏڻن ۽ ڪرتن ۾ ڪم ايندي رهي آهي. 'ڊاڪٽر پرپولا‘، 'ڊاڪٽر فيئر سروس‘، 'ڊاڪٽر هيريمات‘، 'ڊاڪٽر ڪناٿر‘، 'ڊاڪٽر عبدالحق مهر‘، 'ڊاڪٽر محمد رفيق مغل‘، 'ڊاڪٽر پڊيا‘، ۽ انهن ماهرن کان اڳ، 'سر جان مارشل‘، 'مارٽم وهيلر‘، 'ڊاڪٽر هنٽر‘، 'فادر هيراس‘ ۽ 'جان مئڪي‘، سنڌو- تهذيب جي کوٽاين مان حاصل ٿيل مهرن مان ڪن مهرن تي ڪڍيل نشانين، چٽن، گلن،

---

[1] Grierson G, Linguistic Survey of India Vol: I, Part I, P.121

[2] Nilakanta, K.N. A Comprehensive History of India, Bombay, the Indis History Congress, Orient Longmans, 1957, pp. 627 and 628.

[3] پيرومل آڏواڻي، قديم سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، 1980ع. ص ص 396 ۽ 397.

ھوئن ۽ شڪلين لاءِ دراوڙي ٻوليءَ جي حوالي سان، ڪي مُلهه (values) مقرر ڪيا آهن. انهن ماهرن اها به دعوي ڪئي آهي تہ هن تهذيب مان، موهن جي دڙي واريءَ ايراضيءَ مان حاصل ٿيل ٻيل گاڏيءَ جي نموني تي ٺهيل مٽيءَ جون گاڏيون، ڪنير جي چڪ، مٽيءَ جي ٿانون تي ٺهيل چٽ ۽ گل، اڄ بہ انهيءَ نموني جا آهن. جهڙا چٽ موجوده وقت بہ ڪنڀار برتنن تي ڪڍن ٿا. زيورن تي اهڙا ئي چٽ، گل ۽ ٻوٽا ڏاهيا وڃن ٿا. جن جهڙا موهن جي دڙي جي کنڊرن مان حاصل ٿيل زيورن تي بہ موجود آهن، تہ پوءِ هن دعويٰ ڪرڻ ۾ ڪوبہ هرج ڪونهي تہ سنڌو- تهذيب جي ڏار ڏار پهلوئن ۾ تسلسل جاري رهندو اچي. **جيڪڏهن گلن، ٻوٽن، وڻن، جانورن ۽ چٽن وغيره جي نمونن ۾ تسلسل جاري رهندو آيو آهي تہ پوءِ سنڌو- تهذيب ۾ رائج ٻوليءَ ۾ بہ سواءِ ٿوريءَ لغوي تبديليءَ جي تسلسل جاري رهڻ گهرجي.**

(ت) سنڌو- تهذيب جي سِنڌوئُي لوڪن نہ صرف پنهنجي تهذيب کي جاري رکيو پر ساڳئي وقت پنهنجيءَ تهذيب ۽ سماجي وهنوار جي اظهار لاءِ پنهنجيءَ 'سِنڌوئُي ٻوليءَ' کي بہ جاري رکيو هونداڻون. اهڙو تسلسل هر دؤر ۽ هر زماني ۾ قائم رهندو آيو آهي ، ۽ هن وقت بہ اُن قديم ٻوليءَ جي لفظن جي باقيات، يعني 'ديسي لفظن' جي لغوي خزاني کان سواءِ ٻوليءَ جي صوتي، صرفي ۽ نحوي ساخت ۽ سٽاءَ ۾ بہ قائم رهندي آئي آهي. هن سلسلي ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' ڪتاب ۾ تمام گهڻي تفصيل ۽ مثالن سان بحث ڪيو ويو آهي.

(ث) **منهنجيءَ هن دعوي کي مسٽر 'ڪولن ماسيڪا' (Colin Masica) بہ قبول ڪيو آهي.**

**'جهپسي قوم' جي ٻوليءَ جو حوالو ڏيندي، مسٽر 'ڪولن موسيڪا' لکي ٿو تہ:**

**"آرين جي حملي ۽ تسلط جي ڪري، غير. آريائي قبيلن ، سنڌن تهذيب ۽ ٻولين کي قبول تہ ڪيو جيئن مشرقي بنگال، آسام اوڙيسا ۽ ڏکڻ بهار وغيره جي ٻولين جا مثال ملن ٿا، پر ڪي مثال اهڙا ملن ٿا، جن جي آثار تي اهو چئي سگهجي ٿو تہ اُهي غير آريائي قبيلا، جيڪي آرين جي اچڻ کان اڳ جيڪا ٻولي ڳالهائيندا هئا، يا جنهن سپيتا کي پنهنجي روز مره جي زندگيءَ ۾ استعمال ڪندا هئا، تنهن کي هنن سئو فيصد ڇڏي ڪو نہ ڏنو هوندو. اُهي مثال هي آهن:**

(i) قديم زماني ۾ سنڌو- ماٿر مان 'جپسي قبيلن' جي لڏ پلاڻ ، پهرين مشرق- قريب وارن ملڪن ۾ ٿي، جتان پوءِ اهي قبيلا يورپ طرف لڏي ويا. ايتري عرصي گذري وڃڻ جي باوجود، جپسين صدين تائين پنهنجيءَ ٻوليءَ کي، پنهنجي جاتيءَ اندر پنهنجي روزانہ وهنوار لاءِ ۽ پنهنجي جاتيءَ جي سڃاڻپ ۽ انفراديت لاءِ مخفي طور قائم رکيو آهي.

(ii) اوڻيهين صدي عيسويءَ ۾، بر صغير ۽ ٻين ملڪن مان مزور ۽ واپاري لڏي، فيجي ٻيٽن، موريشس، مشرقي ۽ ڏکڻ آفريڪا، گيانا، ٽرنيڊاڊ ۽ ٻين ملڪن ۾ وڃي ويٺا. پر انهن هڪ صديءَ کان بہ وڌيڪ عرصي گذري وڃڻ جي باوجود، پنهنجيءَ ٻوليءَ ۽ تهذيب کي، پنهنجيءَ جاتيءَ جي سڃاڻپ ۽ جاتيءَ جي وهنوار لاءِ قائم رکيو آهي.

(iii) ويهين صدي عيسويءَ جي وچ واري عرصي کان وٺي، اڳوڻي هندستان، سري لنڪا، برما ۽ برطانوي ڪالونيءَ مان لکن جي تعداد ۾ ماڻهو برطانيہ ۽ ٻين يورپي ملڪن

توڙي آمريڪا ۾ وڃي آباد ٿيا. اُنهن ماڻهن، پنهنجيءَ تهذيب ۽ ٻولين کي، پنهنجيءَ جاتيءَ اندر پنهنجي وهنوار ۽ جاتيءَ جي سڃاڻپ لاءِ قائم رکيو آهي. ([1])

(ج) جيئن صديون اڳ، سنڌو- ماٿر مان لڏي ويندڙ جت قبيلن، ايران، عراق، مصر ۽ جرمنيءَ تائين پکڙجي، اُنهن ملڪن ۾، پنهنجيءَ تهذيب کي، پنهنجي سماج اندر قائم رکيو آهي، تہ پوءِ سنڌو- ماٿر اندر رهندڙ 'سنڌوڻي لوڪن' پنهنجيءَ تهذيب، پنهنجي سماج ۽ پنهنجيءَ ٻوليءَ کي ڪيئن قائم نہ رکيو هوندو؟ البت اهو ضرور قبول ڪرڻو پوندو تہ انهن مقامي 'سنڌوڻي لوڪن'، آرين جي تهذيب ۽ اُنهن جي ٻوليءَ مان ڪي خصوصيتون اُڌاريون ورتيون هونديون، پر پنهنجي لغوي خزاني کي ضرور سانڍيو ۽ سنڀاليو هونداٿون.

15 _ (الف) هن ڳالهہ کان اڳ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا، 'سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد' جي باري ۾ ٿي رايا ڏنا ويا آهن. خوشي جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ تازو 1994ع ۾، پنهنجي هڪ مقالي ۾، **ڊاڪٽر بلوچ صاحب اهو قبول ڪيو آهي تہ سنڌو- ماٿر جي قديم زبان جا ڪافي تعداد ۾ اهڃاڻ ۽ لفظ اڃا تائين، موجوده سنڌيءَ جي وڏي لغوي ذخيري طور، سنڌ ۾ روزاني زندگيءَ جي وهنوار ۾ استعمال ٿي رهيا آهن.**

ڊاڪٽر صاحب 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان شايع ٿيندڙ تحقيقي جرنل جي، اپريل- مئي- جون 1994ع واري جلد ۾، پنهنجي مقالي بعنوان 'سنڌو تهذيب جي سنڌو لکت جي ڀاڃ' ۾، موجوده سنڌي ٻوليءَ جي قديم ۽ مقامي تهذيب واري ٻولي هجڻ جي دعوي ڪئي آهي. ڊاڪٽر صاحب لکيو آهي تہ:

> " هن سلسلي جو ٻيو 'پانيو' جيڪو هن وقت محققن وٽ وڏيڪ مقبول آهي، سو هيءَ آهي تہ ٻين سڀني قديم ٻولين (مُنڊا، قديم- هند- آريائي وغيره) جي ڀيٽ ۾ ڪا 'دراوڙي ٻولي'، 'سنڌو لکت' ۾ سمايل آهي. هيءَ 'پانيو' ، انهيءَ سوچ تي ٻڌل آهي تہ سنڌو- واديءَ سان لاڳو خطي جي 'بروهڪيءَ ٻوليءَ' ۾ دراوڙي جُزا سمايل آهن . ۽ **انهيءَ ڪري ٿي سگهي ٿو تہ سنڌو- واديءَ ۾ ڪنهن وقت دراوڙي ڳالهائيندڙ موجود هئا، جن 'مئن جي دڙي' واري سنڌو- تهذيب کي جنم ڏنو انهيءَ ڪري مئن جي دڙي واري 'سنڌو- لکت' پڻ ڪنهن دراوڙي ٻوليءَ جي آهي.** مگر دراوڙي ٻولي بہ ڪا هڪ ڪانهي، پر پنجويهہ کن آهن، جن مان 'ڪتروخ'، 'ملتو' ۽ بروهڪي' وڏيڪ اثر واريون آهن. هن 'پانيي' موجب انهن ٻولين مان ڪي قديم دراوڙي الفاظ چونڊي، انهن جي معنائن ۽ معنوي صورتن جي 'سنڌو لکت' جي سالم ڪتبن، توڙي سندن ڀاڱن سان مطابقت تلاش ڪرڻي پوندي. " ([2])

ڊاڪٽر صاحب ساڳئي صفحي تي اڳتي لکي ٿو تہ:

> "هن سلسلي ۾ ٽيون 'پانيو' هيءَ پڻ تحرير ڪري سگهجي ٿو تہ **'سنڌو لکت' کي پڙهڻ لاءِ، اُن جي ڪتبن ۽ ڀاڱن ۾ خود سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۽ فقرن جي مطابقت تلاش ڪجي.** اهڙي 'پانيي' تي اعتراض ٿي سگهي ٿو تہ سنڌي هن دؤر جي رائج ٻولي آهي، جنهن جو قديم سنڌو تهذيب واريءَ ٻوليءَ سان لاڳاپو تصور ڪري نٿو سگهجي، پر اهو ساڳيو اعتراض

---

[1] Colin Masica. Op.Cit: P.

[2] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: مقالو 'سنڌو تهذيب جي سنڌو لکت جي ڀاڃ'، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ، حيدرآباد ، اپريل مئي، جون 1994ع ص 5.

دراوڙيءَ تي بہ ٿي سگھي ٿو ڇاڪاڻ جو اُهي دراوڙي لفظ جيڪي هن وقت ڳالهائجن ٿا ۽ جن جي معنيٰ هن وقت معلوم آهي، سي 'قديم سنڌو ٻوليءَ جي لکت'۾ ڪيئن ٿا سمايل ٿي سگھن؟

جيڪڏهن ڪي قديم دراوڙي الفاظ 'قديم سنڌو لکت' واريءَ ٻوليءَ جا بچيل آثار آهن تہ موجوده سنڌيءَ ۾ رائج ڪي قديم الفاظ پڻ قديم سنڌي تهذيب واريءَ ٻوليءَ جا بچيل آثار ٿي سگھن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي تجزئي مان اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ اهڙا عام توڙي خاص نالا، جيڪي هن وقت رائج آهن، سي ڪم از ڪم پوڻا ٽيرهن سئو سال اڳ بہ رائج ها، جو اُهي اٺين صدي عيسويءَ جي رڪارڊ (جيڪو ڪتاب 'فتح نامي' ۾ محفوظ آهي) ۾ لکيل صورت ۾ موجود آهن، جيتوڻيڪ اُهي اڃا بہ ڪي صديون اڳ جا تسليم ڪري سگھجن ٿا.

(ب) موجوده ڄاڻ موجب 'سنڌو تهذيب' جو آخري دؤر 18 صدي مسيح تائين هو پر ممڪن آهي تہ اُن کان پوءِ تائين هلندڙ هجي، ۽ قديم سنڌو لکت واري ٻولي اُن کان پوءِ بہ هلندي آئي هجي. جيڪڏهن بحيثيت ٻوليءَ جي، اُها ختم ٿي ويئي هجي تہ بہ ڪي الفاظ باقي بچيا هوندا، جن جو 'قديم سنڌيءَ' ۾ سمايل هجڻ جو امڪان ٿي سگھي ٿو."[1]

(ت) انهيءَ وضاحت کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب سنڌي لغات مان ڪي اهڙا لفظ چونڊي، دليل طور پيش ڪيا آهن، جن ڪي ڀاڱ ديسي لفظ ٿو سڏي، هُو لکي ٿو تہ:

سنڌي لغات مان اهڙا لفظ چونڊي جدا ڪريون، جن جا اشتقاق فارسي، عربي، پالي، سنسڪرت يا تاريخي دؤر واريءَ ٻيءَ ڪنهن معلوم ٻوليءَ مان ثابت نہ هجن، البت جيڪڏهن اُنهن جي اصل بابت ڪن قديم ٻولين: دراوڙي، پروٽو- ويدڪ، مُنڊا، سميري، يا بابليءَ جو گمان هجي تہ في الحال اهي پڻ تہ تجزياتي لسٽ ۾ شامل هجن."[2]

16_(الف) ڊاڪٽر صاحب نيٺ انهيءَ راءِ تي اچي بيٺو آهي، جيڪا راءِ محترم سراج، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ ۽ منهنجي نظرئي کي ظاهر ڪري ٿي. اها راءِ هيءَ آهي تہ: سنڌو- ماٿر حي تهذيب ڪٿان ٻاهران ڪانہ آئي آهي پر هيءَ تهذيب، هتي ئي اُسري آهي، هتي ئي وڌي ۽ ويجهي آهي، ۽ هن ئي واديءَ ۾ نشونما پاتي اٿس. انهيءَ تهذيب مان ئي هتي قديم ۽ مقامي ٻوليءَ 'سنڌوئيءَ' جنم ورتو هتي ئي اها مقامي ٻولي اسري، وڌي ۽ ويجهي آهي، ۽ اها هر دؤر ۾ ڪن ٿورين تبديلين يا اثرن سان گڏ زندهہ رهندي آئي آهي.

(ب) ڊاڪٽر صاحب انهيءَ قديم ۽ مقامي ٻوليءَ جا، سنڌي لغات مان، ڪي لفظ چونڊي، مثال طور ڏنا آهن. جيڪي سندس راءِ موجب سنڌو- تهذيب ۾ رائج ٻوليءَ جي باقيات آهن، جن کي ماهرن ديسي لفظ سڏيو آهي. اُنهن مان ڪي لفظ هي آهن:

<u>عزازت ۽ سماج ۾ رائج</u>

ادو، ادا، اديون، ميان، ميون، گھوٽ ۽ ٻهو

---

[1] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: مقالو 'سنڌي ٻولي' حوالو ڏنل آهي، ص 5/6/.

[2] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: مقالو 'سنڌي ٻولي'، حوالو ڏنل آهي، ص 5/6/.

جو تسلسل، عام ماڻهن جي ڪرتن، ڏنڊن، هنرن، وڻن ٽڻن، گلن ٻوٽن، راڳ ۽ اُن جي سازن، مذهبي ڏڻن وارن، ۽ ڪريا ڪرم ۾ اڄ به قائم رهندو آيو آهي. البت ماڻهن جي سماجي ۽ اقتصادي حالتن ۾ ڪجهه فرق ضرور آيو آهي. اُن هوندي به ايامن کان وٺي ساڳيا ساڳيا پکي، ساڳيا ساڳيا جانور، مڇيءَ جا ساڳيا نمونا، وڻ ٽڻ، گل ٻوٽا، ڏنڊا ۽ اُنهن ڏنڊن ۾ ڪم ايندڙ سامان به ساڳيو، مڇيءَ مارڻ، ڪنيارڪي ڪم، ڪتيءَ جي ڪم ۾ به گهٽو ڪري ساڳئي قسم جا سنڌ ۽ هٿيار اڄ به ڪم ايندي ڏسبا آهن.

هن دعويٰ جي دليل لاءِ، پاڪستان آرڪيالاجي کاتي جي هڪ مشهور ماهر ۽ سابق ڊائريڪٽر، شيخ خورشيد حسن جو رايو پيش ڪجي ٿو. هُو لکي ٿو ته:

"سنڌو۔ تهذيب جي خاص خصوصيت اُن جي روايتن (Traditions) ۽ رسمن جي قيام جي ڊگهي عرصي گذري وڃڻ جي باوجود تسلسل سان قائم رهڻ آهي. انهن روايتن ۽ رسمن مان ڪي، موجوده وقت تائين رهنديون آيون آهن. موهن جي دڙي جي آسپاس واري علائقي ۾ رهندڙ ڪنير، هن وقت به ساڳئي نموني ۽ ساڳئي طرز جا، مٽيءَ جا ٿانوَ ٺاهيندا آهن، جيئن قديم زماني جا ڪنير ٺاهيندا هئا. بار بردار ننڍيون ٻيل گاڏيون، هن وقت به اُتر سنڌ ۾ ڪم ايندي، ڏسبيون آهن. انهن ٻيل گاڏين توڙي موهن جي دڙي جي کنڊرن مان هٿ آيل مٽيءَ مان ٺهيل رانديڪن جهڙيون ٻيل گاڏيون ڏسي ماڻهو حيران ٿيو وڃي." (1)

(ب) شيخ خورشيد حسن اڳتي لکي ٿو:

**"منهنجيءَ هن دعويٰ لاءِ هي دليل به پيش ڪري سگهجي ٿو ته اڄ به، ڪيتريون ئي اُهي قومون ۽ جاتيون، سنڌو۔ ماٿر ۾ رهنديون پئي آيون آهن، جن جي ڪار وهنوار اٿڻي ويهڻيءَ، هنرن ۽ ڪاريگرين، شڪار جي طريقن ۽ مڇيءَ مارڻ جي طريقن ۾ ڪا به تبديلي ڪا نه آئي آهي. اُنهن قديم قومن مان ڪي اُهي آهن، جن جي نالن ۾ صوتي تبديل نه آئي آهي، پر اُهي اڄا تائين نسل در نسل، هن واديءَ ۾ آباد رهنديون آيون آهن. جن مان ڪي هي آهن: پڻي (واڻيا) ميه/مي/مهاڻا، آهيرَ، آشورَ اوڏَ، ڀيل، ڪولَ، باگڙي/واگڙي، مالهي، پرهياڙ شين، سوڍن ٻلي، ۽ ڪَرَ."** (2)

18۔ (الف) آءٌ پنهنجيءَ تحقيق، 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۽ وڏي ايڊيشن ۾، سنڌ جي ڏکڻ۔ اولهه، اولهه، اتر۔ اولهه ۾ ڀارت جي موجوده رياستن گجرات (ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي اڳوڻين رياستن سميت) راجستان ۾ موجوده هريانا ۽ هماچل پرديش رياستن جي ٻوريءَ ايراضيءَ، اهڙيءَ طرح سنڌ جي اُتر ۾ موجوده پنجاب ۽ اُن (پنجاب) جي به اتر ۾ ڪشمير، اُتر۔ اولهه طرف داردستان ۽ اولهه بلوچستان ۽ ايران جي خوزستان واري علائقي ۾ رائج ٻولين، جن ۾ مجموعي طور ڪڇي، گجراتي، ڪاٺياواڙي، راجستان جي ٻولين، هريانا جي ٻولي بانگهرو ۽ موجوده پنجاب صوبي جي ٻولين (ڏسو نقشو) لهندي (اُن جي ڏار ڏار لهجن) هندڪو داردستان جي ٻولين ۽ موجوده سنڌي زبان جي لسانياتي، تهذيبي ۽ تمدني هڪ جهڙائيءَ جي

---

[1] Sheikh Khurshid Hassan, Ethno_archaeology as aid to interpret Indus Civilization, Paper Published in Pakistan Archaeology, Number 26_1991, Vol: 11, p.8

[2] Ibid.

تقابلي اڀياس ڪان پوءِ، هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ جيئن تہ متي ڄاڻايل سڀ علائقا، قديم زماني ۾ سنڌو۔ ماٿر جي تهذيبي، تمدني، سماجي ۽ سياسي دائري ۾ داخل هئا، انهيءَ ڪري انهن سڀني علائقن ۾ سنڌو۔ ماٿر ۾ رائج قديم زبان 'سِنڌوئي'، پنهنجن ڊار ڊار لهجن جي وسيلي اثر انداز هئي ۽ سڀني علائقن ۾ پکڙيل هئي. انهن مان ڊار ڊار هر علائقي ۾، 'سِنڌوئيءَ بوليءَ جو ڊار ڊار لهجو'، اُن علائقي جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي اثر موجب ڳالهايو ويندو هو. اهو ئي سبب آهي، جو موجوده سنڌي بوليءَ سان، ۽ گجراتيءَ ۽ سنڌيءَ ۾، سنڌيءَ ۽ مارواڙيءَ ۾، سنڌيءَ ۽ ميواتيءَ ۾، سنڌيءَ ۽ بانگڙوءَ ۾، سنڌيءَ ۽ سرائڪيءَ ۾، سنڌيءَ ۽ ملتانيءَ ۾، سنڌيءَ ۽ پوٺوهاريءَ ۾، سنڌيءَ ۽ ڏنيءَ ۾، سنڌيءَ ۽ شاهپوريءَ ۾، سنڌيءَ ۽ ڇاڇيءَ ۾، سنڌيءَ ۽ ڪشميريءَ ۾، سنڌيءَ ۽ دارديءَ ۾، سنڌيءَ ۽ پيليءَ ۾، سنڌيءَ ۽ باگڙيءَ جي وچ ۾ تمام گهڻي لسانياتي، تهذيبي ۽ تمدني هڪ جهڙائي نظر اچي ٿي.

(ب) سر گريئرسن ، جمنا نديءَ جي اورئين پر کان وٺي چترال واريءَ بوليءَ ڪوار تائين، سڄي ملڪ ۾ رائج بولين کي، جن گروهن۔ اندروني، درمياني، وسطي ۽ بيروني ۾ ورهائي، بولين جي تقسيم ڪئي آهي، اُها بہ 'هڪ اندازي' (ڊاڪٽر بلوچ جي ڪم آندل لفظ 'پانيي' يعني (assumption) تي ٻڌل آهي.

سر گريئرسن اها ورهاست انهيءَ ڪري ڪئي، جو ڪنهن کي بہ اُن وقت اِها خبر ڪانہ هئي تہ سنڌو۔ تهذيب جو دائرو ڏکڻ۔ اوڀر، اوڀر، اُتر، اُتر ــ اوڀر، اُتر۔ اولهہ ۽ اولهہ وارن ملڪن تائين پکڙيل هو جنهن جو پتو تڏهن پيو، جڏهن موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ کان پوءِ، سنڌو۔ تهذيب جي پهچ ۽ پکيڙ جا ثبوت هڪ طرف موجوده گجرات جي اوڀر واري ڇيڙي ۾ 'لوٿل' تائين ثابت ٿيا تہ ٻئي طرف هريانا ۾ 'ڪاليبنگن' تائين، تہ وري ٽئين طرف ڪشمير تائين ۽ چوٿين طرف اُتر۔ اولهہ ۾ داردي بولين جي خطي تائين ثابت ٿيا.

(ت) ڪڇ۔ گجرات واري علائقي مان، سنڌو۔ تهذيب جا آثار 2800 ق۔ م کان 2200 ق۔ م واري عرصي جا مليا آهن، ۽ اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌو۔ تهذيب، ڪڇ جي ذريعي، ڪاٺياواڙ ۽ ڀارت جي اولهہ وارن خطن ۾ پکڙي، هن ملڪ ۽ اُن جي ٻنهي ڪنارن تي Microlithic دؤر جا هٿ آيل آثار ڪڇ ملڪ جي قدامت جي شاهدي ڏين ٿا." ([1])

(ث) سنڌي بوليءَ ۽ سنڌ جي اوڀر طرف پارتي راجستان وارين رياستن جي بولين ۾ هڪ جهڙائيءَ جو هڪ وڏو سبب هيءُ بہ آهي جو هڪ طرف گجرات جي سورت بندر تائين، ٻئي طرف نرمدا نديءَ جي اورئين ڪناري ۽ اراولي ٽڪرين تائين، نہ صرف سنڌو۔ تهذيب ۽ تمدن ۽ اُن ۾ رائج 'سِنڌوئي بوليءَ' جون شاخون ڳالهايون وينديون هيون، پر برهمڻ گهراڻي جي حڪومت واري زماني (642ع کان 712ع) ۾ اهي سمورا علائقا، قديم سنڌ جي سلطنت جي ماتحت هئا. اهو ئي سبب آهي جو انهن سڀني رياستن ۾ سِنڌوئي بوليءَ جا لهجا (ڪڇي لهجو، اُپرنديون لهجو اُتر۔ اوڀر وارو لهجو) ڳالهايا ويندا هئا. اهو ئي وڏو سبب آهي جو پروفيسر جهمٽ مل ڀاوناڻيءَ کي سنڌيءَ ۽ اولهہ راجستاني بولين ۾ گهڻي علحدگي نظر ڪانہ آئي.

لهاذا جوڌپور، جئپور، جيسلمير، اُديپور، بيڪانير ۽ هريانا ۽ هماچل پرديش کان سواءِ سئوراشٽر، گجرات ۽ ڏکڻ۔ اوڀر ۾ ڪڇ وارن علائقن ۾ بولين جا مکيہ نالا هي هئا: ڪڇ ۾ ڪڇي، راجستان ۾ اپڀرنش ۽ گجرات ۾ ناگر اپڀرنش وغيره.

---

[1] Rush Brook Williams, L.F. the Black Hills, Kutch in History and Legends, Widenfeld and Nicolson, London, 1958, pp.58 & 72_77

اهڙيءَ طرح سنڌ جي ڏٽ واري خطي، جوڌپور ۽ جيسلمير وارن علائقن ۾ جيڪي لهجا ڳالهايا ويندا هئا. تن کي 'پنگل' ۽ 'ڊنگل' جي نالن سان سڏيو ويندو هو. اهي لهجا علم ادب، خاص ڪري لوڪ ادب واري کيتر ۾ اهم لهجا شمار ڪيا ويندا هئا. انهن لهجن ۾ وير گاٿائون، سينگار رس وارا بيت، 'گرچيلي جا بيت' ۽ 'ٻول' جوڙيا ويندا هئا. جن جا مثال به ملن ٿا. سر گريئرسن به قديم زماني ۾ گجرات، ڪاٺياواڙ راجستان ۽ اُن جي اولهه واري علائقي ۾ علم ادب جو ذريعو ناگر اپڀرنش کي بيان ڪيو آهي. اها زبان ادبي لحاظ کان، هنن خطن تي ڇانيل هئي. ([1])

(ج) هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي 'ٿريلي لهجي' جو ذڪر ڪندي سر گريئرسن پاڻ قبول ڪيو آهي ته جيسلمير ۾ سنڌي ٻولي هڪ ڳاڌڙ ٻولي آهي. هُو لکي ٿو ته:

"جيسلمير خطي جي ٻولي، سنڌ ۽ جيلسمير ۾ ڳالهائجندڙ مارواڙيءَ جو ميلاپ آهي. جيسلمير واري راجپوتانه رياست جي ڏکڻ ۾، ٿر ۽ پارڪر جي ايجا به اوير ۾، راجپوتانا اندر ئي مارواڙ رياست جو 'ملني خطو' پوي ٿو. 'ملنيءَ' جي مکيه ٻولي مارواڙي آهي. پر اُن جي ۽ ٿر ۽ پارڪر جي وچ واريءَ سرحد سان لاڳو هڪ سوڙهو پٽو اهڙو آهي، جتي جي ٻوليءَ کي مارواڙي ماڻهو 'سنڌي' چوندا آهن. اهو سنڌيءَ ۽ مارواڙيءَ جو ڳاڌڙ لهجو آهي، جيڪو منصوريءَ سرحد سان لاڳو علائقي کان وٺندي جيسلمير واري ڏٽ تائين ڳالهائجي ٿو. ان پٽي ۽ ڏٽ جي اوير ۾، اُهو ريگستان يڪو هلندو وڃي، راجپوتانا جي وچ ۾ پوي ٿو جتي، ٻهرين ٻولي جيڪا ٻڌڻ ۾ اچي ٿي، سا آهي راجستانيءَ جي مارواڙي لهجي جي هڪ صورت 'ٿلي'.

مجموعي طرح سان، اسان وٽ ذڪرـ اولهه ۾ 'مارواڙي ملني' آهي، ۽ ٿر يا پارڪر ۽ جيلسمير جي ڏٽ ۾ ڳالهائڻ جا مختلف قسم ملن ٿا، جيڪي سڀ سنڌيءَ ۽ مارواڙيءَ جي مختلف تناسب سان ٿيل ملاوت جو نتيجو آهن. انهن کي سنڌيءَ جا يا مارواڙيءَ جا لهجا چئي سگهجي ٿو سنڌ ۾ انهن کي ٻهرئين گروهه ۾ شامل ڪندا آهن، ۽ 'ٿريلي' نالو ڏيندا آهن."

گريئرسن اڳتي لکي ٿو ته:

"جلد نائين ۾ انهن لهجن (مارواڙي ۽ سنڌي) جي باري ۾ لکڻ مهل، مون کي اهو تاثر هو ته انهن لهجن کان سواءِ، سنڌيءَ جو هڪ واضح لهجو 'ٿريليءَ' جي نالي سان به آهي، پر هاڻي سنڌيءَ بابت حقيقتون سامهون اچڻ کان پوءِ پتو پوي ٿو ته ايئن ڪونهي. ٿريليءَ نالي، سنڌيءَ جو لهجو مارواڙيءَ ۽ سنڌيءَ جي ڳاڌڙ لهجن مان هڪ لهجو آهي، جن کي اڳ ئي بحث هيٺ آڻي چڪا آهيون. ان ڪري سنڌيءَ جي سري هيٺ، انهيءَ جا تفصيل ڏيڻ غير ضروري سمجهان ٿو پر ڪجهه سهولت خاطر هتي آءٌ ٿر ۽ پارڪر جي ٿريليءَ جو هڪ نمونو ڏيان ٿو جيڪو اڳ ئي جلد نائين ۾ اچي چڪو آهي. ان کان سواءِ 'خرچاٿو پٽ' واري نقل جو به هڪ نمونو ۽ جيلسمير جي ڍاٽڪيءَ جو مشهور گيت به ڏيان ٿو. اهو پڻ ڏسڻ ۾ ايندو ته اهي سڀ مثال ڳاڌڙ ٻوليءَ جا آهن. جيتوڻيڪ انهن ۾ حيرت جي ڳالهه اها آهي ته ٿر ۽ پارڪر جي نمونن جي ڀيٽ ۾ جيلسمير وارا نمونا، معياري سنڌيءَ کي وڌيڪ ويجها آهن. اهو صاف ظاهر آهي ته ٻولين جو اهو ميلاپ مڪانڪي آهي."

---

[1] Grierson G, Linguistic Survey of India. Vol: I, Part I 1927, p.124.

مطلب تہ هن ڪتاب ۾ سر گريئرسن، سنڌي ۽ لهندي زبانن جي بڻ بنياد لاءِ جيڪا راءِ ڏني آهي، تنهن کي هاڻ نئين نظر سان پڙهڻ گهرجي.

سر گريئرسن جي ڪتاب کي پڙهندي بہ ڪي سال گذري ويا، پر سندس ڪتاب جي ترجمي کي پڙهندي ۽ ايڊٽ ڪندي جڏهن گجراتي، ڪڇي، لهندا ۽ لاڙي لهجن واري مواد ۾ ڏنل لفظن جي اُچارن کي نظر مان ڪڍيم، تڏهن مون محسوس ڪيو تہ سر گريئرسن انهن بولين جي لفظن جا اُچار صحيح طرح سان داخل نہ ڪيا آهن. بلڪ سندس طرفان ڏنل لفظ ۽ اُنهن جا اُچار ۽ آواز گمراهہ ڪندڙ آهن. آءٌ ڪڇي، گجراتي ۽ سرائڪي (لهندا) ڄاڻندو آهيان. ترجمي واري مواد کي نظر مان ڪڍندي مون محسوس ڪيو آهي تہ گريئرسن سنڌي، ڪڇي، گجراتي ۽ لهندا ۾ رائج چوسٽن آوازن ـ ٻ، ڏ، ڄ ۽ ڳ ۽ جن جن لفظن ۾ اُهي آواز استعمال ٿيا آهن، اُنهن جي لکٽي صحيح ڪانہ ڏني آهي.

هن سلسلي ۾ ڀارت جي مشهور سماجي لسانيات جي ماهرن ڊاڪٽر ڏاسواڻي ۽ سندس ڌرم پتني ڊاڪٽر سندري پرچاڻيءَ ، پنهنجي تحقيقي پروجيڪٽ ۾ گريئرسن طرفان لاڙي، وچولي ۽ ڪڇي لهجي جي لفظن ۽ اُنهن جي داخلا کي گمراهہ ڪندڙ سڏيو آهي. غلط داخلا جو سبب ڄاڻائيندي ڀارت جا اهي ٻئي ماهر لکن ٿا تہ:

سر گريئرسن جي معلومات (Survey) جو ذريعو هئا:

(الف) معياري پئراگرافن جو ترجمو

(ب) وضاحتي بيان

(ت) لفظن جي فهرست

هُو اِڳتي لکن ٿا تہ گريئرسن پاڻ تہ سڄي برصغير جون ٻوليون ڪونہ ڄاڻندو هو پر هُن جي تحقيقي پروجيڪٽ جي مواد گڏ ڪرڻ لاءِ هن جا اطلاع ڏيندڙ ٻيا هئا، اُهي هئا، هند سرڪار جا ضلعي ڪامورا، عيسائي پادري ۽ ڪي الهڙ نوجوان.

هر ضلعي سرڪاري ڪامورن انهيءَ لاءِ مقرر ڪيو هئائين تہ شايد هو مقامي ٻولي ڄاڻندا هئا ۽ هُو پنهنجن ماتحت ڪامورن کان مدد وٺي سگهندا. ضلعي ۽ مقامي ڪامورا، مقامي ٻوليءَ جي لفظن جون لڙهيون، اُچارن سميت ۽ اُنهن جا نمونا سمجهايل فهرست موجب هٿ ڪري موڪليندا. يقيناً، گريئرسن کي اطلاع ڏيندڙ ڪامورا، نہ مقامي ٻولين جي لهجن تي ايتري ڄاڻ رکندا هئا، ۽ نہ ئي هُو وياڪرڻ جي قانونن کان واقف هئا، انهيءَ ڪري هُو گهربل معلومات هٿ ڪري ڏيڻ کان قاصر بہ هئا. اُهوئي سبب آهي جو ڪن ڪن لفظن ۽ اُنهن جي لهجي جي داخلا گمراهہ ڪندڙ آهي.

ان کان سواءِ گريئرسن کي اطلاع ڏيندڙ فيلڊ ورڪرن کي لسانيات جي ڪابہ ڄاڻ ڪانہ هئي، ۽ نہ ئي وري اُنهن کي تربيت ڏني وئي هئي، انهيءَ ڪري انهن جي موڪليل معلومات ۽ مواد، ۽ اُن جي انگريزيءَ ۾ Transliteration هميشہ اعتبار جوڳي ڪا نہ هئي.

فيلڊ ورڪرن طرفان جيڪا معلومات موڪلي ويندي هئي، اُها Roman الف ـ ب ۾ لکيل هوندي هئي، ۽ جن بہ ٻولين يا اُنهن جي لهجن، لفظن ۽ آوازن جي لاءِ فيلڊ ورڪر Roman اکر لکندا هئا، اُنهن ۾ اڪثر غلطيون هونديون هيون. انهيءَ ڪري اها داخلا گهڻو ڪري صحيح نہ آهي. ([1])

اُهوئي سبب آهي جو گريئرسن جي ساري مواد تي نئين سر نظر وجهڻ جي ضرورت آهي.

---

[1] Daswani, C.J.R. Parchani. S. Sociolinguistic Survey of India, Sindhi, Mysore, 570006 Central Institute of Indian Languages, 1978. pp_15_18

هيءَ ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائي، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پنهنجن فرضن جي پورائيءَ لاءِ هڪ قدم ضرور کنيو آهي. هن وقت تائين لسانيات ۽ سنڌي وياڪرڻ جي موضوعن تي گهٽ ڪري ڊاڪٽر ٽرومپ ۽ سر گريئرسن جي جڳ مشهور ڪتابن جو ترجمو ئي پيش ٿيو آهي. جيڪڏهن سنڌي وياڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪجهه اضافو ٿيو آهي ته اُهو وري عربي ۽ فارسي وياڪرڻن جو چربو آهي. ڪن بزرگن ته اها به ڪوشش ڪئي آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي سٽاءَ ۽ رچنا تي چنڊڇاڻ ڪرڻ جي بدران، هنن عربي ۽ فارسي ٻولين جي وياڪرڻي سٽاءَ کي سامهون رکي، سنڌيءَ ٻوليءَ کي عربيءَ ۽ فارسيءَ جو ويس وڳايو آهي.

هاڻ ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ تي، سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي، صرفي، نحوي سٽاءَ تي چنڊڇاڻ ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ کي نئين سوچ ۽ نئين نظر سان لکيو وڃي. اهڙيءَ طرح هن ڳالهه جي به ضرورت آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي Etymological Dictionary کي به هٿ ۾ کڻجي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جا ڌاتو صرف عربي، فارسي ۽ سنسڪرت جي لغات کي سامهون رکي نه ڪڍيا وڃن، پر دراوڙي ۽ منڊا ٻولين جي ڌاتوئن کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جا اصلوڪا يعني پنهنجا ڌاتو به ڳوليا وڃن. انهيءَ ڪم لاءِ يارت جي ماناٽتن ۽ ٻي ريا ودوانن کان به مدد وٺڻ گهرجي.

مون کي اميد آهي ته سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، انهيءَ اهم ڪم کي به هٿ ۾ کڻي، جس کٽندي.

**ڊاڪٽر غلام علي الانا**

# سر گريئرسن طرفان برصغير جي ٻولين جو ڏاهيل چارٽ

## هند ـ آريائي ٻوليون



# هندستان جي ٻولين جو لسانياتي جائزو

## مختلف جلدن جو وچور

**پهريون جلد:** **پهريون ڀاڱو:** تعارف

**ٻيو ڀاڱو:** لفظن جي ڀيٽ يا تقابلي لغت

**ٻيو جلد:** مان - کمير (Man Khmer) ۽ سيامي - چيني خاندان (کاسي ۽ ٿائي سميت)

**ٽيون جلد:** ٿبيٽي - برمي خاندان

**پهريون ڀاڱو:** عمومي تعارف، ٿبيٽي لهجا، همااليائي لهجا ۽ اتر آسامي گروهه

**ٻيو ڀاڱو:** ڪوڪي - چن (Kuki_Chin) ۽ برمي گروهه

**چوٿون جلد:** مُنڊا ۽ دراوڙي گروهه

**پنجون جلد:** هند - آريائي خاندان (مشرقي گروهه)

**پهريون ڀاڱو:** بنگالي ۽ آسامي

**ٻيو ڀاڱو:** بهاري ۽ اُڙيا

**ڇهون جلد:** هند - آريائي خاندان، وچولو گروهه (مشرقي هندي)

**ستون جلد:** هند - آريائي خاندان، ڏاکڻو گروهه (مرائي)

**اٺون جلد:** هند - آريائي خاندان، اتر - الهندو گروهه

**پهريون ڀاڱو:** سنڌي ۽ لهندا

**ٻيو ڀاڱو:** داردي يا پئشاچي ٻوليون (ڪشميريءَ سميت)

**نائون جلد:** هند آريائي خاندان، مرڪزي يا وچولو گروهه

**پهريون ڀاڱو:** مغربي هندي ۽ پنجابي

**ٻيو ڀاڱو:** راجستاني ۽ گجراتي

**ٽيون ڀاڱو:** ڀيل ٻوليون جن ۾ خانديشي (Khandesi) بنجاري، لباني (Labhani) ۽ ٻهروپيا (Bahrupia) وغيره شامل آهن.

**چوٿون ڀاڱو:** پهاڙي ٻوليون ۽ گُجري

**ڏهون جلد:** ايراني خاندان

**يارهون جلد:** خانه بدوش (Gypsy) ٻوليون.

# جلد ائين ۾ شامل مواد جي فهرست


| | |
|---|---|
| تعارفي نوٽ | 39 |
| اتر- الهندو گروهه | 41 |
| ڪٿي ڪٿي ڳالهائجن ٿيون | 43 |
| لساني سرحدون | 43 |
| پاڙيسري هندستاني ٻولين ۾ حيثيت | 43 |
| ٻين هندستاني ٻولين ۾ حيثيت يا مقام | 44 |
| قديم تاريخ | 44 |
| لسانياتي ٻڻ بنياد يا اصل نسل | 46 |
| سنڌي ٻوليءَ جو علائقو ڏيکاريندڙ نقشو | 47 |
| سنڌي: | 48 |
| ٻوليءَ جو نالو | 48 |
| لساني لڳ لاڳاپا | 49 |
| سنڌيءَ جو بنياد | 52 |
| لهجا: | 52 |
| وچولي ۽ سرائڪي (سِريلي) | 53 |
| سرائڪي(سريلي) سنڌي | 54 |
| ٿريلي | 54 |
| لاسي | 54 |
| لاڙي | 55 |
| ڪڇي | 55 |
| ڳالهائڻ وارن جو ڪل تعداد | 55 |
| سنڌي ادب: | 57 |
| ڪتابن جي فهرست | 59 |
| سنڌي گرامر جو خاڪو: | 60 |
| جدول | 61 |
| سنڌي گرامر جو خاڪو- حرف علت سڏاريل | |
| هندو سنڌي اکرن ۾ | 65 |
| اچار(Pronunciation) | 68 |
| گردان يا ڦيرا | 70 |
| وچولي: | 169 |
| حيدرآباد جي معياري سنڌي (نمونا) | 170 |
| ڪراچيءَ جي معياري سنڌي | 179 |
| نمونا | 180 |
| خيرپور جي معياري سنڌي | 195 |
| نمونو | 196 |
| ٿر ۽ پارڪر جي معياري سنڌي | 197 |
| سنڌ جي ٻين علائقن ۾ ۽ بلوچستان ۽ بهاولپور ۾ سنڌي | 199 |
| سرائڪي سنڌي | 201 |
| ٿريلي: | 203 |
| ٿر ۽ پارڪر ۾ | 203 |
| جيسلمير ۾ | 203 |
| لاسي: | 216 |
| نمونو | 223 |
| لاڙي: | 225 |
| نمونو | 235 |
| ڪڇي: | 237 |
| ڪڇ جي لساني جاگرافي | 237 |
| ڪڇي | 237 |
| خاص ڪڇي | 238 |
| ڪايستي ڪڇي | 238 |
| ڪڇيءَ جو مزاج | 238 |
| گجراتي ملاوت | 238 |
| سندون (ڇپيل ڪتاب) | 239 |
| ڪڇي گرامر ۽ اچار | 239 |
| گردان | 240 |
| صفتون | 241 |
| ضمير | 241 |
| متصل ڦيرا | 244 |

نمونا 254

ڪايسٿي: 259

ڪڇي (ڪايسٿي) لهجو (نمونا) 261

**ياٿيا:** 265

**سنڌيءَ جي مختلف لهجن ۾ لفظن ۽ جملن جي معياري فهرست** 266

**لهندا يا مغربي پنجابي:** 277

لهندا يا مغربي پنجابيءَ جي لهجن ۽ ننڍن لهجن (محاورن) کي ظاهر ڪندڙ نقشو 276

ڪٿي ڳالهائي وڃي ٿي 277

ٻوليءَ جو نالو 278

پاڙيسري لهجن ۾ حيثيت/مقام 278

**لهجا:** 284

معياري لهندا 284

مُولتاني (ملتاني) 285

سرائڪي 285

کيتراني ۽ جافري 285

**ٿلي** 286

اتر- الهندو لهجو 287

اتر- اڀرندي وارو لهجو 288

ڳالهائيندڙن جو تعداد 290

سنڌون 291

**لهندا گرامر جو خاڪو:** 293

اچار 293

لکڻ جو نمونو/لکت 294

سُر- آواز (حرف علت) 296

اچار يا سُر جي آواز ۾ تبديلي 297

وينجن/ حرف صحيح 298

اسم 299

گردان/ڦيرا 300

صفتون 308

ضمير 310

فعل 313

مصدر 318

**شاهپور جي لهندا** 329

**جهنگ ۽ لائلپور جي لهندا** 337

جهنگ جي نسواني 348

جهنگ جي ڪاچڙي 349

لائلپور جي جانگـگـلي (جانگلي 350

**منٽگمريءَ جي لهندا** 351

**گجرانوالا جي لهندا** 352

**گجرات جي لهندا** 353

**ملتان جي مولتاني** 354

گردان 354

صفتون 356

فعل- معاون ۽ مڪمل فعل 358

ضميري پڇاڙيون 367

لنڊا اکر (رسم الخط ۽ انهن جي ڦير گهير) 368

نمونا 369

**مظفر ڳڙهه جي ملتاني:** 377

**بهاولپوري:** 381

**ديره غازي خان جي هندڪي:** 383

الف- ب 384

اِسم- جنس 386

گردان يا ڦيرو 387

صفتون 391

ضمير 393

نمونا 404

**سرائڪي هندڪي:** 408

اپر سنڌ واري سرحد جي سرائڪي هندڪي 410

شڪارپور جي سرائڪي هندڪي 411

ڪراچيءَ جي سرائڪي هندڪي 412

خيرپور جي سرائڪي هندڪي 413

حيدرآباد جي سرائڪي هندڪي 414

ٿر ۽ پارڪر جي سرائڪي هندڪي 415

فعل 313
ڪيتراڻي يا ڪيترانڪي ۽ جافري 416
ٿل جا لهجا، ديراوال ۽ هندڪو: 427
شاهپور جي ٿلي ـ نمونو 434
جهنگ جي ٿلوچڙي 438
جهلم جي ٿلي 439
ديره اسماعيل خان جي جٽڪي ۽ ديراوالي 441
نمونا 442
ميانوالي ۽ بنون جي هندڪو يا مُلڪي 444
نمونا 445
ڏاکڻي لهندا ۾ لفظن ۽ جملن جي معياري فهرست: 447
اتر ـ ايرندي واري لهندا: 460
سالٽ رينج جي لهندا: 463
لفظن جو ذخيرو 464
اچار 467
ڦيرو 467
نمونو 474
اوانڪاري يا آوانڪي (اعواڻڪي) 476
لفظن جو ذخيرو 477
گردان 478
نمونا 480
ڪوهاٽ جي هندڪو: 483
نمونا 487
گهيبي: 492
نمونا 493
پوٺواري: 499
اچار 500
ٿر ۽ پارڪر جي سرائڪي هندڪي 415
گردان 501
نمونا 509
جابلو علائقي واري لهندا: 514
ڊوڊي ـ ڪنڙالي 514
نمونا 517
چيالي ۽ پُنڇي: 522
ضميري پڇاڙيون 531
نمونا 532
اتر ـ ايرواري لهندا ۾ معياري لفظن ۽ جملن جي فهرست: 535
اتر ـ الهندي واري لهندا: 550
ڏني: 550
اچار 552
گردان 552
ضمير 553
نمونا 556
پشاوري هندڪو: 561
نمونا 564
هزاره جي هندڪو: 567
نمونو 570
تنؤلي: 571
نمونو 574
اتر ـ الهندي واري لهندا جي معياري لفظن ۽ جملن جي فهرست: 575
ڏسڻي (INDEX) 584

# تعارفي نوٽ

هن جلد جي ٻنهي ڀاڱن جي تياريءَ جي مون اڪيلي سر ذميواري کنئي آهي، پر ان کي مختلف مرحلن ۾ تيار ڪيو اٿم. جن مان ڪي حصا ڪيترائي سال اڳي تيار ڪيا هئم ۽ ڪجهه ٻيا وري ٻنهه هاڻي مڪمل ٿيا آهن. ان ڪري، شايد، ڪٿي ڪٿي توازن جي کوٽ محسوس ٿيندي، جيتوڻيڪ مون ان کان بچڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي پر خاص ڪري داردي ٻولين واري حصي ۾ ايئن ٿيڻ جو وڏو سبب اهو آهي ته اسين انهن ٻولين جي باري ۾ تمام گهٽ ڄاڻون ٿا. انهيءَ گروهه جون ڪي ٻوليون ته ٿورڙيون پيرو بحث هيٺ آيون آهن ۽ انهن جي باري ۾ جيڪي ڪجهه لکيو ويو آهي اهو به گهٽ تڪليف سان هٿ ڪونه آيو آهي. سڀ کان وڏيڪ اهم مثال: 'وسي ويري (Wasi_veri) ٻوليءَ جو آهي، جيڪا ڪافرستان جي مرڪز ۾ ڳالهائي ويندي آهي. سمورو مواد هڪ اڻ پڙهيل ڏنار کان حاصل ڪيو ويو آهي، جيڪو گهڻي ڳولا کان پوءِ هٿ آيو هو ۽ جنهن کي پنهنجي ٻوليءَ کان سواءِ ڪا به ٻي ٻولي ڪانه ٿي آئي.

هي جلد 'هنزه نگر' (Hunza Nagar) جي ٻولي 'بروشڪيءَ' جي مختصر احوال تي ختم ٿئي ٿو. اها ڪنهن به طريقي داردي ٻولين سان لاڳاپيل ڪانهي، نه ئي هن سموري جائزي ۾ آيل ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ سان واسطو رکي ٿي. ان کي صرف جاگرافيائي سبب جي ڪري شامل ڪيو يو آهي، ٻيو وري انهيءَ ڪري به ايئن ڪيو اٿئون جو انهيءَ ٻوليءَ ڳالهائيندڙن جا وڏا، ڪنهن زماني ۾ ان سموري خطي تي قابض هئا، جتي هاڻي داردي ٻوليون ڳالهايون ٿيون وڃن.

جارج اي گريئرسن

ڪيمبرلي
20، مارچ، 1915ع

# اتم _ اولہ وارو گروهہ

# اتر ـ اولهه وارو گروهه

هند ـ آريائي ٻولين جي اتر ـ الهندي گروهه ۾ ٻه ٻوليون شامل آهن: **سنڌي ۽ لهندا**. انهن ٻولين جي ڳالهائيندڙن جو تعداد هن جائزي لاءِ معلوم ڪيو ويو ته:

سنڌي .................... 3,069,470
لهندا ....................... 7,092,781

ڪل تعداد .......... 10,162,251 آهي.

### ڪٿي ڪٿي ڳالهائجن ٿيون:

جيئن نالي مان ظاهر آهي ته انهيءَ گروهه جون ٻوليون هندستان جي ٻنهه اتر اولهه ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون. اهي پنجاب ۾ اڀرندي ڊگهائي ڦاڪ جي 74 هين ڊگريءَ جي اولهه ۾ ۽ سنڌ، پنجاب ۽ ڪڇ جي ڏکڻ ۾ ڳالهائجن ٿيون. پنجاب ۾ ان جي سرحدي حد اولهه طرف افغانستان آهي ۽ سنڌ ۾ ان جي سرحدي حد بلوچستان آهي. تنهن هوندي به سنڌ ۾ سنڌي ٻولي "ڪڇي گنداوا" (Kachchi Gandava) ۽ لس ٻيلي جي سياسي سرحدن کي پار ڪري ٿي وڃي، جيڪي ٻئي علائقا بلوچستان جي جاگرافيائي حدن اندر آهن.

### لساني سرحدون:

افغانستان ۽ بلوچستان ۾ ايراني ٻوليون ڳالهائجن ۾ اچن ٿيون، جيڪي سنڌي ۽ لهندا کان مختلف آهن. اتر ۾ اتر ـ اولهندي گروهه جون ٻوليون، اتر ـ اولهه واريءَ سرحد (North_West Frontier) جي داردي([1]) ٻولين سان لڳن ٿيون جن مان ڪشميري سڀني کان اهم آهي. اهي ٻوليون ذڪر هيٺ آيل ٻولين (سنڌي ۽ لهندا) سان ويجهو لاڳاپو رکن ٿيون. اوڀر طرف لهندا سان پنجابي لڳي ٿي ۽ سنڌيءَ سان راجستاني. ڏکڻ طرف لهندا سان سنڌي ۽ سنڌيءَ سان گجراتي لڳي ٿي.

### پاڙيسري هندستاني ٻولين ۾ حيثيت:

لهندا جي پنجابيءَ سان خاص نسبت آهي، جنهن کي اڳتي بيان ڪيو ويو آهي. هتي مختصر طور اهو چئي سگهجي ٿو ته سمورو پنجاب ٻن ٻنهه مختلف ٻولين جي لاڳاپي وارو مقام آهي، جيئن لهندا جي داردي‌ءَ ٻولي (parent)، جيڪا سنڌو ماٿر جي اڀرندي طرف پکڙيل آهي، ۽ پراڻيءَ مڌهيه ديش (Mid land) جي ٻولي، جيڪا موجوده مغربي هنديءَ جي ماءُ ٻولي آهي، جيڪا جمنا ماٿريءَ جي اولهه طرف پکڙيل آهي. پنجاب ۾ اهي هڪ ٻئي ۾ شامل ٿيو وڃن. مشرقي پنجاب ۾ پراڻي لهندا جي لهر تقريباً ختم ٿي رهي هئي، ۽ ان مٿان پراڻي مغربي هنديءَ جو راڄ ٿي ويو جنهن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ ٻولي آهي پنجابي. مغربي پنجاب ۾ پراڻي مغربي هنديءَ جي لهر ختم ٿيندي وئي ۽ ان مٿان وري لهندا جو راڄ قائم ٿي ويو جنهن جي نتيجي ۾ موجوده لهندا ٻولي قائم ٿي. ان ڪري چئبو ته لهندا جو مکيه بنياد داردي آهي، پر پراڻي مغربي هنديءَ جا آثار به منجهس آهن. اهڙا آثار پنجابيءَ ۾ وڌيڪ آهن ۽ اهي وڏي اهميت وارا آهن. لهندا کي هڪ اهڙي

[1] اهي ٻوليون هن جائزي ۾ پين هنڊ پشاچي سڏيون وڃن آهن.

داردي ٻولي چٽي سگهجي ٿو جنهن تي مغربي هنديءَ جو اثر آهي. جڏهن تہ پنجابي، مغربي هنديءَ جي هڪ شڪل آهي جنهن تي داردي اثر آهي. ان جي برعڪس سنڌي، داردي ٻولين سان وڌيڪ چٽو لاڳاپو ڏيکاري ٿي ڇو تہ ان جي اوپر ۾ موجود مغربي راجپوتانہ جو رڻ پٽ ان کي ڏارين ملاوٽ کان بچائي ٿو. جيئن لهندا پنهنجي بنياد کان غير محسوس طريقي سان پنجابيءَ ۾ مدغم ٿي وڃي ٿي، تيئن راجستانيءَ ۾ ڪانہ ٿي ملي بلڪ ان کان گهٽي قدر مختلف رهي ٿي. اتي ڪي سرحدي لهجا محض گاڏڙ ساڏڙ آهن، ڪنهن باقاعدي لساني تبديليءَ جا درجا ڪونہ آهن.

**ٻين هندستاني ٻولين ۾ حيثيت يا مقام** (Position):

ٻولين جو اتر- اولهہ وارو گروهہ، هند آريائي ٻولين جي ٻاهرئين گهيري ۾ شامل آهي. انهيءَ ٻاهرئين گهيري ۾ ڏاکڻي ٻولي مرائي ۽ مشرقي گروهہ جي ٻولين مان اڙيا، بنگالي، بهاري ۽ آسامي اچي وڃن ٿيون. انهن سڀني ٻولين جو پاڻ ۾ رشتو ۽ وچ وارين ٻولين- راجستاني، پهاڙي، مغربي هندي ۽ مشرقي هنديءَ سان لاڳاپو هن جائزي جي تعارفي جلد ۾ بحث هيٺ آڻيندا سين. انهن منجهان جيڪي ٻوليون اتر- الهندي گروهہ جي ٻولين سان ڪو لڳ لاڳاپو ڏيکاري سگهن ٿيون، سي آهن ٿي پهاڙي ٻوليون، (جيئن جلد نائين ۾ ڏسبو) انهن ٻولين جو سنڌيءَ وانگي داردي ٻولين سان بنياد ڳنڍيل آهي.

**قديم تاريخ:**

اهو ملڪ جنهن ۾ اتر- الهندي گروهہ جون ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، 'مها ڀارت' ۾ خشڪ، رُکو ۽ سنگدل ڄاڻايل آهي ۽ آريائي تهذيب جي دائري کان تقريباً خارج ڪيل آهي (جلد نائون، ڀاڱو چوٿون ۽ صفحو 4 ڏسو) ان زماني ۾ لهندا جو علائقو ٻن راڄن يا بادشاهتن (Kingdoms) تي مشتمل هو جن مان هڪ 'گنڌارا' (موجوده پشاور جي آسپاس جو ملڪ) ۽ ٻيو 'ڪيڪايہ' (سنڌو نديءَ کان هيٺ ان جي ڪابي ڪپ تي) هو جڏهن تہ سنڌي جي علائقي ۾ ان وقت 'سنڌوس' ۽ 'سو ويراس' شامل هئا. جيتوڻيڪ 'مهاڀارت' ۾ هن ملڪ جي رهاڪن کي برو ڪردار ڏنو ويو آهي، ان هوندي بہ اها پڪ آهي تہ گنڌارا جي گاديءَ وارو شهر 'تڪش سِلا' (Takshasila) حضرت عيسيٰ کان ڇهہ صديون اڳ، هندستان ([1])جي وڏي ۾ وڏي يونيورسٽيءَ جو هنڌ هو. ان جا ڀڙل آثار اڄا بہ راولپنڊي ضلعي ۾ موجود آهن. هن يونيورسٽيءَ جي ويجهو 'سلاتورا' (Salatura) ۾ سنسڪرت جو وڏي ۾ وڏو 'وياڪرڻي' (grammarian)'پاڻيني' . چوٿين يا پنجين صدي قبل مسيح ۾ ڄائو هو. انهيءَ زماني ۾ ڪيڪايہ جي سر زمين بہ پنهنجي علميت جي ڪري مشهور هئي. اسان کي ڇاندوگيا اپنشد Chhandogya Upanished) (VOL xi) ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ڪيئن هڪڙا پنج مذهبي ماهر(Theologians)، هڪڙي برهمڻ وٽ ڪي ڏکيا سوال کڻي آيا هئا، جن جو هو جواب ڪونہ ڏئي سگهيو هو. ان ڪري هن کين ڪيڪايہ جي کتري راڄا ڏانهن موڪليو، جنهن، هڪ ٻئي حضرت سليمان وانگي، سندن سڀ ڏکيائون دور ڪيون هيون.

هندستاني ڏند ڪٿا ۾ بہ مشهور ڪردار بيان ٿيل آهن، جن جو تعلق لهندا علائقي سان هو. گنڌارا مان 'ڌرتارا شترا' (Dhritarashtra) جي زال گنڌاري جيڪا 'دريوڌن' (Duryo dhana) ۽ سندس 9 ڀائرن جي ماءُ هئي، جيڪي 'مها ڀارت' واريءَ وڏي لڙائيءَ ۾ مکيہ ڪردار 'ڪورُو' هئا. ٻي ڪيڪايہ مان ڪيڪئي آئي، جيڪا 'دسرٿ' جي زال ۽

---

[1] جيتوڻيڪ ڪن عالمن جو عام رايو ان کان مختلف آهي پر آءٌ ذاتي طرح سمجهان ٿو تہ ٻڌ مت جي ڏاکڻي ڏرمي تحرير واري ٻولي پالي، تڪش سلا ۾ ڳالهائجڻ واري قديم ٻوليءَ جو ادبي روپ آهي. اهوئي سبب آهي جو انهيءَ ۾ ۽ پشاچي پراڪرت ۾ ڪيترين ئي هڪ جهڙايون نظر اچن ٿيون.

’رام چندر‘ جي ماٽيلي ماءُ هئي. اها ئي هئي جنهن جي سازش سبب رام چندر کي بنواس وٺڻو پيو هو جيئن هڪ ٻئي عظيم هندستاني جنگي داستان ’رامايڻ‘ ۾ بيان ٿيل آهي.

مغربي پنجاب هميشه اتر ۽ اولهه کان ايندڙ حملي آورن جي زد ۾ رهيو آهي. اتان ئي هندستان ۾ آريا گهڙيا هئا. ٻيو معلوم حملو فارس جي ’دارا اول‘ (485_521 ق.م) جو هو. جيڪو گوتم ٻڌ جي دؤر کان فوراً پوءِ ٿيو. ’هيروڊوٽس‘ موجب هن ان کي فتح ڪري ٻن اهڙن پرڳڻن ۾ ورهائي ڇڏيو جن مان هڪ ۾ گنڌارا شامل هو. (هيروڊوٽس iii_91) جڏهن ته سنڌي- سنڌو ماٿري جا رهاڪو پنهنجي ليکي ويهون پرڳڻو (iii_94) ([1]) ٺاهيو ويٺا هئا. ان کان اڳتي دارا جو اختيار نٿي هليو (iii_101). هيروڊوٽس وڏيڪ لکي ٿو ته اهي ’انڊين‘([2])انهن سڀني قومن کان وڏيڪ تعداد ۾ آهن جن سان اسان جي سڃاڻپ ٿي آهي، ۽ ٻين قومن کان وڏيڪ خراج پڻ ڏنائون. جيڪو 360 ٽيلنٽ (Talent) سون جو رڄ (Gold dust) هو. ’دارا‘ جو ’انڊيا‘ جي هن حصي ([3]) تي، ايترو ته مڪمل اختيار هو (يا شايد جنهن کي هن ۽ ’هيروڊوٽس انڊيا‘ ٿي سمجهيو) جو هن اسڪائيليڪس جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌوءَ کان هيٺ سمنڊ ڏانهن هڪ سامونڊي جهازن جو ٻيڙو موڪليو هو. جتان هو اولهه طرف هاڪاري، وطن ڏانهن روانا ٿيا. (iv_44). سندس جاءِ نشين ’زرڪسس‘ (Xerxcs)(480 ق.م) ، يونان جي خلاف جنهن لشڪر جي اڳواڻي ڪئي هئي ان ۾ گنڌارا ۽ مغربي پنجاب جا ماڻهو به شامل هئا. هيروڊوٽس جي چوڻ موجب (vii 65_66) مغربي پنجاب وارن کي سوٽي ڪپڙا پاتل هئا ۽ وٽن بيد جا تير ۽ بيد جا ئي ڪمان ها، جن جون چُنهبون لوهه جون هيون.

سڪندر اعظم (325_327 ق. م) جو حملو پڻ مغربي پنجاب ۽ سنڌ تائين محدود هو. هڪ خاص نڪتو جيڪو هيستائين توجهه هيٺ ڪو نه آيو آهي سو اهو ته ڪيترائي هندستاني نالا جيڪي هن جي يوناني مورخن لکيا آهن، سي مغربي پنجاب جي ماڻهن کان ٻڌي لکيا آهن، ۽ اهي ڏيکارين ٿا ته ان دؤر ۾ مڪاني ڳالهائڻ ڪهڙو هوندو هو. اهو ضرور پئشاچي پراڪرت ٻوليءَ جو ڪو خاص روپ هوندو جيڪا ٻولي موجوده ليکڪ موجب مغربي پنجاب ۽ سنڌ جي جديد ٻولين جو مکيه بنياد هئي، ان کان سواءِ اها ئي ٻولي اتر الهندي واريءَ سرحد جي داردي ٻولين جو پڻ بنياد هئي.

جيئن هندستاني نالن ’پڪالوتي‘، (Pukkhalveati)’چندرياڳ‘ يا ’چندر گپتا‘ ۾ يونانيءَ ۾ ڪجهه تبديليون آڻي لکيو ويندو آهي، تيئن پئشاچي پراڪرت لاءِ به ضروري آهي. ([4])

350 ق.م ۾ سيليوڪس نڪيٽر هندستان تي ڪاهه ڪئي ۽ سنڌو درياهه پار ڪرڻ کان پوءِ چندر گپتا سان امن جو معاهدو ڪيو هو جنهن جو ذڪر اڳ ڪنهن جلد ۾ ڪيو هوسين. ٻيءَ صديءَ ق.م ۾، بئڪٽريا جي ٻن يوناني گهراڻن، مغربي پنجاب ۾ بادشاهتون قائم ڪيون. پهرين جيڪا يوٿيڊيمس قائم ڪئي هئي سا 156 ق.م ۾ ختم ٿي ۽ ٻي يوڪريٽائيڊس جي 20 ق.م ۾ ختم ٿي.

---

[1] رالينسن (Rawlinson) جي هيروڊوٽس جي ترجمي کي به ڏسي سگهجي ٿو.

[2] هيروڊوٽس سنڌين کي انڊس ويلي جا رهاڪو انڊين (Indians_Inhabitants of Indus valley) لکيو آهي. (مترجم)

[3] سنڌ ڏانهن اشارو (مترجم)

[4] سنسڪرت جي ’امترگهات‘ (Amitraghat) کي يونانيءَ ۾ لکڻ مهل ’گهه‘ بدران ’ڪ‘ ڪيو ويندو آهي. ساڳي طرح ’ڪاسياپاپورا‘ (Kasyapapura) ۾ وچين ’پ‘ کي قائم رکيو ويندو آهي. ’’ڪوڀا‘ (Kubha)۾ وري ’ڀ‘‘ کي ’ف‘ ۾ بدلائبو آهي. ’سنڌو‘ (Sindhu) کي يوناني ۽ لاطينيءَ ۾ لکڻ مهل ’ڌ‘ کي ’ٿ‘ ۾ بدلائبو آهي يا ’سڀاگسينا‘ (Subhagasena)۾ موجود ’ڀ‘ کي ’ف‘ سان مٽائيندا آهن.

انهن کان پوءِ مختلف وقتن تي مختلف قومن هندستان تي ڪاهون ڪيون. جن ۾ ستين، (Seythians) پارٿين، (Parthians) ڪشان (Kushanas) ۽ هَن (Huns) وغيره شامل آهن. جيڪي اتر اولهه کان آيا، ۽ آخر ۾ ساڳئي رستي، يا سنڌ جي رستي، هندستانن ۾ مسلمان حملہ آور گهڙيا. جن ۾ غزنيءَ جي محمود جا ۽ مغلن جا ماڻهو شامل آهن.

اهڙيءَ ريت اسان ڏٺو تہ جنهن علائقي ۾ هند آريائي ٻولين جي اتر- الهندي واري گروهہ جون مڪاني ٻوليون ڳالهايون ٿي وڃن، اهو قديم دؤر کان ڌارئين اثر هيٺ رهيو آهي، ۽ اها هڪ عجيب ڳالهہ آهي تہ ان. هتان جي ماڻهن جي ڳالهائڻ تي تمام ٿورو اثر ڇڏيو آهي. سواءِ مسلمان تسلط واري دؤر جي، جنهن ۾ وڏي پئماني تي فارسي لفظ (عربيءَ سميت) هتان جي لفظن جي ذخيري ۾ ملي ويا آهن. ڪن اصلوڪين داردي ٻولين ۾ ڪي يوناني لفظ اڃا تائين موجود آهن. مثال طور ڪشميريءَ ۾ 'ديار'(dyar) (جمع) ، معنيٰ سڪن ۾ ناڻو جيڪو يونانيءَ جو بگڙيل لفظ آهي، يا وري 'کوار' (Khower) جو 'دروخم' يعني چاندي، جيڪو پڻ بگڙيل يوناني لفظ آهي، پر مون کي اهڙا مثال سنڌيءَ ۽ لهندا ۾ نٿا سجهن. ايتري قدر جو سنڌ جي درياهہ جو نالو 'سنڌو' بہ ڪونہ بدليو آهي ۽ اسين پراڻي فارسيءَ واري 'هندو' لفظ جهڙو ڪو مثال نٿا ڏسون. جيڪو اصل ۾ يونانيءَ جي 'انڊوس' ۽ اسان واري 'انڊيا' مان نڪيل آهي.

**لسانياتي بڻ بنياد يا اصل نسل:**

هنن ٻولين جي لسانياتي اصل نسل بابت ڪا گهڻي ڇاڻ ڪانهي. سنڌيءَ جي موجوده صورت کان پهرين هڪ 'اپڀرنش' پراڪرت موجود هئي، جنهن کي 'وراچڊ' چيو ويندو آهي، جنهن جي باري ۾ هندستاني وياڪرڻ جي ماهر مارڪنڊيہ ڪجهہ ڳالهيون ڪيون آهن. ان کان سواءِ هو علائقي ۾ 'وراچڊ پئشاچيءَ' جي ڳالهائڻ جي ڳالهہ بہ ڪري ٿو ۽ ان حقيقت تي زور ٿو ڏي تہ ڪيڪايہ پئشاچي ان پراڪرت جو خاص روپ آهي. اسان کي لهندا واري پٽي تي ڳالهايل اپڀرنش جي ڪنهن خاص روپ جي باري ۾ ڪا معلومات ڪانهي. جيڪا قديم گنڌارا ۽ ڪيڪايہ جي علائقن ۾ رائج هجي، سواءِ ان جي تہ اتان جا ماڻهو تسلسل يا ورجاءَ لاءِ ساڳئي لفظ کي بہ ڀيرا اچارڻ جا شوقين هئا (ساوپسا، ڪيڪئي) ، پر گنڌارا ۾ 'شهباز ڳڙهي' ۽ 'مانسهره' وٽ مهاراجا اشوڪ (اٽڪل 250 ق.م) جا پٿر تي نقش ڪتبا آهن جيڪي انهيءَ ٻوليءَ ۾ آهن. جيڪا ان وقت سرڪاري زبان هئي. اهو پاليءَ جو هڪ لهجو هو جيڪو پنهنجن ڪيترين ئي صوتي خصوصيتن سبب نمايان آهي. جيڪي اڃا تائين داردي ٻولين ۾ لهندا ۽ سنڌيءَ ۾ ڏسي سگهجن ٿيون. ([1])

وڌيڪ تفصيل سنڌي ۽ لهندا وارن ڀاڱن جي تعارف ۾ ملندا.

[1] ڏسو جي، آر اي ايس 1904_ صفحو 725.


سنڌي ٻوليءَ جو علائقو
ڏيکاريندڙ نقشو
LAHNDA
SIRAIKI
LASI
LARI
Gulf of Cutch
Gulf of Cambay

# سنڌي

## ٻوليءَ جو نالو:

لفظ 'سنڌي' هڪ صفت آهي جنهن جي معنيٰ آهي، 'سنڌ جي صوبي جو/جي' يا 'سنڌ جي صوبي سان واسطو رکندڙ'، انهيءَ ڪري اهو هن ملڪ جي ٻوليءَ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي.

ٻوليءَ جو نالو ان علائقي کي چڱيءَ طرح ظاهر ڪري ٿو جتي اها ڳالهائي وڃي ٿي، پر پوءِ بہ اسين ڏسنداسين تہ اها چؤطرف سنڌ جي سرحدن کان ٻاهر تائين پکڙيل آهي. اتر ۾ بلوچستان ۽ پنجاب، اوڀر ۾ راجپوتانہ. ڏکڻ ۾ ڪڇ ۽ اولهہ ۾ لس ٻيلي تائين هلي وڃي ٿي.

سنڌ جو صوبو ٽن واضح پٽن ۾ ورهايل آهي: (1) ڪوهستان يا جابلو ملڪ. جيڪو ڪراچيءَ ۽ سيوهڻ جي وچ ۾ پختو ٻيٺو آهي، جيڪو اتر ۾ هڪ سنهي جهالر جي شڪل ۾ کيرٿر سلسلي سان هلندو وڃي. (2) خاص سنڌ جو ڪڇي وارو پٽ جنهن کي سنڌوءَ جو پاڻي ملي ٿو ۽ (3) ريگستان يا ٿر. جيڪو اڀرندي واريءَ سرحد جو رڻ پٽ ڇنڇي ٿو. خاص سنڌ (Sindh proper) کي روايتي طرح ٽن حصن ۾ ورهايو ويندو آهي: هڪڙو 'لاڙ' (هيٺين سنڌ) . جيڪو سامونڊي ڪنارن کان حيدرآباد جي ويجهو تائين پکڙيل آهي. ٻيو 'وچولو' (وچين سنڌ) لاڙ کان اڳتي اتر طرف هلندي سيوهڻ ۽ لاڙڪاڻي جي وچ تائين پکڙيل آهي. ۽ ٽيون 'سرو' (مٿين سنڌ) جيڪو وچولي جي اتر ۾ آهي. اها ورهاست ياد رکڻ ضروري آهي، ڇو تہ جڏهن اسين اڳتي لهجن جي باري ۾ ڳالهائينداسين تہ انهن جو حوالو ايندو. سنڌي، سموريءَ سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي آهي، ۽ اتر سنڌ کان اتر اولهہ ۾ بلوچستان ۾ گهڙي وئي آهي، اتر ۾ اتر- اوڀر ڏانهن پنجاب ۽ بهاولپور رياست ۾ هلي وئي آهي. اولهہ ۾ سنڌ کي بلوچستان کان ڌار ڪندڙ جابلو سلسلي ان کي پابند ڪيو آهي، جنهن کي ڪوهستان جي ڏاکڻي حصي ۽ ڪراچي کان سواءِ سنڌي پار ڪري نہ سگهي آهي. اتي عام ٻولي بلوچي آهي پر سنڌي پڻ ڳالهائي وڃي ٿي ۽ لس ٻيلي جي جام جي سرزمين ۾ گهڙي وئي آهي. ڏکڻ ۾ سنڌيءَ ڪڇ جو رڻ پار ڪيو آهي، ۽ ڪڇ ۾ ماڻهن جو هڪ وڏو انگ انهيءَ علائقي جي ٻين ٻولين سان گڏ وگڏ اها پڻ ڳالهائي ٿو. اتان وري انهيءَ گجرات ۽ ڪاٺياواڙ جي اپٻيٽ جا ٻنا پار ڪري اندر جاءِ ورتي آهي. ڪڇ ۾ سياويڪ طور سنڌي ڳالهائيندڙن (ڪڇي لهجي ۾) جو تعداد اپٻيٽ جي اتر- اولهہ ۾ وڌيڪ آهي. اولهہ طرف سنڌي ٿر جي اندر هلي وڃي ٿي. انهيءَ ڪري اها راجپوتانہ جي رياستن مارواڙ ۽ جيسلمير جي ويجهن حصن تائين پهچي وڃي ٿي.

اولهہ ۾ سنڌيءَ سان بلوچي لڳي ٿي، جيڪا هڪ ايراني ٻولي آهي ۽ ان سان تمام ڏورانهون واسطو اٿس. ان ڪري ان جو ڪوبہ اثر ڪونہ اٿس. اتر طرف اها لهندا سان لڳي ٿي، جنهن سان اها ويجهو لاڳاپو رکي ٿي. لهندا نہ صرف سنڌيءَ جي اتر طرف ڳالهائجي ٿي، پر سموري سنڌ ۾ سنڌين سان گڏ وسيل، هڪ لک کان وڌيڪ لڏي اچي آباد ٿيل ماڻهو بہ سنڌيءَ سان گڏ اها ڳالهائين ٿا.

جيتوڻيڪ سنڌيءَ جو لهندا سان ويجهو لاڳاپو آهي تہ بہ اتر واري علائقي کان سواءِ اها ڪٿي بہ ان جو اثر نٿي ڏيکاري ۽ جيڪو اثر آهي تہ اهو بہ صرف لفظن جي حد تائين آهي. ان جي برعڪس نہ صرف پاڙيسري ٻوليءَ جي حيثيت ۾ سنڌيءَ، سنڌ ۾ ڳالهايل لهندا تي اثر ڪيو آهي پر سنڌ جي سرحد ويجهو ڏکڻ اولهہ پنجاب جي لهندا تي بہ ان جو اثر آهي.

اوير ۾ سنڌيءَ جي سرحد. راجستانيءَ جي مارواڙي لهجي سان لڳي ٿي. تڙ ۽ مارواڙ ۾ سنڌي ۽ مارواڙي ڳالهائڻ وارا هڪ ٻئي ۾ گڏيا پيا آهن. ان ڪري ظاهر آهي تہ اتي سنڌي ۽ مارواڙيءَ جي ملاوٽ واريون ڪيترين ئي شڪلين واريون ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. سنڌي ۽ مارواڙي، هند آريائي ديسي زبانن جي مختلف گروهن سان تعلق رکن ٿيون. ان ڪري اهي انهن وچ وارن لهجن جي باوجود. هڪ ٻئي ۾ ملي ، هڪ نہ ٿيون ٿين. اهي گاڏڙ ساڏڙ لهجا جن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو ميڪانيڪي نموني ٺهيل آهن جن ۾ لفظ ۽ مختلف پيون شيون. وچما لهجا هڪ ٻئي کي اڌارا ڏين ٿا جيڪي ڌارئين عنصر وانگر موجود رهن ٿا. اڄڪلهہ انگريزي ٻولي، فرينچ لفظ اڌارا وٺي ٿي يا جيئن فرينچن اسان کان شام جو پنجين وڳي واريءَ چانهن جو رواج اڌارو ورتو آهي، ۽ ان حوالي سان هڪ نئون فرينچ فعل جوڙيو آهي (Five O Eloquer)

ذڪڻ ۽ ڏکڻ اوير ۾ سنڌيءَ سان گجراتيءَ جا ڪيترائي لهجا لڳن ٿا. جلد نائين، ڀاڱي ٻئي جي صفحي 327 ۾ ڏسبو تہ جيتوڻيڪ گجراتي، هند آريائي ديسي ٻولين جي مرڪزي گروهہ جي ميمبر آهي پر تڏهن بہ ان جي بنياد ۾ ان ٻاهرئين گهيري جي ڪا متروڪ پراڻي ٻولي آهي، جنهن جي سنڌي پڻ هڪ ميمبر آهي، ان ڪري اها گم ٿي ويل متروڪ ٻولي، سنڌيءَ جي بہ ماڻتياڻي هئڻ ڪري جڏهن ڏکڻ ۽ اوير ۾ سنڌي گجراتيءَ سان تعلق ۾ اچي ٿي تہ آسانيءَ سان ٻئي ٻوليون هڪ ٻئي ۾ گڏجي ٿيون وڃن ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ سنڌيءَ جو هڪ چٽو لهجو ٺهي ٿو پوي، جيڪو محض سنڌي گجراتيءَ جي ملاوٽ طور نہ پر باقاعده ڪڇيءَ جي مختلف صورتن ۾ سامهون اچي ٿو. اهو نہ سمجهڻ گهرجي تہ هتي ميڪانڪي ملاوٽ ڪا نہ ٿيندي هوندي اها بہ گهٽي ٿئي ٿي ۽ چو تہ گجراتي پڻ سموري ڪڇ جي علائقي ۾ ڳالهائجي ٿي ان ڪري ان جو اثر بہ ماڻهن جي تعداد يا علائقي جي حساب سان ٿيندو هوندو. ان ڪري چئبو تہ گجراتيءَ جي تناسب جو دارومدار علائقي تي پڻ هوندو آهي.

## لساني لڳ لاڳاپا:

هن جلد ۾ لهندا جي تعارف واري حصي ۾ اهو سمجهايو ويندو تہ سنڌي ۽ لهندا گڏجي، هند آريائي ديسي ٻولين جي ٻاهرئين گهيري جو اتر- اولهہ وارو گروهہ ٺاهين ٿيون، ۽ انهن ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون خاصيتون آهن جيڪي کين اتر اولهہ واريءَ سرحد (NWF) جي داردي ٻولين سان ڳنڍين ٿيون، خاص ڪري ڪشميريءَ سان. آءٌ هتي ان عام حقيقت جي باري ۾ ڪا اڳوات راءِ ڏيڻ بدران انهن نڪتن ڏانهن ڌيان ڏيندس، جيڪي خاص طور سنڌيءَ سان واسطو رکن ٿا.

جديد داردي ٻولين ۾ مورڌني (cerebral)۽ ڏندن وارن (dental) آوازن ۾ فرق نٿو ڪيو وڃي، يا ٻنهہ ٿورو ٿو ڪيو وڃي، اسين ڏسنداسين تہ لهندا جي 'ٿلي' (Thali) لهجي ۾ اڪثر ڪري 'د' کي 'ڊ' ۾ بدلايو ويندو آهي. ساڳيءَ طرح سنڌيءَ ۾ 'ت' ۽ 'د' اڪثر ڪري، 'ٽ' ۽ 'ڊ' ۽ 'ڏ' سان مٽجي ويندا آهن. مثال طور هنديءَ جو 'تانبا' سنڌيءَ ۾ 'ٽامو' يا اڃا بہ 'ٽرامو' ٿيو پوي، هندي 'دينا'، سنڌيءَ ۾ وري 'ڏيڻ' آهي، اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ قديم پراڪرت جي وياڪرڻين جو چوڻ آهي تہ وراچڊ اپڀرنش ۾ پڻ اهڙي تبديلي ٿيندي هئي، جنهن مان سنڌي نڪتي آهي، ان کان سواءِ لاڙي لهجي ۾ هڪ مورڌني (cerebral)'ڙ' کي گهٽو ڪري ڏندن واري(dental)'ر' سان مٽايو ويندو آهي.

ان حقيقت ڏانهن بہ ڌيان ڏيڻو پوي ٿو تہ هڪ طرف اڪثر هند آريائي ديسي ٻوليون ٻن سُرن (Vowels)جي وچ واري 'ت' حذف ڪري ڇڏينديون آهن، پر پنجابي ۽ لهندا ۾ ايئن ڪونهي، جيئن لهندا ۽ پنجابيءَ ۾ 'سيتا' آهي، پر هنديءَ ۾ 'سيا' آهي. لهندا ۽ پنجابيءَ ۾ 'پيتا' آهي ۽ هنديءَ ۾ 'پيا' آهي. سنڌيءَ ۾ بہ اها 'ت' قائم رکڻ جو لاڙو آهي جيئن سنڌيءَ ۾ 'پيتو' ۾ آهي، جڏهن تہ هنديءَ ۾ 'پيا' چئبو آهي. سنڌيءَ ۾ 'ڇُتو' (ڇهڻ مان) ۽ هندي 'ڇُئا' آهي. سنسڪرت ۾ 'ڄاتڪهہ' (Jnatakah) سنڌيءَ ۾ 'ڄاتو'، سنسڪرت ۾ سمڄاتڪهہ'(Samjnatakah) سنڌيءَ ۾ 'سڃاتو'، سنڌيءَ ۾ 'ڪيو' يا 'ڪيتو' پر هنديءَ ۾ 'ڪيا'؛ سنڌيءَ ۾ 'سُتو' پر هنديءَ ۾ 'سويا' ۽ اهڙا ٻيا مثال آهن.

چوسڪاري وارو آواز 'ڏ' ٿيو پوي ان ڪان سواءِ سنڌيءَ ۾ انهن پٽن ڏماڪيدار (sonants) وينجنن جو اهڙو تہ لاڙو آهي جو اها ايترو گهٽو انهن کي پٽو ڪري ٿي، جنهن جو ڪو پراڪرتي جواز بہ ڪونهي، مثال طور هي لفظ ڏسو:

| سنڌي | اپڀرنش پراڪرت | |
|---|---|---|
| آڳو | Aggahu | اگٿھ |
| اڄُ | Ajju | اَجِ |
| ڇڏي | Chhaddai | ڇڏئِ |
| سڏُ | Saddu | سدُ |
| اُٻاري | Ubbalei | اُبالئِ |

مٿين سيني مثالن ۾ سنڌيءَ جي ٻٽن ويجنن جي موجودگيءَ جو جواز پراڪرت ۾ آهي پر هيٺ ڏنل ڪجهہ ٻين مثالن ۾ سنڌيءَ جا ٻٽا وينجن اصلوڪا ڪونہ آهن.

| پراڪرت مان | سنڌي |
|---|---|
| گوٿُ (gothu) | ڳوٺ (ggoth) |

| پنجابيءَ مان | سنڌي |
|---|---|
| جٽَ (Jatt) | ڄٽ (jjat) |

| پراڪرت مان | سنڌي |
|---|---|
| ڊرائي (drai) | ڏري (ddare) |

| هندي | سنڌي |
|---|---|
| دينا (dena) | ڏيڻ (ddian) |

| سنسڪرت | سنڌي |
|---|---|
| باشپ (bashpa) | ٻاڦ (bbaph) |

اهو ڏسو تہ مٿين مثالن ۾ پهريون اکر ٻٽو ٿيو آهي ۽ اهو ئي عام اصول آهي.

هڪ ڳالهہ ۾ سنڌي داردي ٻولين ۽ لهندا سان هڪ جهڙائي نٿي رکي. اها آهي آواز جو منجهڙ (epenthesis). اها ان ڳالهہ ۾ مختلف آهي. ڪشميريءَ ۾ سُر جي آواز جو منجهڙ (epenthesis) موجود آهي: مثال طور 'بڊ' (معني وڏو) کي 'بُڊ' اچاربو آهي پر سنڌيءَ ۾ ساڳيءَ طرح آ (زبر) قائم رهي ٿي، ۽ اهو لفظ 'وڏو' آهي. 'ڪرڻ' لهندا ۾ 'ڪرڻ'' آهي ۽ ڪشميريءَ ۾ 'ڪرُن' ٿئي ٿو. انهن ٻنهي مثالن ۾ ٻي يا پوئين 'آ' (زبر) ، 'اُ' (پيش) ٿي وڃي ٿي، جنهن ۾ اصلي طريقي موجب پنيان پيش

(اُ) اچي ٿو وڃي، پر اهو جديد ٻولين مان نڪري ويو آهي. ان لحاظ کان لهندا ۽ ڪشميريءَ جي پيٽ ۾ سنڌي قديم درجي تي آهي، اُن ۾ سُر(vowel) جي تبديلي اچا عمل ۾ ڪانه آئي آهي.

هتي اهو ڏيکارڻ جي ضرورت ڪانهي تہ سنڌيءَ جي خالص ضميرن جا جمع، لهندا ۽ داردي ٻولين جي، انهن جهڙن لفظن واري ساڳئي اصلوڪي بنياد تي ٺهيل آهن، جو تہ اهو لهندا جي سري هيٺ ڏيکاريو ويندو. ساڳيءَ طرح اهو بہ ڏيکاريندا سين تہ ضميري پڇاڙين جو استعمال داردي ٻولين، سنڌي ۽ لهندا ۾ بلڪل ساڳيو آهي. جيئن ڪشميري 'موڙ _ م'، لهندا ۾ 'مارٺ _ م' ۽ سنڌيءَ ۾ 'مارئم' معنيٰ 'مون ماريو.'

فعلن جي ڦيرن ۾ بہ نڪتن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. سنڌيءَ ۾ مصدر جي پڇاڙي، ڪشميريءَ ۾ ساڳئي نموني سان ٺئي ٿي، جيئن مٿي ڏيکاريوسين، ۽ اڳيان ايندڙ صفحن تي بہ آهي تہ ڪشميريءَ جو 'ڪرُن' اصلوڪي "ڪرڻُ" جي نمائندگي ڪري ٿو ۽ سنڌيءَ ۾ تہ اسان وٽ اصل آهي ئي 'ڪرڻُ'. وري اهو بہ اڳتي ڏيکاريل آهي تہ ڪشميريءَ ۾ اسم حاليہ (present participle)'ن' تي ختم ٿيندو آهي، جيئن 'ماران' (mara_n). اتر اپرندي واري لهندا ۾ 'نا' تي ختم ٿيندو آهي، جيئن 'مار_ نا'. معياري سنڌيءَ ۾ اسم حاليہ 'ندو' تي ختم ٿيندو آهي پر وري بہ ڏسو تہ لهجن ۾ اسان کي "ٿو" سان ختم ٿيندڙ اسم حاليہ پڻ ملندا. اهڙيءَ ريت هن تعارف جي گرامر واري ڀاڱي ۾ اسين ڏسنداسين تہ سنڌيءَ ۾ مستقبل ناهڻ لاءِ، ضميري پڇاڙيون زمان سان ڳنڍيبيون آهن. ۽ ڪڇي لهجي ۾ آهي 'مارينين' . جڏهن تہ معياري لهجي ۾ 'مارينديِن'. ان جي پيٽ ۾ موجود آهي. مجهول (passive voice) ناهڻ مهل داردي ٻوليءَ شينا ۾ بنياد سان 'اِج' پڇاڙي ملائبي آهي. اهڙيءَ ريت 'شدِ_ اَمُس' (معنيٰ ماريان پيو) اهو ڦري ٿيندو 'شدِ_ اِج_ اَمُس' (آءُ ماريو پيو وڃان/مارجان پيو) ساڳيءَ طرح سنڌيءَ ۾ بہ مجهول ناهڻ لاءِ 'اِج" ملائيندا آهن (پر ڇوٽي سُر 'اِ' سان) جيئن "ماري ٿو"، مان ٿي ويندو "مارجي ٿو."

سنڌيءَ ۾ هڪ اهم خصوصيت آهي، جيڪا صرف هڪ ٻن هندستاني ٻولين ۾ هوندي، تہ هر ڪو لفظ ڪنهن سُر (vowel) تي ختم ٿئي ٿو. جڏهن اهو سُر ڇوٽو هوندو آهي تہ ان جو هلڪو اُچار ڪبو آهي، جيڪو ڪنهن يورپيءَ کي ٻڌڻ ۾ بہ شايد نہ اچي، ان ڳالهہ ۾ سنڌيءَ ۽ ڪشميريءَ ۾ هڪ جهڙائي آهي.

**سنڌيءَ جو بنياد:**

اسان جي اڳيان پراڪرت وياڪرڻي مارڪنڊيہ (xviii_I) جي وضاحت آهي تہ سنڌ ۾ ڳالهائجڻ واري اپڀرنش پراڪرت کي وراچڊ سڏيو ويندو هو جنهن مان سنڌي ڦٽي نڪتي آهي. مارڪنڊيہ انهيءَ اپڀرنش جون ڪي خاص ڳالهيون بيان ڪري ٿو. هو چوي ٿو (xviii_5) تہ لفظن جي شروعات ۾ ڪڏهن ڪڏهن 'ت' ۽ 'د'، ترتيبوار 'ٽ' ۽ 'ڊ' ٿي سگهن ٿا. اهو اسين سنڌيءَ ۾ اڳئي ڏسي آيا آهيون. وراچڊ ۾ (xviii_3) سيني گهڪيدار آوازن (sibilants)کي 'ش' ڪري اچاريو هو جيئن سنڌي ۾ سنسڪرت لفظ وشيہ (vishaya) ڦري، وِشُ (vish) ٿي وڃي ٿو. مارڪنڊيہ جون بيان ڪيل ٻيون ڳالهيون يا تہ تمام تفصيلي آهن يا اسان جي موجوده ڄاڻ موجب اهي سمجهہ ۾ نٿيون اچن.

**لهجا:**

عام رواجي حساب سان تہ سنڌيءَ جا چار لهجا آهن، جيئن معياري (يا وچولي)، سرائڪي (سريلي)، تريلي ۽ لاڙي. هن جائزي لاءِ پهتل مثالن مان لڳي ٿو تہ سنڌي جي لهجي طور سرائڪيءَ جو ڪو وجود ڪونهي، جڏهن تہ ٻئي پاسي بہ ٻيا لهجا ڪڇي ۽ لاسي هن انگ ۾ شامل ڪرڻ گهرجن.

### وچولي ۽ سرائڪي (سريلي):

اسان اڳ ئي ڏنو ته خاص سنڌ ٽن حصن ۾ ورهايل آهي: "لاڙ" يا هيٺين سنڌ. 'وچولو' يا مرڪزي سنڌ ۽ 'سرو' يا مٿين سنڌ. سنڌيءَ جو معياري لهجو جنهن کي 'وچولي' چئجي ٿو سنڌ جي وچولي ۾ ڳالهائبو آهي، جيڪو اندازاً حيدرآباد جي چوگرد وارو علائقو آهي. اهو ئي سنڌي لهجو آهي جيڪو هيٺ ڏنل گرامر واري خاڪي ۾ ڏنو ۽ سمجهايو ويو آهي، ۽ اهو ئي ادب ۾ استعمال ٿيندو آهي، ۽ سنڌ جا سڀ پڙهيل ماڻهو اهو ڪتب آڻيندا آهن.

لفظ 'سرو' جي معنيٰ آهي 'مٿيون' ۽ 'اپر'، يا 'مٿين سنڌ جي حوالي سان' معنيٰ آهي ته 'مٿيون وهڪرو'. بهرحال ان جي اصل معنيٰ آهي 'ڪو به اهڙو علائقو جيڪو سنڌوءَ جي وهڪري کان مٿان هجي'. ان ڪري ان ۾ اولهه پنجاب جو لهندا ڳالهائڻ وارو اوستائين حصو به اچي وڃي جيستائين سنڌي ڳالهائڻ وارن جي حد آهي. انهيءَ لفظ 'سرو' مان 'سرائڪي' ٺهيو آهي. جنهن جو مطلب آهي ته 'مٿئين وهڪري واري ملڪ جي ٻولي'. ان مان ظاهر آهي ته ان جون ٻه معنائون ٿي سگهن ٿيون. يا ته ان جو مطلب ٿيندو 'مٿئين سنڌ ۾ ڳالهائجڻ واري ٻولي' يا وري ان جو مطلب ٿيندو ته 'سنڌوءَ کان مٿي ڳالهائجڻ واري لهندا'، ۽ سچ ته اهو آهي ته انهيءَ کي ٻنهي مفهومن سان استعمال ڪندا آهن. مونجهاري کان بچڻ لاءِ پهرينءَ کي آءٌ 'سرائڪي سنڌي' ([1]) چوندس ۽ پوئينءَ کي 'سرائڪي لهندا'. سنڌ ۾ لهندا واري علائقي مان گهڻا ئي ماڻهو لڏي آيل آباد آهن، ان ڪري هن صوبي ۾ چڱيءَ وڏي آباديءَ جي ٻولي سرائڪي لهندا آهي. سنڌن ٻوليءَ جي نموني بابت تفصيل سان اسين اڳتي هلي اهو بحث ڪنداسين جنهن جو عنوان ئي لهندا آهي.

جيتري قدر سرائڪي (سريلي) سنڌيءَ جو تعلق آهي، مختلف نمونن جي چند چاڻ ڏيکاري ٿي ته اها وچولي جي معياري سنڌيءَ کان واضح صاف ۽ چٽي اچار سبب، مختلف آهي، ۽ ڪجهه لفظن ۾ به فرق آهي. ([2]) انهيءَ سبب جي ڪري اهو ڌار لهجو ڪونه چئبو ۽ آءٌ ته سرائڪي (سريلي) سنڌيءَ کي وچوليءَ جو هڪ روپ چوندس. سنڌ ۾ ۽ آسپاس معياري سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد هن جائزي لاءِ 1819ع واري آدمشماريءَ وارو ورتو ويو آهي، جيڪو هن ريت آهي:

### لهجي جو نالو:

| وچولي: | ڳالهائڻ وارا |
|---|---|
| ڪراچي ............ | 730,780 |
| حيدرآباد ........... | 791,000 |
| ٿر ۽ پارڪر ........... | 166,556 |
| ڪڇ ...................... | 1,350 |
| ڪاٺياواڙ ............... | 46,000 |
| ڪل..... | 1,375,686 |

[1] هتي گريئرسن جو مقصد 'سريلي' (اترادي) آهي. (مترجم)

[2] سنڌين جي راءِ موجب سرائڪي سنڌيءَ وچوليءَ کان نه پر لاڙيءَ کان ڌار ۽ مختلف آهي. پهاڪو آهي ته 'لاڙ جو ماڻهو سِري جو ڍڳو.'

## سرائڪي (سريلي) سنڌي

| | |
|---|---|
| شڪارپور[1] | 824,000 |
| خيرپور (رياست) | 119,000 |
| مٿيئن سنڌ جي سرحد | 100,000 |
| بهاولپور (رياست) | 21,416 |
| بلوچستان | 48,510 |
| ڪل | 1,112,926 |

۽ ڪل سڀ گڏي. 2488612

**ٿريلي:**

'ٿريلي' ٿر يا ريگستان ۾ ڳالهائڻ واري سنڌيءَ جو نالو آهي جيڪو سنڌ جي اڀرندي واريءَ سرحد تي موجود رڻ پٽ آهي، جيڪو راجپوتانه کان سنڌ کي جدا ڪري ٿو. ان جو هڪڙو ٻيو به ٿورو مختلف نالو آهي 'ٿريچي'. مارواڙ ۾ رڻ پٽ کي 'ڍاٽ' چوندا آهن. ان ڪري لهجي کي 'ڍاٽڪي' به چوندا آهن. نالو ڪهڙو به هجي، اهو سنڌيءَ ۽ مارواڙيءَ جو مڪسچر يا گاڏڙ لهجو آهي، ۽ هڪ جي ٻئي مٿان اثر جي لحاظ کان مختلف جاين تي ٿورو فرق رکي ٿو. اهو لهجو 204,749 ماڻهو ڳالهائن ٿا پر ٻولي گاڏڙ هئڻ سبب اهي انگ اکر جُلد نائين، ڀاڱي ٻئي جي صفحي 22 تي، 'مارواڙيءَ' جي سري هيٺ شامل ڪيو ويو آهي. ان ڪري هتي سنڌيءَ واري انگ سان ڪونه ملايو اٿئون. ان ڪري جدول ۾ اهي انگ ڏنگين ۾ ڏنا اٿئون ۽ ڪل تعداد ۾ شامل ڪونه ڪيا اٿئون.

**لاسي:**

وچولي جي ڏکڻ- اولهه طرف، ڪراچي ضلعي کان جابلو علائقي ڪوهستان ذريعي ڌار ٿيندڙ هڪ علائقو آهي لس ٻيلي جي جام جو. ڪوهستان ۾ مکيه ٻولي ته بلوچي آهي پر 200 کن سنڌي ڳالهائيندڙ به ملن ٿا. لس ۾ سنڌي، بروهي ۽ بلوچي مختلف قبيلن جون ٻوليون آهن. انهن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد 42413 ٻڌايو ويو آهي. ڪوهستان ۽ لس ۾ جيڪو سنڌيءَ جو روپ ڳالهايو وڃي ٿو ان کي 'لاسي' چوندا آهن. اها وچوليءَ کان گهٽي مختلف ڪانهي پر ڪراچيءَ ۾ ڳالهائڻ واري لاڙيءَ جي اثر جا ڪجهه اهڃاڻ اٿس. ان کان سواءِ ان ۾ ڪي پنهنجون خصوصيتون به آهن. لاسي ڳالهائڻ وارن جو تعداد هن ريت آهي.

| | |
|---|---|
| ڪراچي | 200 |
| لس ٻيلو | 42413 |
| ڪل تعداد | 42613 |

[1] هي انگ اکر گڏ ڪرڻ دوران شڪارپور کي لاڙڪاڻي ۽ سکر ضلعن ۾ ورهايو ويو آهي. هن موقعي تي آباديءَ جي ورهاست ڪرڻ ممڪن ڪونهي. ان ڪري پراڻي ضلعي جو نالو ڏنو ويو آهي. (هن وقت اهي ضلعي سرحدون اڳيا به تبديل ٿي چڪيون آهن. (مترجم)

### لاڙي:

وچولي جي ذڪر ۾ 'لاڙ' يا هيٺين سنڌ (لوئر سنڌ) آهي. 'لاڙ' لفظ جي معنيٰ آهي 'لاهيءَ وارو پٽ' (sloping ground). بلڪل ايئن ئي جيئن 'سِرو' جي معنيٰ 'مٿانهون' (اپر) ۽ 'وچولو' جي معنيٰ 'وچيون' (سينٽرل). اهو سنڌ جي ان حصي لاءِ مخصوص آهي جيڪو سنڌوءَ جي دو- آبي (ڊيلٽا) ۾ آهي. لاڙ جو لهجو 'لاڙي'. 'وچوليءَ' کان ڪافي مختلف آهي. مڪاني ماڻهو ان کي ٻي ڊولو ۽ رُکو سمجهندا آهن. ۽ ادب ۾ استعمال ڪو نه ڪيو ويندو آهي. تنهن هوندي به اسين ڏسون ٿا ته ٻوليءَ جي ماهرن لاءِ اهو دلچسپيءَ کان خالي ڪونهي ڇو ته ان پاڻ ۾ ڪي نمايان داردي خصوصيتون اهڙيون قائم رکيون آهن جيڪي 'وچولي' وڃائي چڪي آهي. اهو لهجو 40,000 ماڻهو ڳالهائين ٿا. جيڪي سڀئي ڪراچي ضلعي سان تعلق رکن ٿا.

### ڪڇي:

سنڌ جي ذڪر ۾ 'ڪڇ' جو اپٻيٽ (Peninsula) آهي. اهو گهٽين ئي ٻولين جي گڏجڻ وارو هنڌ آهي. جن ۾ سنڌي. مارواڙي ۽ گجراتيءَ جا گهٽ ۾ گهٽ تي لهجا اچي وڃن ٿا. ٻولين جي ورهاست علائقي بدران ذاتين موجب وڌيڪ آهي پر ته به اتر- اولهه ۾ سنڌي وڌيڪ مضبوط آهي. سنڌيءَ جو اهو لهجو 'ڪڇي' سڏجي ٿو ۽ اهو نه صرف ڪڇ ۾ پر ويجهي ڪاٺياواڙ جي اپٻيٽ ۾ به ڳالهايو وڃي ٿو. اتي ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾ اهو ڳالهائيندڙن جو تعداد 437/714 ڳڻيو ويو آهي. ڪڇ جا ماڻهو شاهوڪار واپاري آهن ۽ مٿين تعداد کان سواءِ 53500 وڌيڪ ماڻهو اهو لهجو بمبئيءَ ۾ ڳالهائيندي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ ڪڇي ڳالهائيندڙ جو ڪل تعداد هن ريت آهي:

| | |
|---|---|
| ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ | 437714 |
| بمبئيءَ ۽ ٻيا پاڙيسري علائقا | 53500 |
| **ڪل تعداد ....** | 491,214 |

ڪڇيءَ جي سري هيٺ وڌيڪ ٻه ننڍين لهجن (sub_dialects) جا انگ اکر به اچن ٿا. جيڪي آهن 'ڪايٿسٿي' (Kayasthi) ۽ 'ڀاٽيا' جن جو ذڪر مناسب هنڌ تي ڪنداسين.

### ڳالهائڻ وارن جو ڪل تعداد:

هن جائزي لاءِ آيل انگن اکرن ۾ پنجاب، بلوچستان، راجپوتانا ۽ سنڌ کان سواءِ بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو سمورو تعداد اچي ويو. لهجن جي ترتيب موجب انهن انگن اکرن کي ترتيب ڏئي سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد ان جي اصل گهر ۾ هن ريت بيهي ٿو.

| لهجو | ڳالهائيندڙن جو تعداد |
|---|---|
| وچولي (معياري) ۽ سرائڪي سنڌي (سريلي). | 2488612 |
| ٿريلي ([1]) | (204749) |
| لاسي | 42613 |
| لاڙي | 40000 |
| ڪڇي | 491214 |
| **ڪل تعداد ....** | 3,062,439 |

[1] راجستاني (مارواڙيءَ) هيٺ ڳڻپ ٿيل.

جيڪڏهن انهن ۾ اسين ٽريليءَ جا 204740 ڳالهائيندڙ جوڙ ڪريون (جيڪي اڳ ئي مارواڙيءَ ۾ ڳڻجي چڪا آهن) ته اسان جو تعداد وڌي وڃي 3267188 بيهندو.

مٿيان انگ اکر به هن جائزي جي ٻين انگن اکرن جيان 1891ع واري آدم شماريءَ جي انگن اکرن جي اندازي تي دارومدار رکن ٿا. پوءِ وارين آدم شماريءَ جي رپورٽن ۾ لهجن مطابق تفصيل ڪونه ڏنل آهن. انهن ۾ سواءِ چند موقعن جي اڪثر صرف ٻولين جا انگ اکر ڏنل آهن. ان ڪري 1901ع يا 1911ع وارين آدم شمارين جي انگن اکرن کي اسان جي هن مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ تقريباً ناممڪن آهي. هتي ڏنل لهجن وارا تفصيل اسان کي مڪاني عملدارن مهيا ڪيا. ۽ سيني جا اندازا 1891ع واري آدم شماريءَ واري مڪاني جاچ تي ٻڌل هئا. ۽ اهي حاصل ڪرڻ جو بس اهو ئي طريقو ميسر هو. ان ڪري اسين 1911ع واري آدم شماري رپورٽ ۾ جاٽايل سنڌي (سڀ لهجا) ڳالهائيندڙن جي تعداد کي هن ريت سهيڙي سگهون ٿا.

| صوبو يا رياست | سنڌي ڳالهائيندڙ |
|---|---|
| بلوچستان | 6,346 |
| بمبئي | 2,897,267 |
| بلوچستان جون رياستون | 63,628 |
| ٻڙودا رياست | 16,089 |
| بمبئيءَ جون رياستون | 599,287 |
| پنجاب جون رياستون | 22,169 |
| راجپوتانا ايجنسي | 58,118 |
| ڪل تعداد | 3,662,904 |

مٿئين حساب ۾ راجپوتانا ايجنسيءَ جا انگ اکر ڪجهه وڌيڪ آهن ڇو ته ان ۾ سنڌ جي سرحد وارين رياستن جا انگ به شامل آهن. پر اها ڪا ايڏي وڏي غلطي ڪانهي ڇو ته فرق صرف ڪجهه سون جو هوندو.

اڃا به اهڙيون جايون رهن ٿيون جتي سنڌي ڳالهائي وڃي ٿي پر اها اتان جي ديسي ٻولي نٿي چئي سگهجي، اُن جاءِ تي اسين 1911ع وارا انگ اکر ڪٺا ڪندا سين ڇو ته ان مان لهجن جي ورهاست نٿي ڪري سگهجي.

| صوبو يا رياست | سنڌي ڳالهائيندڙ |
|---|---|
| بنگال | 235 |
| بهار ۽ اُڙيسا | 282 |
| وچيان صوبا (Central Provinces)(سي پي) ۽ برار | 1583 |
| مدراس | 495 |
| پنجاب | 1997 |
| گڏيل صوبا (يو پي) | 362 |
| سينٽرل انڊيا ايجنسي | 462 |

حيدر آباد رياست (دکن) ........................................ 307
مدراس رياستون ........................................ 730
ميسور رياست ........................................ 209
ٻيا صوبا ........................................ 369

**ڪل تعداد..... 7,031**

هتي شايد پنجاب جا انگ اکر ڪجهه وڌيل آهن، جتي ڪي ماڻهو سرحدي سنڌ جي علائقن مان آيل به ٿي سگهن ٿا، جتي سنڌي ديسي زبان آهي، پر انهن کي ٻين کان ڌار ڪرڻ مشڪل آهي.

هاڻي سنڌ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جا انگ اکر ۽ ٻاهر سنڌي ڳالهائيندڙن جا انگ اکر (1911ع جي آدم شماريءَ موجب) گڏي اسين پوري هندستان ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو ڪل تعداد معلوم ڪري سگهون ٿا.

پنهنجي وطن ۾ ڳالهائيندڙ........................ 3062,439
ٻاهر ڳالهائيندڙ........................................ 7031

**ڪل تعداد...... 3069,470**

جيڪڏهن ٻنهي لاءِ 1911ع واري آدم شماريءَ جا انگ اکر ڪٺنداسين ته اسان کي معلوم ٿيندو ته ڪل تعداد ڪيترو آهي.

وطن ۾ ڳالهائيندڙ........................................ 3662,940
ٻاهر ڳالهائيندڙ........................................ 7031

**ڪل تعداد..... 3669,935**

انهن ٻنهي ۾ ڪل فرق 600465 جو آهي، ۽ جيڪڏهن اسين ان مان اهو سمجهون ته 1891ع کان 1911ع تائين آبادي ۾ واڌ ايتري ٿي، ۽ وري اها به غير يقيني حالت ذهن ۾ رکون جيڪا سرحد تي ڳالهايل ٻولين ٿريلي ۽ سرائڪي لهندا جي ڳڻپ ۾ موجود آهي ته اسان کي مٿيان انگ اکر قبول ڪرڻا پوندا. ۽ سنڌ جي صوبي ۾ آباديءَ جي واڌ گڏريل ويهن سالن ۾ 638335 ثابت ٿئي ٿي.

**سنڌي ادب:**

سنڌيءَ جو تحريري ادب تمام ٿورو آهي، جنهن جو به تمام ننڍو حصو ڇپيو هوندو. سڀ کان وڏيڪ مڃيل ليکڪ عبداللطيف آهي، جيڪو سترهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۽ ارڙهين صديءَ جي شروعات ۾ مشهور ٿيو.

هو تمام وڏي ڪلام جو مصنف هو جنهن جو نالو 'شاهه جو رسالو' آهي، جنهن کي گهڻو پسند ڪيو ٿو وڃي. اهو هڪ صوفياڻو ڪلام آهي جنهن ۾ هن جو متو ڪجهه ڪهاڻين جي معرفت سمجهايل آهي. انهيءَ کي ٽرومپ ايڊٽ ڪيو آهي. (هيٺ ٻين ڪجهه ڪتابن جي فهرست به ڏنل آهي). انهيءَ مصنف جي باري ۾ برٽن ([1]) لکي ٿو ته هن جا هم وطن هن

[1] سنڌ_ ص 83 ۽ 203 ۽ هت ڏنل فهرست ۾ ڏسو

کي سنڌ جو حافظ ٿا سمجهن ۽ اهڙو ڪوبہ پڙهيل اڻ پڙهيل ماڻهو ڪونهي جنهن هن جا ڏک ڀريا بيت پڙهيا يا ٻڌا نہ هجن. هن جي شاعري انهن سڀني لاءِ موهيندڙ آهي، جيڪي ان کي سمجهي سگهن ٿا. پڙهيل ماڻهو ان جي خوبصورتيءَ سبب ان کي ساراهين ٿا، اها دنبوري جي آواز سان ٻڌڻ سان لطف حاصل ڪن ٿا. اڻپڙهيل ماڻهن کي بہ عام طرح ان جا خاص حصا بر زبان ياد هوندا آهن ۽ انهن جي معنيٰ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن. ٽرومپ ان کان ڪجهہ گهٽ اهميت وارا ڪي ٻيا ليکڪ بہ پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ريڊنگ بڪ' ۾ ڄاڻايا آهن جن ۾ يورپين جا ايڊٽ ڪيل سنڌي ڪتاب بہ اچي وڃن ٿا. هندستان ۾ ڇپجندڙ سنڌي ڪتابن جي فهرست ننڍي آهي ۽ گهڻو ڪري اسڪولي ڪتاب ۽ انهيءَ قسم جا ٻيا ڪتاب آهن. سنڌيءَ ۾ ڪيترائي عوامي شاعريءَ جا اعليٰ نمونا ملن ٿا. برٽن انهن مان مکيہ جو بيان ڪيو آهي جنهن مان هڪ نمونو اڳيان ٽريليءَ لاءِ مخصوص حصي ۾ ڏنو ويو آهي.

سنڌيءَ ۾ انجيل جي ڪنهن حصي جو قديم ترين ترجمو سيرامپور مشنرين (Serampor missionaries) طرفان 1825ع ۾ تيار ڪرايل مليو جيڪو سينٽ مٿيو واري نسخي جو آهي. اها پڪ ڪانهي تہ اهو ڇپيو هو يا نہ. ان کان پوءِ ساڳئي نسخي جو هڪ نئون ترجمو ناگري نموني (رسم الخط) تي ڪئپٽن اسٽئڪ 1850ع ۾ سينٽ جان ۾ ڪيو جنهن جي اڳئين سال انهيءَ ساڳئي ترجمي کي هندو طريقي تي گرمکي رسم الخط ۾ ظاهر ڪيو ويو. اهي ٽيئي وري بمبئيءَ جي انجيل سوسائٽيءَ (Auxiliary Bible Society) طرفان ڇپايا ويا آهن. انهن کان پوءِ انجيل جي مختلف حصن جي ترجمي کي گڏي يڪو 'نئون عهدنامو' (New Testament) عربي نموني جو برطانوي ۽ غير ملڪي انجيل سوسائٽيءَ لنڊن طرفان، 1890ع ۾ ڇپايو ويو هو ان کان پوءِ ڪيترائي سڌاريل ڀاڱا وري بہ ڇپجندا رهيا آهن.

# ڪتابن جي فهرست


(1) ڊبليو ايڇ وائٿن : سنڌي ٻوليءَ جو گرامر ۽ لفظي خزانو، بمبئي، 1836ع

(2) اي بي ايسٽوڪ: سنڌي ٻوليءَ جو لفظي خزانو فوليو بمبئي، 1843ع

(3) آر ليچ: سنڌيءَ جي اولهه ۾ ڳالهائجندڙ سنڌ ٻولين جا لفظي خزانا، بمبئي، 1843ع

(4) ڪئپٽن جارج اسٽئڪ: انگريزي۔ سنڌي ڊڪشنري، بمبئي، 1849ع

(5) ڪئپٽن جارج اسٽئڪ: سنڌي ٻوليءَ جو گرامر، بمبئي، 1855ع

(6) سر رچرڊ برٽن: سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون (صوبي جي تاريخي ۽ جاگرافيائي اهميت سميت)، لنڊن، 1851ع

(7) اي پي آرٿر: دوسا ڀائيءَ سهراب جيءَ جي اصطلاحي جملن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ۽ گلاڊون جي 'پرشين منشي' مان پنجهتر ڪهاڻين جو ترجمو اي پي آرٿر سان سهڪار ڪندڙ هو منشي غلام علي۔ ڪراچي، 1852ع

(8) ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ: هڪ 'سنڌي ريڊنگ بڪ'، سنسڪرت ۽ عربي رسم الخط ۾، مرتب پادري ارنيسٽ ٽرومپ، ايم۔ اي۔ پي۔ ايڇ۔ ڊي، لنڊن، 1858ع

(9) ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ

Das Sindhi im Vergleich Zum Prakrit und den underen nenereu_(Dialecten Sanskritischen ursprungs Zeitechrift der Deuteehen Morgenlandisehen Gasellschaft vol xv 1861 pp 690 ff.

(10) ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ

Das Stammbil des Sindhi im Vergleieh Zum Prakrit und den underen nenereu_(Dialecten Sanskritischen ursprungs Zeitechrift der Deuteehen Morgentandlscha Greseuschaft vol xvi 1862 pp 127 ff)

(11) ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ

Eine Sindhi_spraehprobe Sorathi_Ein Sindhi_ Gedieht aus dem grossen Dwian des Sayyid Abd_ul_Latif, bekannt unter dem Namen SHAH JO RESALO order buck des Sah Zeitschrift dec deutschan. Morgenlendischen gesellschraft vol xviii 1863 pp245 ff.

(12) ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ: سنڌي لٽريچر، عبداللطيف شاهه جو ديوان جيڪو 'شاهه جو رسالو' سڏجي ٿو ايڊٽ ڪندڙ اي۔ ٽرومپ، ليپسيا، 1866ع.

(13) ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ: سنڌي ٻوليءَ جو گرامر، سنسڪرت، پراڪرت ۽ ٻين چاتل هندستاني ديسي ٻولين سان ڀيٽيل، لنڊن ۽ ليپسيا 1872ع

(14) سر ايف جي گولڊ سمڊ: سنڌي صرف ۽ نحو۔ (ميان محمد ۽ منشي پريداس جي سنڌي ٻوليءَ جي گرامر مان ورتل، جنهن جو مهاڳ انگريزيءَ ۾ سر گولڊ سمڊ لکيو) ڪراچي، 1860ع.

(15) سر ايف۔ جي گولڊ سمڊ: سسئي ۽ پنهون، اصلوڪي سنڌيءَ جي شاعري، جيڪا انگريزيءَ ۾ منظوم ترجمو ڪئي وئي. لنڊن، 1863ع.

(16) منشي اڌارام: سنڌي ۽ انگريزيءَ جي شاگردن جي گائيڊ، ڪراچي، 1861ع (شرٽ کي ٻه ڏسو.)

(17) وشنو پراڄپائي لڪشمن: انگريزيءَ۔ سنڌيءَ ڊڪشنري، بمبئي، 1868ع

(18) جان بيمس: هندستان جي جديد آريائي ٻولين جو تقابلي گرامر جتهن ۾ هندي، پنجابي، سنڌي، گجراتي، مراٺي، اڙيه ۽ بنگالي شامل آهن. لنڊن، 1879 _1872ع.

(19) پادري جي شرٽ: اڌارام ٿانورداس ۽ ايس ايف مرزا، سنڌي۔ انگريزي ڊڪشنري، ڪراچي، 1870ع.

(20) اي۔ ڊبيلو آر هانيل: (Hoernle)

A Comparatime Grammar of the Gaudian languages, with Special Reference to Eastern Hindi, London, 1880.

(21) ايل۔ ڊبليو سيمور: سنڌي ٻوليءَ جو گرامر، ڪراچي، 1884ع.

(22) جي ايف بلوم هارڊ: هندي، پنجابي، سنڌي ۽ پشتو ڇپيل ڪتابن جو ڪئٽالاگ. جيڪي برٽش ميوزيم جي لائبريريءَ ۾ آهن. لنڊن، 1893ع.

(23) جي ايف بلوم هارڊ: انڊيا آفيس لائبريريءَ جو ڪئٽالاگ، بلو II ـ، ڀاڱو ـ III هندي، پنجابي، پشتو ۽ سنڌي ڪتاب. لنڊن، 1902ع

(24) سر جارج گريئرسن۔ ڪي سي آءِ اي: رايل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جو وراڇڊ ۽ سنڌيءَ جو جرنل، 1902ع، ص 47.

# سنڌي گرامر جو خاڪو

**الف ـ ب:**

سنڌي لکڻ لاءِ مسلمان فارسيءَ ۽ عربيءَ جي الف ـ ب ۾ ڦير ڦار ڪري لکندا آهن جڏهن ته هندو وري لنڊا (معني ڪتريل clipped) اکر استعمال ڪندا آهن جنهن جو ذڪر پنجابي ۽ لهندا جي سري هيٺ ڪيو ويو آهي.([1]) لنڊا کي سنڌيءَ ۾ 'ٻنيا' يا 'واڻڪا اکر' به چوندا آهن. جيڪو تمام اڻ پورو رسم الخط آهي جنهن ۾ وچ وارا سُر يا حرف علت (vowels) ڪونه هوندا آهن. اها اصلوڪي لکندڙ کان سواءِ ٻين کي گهٽ سمجهه ۾ ايندي. بلڪ خود ان کي به ڪڏهن ڪڏهن سمجهه ۾ ڪانه ايندي آهي. سنڌيءَ جي الف ـ ب بابت موجود احوال ۾ ان جي جاءِ تي آءُ 'ناگري' رسم الخط استعمال ڪندس. هت ڏنل جدول ۾ ڪئپٽن اسٽئڪ جي گرامر ۾ ڏنل لنڊي لکٽيءَ جا مختلف نمونا ڏيکاريا ويا آهن.

**جدول اڳئين صفحي تي ڏسو:**

[1] ڏسو جلد ناٿون ڀاڱو پهريون ص 624, ۽ هن جلد جو ص 247. جيستائين انهيءَ واڻڪي لکٽيءَ جي پڙهڻيءَ ۽ سمجهڻ جو تعلق آهي ته ان لاءِ هڪ چوٽي مشهور آهي "واڻڪو اکر ٻُتو شڪو پڙهڻ کان ڇُٽو". واڻڪن اکرن ۾ سُر ڪونه ٿين. ان ڪري ايئن چيو ويو آهي ته اهو ٻُتو آهي ۽ مس سکڻ کان پوءِ پڙهڻ به مشڪل آهي. سُر نه هئڻ ڪري پڙهڻ ۾ گهڻيون غلطيون ٿينديون آهن. هڪ ڪهاڻيءَ موجب هڪڙي واپاريءَ پنهنجي پٽ کي لکيو ته "ننڍي واڻي پٺيءَ سوڌي" "nandhi wani puthe sudhi"معني "ننڍڙي ٻنڊي جلد سان موڪل." ـ پٽ ان کي هيئن پڙهيو "ننڍي واڻي (ڏنهن) پٽ سوڌي" موڪل


Sindhi-Arabic Characters
Dēvanāgarī
Khudāwādī
Shikārpurī
Sakkar
Thattāī
Lohānā
Bhātiā
Lārāī
Wāngā
Rājāī
Khwājā
Matmons
Thattā
Haidarābād
Sewhānī Bhābhirā
Southern Lahandā

## جدول



واڻڪي لکٽيءَ کي پڙهڻ لائق بنائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ويون آهن. 1868ع ۾ ان موضوع تي هڪ سرڪاري ڪاميٽيءَ غور ڪيو هو جنهن هڪ بهتر صورتخطي ٺاهي، جنهن ۾ اهڙا اکر هٿا جيڪي معڪاني صورتخطيءَ ۾ ڪونہ هٿا. اها 'خدا وادي' نموني تي ٻڌل هئي پر "ر" جو اکر وري شڪارپوريءَ مان ڪنيو ويو هو. اها سڌاريل هندو سنڌي الف- ب اسڪولن ۾ بہ سيکاري وئي، ۽ ان ۾ ڪتاب بہ ڇاپيا ويا. پر سرڪاري سرپرستيءَ جي باوجود ڪامياب نہ ٿي. ان لاءِ ٽيندڙ ڪلاس ختم ٿي ويا ۽ ماڻهو هاڻ بہ پنهنجي طريقي سان لکڻ کي ترجيح ڏين ٿا. سامهون ڏنل جدول ۾ انهيءَ سڌاريل صورتخطيءَ جا اکر ڏيکاريل آهن، ۽ گڏ و گڏ انهن جا خداوندي متبادل بہ ڏنل آهن جيڪي مختلف ڪاتبن کان لکرائڻ جي ڪري پنيان ڏنل اکرن کان مختلف لڳندا.

## سنڌي گرامر جو خاڪو ـ حرف علت

### سڌاريل هندو سنڌي اکرن ۾




The only vowel character in Khudāwāḍī is 

ٻئي طرف اکر هيٺان ٻئي زير جي نشاني يا مٿان ٻئي پيش جي نشاني "اِين" ۽ "اُون" آوازن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڏبيون آهن جيئن "چياءِ" 'چيائين' لاءِ ۽ 'آءُ' - 'آئون' لاءِ لکبو. لفظ جي صورتخطيءَ مان اهو فرق ڪرڻ ڏکيو آهي ته "جڏهن" کي "جڏهن" پڙهجي يا "جڏهين" پڙهجي. پنهنجي ڏنل مثال ۾ مون ان کي ۽ جڏهين وغيره کي گرامر جي حساب سان لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪنهن لفظ ۾ ٻن گڏ ايندڙ سُرن يا حروف علت کي ڌار ڪرڻو هوندو آهي ته ء (همزه) کي ڳنڍو استعمال ڪندا آهن. جيئن "اِيئي"، "چياءِ" ۽ "آءُ" ([1]) ۾ ڪيو ويو آهي ان جا ٻيا مثال آهن "هـئـنر"، "پيءُ" ۽ "ٻنيءَ ۾".

اهو به ڏٺو وڃي ٿو ته "ن" پنهنجي زور واريءَ اچار کان سواءِ ڪنهن سُر جي ڳُڻتي آواز لاءِ به ڪم آڻيندا آهن. مثال طور لفظ " پنـهٔ جو" ۾ ٻن گڏ ايندڙ پدن ۾ ايندڙ ٻئي سُر ڳُڻتا آهن پر رواج اهو آهي ته ٻنهي ڳُڻتن سُرن لاءِ "ن" هڪ دفعو لکبو آهي جيئن "پنهنجو" ۾، جنهن کي لکڻ جو ٻيو طريقو "پنـهٔ جو" ([2]) آهي. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن هڪ ڳُڻتي سُر آواز کي تنوين سان ظاهر ڪبو آهي ته ٻئي لاءِ اها تنوين ضروري نٿي سمجهي وڃي جيئن "چياءِ" (چيائين)([3])

**اُچار:** (Pronunciation)

سنڌيءَ ۾ جڏهن "اِي" واري سُر کان پهرين يا پوءِ "هـ" اچي، يا اهو آخر ۾ ايندو هجي جنهن ۾ ڪا اهڙي پڇاڙي ڳنڍيل هجي جنهن ۾ پڻ سُر هجي ته ان کي ٻنهي ننڍڙو سُر ڪري ڇڏبو. سو ان ريت "ايهڙو" کي "اهڙو" چئبو("اِي" کي گم يا هلڪو ڪري ڇڏبو) آهي. ميهيت (mihit)کي 'مِهتِ' (mehet) (معنيٰ مسجد) چئبو ۽ "هُئنيئون" معنيٰ "اسان جا هجن" "هُئنِن" معنيٰ "هُنن جا هجن" ان کان سواءِ هن ٻوليءَ ۾ هرڪو لفظ ڪنهن سُر تي ختم ٿيندو آهي، ۽ جڏهن اهو سُر ڇوٽو هوندو آهي ته ٻنهه اڻ لکو اچاريو آهي، ۽ ٻڌڻ ۾ گهٽو محسوس ڪونه ٿيندو آهي.

انهيءَ ڪري مون انهن ڇوٽن سُرن کي آخري حرفن تي ننڍڙي نشانيءَ سان ظاهر ڪيو آهي جيئن khat[a] "کٽ" angar[u] "اڱرُ" ۽ mehet[e] "مهتِ" ۾ ڪيو ائين، جيتوڻيڪ آخر ۾ آيل اهي ڇوٽا سُر ٻڌڻ ۾ به مشڪل سان ٿا اچن پر ته به اهي ضروري ۽ اهم آهن، ڇو ته اڪثر لفظ جي معنيٰ تي اثر وجهندڙ آهن. مثلاً: "ڇوڪرُ" مذڪر آهي ۽ "ڇوڪرِ" مونث آهي. انهن جي اچار ۾ جيڪو معمولي فرق آهي اهو ڪنهن يورپيءَ کي محسوس به ڪو نه ٿيندو پر سنڌين لاءِ اهو ظاهر ۽ چٽو هوندو آهي.

## سنڌيءَ جا مخصوص اکر آهن:

ٻ، ڄ، ڏ ۽ ڳ- اهي هڪ قسم جي زور سان اچاريا آهن جيڪي ڪاڪڙي يا بند نڙيءَ کي ڇڪي سخت ڪرڻ سان نڪرندا آهن. اهي در حقيقت ايئن ٻڌڻ ۾ ايندا آهن جيئن هندستان جي ٻين حصن ۾ ٻٽن اکرن کي اچارڻ وقت لڳندو آهي پر اهي آواز لفظن جي شروع ۾ به ڪتب اچن ٿا. مثال طور: "ڏٻرُ" (ڪمزور) "ٻابو" معنيٰ چاچو پر "بابو" معنيٰ "پيءُ". "اَڄُ" ، "ڄايو"، "وڏو"، "ڏٺو"، پر "ڊٺو" معنيٰ "ٺٺر" "لڳو" ، "ڳرو" ("گرو" معنيٰ ميرو) ڌماڪيدار سنڌيءَ ۾ اصل ۾ اهي ٿي ٻٽا اکر آهن. ناگريءَ ۾ سڀ ڌماڪيدار اوسرگ اکر (sonant unaspirited mutes) سواءِ 'د' جي شامل آهن. حقيقت ۾ 'د' کي به پاڻ سنڌيءَ ۾ اڪثر ٻٽو ڪيو ويندو آهي جيڪو پوءِ 'ڏ' بنجي ٿو جيئن "ڏيڻ" ۾ آهي، جڏهن ته هنديءَ ۾ "دينا" آهي. ان

---

[1] موجوده طريقي موجب اهي لفظ 'ائين'، 'چيائين' ۽ 'آءُ' يا 'آئون' لکبا آهن. (مترجم)

[2] جديد سنڌيءَ ۾ 'پنهنجو' يا 'پنهن جو' لکبو آهي يعني ٻه ڳُڻتا "ن" وجهبا آهن. (مترجم)

[3] گريئرسن موجب 'چيائين' ۾ 'يان' ۽ 'اين' ٻن جاين تي ڳُڻتا سُر آهن پر لکجي هڪڙو ٿو. (مترجم)

ڪان سواءِ اسين ڏسون ٿا تہ سيئي ٽماڪيدار اچار(surd mutes) "ڪ"، "چ" ، "ٽ"، "ت"، "پ" ۽ وسرگ آواز ٻٽا ڪڏهن بہ نٿا ٿين. جيتوڻيڪ اهڙي خاصيت پنجابي، هندي ۽ ٻين ڪن مشرقي ٻولين ۾ عام آهي.

سنڌيءَ ۾ 'ر' جڏهن "ٽ"، "ڊ"، يا "ڍ" سان ملندي آهي تہ اها لکڻ ۾ نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن يا ان جي ابتڙ بہ ٿئي ٿو تہ "ٽ"، "ڊ"، يا "ڍ" ۾ "ر" اڪثر ملائي ويندي آهي جڏهن تہ لکبي ڪانهي. ايئن خاص طرح سري ۾ يا اتر سنڌ ۾ ٿيندو آهي، جتي "پٽُ" کي "پٽرُ" اچاريندا آهن، "منڊُ" کي "منڊرُ" ۽ "ڏڊ" (بيماري/خارش) کي "ڏڊر" چوندا آهن. سنڌيءَ ۾ مورڌني (cerebral) آوازن جو رواج وڌيڪ آهي ۽ اهي آهن بہ وڌيڪ، جڏهن تہ ٻين هندستاني ٻولين ۾ ڏندن وارا (dentals) آواز وڌيڪ آهن. جيئن ٽامو (يا ٽرامو) هنديءَ ۾ "تانبا" آهي، "ڏيڻ" هنديءَ ۾ "دينا" آهي.

سنڌيءَ ۾ اها ڳالهہ بہ عام آهي تہ ٻن ويجنن جي هڪ ٻئي پرسان هئڻ جي صورت ۾ انهن جي وچ ۾ هڪ سُر لڳايو ويندو آهي تہ جيئن اچار ڪرڻ ۾ سهولت ٿئي. ان طرح سان وچ ۾ آندل سُر اڪثر "اِ" هوندو آهي يا وري جڏهن "اي" کان اڳ ۾ يا پوءِ "هہ" ايندي آهي. هيٺين نمونن ۾ اهڙا مثال آهن.

آسمان کي سنڌيءَ ۾ آسِمانُ چوندا آهن.

دوست، سنڌيءَ ۾ دوسِتُ ٿي ويندو آهي.

حُڪم ٿيندو حُڪُمُ،

خِدمت مان خِدِمتَ،

۽ مهماني مان مِهِماني.

مُنشي ٿري مُنِشي ٿيندو

عُمر- عُمِرِ

۽ وقت، وقتُ ٿي ويندو.

**متعدي مجهول جي فاعلي حالت واحد** (Agent singular)

"مون۔ کي صُوبيدارَ (فاعلي/واحد/صوبيدارُ") پڪڙيو۔ آهي." (II)

"ننڍي (فاعلي/واحد۔ "ننڍو") پيءَ۔ کي چيو"

**حالت مفعولي سببي** (Accusative case) **هن طريقي سان:**

"پنهنَ۔ جو پيٽ پريان."

"وڳو پهرايوس"، "جُتي پايوس"، "خوشي ڪريون." "گهوڙو ڪاهي" (II)

" ٿنهنَ۔ جي خدمتَ پيو۔ ڪريان"

"زينُ هُنَ جي پُٺيءَ۔ تي رک." (227)

"سوٽر (فاعلي/واحد۔ سُوٽرُ) چارڻ۔ لاءِ موڪليس"

"پئسا (فاعلي/واحد۔ مونث "پئسو") چويهہ روپيا (فاعلي واحد "روپيو") وٺندو سانءِ" (II)

"جيڪي چِلون (فاعلي/واحد۔ مونث "چلَ") سوٽرَ تا۔ ڪاٿين"

حالت مفعولي سببي Accusative جڏهن حالت مفعولي ثاني (جري) (Dative)جي صورت ۾ استعمال ٿيندي آهي تہ هن ريت بيهندي:

"هڪڙي ٻانهي۔ کي (فاعلي واحد "ٻانهو") ڪوٺي".

**حالت مفعولي ثاني** (Dative)

(مفعول جي اها حالت حرف جر ("کي"، "لاءِ") ظاهر ڪندي آهي)

"ننڍي پيءَ۔ کي چيو"۔ هتي اهو نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ "کي" وارو مفعول (ثاني) "چوڻ" وارن فعلن سان استعمال ٿئي ٿو تہ جيئن ان ماڻهوءَ جي نشاندهي ٿئي جنهن کي مخاطب ڪيو ويو آهي.

"گهرَ۔ کي ويجهو آيو". هن جملي ۾ لفظ "ويجهو" مفعول ثانيءَ تي اختيار هلائي ٿو.

"هو گهوڙو پٽيوالي۔ کي ڏنو اٿم." (II)

"ڪيترن۔ ئي پورهيتن کي (فاعلي/واحد۔ "پورهيتُ") جهجهي ماني پيئي۔ ملي."

"پِٽس، پنهنَ۔ جي ٻانهي۔ کي (فاعلي/واحد۔ "ٻانهو") چيو".

"هڪڙي ماڻهوءَ۔ کي ٻہ پٽ هُئا."

اهو حالت مفعولي ثانيءَ جي اضافت جو مثال آهي.

"سوٽرَ چارڻ۔ لاءِ موڪليس."

"گاهہ جي کٽڻ لاءِ" (II)

**حالت جري (اپادان)** (Ablative)

"موري۔ کان ويس۔ ٿي" (II)

"ڳوٺ جي هڪڙي هنائيءَ۔ کان (فاعلي/واحد/مذڪر "هنائي")

"ڪيترن ورهين (فاعلي/واحد "ورهيُ") کان خدمت پيو ڪريان."

**پيٽ** (Comparison)**واري جري (اپادان)حالت جو مثال:**

هن۔ جو پاءِ هن جي پيءُ۔ کان ڏگهو آهي." (231)

ٻين حرف جرن لاءِ اسان وٽ آهن:

"ٻنيءَ مان"

"گهوڙي تان لٿو" (II)

جيئن ڪڏهن ڪڏهن لفظ "ويجهو" حالت مفعولي ثانيءَ تي اختيار رکندو آهي. ساڳيءَ طرح "اڳي" حرف جر به ڪندو آهي. ايئن ئي "ڌاران" (without) ۽ "پوءِ" وري حالت جريءَ (اپادان) کي هلائيندا آهن. مثال طور:

"سڀ ڪپائڻ۔ کان پوءِ"

"ٿورن ڏينهن۔ کان پوءِ"

**حالت اضافت:**

جيئن ته سڀني هند آريائي ٻولين ۾ اضافت اڪثر ڪا صفت ڏيکاريندي آهي. جيڪا شي جي جنس، عدد ۽ حالت سان ٺهڪي ايندي آهي. ان ڪري تفصيل سان صفتن واري عنوان هيٺ بحث ڪنداسين.([1])

**حالت مڪاني:**

مذڪر اسمن سان گڏيل حالت مڪاني هن طرح آهي:

"سڀ۔ ڪي هٿ (فاعلي/واحد "هٿُ") ڪري"

"انهيءَ وقتِ (فاعلي/واحد "وقتُ") ٻيو ماڻهو ڪو۔ ڪو۔ نه هو" (II)

"ٻي راتِ قاضيءَ۔ جي ڳوٺ ٽڪيس"

**"۾" سان ٺهندڙ مڪاني حالت:**

"هٿ۔ ۾ (فاعلي/واحد "هٿُ") منڊي ۽ پيرن ۾ (فاعلي/واحد۔ پيرُ) جُتي پايوس."

"موري۔ ۾ (فاعلي/واحد "مورو") ٽڪيس."

"سمجهه۔ ۾ (فاعلي/واحد۔ مونث "سمجهه") اچي."

"ماڻ آجهلائيءَ۔ ۾ (فاعلي/واحد ۔ "اجهلائي") وڃايائين."

"ورنديءَ۔ ۾ (واحد/فاعلي/مونث "ورندي") چيائين."

"ٿنهن۔ جو ماڻ ڪچرين ۔ ۾ (فاعلي/واحد/مونث "ڪچري") وڃايو."

**"تي" سان ٺهندڙ مڪاني حالت لاءِ مثال آهي ته:**

"پڙلاءَ ڪن۔ تي (فاعلي/واحد/مونث "ڪنُ") پيُس."

"پاڻ گهوڙي۔ تي چڙهيل هو."

"ٽڪريءَ جي چوٽيءَ۔ تي" (فاعلي/واحد/مونث "چوٽي")

**حالت ندائي** (Voctine) :

"اي بابا!" (فاعلي/واحد "بابو")

---

[1] جيئن" هنرَ + وارو" ــ 'وارو' اضافت گڏجڻ کان پوءِ لفظ "هنر وارو" صفت بڻجي ويو آهي. يا منهن +جو= "منهنجو" هڪ قسم جي صفت بڻجيو وڃي. (مترجم)

**ڏنل نمونن مان صفتن جي استعمال جا هيٺان مثال ڏنا ويا آهن:**

"انهيءَ لائق نہ آهيان"

"گهر تي ويو هو"

"آڏ پهر" (II)

"هڪ ماڻهو گهوڙو ڪاهي ٻي آيو" (II)

هتي اسين ڏسون ٿا تہ 'هڪ' انگ وارو لفظ "هڪ" غير معروف جزي (indefinite article) ([1]) وانگر استعمال ٿيو آهي. هيٺ ساڳي طرح سان وري لفظ "هڪڙو" استعمال ٿيل آهي.

"گهوڙو رنگ جو ڪميت هو"

"تنهنجو پٽ مئو هو"

"وڏو پٽ ٻنيءَ مان ٿي آيو"

"ننڍو پٽ اتي هليو"

"ڏاڍو ڏکر اچي پيو"

"اندر وڃڻ چڱو نہ ڀانيائين"

"ٻيو ماڻهو ڪو ڪونہ هو"

"ٻيو" شايد قطاري نمبر (second) آهي جيڪو an other جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي. ساڳي طرح "ٽريون ڏينهن" معنيٰ "the third day" (II)

**مفعولي واحد مذڪر لاءِ اسان وٽ آهي تہ "هڪڙي ماڻهوءَ کي ٻہ پٽ هئا."**

هتي "هڪڙو" جي معنيٰ آهي 1 (one) جنهن کي هڪڙي غير معروف جزي جيان استعمال ڪيو ويو آهي.

"پاڻ کي تنگ (فاعلي/واحد "تنگ") حال ۾ ڏسي"

"چوٿين (فاعلي/واحد "چوٿون") ڏينهن) (II)

**فاعلي جمع مذڪر لاءِ هيٺئن ٿيندو:**

"تنهنجي پيءُ جي گهرَ ۾ ڪيترا (فاعلي/واحد "ڪيترو") پٽ آهن" (223)

"مون هُن جي پٽ کي گهٽا (فاعلي/واحد "گهٽو") چاٻڪ هنيا آهن."

**مفعولي جمع مذڪر لاءِ وري هن ريت ٿيندو:**

"ٿورن (فاعلي/واحد "ٿورو") ڏينهن کان پوءِ".

"ڪيترن ئي (فاعلي واحد "ڪيترو") پورهيتن کي جهجهي ماني پئي ملي."

"آئون ڪيترن ورهين کان خدمت پيو ڪريان."

**فاعلي واحد مونث لاءِ ٿيندو:**

"عمر چؤ سال" (مذڪر "چؤسال") (II)

---

[1] انگريزيءَ ۾ a، an ۽ the کي articles چئبو آهي، جن مان a ۽ an کي indefinite غير معروف جزا ۽ the وري definite معروف جزا سڏبا آهن. آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ ۾ انهن کي articles 'اسم تنڪير' پڻ چيو ويو آهي. (مترجم)

"جمجمي (فاعلي/واحد /مذڪر- "جمجمو") مائي"
"تو وڏي(فاعلي/واحد /مذڪر- "وڏو") مهماني ڪئي."
"ٻي (فاعلي/واحد /مذڪر- "ٻيو") رات".

**مفعولي واحد مونث لاءِ ٿيندو:**

هيءُ گهوڙو ڪيتريءَ (فاعلي/واحد /مذڪر- "ڪيترو" مونث "ڪيتري" عمرِ جو"

**اسمن جي اضافت جو نهڻ:**

جيئن بين هند آريائي ٻولين ۾ ٿيندو آهي تہ اضافت عام طرح سان صفت هوندي آهي جيڪا ان شي جي جنس، عدد ۽ حالت سان ٺهڪي ايندي آهي، جنهن جي اضافت ڏيکاريندي آهي. اضافت واريون چار صفتون آهن: "جو"، "سندو" ۽ انهن جا تصغيري (ننيا ڪندڙ) لفظ "جڙو"، "سندڙو". آخري ٻي گهٽو ڪري شاعريءَ ۾ استعمال ٿيندا آهن. ۽ صفتن وانگي باقاعدي ڦيرو ڪائيندا آهن. نثر ۾ "سندو" عام طرح صرف ضميري پڇاڙين سان استعمال ڪبو آهي. ان ڪري ان جو تفصيلي مطالعو اڳتي ڪيو ويو آهي. "جو" جو ڦيرو ايترو باقاعدي ڪونهي. اهو ڦيرو هن ريت ٿيندو آهي:

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| واحد فاعلي | جو | ڄي |
| مفعولي | جي | ڄيءَ/جي، |
| ندائي | جا | ڄي |
| جمع فاعلي | جا | جيون/ڄون |
| مفعولي | جن، جي | جن/جين/جيُن ڄُن/جي |
| ندائي | جا | جيون/ڄون |

مٿي ڏسبو تہ بي قاعدگيون مفعولي حالت ۾ مختلف شڪلين ۾ "جي" واري استعمال ۾ ٿين ٿيون. مثال طور اهي مذڪر هجن يا مونث، واحد هجن يا جمع- ڪٿي ڪٿي "ج" واري زير(ا) کي ڪم نتو آندو وڃي.

نمونن مان هيٺان ڪجهہ مثال حالت اضافت جا چونڊيا ويا آهن.

**حالت فاعلي/واحد/مذڪر**

"ناچ- جو(فاعلي/واحد- "ناچُ") پڙلاءُ ڪنَ تي پيَس"
"گهوڙو رنگ- جو(فاعلي/واحد- "رنگُ") ڪُميٽ هو"(II)

**حالت اضافت جو هي استعمال ڏسو:**

"اج صبح- جو("صُبُحُ"- فاعلي واحد) مون- کي صوبيدارَ پڪڙيو- آهي."(II)
"ليکوءَ- واٽڻي- جو کوهہُ" (فاعلي/واحد/ "واٽيو")(II)
"گهوڙو جيڪو مُنهنْ- جي سواريءَ- جو(فاعلي/واحد- "سواري") هو."(II)
"تو- وارو گهوڙو چوريءَ- جو(فاعلي/واحد- "چوري") آهي"(II)
"هي گهوڙو ڪيتريءَ عمرِ- جو(فاعلي/واحد- "عمرِ") آهي."(22)

| مونث | مذڪر |
|---|---|
| پهرين | پهريون |
| ٻي | ٻيو |
| ٽين (ترين) | ٽيو (ٽريو) |
| چوٿين | چوٿون |
| پنجين | پنجون |
| ڇهين | ڇهون |
| ستين | ستون |
| اٺين | اٺون |
| نوين (نائين) | نُون (نائون) |
| ڏهين | ڏهون |

**ڀاڱن وارا انگ** (Fractional Numerals):

چوٿائي، چوٿو يا پاءُ

ٽِرهائي (ٽِهائي)

سوائي

سَڍُ (ساڍو)

ڏيڍِ

پوڻو يا منو

اڍائي

اڇو تہ شماري انگن ڏانهن موٽون. اسين مفعولي جمع هن طرح سان ٺهندي ڏسون ٿا:

| مفعولي جمع | فاعلي |
|---|---|
| ٻن | ٻہ |
| ٽين (ترين) | ٽي (ٽري) |
| چئن | چار |
| پنجن | پنج |
| ڇهن | ڇهہ |
| ستن | ستَ |
| اٺن | اٺَ |

ڏکڻ سنڌ يا لاڙ ۾ شروع واري "هـ" گهٽ ڪري ڪانه اچاريبي آهي. انهيءَ ڪري اسان کي "اِ"، "اي"/"ايءَ"/"اُو"/"او" وغيره نظر اچن ٿا. "اِهو" لفظ ۾ "ئي" پڇاڙي گڏي "اِهوئي" ٺاهي سگهجي ٿو. ساڳيءَ طرح "اُهو" مان "اُهوئي" بـ ٺهندو آهي، جنهن جي مدد سان وڌيڪ پڪ ڏياري سگهجي ٿي.

ٻيا بہ ٻہ ضمير اشاري جا مثال آهن. جن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ جنهن ماڻهوءَ ڏانهن اشارو آهي، سو سامهون موجود آهي. اهي آهن "اِجهو" (هي جيڪو موجود آهي) ۽ "اُجهو" (هو جيڪو موجود آهي.) اهي صرف حالت فاعليءَ ۾ واحد توڙي جمع ۾ استعمال ٿيندا آهن. ان جي فاعلي حالت واحد مذڪر ۾ ٿيندي "اِجهو" مونث ۾ "اِجها" ۽ جمع مذڪر/مونث ۾ٻنهي ۾ "اجهي". ساڳيءَ طرح سان "اُجهو" جو ڦيرو ٿيندو. انهن جي مثالن لاءِ اسين اسٽئڪ جا مثال کڻي سگهون ٿا. "اجهو ويئو آهي." "هي" (جنهن ماڻهوءَ بابت پڇجي اهو ان وقت اتي ويئو هجي تہ ان ڏانهن اشارو ڪري چئجي) ويئو آهي."

انهيءَ ريت لفظن ۽ نمونن جي فهرست مان انهن ضميرن جي استعمال کي ڏيکاري سگهجي ٿو:

"هي ٻڏي ڪاوڙجي"

"هيءَ چا پيو ٿئي؟" (هي چا آهي جيڪو ٿئي پيو؟)

"هيءَ ٿنهن ـ جو پاءُ مٺو هو" (هي تنهنجو پاءُ جيڪو مٺو هو)

"اُها رات (مونث) موري ٽڪيس." (II)

"هِن تنهن ـ جي پٽ ـ جي اچڻ ـ تي"

"انهي لائق نہ آهيان"

"هو پروَسِ ٿيڻَ لڳو"

"تو هو ڪنهنُ ـ کان ڳِدو". (240)

"هو مالَ ـ کي ٽڪريءَ ـ جي چوٽيءَ تِي پيو چاري" (229)

"هو هُنَ وڻ ـ هيٺ گهوڙي ـ تي چڙهيو ويئو آهي" (230)

"اُهو گهوڙو پٽيوالي ـ کي ڏنو ـ اٿم"

"هُنَ مال ٻنهي ـ کي ورهائي ڏنو"

"اُنَ ـ کان پڇيائين" (II) ڏسو تہ هتي پڇڻ وارو فعل "جري" (اپادان) تي ٿو وڃي.

"اُن ـ تي چڙهي" (II)

"انهيءَ ڏيهنَ ـ ۾" (ڏڪار پيو)

"انهيءَ وقت پيو ماڻهو ڪو ـ ڪو ـ نہ هو" (II)

"جو انهيءَ ـ وٽ آهي" (جيڪو گهوڙو هن وٽ آهي. هندي ـ "اُس ڪي پاس".) (II)

"اچا گهوڙو انهيءَ پٽيوالي ـ وٽ آهي" (II)

"اُهي خوشي ڪرڻ ـ لڳا"

"اُهي رپيا هُنَ ـ کان وٺ."

**ضمير مشترڪ**:(The Reflective Pronoun)

"پاڻ" (self)، جيئن هنديءَ ۾ "آپ" صرف جملي جي فاعل لاءِ هوندو آهي. ان جو ڦيرو به قاعدي آهي، ۽ واحد جمع ۾ ڪو فرق ڪونهي. اهو هن ريت آهي:

حالت فاعلي- "پاڻ".

حالت مفعولي- "پاڻ".

حالت اضافت- "پانهن جو"، پنهن - جو"، يا (لاڙ ۾) "پان- جو"

حالت جري (اپادان) - "پاڻان" وغيره

اضافت لاءِ جيئن هنديءَ جو لفظ "اپنا" (own) آهي تيئن "پنهنجو". جي معنيٰ آهي. ظرفي صورت ٿيندي "پاڻهي" ۽ "پاڻان"، ٻنهي جي معنيٰ "جو"، "کان" يا پنهنجي پاڻ کان" (واحد جمع). حيدرآباد پاسي " پنهنڻ- جو" چوندا آهن، بجاءِ "پنهنڻ- جو" چوڻ جي.

مشترڪ واري معنيٰ ۾ ٻيا جيڪي ظرف استعمال ٿيندا آهن، اُنهن ۾ "ڏُر" يا جڏهن ڪنهن خاص جاءِ تي ڪنهن نڪتي ڏانهن حوالو ڏبو آهي ته "پنڊِ" چوندا آهن. اهو پويون اڪر ڏکڻ سنڌ ۽ ڪڇ ۾ استعمال ٿيندو آهي.

هنديءَ جي "آپ- ڪا" (تمام گهڻي عزت مان) جو برابر وري آهي " پنهنڻ- جو" ان جو مطلب "اسان جو" پڻ آهي جنهن ۾ مخاطب ماڻهوءَ کي به شامل ڪيل هوندو آهي، جڏهن مخاطب کي شامل ڪبو آهي ته صرف ان مهل ٿيندو:

" پنهنِ- جي ڏيهہَ" يعني "اسان جي ملڪ" (تنهنجي ۽ منهنجي).

نمونن مان اهڙن ضميرن جو استعمال ڏيکارڻ لاءِ مثال ڪنيا ويا آهن، اهو ياد رکڻ گهرجي ته حيدرآباد وارن نمونن ۾ " پنهن- جو" لکيل ملندو.

"پاڻ گهوڙي- تي چڙهيل هو" (II)

"پاڻ- کي تنگ حال ۾ ڏسي"

"جيڪر مان ماني کائي پنهنِ- جو پيٽ ڀريان" (II)

"آئون اٿي پنهنِ- جي ٻيءُ- وٽ ويجي چوندوساتس.

" جنهن پنهن- جي ٻنيءَ ۾ موڪليس."

پنهنِ- جو مالُ اُجهلائيءَ- ۾ وڃايائين.

هِن پنهنِ- جي پٽ- جي اچڻ- تي." ([1])

**ضمير موصول ۽ جواب موصول** جو گردان هن ريت ٿئي ٿو:

جيئن حالت فاعلي واحد ۽ ضمير اشاري جا مونث نمونا ٿيندا آهن تيئن هنن ضميرن سان ٿئي ٿو ضمير جواب موصول ضمير موصول جي طرف اشاري طور ۽ ڪڏهن وري خود مختيار ضمير اشاري طور استعمال ٿيندو آهي.

[1] هتي جملي جي معنيٰ آهي. On the coming of your honour's son

## ضميري پڇاڙيون (Pronominal Suffixes)

سنڌيءَ ۾ بہ ڪشميريءَ ۽ لهندا وانگر ضميري پڇاڙين جو استعمال موجود آهي. ڪشميريءَ ۾ اهي صرف فعلن سان لڳنديون آهن ۽ لهندا ۾ ظاهري طور فعلن ۽ اسمن سان. پر سنڌيءَ ۾ اهي نہ صرف اسمن سان ۽ فعلن سان جُڙنديون آهن پر حرف جرن سان پڻ لڳائيندا آهن. اهي بلڪل ايئن ٿيون ڪتب آڻجن جيئن فارسيءَ ۽ عبرانيءَ ۾ ٿينديون آهن. ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ آٽي سگهجن ٿيون. اسم سان ڳنڍجندڙ ضميري نشانيءَ جي مثال طور لفظ "نيڻم" (منهنجي اک). پيش ڪري سگهجي ٿو. ان ڪان سواءِ فعل سان "ماريم" (مون ماريو). حرف جر سان "سندم" (منهن جو) وغيره جا مثال ڏئي سگهجن ٿا. انهن ضميري پڇاڙين کي ٽن قسم جي درجن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهريون اهي (صرف فعل سان استعمال ٿيندڙ) جيڪي حالت فاعليءَ سان لاڳو ٿين. ٻيون (فعل سان استعمال ٿيندڙ) اهي جيڪي ٻين حالتن سان لاڳو ٿين. ۽ ٽيون صرف متعدي مجهول جي حالت فاعليءَ (Agent case) سان ٿينديون آهن. هيٺ مثال ڏجن ٿا:

### (الف) ـ حالت فاعليءَ واريون ضميري پڇاڙيون

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم | سِ | سين/سون |
| ضمير حاضر | اين يا مونث ۾ آ (ءُ) | اُ |

سو ايئن "ماريُسِ" (مون کي ماريو ويو). "مارينديِن" (مون کي تون مارينديِن) ٿيندو جيئن اڳ چيو ويو. اهي پڇاڙيون صرف فعلن سان ايندڀون آهن.

### (ب) ـ ٻين حالتن جون پڇاڙيون

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم | مِ | اُون/سين/سُون |
| ضمير حاضر | اِ | وَ |
| ضمير غائب | سِ | نِ/نَ |

مٿين مان ضمير متڪلم جمع واريون پڇاڙيون ڪڏهن بہ اسمن سان ڪونہ لڳنديون آهن پر رڳو فعلن ۽ حرف جر سان لڳنديون آهن. باقي ٻين اسمن، حروف جر ۽ فعلن ـ ٽنهي سان لڳنديون. جيئن "پيئم" (منهنجو پيءُ). "ساڻُسِ" (هُن سان) ۽ "ڏينمِ" (مون کي ڏي) وغيره ۾ آهي.

### (ج) فعل متعدي مجهول جي فاعلي حالت جون پڇاڙيون

ضمير متڪلم ۽ ضمير حاضر لاءِ اهي ساڳيون آهن، جيڪي مٿين (ب) حالتن ۾ آهن پر ضمير غائب سان مختلف آهن، اهڙي ريت:

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم | مِ | اُون/سين/سُون |
| ضمير حاضر | ءِ | وَ |
| ضمير غائب | اَئين | اُونَ |

متعدي مجهول جي فاعلي حالت ۾ استعمال ٿيندڙ پڇاڙيون صرف فعل متعديءَ جي ماضيءَ ۾ لڳنديون آهن، مثال طور "ماريائين" (هن ماريو) ۽ "ماريائون" (هنن ماريو). عام طرح سان چئي سگهجي ٿو تہ ضمير متڪلم جمع واريون "سين" ۽ "سون" واريون پڇاڙيون هڪ ٻئي جي جاءِ تي استعمال ٿينديون آهن، ۽ ڏنل خاڪي ۾ جتي هڪڙي نظر اچي تہ ان جي جاءِ تي ٻي استعمال ٿي سگهي ٿي. سري يا اپر سنڌ ۾ "سين" جي بدران "سين" چوندا آهن.

هاڻي اسان انهن پڇاڙين جي اسمن سان جڙڻ متعلق بحث ڪنداسين. حروف جر ۽ فعلن سان انهن جو جڙڻ بعد ۾ ڪنهن مناسب جاءِ تي ڏيکاريو ويندو ان ڪري اسين گهٽو ڪري انهن پڇاڙين بابت لکنداسين جيڪي "ب" واري ڀاڱي ۾ آيون آهن، سواءِ انهن جي جيڪي ضمير متڪلم جمع لاءِ ڪم آيون، جن لاءِ اڳئي ٻڌايوسين تہ اهي اسمن سان ڪونہ لڳنديون آهن. متڪلم ۽ حاضر واريون پڇاڙيون سواءِ جسم جي عضون يا خانداني ڏنڌن، طبقن يا ٻين اهڙن ماڻهن سان لاڳو اسمن جي ٻيو ڪٿي بہ ڪونہ لڳنديون آهن.

جڏهن ڪا پڇاڙي ڪنهن اسم سان لڳندي آهي تہ ان اسم جي آخري سُر يا حرف علت ۾ ٿوري تبديلي ايندي آهي، انهيءَ ڏس ۾ ترومپ جا ڏنل اصول هيٺ ڏجن ٿا:

### الف ـ جڏهن اهي حالت فاعلي واحد ۾ جڙنديون آهن:

(1) "اُ" سان ختم ٿيندڙ اسمن ۾ ضميري پڇاڙي لڳڻ سان ڪا تبديلي ڪانہ ايندي.

(2) "او" سان ختم ٿيندڙ اسمن ۾ اهو آواز ننڍو ٿي "اُ" رهجي ويندو آهي پر ڪڏهن ڪڏهن "او" جو آواز قائم بہ رهندو آهي.

(3) اهڙا مذڪر اسم جن جي آخر ۾ "اِي" آواز هوندو آهي اتي هو ڦري "يُو" يا وري "يا" ٿي ويندو آهي.

(4) اهڙا مونث اسم جن جي آخر ۾ "اِي" آواز هوندو آهي اتي اهو ڦري "يا" يا وري "اِ" ٿي ويندو آهي.

(5) "اِ" پڇاڙيءَ وارا اسم ضميري پڇاڙيءَ سان ڪونہ مٽبا آهن، سواءِ ان جي جو ڪڏهن ڪڏهن اها زير "اِ" وري "يا" ۾ مٽجي وڃي.

### ب ـ حالت مفعولي واحد ۾ پڇاڙيون جڙنديون:

اهڙا اسم جيڪي "او" واري آواز سان ختم ٿين انهن جي حالت مفعوليءَ ۾ پڇاڙي ٿيندي آهي "اي". هاڻي اها "اي" يا تہ "آ" ۾ يا وري "آهہ" ۾ مٽجي ويندي، تڏهن ان ۾ ضميري پڇاڙي گڏجندي. سري يا مٿين سنڌ ۾ "اي" اڪثر ڪري "آ" بدران "اِ" ۾ مٽبي آهي جيئن "مٿو" لفظ آهي. حالت مفعولي واحد ۾ ٿيندو "مٿي" ۽ پڇاڙي ڳنڍڻ کان پوءِ ٿيندو "مٿِمِ

**اسم حاليه:** (Present Participle)

"آ" واري متصل فعلي ڦيري ۾ اسم حاليه "آندو" پڇاڙيءَ سان ٺهندو جيئن "هل_ اندو" (هلندو)، "هڻ_ اندو" (هڻندو)، "اِ" واري متصل پڇاڙيءَ ۾ اسم حاليه ۾ "اِندو" پڇاڙي لڳندي آهي جيئن "مار_اِندو" (ماريندو) ۾ آهي. اهي "آ" واري متصل پڇاڙيءَ جا ڪي اصولن کان هٽيل نڪتا آهن. سڀ کان توجهه لائق آهن مجهول فعل جيڪي "اِبو" سان اسم حاليه ٺاهيندا آهن. جيئن "پس_ ابو" (پسبو) ۾ آهي. ان کان سواءِ "آ" وري متصل فعلي ڦيري جا ڪي معروف فعل جن جي اصل پڇاڙي "آ" هوندي آهي ڪڏهن ڪڏهن وري "اِ" واري متصل فعلي ڦيري مطابق اسم حاليه ٺاهيندا آهن جيئن "ٻڌا_ اِندو" (ٻڌائندو) يا وري "کا_ اِندو" (کائندو).

زمان مستقبل جو تہ اسم حاليہ مان ٺهي ٿو ان ڪري متصل فعلي ڦيري ۾ ساڳئي اصول تي هلي ٿو.

**امر:** (Imperative)

"آ" واري متصل پڇاڙيءَ جا فعل ضمير حاضر غائب واحد وارو امر ٺاهڻ لاءِ ڌاتوءَ يا بنياد ۾ "اُ" لڳائيندا آهن ۽ جمع لاءِ "او" يا "پيو" لڳائيندا آهن. جيئن "مرُ" "مرو" "ڏو"_ جمع ۾ "ڏوبو". "اِ" متصل پڇاڙيءَ وارا فعل حاضر واحد وارو امر ٺاهڻ لاءِ ڌاتوءَ ۾ "يو" يا "اِئو" جوڙيندا آهن. جيئن "مار" مان "ماريو" يا "مارئو" ٺهن ٿا.

**ماضي معطوفي (ڳنڍيندڙ ڪردنت)** *[1] (Conjunctive Participle)

"آ" متصل پڇاڙي وارن فعلن ۾ اهو ڦري "اي" ٿئي ٿو جڏهن تہ "اِ" متصل پڇاڙيءَ وارن فعلن ۾ ڦري "اي" ٿئي ٿو. جيئن "هل_ ي" (هلي) "مار"_ "اي" (ماري) بڻيا.

**مصدر:** (Infinitive)

سري يا مٿئين سنڌ ۾ "آ" متصل پڇاڙيءَ ۾ مصدر ٺاهڻ لاءِ ڌاتوءَ ۾ "اَڻُ" جوڙيندا آهن جڏهن تہ "اِ" پڇاڙيءَ وارن فعلن ۾ ڌاتوءَ سان "اِڻُ" پوندو آهي. اهڙي ريت "هل_ اَڻُ" (هلڻُ) "مار_اِڻُ" (مارِڻُ). جڏهن تہ لاڙ يا هيٺين سنڌ ۾ اهو فرق نٿو ڪيو وڃي. ۽ ٻنهي صورتن ۾ "اَڻُ" استعمال ڪندا آهن.

**زمان مضارع :** (Old Present)

هن زمان ۾ ٻنهي قسم جي متصل پڇاڙين وارا فعل هڪ ٻئي کان چڱا مختلف آهن. تفصيل اڳيان مثالن ۾ سمجهائيندا سين. باقي ٻين ڳالهين ۾ گهٽ فرق ڪونهي.

## مکيہ جزا (Principal Parts)

**ڌاتو:** (Root)

اسان ڏٺو تہ ضمير حاضر واحد وارو امر پڇاڙيءَ ۾ "اُ" يا "اِ" پڇاڙي رکي ٿو. ڪنهن بہ فعل جو ڌاتو يا بنياد معلوم ڪرڻ لاءِ اهو آخري ننڍو حرف علت هٽائڻو پوندو. جيئن:

| ضمير حاضر واحد امر | ڌاتو/بنياد |
|---|---|
| هلُ (تون هل) | هل |
| مارِ (تون مار) | مار |

[1] (Conjunctive Participle) کي اسم عطف بہ چئبو آهي. پر سنڌيءَ ۾ ماضي معطوفي وڌيڪ مروج رهيو آهي. (مترجم)

جيڪڏهن اهو فعلي ڌاتو پڇاڙيءَ ۾ ڏِگهي "اي" يا "او" سان ختم ٿيندو ته پوءِ ان کي ننڍو ڪرڻو پوندو ساڳي طرح جيڪڏهن ڌاتوءَ ۾ آخر ۾ "او" هجي ته به اهو ننڍو ڪري "اُ" ۾ ڦيرائبو آهي پر اتي اهو اصول هميشه لاڳو ڪونه ٿيندو آهي. اهڙيءَ ريت مصدر کي ڏسو:

(1)

| ڌاتو | مصدر |
|---|---|
| پِي<br>پُو<br>ڌو | پِيئڻُ<br>پُوئڻُ<br>ڌُئڻُ |

(2) **اسم حاليه** ۾ وري هيٺين ريت ٿيندو:

| اسم حاليه | ڌاتو |
|---|---|
| پيئندو<br>پوئندو<br>ڌوئندو | پِي<br>پُوَ<br>ڌو |

(3) **زمان مستقبل جو مجهول اسم يا اسم استقبال** (Future passive participle)

| مجهول اسم استقبال | ڌاتو |
|---|---|
| ڌوئِڻو | ڌو |

(4) **پهريون ماضي معطوفي** (The First conjunctive participle)

هن صورت ۾ صرف آخري "اُو" کي ننڍو ڪيو ويندو آهي جيئن "پُو" مان ماضي معطوفي ٿيندو "پوئِي". اهڙا ڌاتو جن جي پڇاڙيءَ ۾ "اِي" هجي ماضي معطوفيءَ ۾ ايندڙ "اي" کي حذف ڪري ڇڏيندا آهن جيئن "پِي" مان "پِي" واڌو "ي" حذف ڪري وري "پِي" ئي ويندو. ساڳئي اصول موجب "ڌو" ماضي معطوفيءَ ۾ "ڌوئِي" ٿيندو.

(5) **مضارع** ـ هن ۾ ٽنهي قسمن جا حرف علت ساڳئي مصدر واري نموني ننڍا ڪبا آهن اهڙي طرح "پِيان"، "پُئان" ۽ "ڌُئان" ٿيندا.

جيڪڏهن "آ" واري متصل پڇاڙيءَ وارو ڪو فعل "آ" يا "اي" تي ختم ٿئي ته اچار جي خرابيءَ کي روڪڻ لاءِ "وَ" اکر کي پڇاڙيءَ واري حرف علت کان اڳ ۾ وجهبو آهي. اها ڳالهه "اِ" متصل پڇاڙيءَ وارن فعلي ڦيرن ۾ ڪانه ٿيندي آهي. اهو "وَ" جو اضافو هيٺين مثالن ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

"آ" متصل پڇاڙيءَ واري فعلي ڦيري ۾ اسم حاليه ٺاهڻ لاءِ ڌاتوءَ سان "آندو" پڇاڙي ڳنڍبي آهي ۽ جي ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ ۾ "آ" يا "اِ" هجي تہ وچ ۾ "وَ" اَٽبو آهي بلڪل ايئن ئي جيئن مصدر ۾ ڪبو آهي. اهڙيءَ طرح "هلِ- اندو" (هلندو)، "هڻ- آندو" (هڻندو) "پيِ- آندو" (پيئندو) "پَہ- وَ- آندو" (پوندو) وغيره ٺهندا آهن.

جيئن اسان ڏسنداسين تہ "اِ" متصل پڇاڙيءَ واري ڦيري ۾ "اندو" جو اچڻ باقاعدگي رکي ٿو پر "آ" سان اهو صرف تڏهن ايندو آهي جڏهن ڌاتوءَ جي پڇاڙي "آ" هجي. جيئن ڌاتو "کا" (آ- متصل پڇاڙي) مان "کائيندو" ٺهندو "کائندو" ڪونہ ٺهندو. اها ڳالهہ بہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ اها ڪڏهن ڪڏهن ڏسبي آهي. جيئن "سُڻ" (اُ- پڇاڙي) اسين اسم حاليه "سُڻ- آندو" (سُڻندو) ۽ سُڻ- اِندو (سڻندو) ٺاهيندا آهيون.

هنن ۾ ڪي ٻي قاعدگيون بہ آهن:

(1) ڪي فعل "اُو" سان "آوا" يا "اٿا" کي ڳنڍيندا آهن جيئن ڌاتو "چہ" سان اسم حاليہ چہ- وَ- آندو (چوندو) يا "چُوندو" ٿيندو، ڌاتو "هو" مان اسم حاليہ "هُوندو" يا "هُئندو" ٺهن ٿا.

| اسم حاليہ | ڌاتو |
|---|---|
| "ڏيندو" | "ڏِ" |
| "نيندو" | "نہ" |
| "کيندو" (يا کائيندو) | "کِ" |
| "ٿيندو" (ٿيئندو لاءِ) | ٿِي |

ٻيون بي قاعدگيون هيٺ ڏجن ٿيون:

"اچ" مان "ايندو"

"وڃ" مان "وِيندو" يا "ويندو".

"اِ" متصل پڇاڙيءَ وارن لفظن ۾ ڌاتوءَ سان "اِندو" ڳنڍي اسم حاليہ ٺاهبو آهي. جيئن "مار- اِندو" (ماريندو) ڌاتو "ڪر" ڪڏهن ڪڏهن ٻي قاعدي نموني اسم حاليہ ٺاهيندو آهي جيئن "ڪريندو" "ڪندو" يا "ڪِندو" ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

مجهول فعلن جا اسم حاليہ ٺاهڻ جو بنهہ جدا ڍنگ آهي. ان بابت مجهول فعلن جي سري هيٺ پڌائينداسين.

**اسم مفعول:** (Past participle)

اسم مفعول ٺاهڻ لاءِ ڌاتوءَ ۾ "يو" ڳنڍبو آهي. جيڪڏهن ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪو حرف علت يا وينجن هجي تہ پوءِ "يو" بدران "اِئو" ملائبو. ايندڙ صفحن ۾ جتي جتي پڇاڙيءَ ۾ "يو" هجي اتي انهيءَ کي "اِئو" ۾ بدلائي سگهجي ٿو بشرطيڪ ڌاتوءَ جي آخر ۾ حرف علت نہ هجي. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن "اِئو" استعمال ٿيل هجي تہ ان جي جاءِ تي "يو" آڻي سگهجي ٿو ايئن ڌاتو "مار" جو اسم مفعول ٿيندو "ماريو" يا "مارئو" پر "چہ" ڌاتوءَ جو اسم مفعول صرف "چيو" ٿيندو ڇو تہ ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ ۾ حرف علت آهي.

جيڪڏهن ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ ۾ "اِ" يا "اِي" هجن تہ پوءِ "ي" وارو شرعاتي آواز ڪونہ ڪبو. ساڳي طرح "ڄ"، "ڃ"، "ج" يا "جهہ" سان ڌاتو ختم ٿيندو هجي تہ بہ اهو اصول رهندو. مثلاً:

| ڌاتو | اسم مفعول |
|---|---|
| "نِہ" | "نِئو" |
| "جي" | "جيئو" |
| "ڪُڇ" | "ڪُڇئو" |
| "سُوجهہ" | "سوجهِئو" |

ٻين هند آريائي ديسي ٻولين وانگي متعدي فعلن جي اسم مفعول جي مجهول واري معنيٰ هوندي آهي يعنيٰ تہ "ماريو" جي معنيٰ(having struck) نہ پر صرف (struck) ٿيندي. انهيءَ ڪري ٿيندو ايئن آهي تہ اهڙن فعلن جي اسم مفعولن مان جوڙيل زمانن ۾ فعل جي فاعل جي حالت متعدي مجهول واري ٿيندي جيئن هندي ٻوليءَ ۾ ٿيندي آهي.

هر ڪنهن ديسي هند آريائي ٻوليءَ ۾ بي قاعدي اسم مفعولن جو ڪجهہ تعداد هوندو آهي پر سنڌيءَ ۾ مشرق طرف جي ٻين سيني ٻولين کان اهو تعداد وڌيڪ آهي. انهيءَ ڏس ۾ اها لهندا ۽ ڪشميريءَ جي برابر آهي. مثال طور هنديءَ ۾ صرف ست آهن پر سنڌيءَ ۾ اهو انگ هڪ سئو اناويهن کي وڃيو پهچي. هيٺ ٽرومپ جي گرامر ۾ ڏنل فهرست موجب اهي لکجن ٿا پر چاڪاڻ تہ هي موضوع چڱو دلچسپ آهي ان ڪري ٻهرين انهن سيني کي الف۔ ب وار ڏنو ائٿون ۽ پوءِ وري ٻي فهرست اسم مفعول جي ڌاتن جي مطابقت سان ڏني ائٿون.

## سنڌيءَ جي بي قاعدي اسم مفعول جي فهرست

([1]) الف ـ ب وار ـ (فعلن کي سنڌن ڌاتن واري حالت ۾ لکيو ويو آهي.)

| فعل | اسم مفعول/ماضي مطلق |
|---|---|
| اڄ | آيو |
| اِل (deny) | التو |
| آڻ | آندو |
| ٻجهه (be bound) | ٻجهو |
| ٻنڌ (bind) | ٻڌو |
| ٻُڌ | ٻُڌو |
| ٻُنڌ | ٻُڌو |
| ٻيهه/ٻهه | ٻيٺو |
| ڀڄ run away/ be broken | ڀڳو |
| ڀڄ (متعدي) | ڀڳو |
| ڀِڄ | ڀِنو |
| پُڄ (be digested) | پُتو |
| ڀُڄ (be fried) | ڀُڳو |
| ڀُڃ (fry) | ڀُڳو |
| ڀِر (wander about) | ڀِٽو |
| چه | چيو يا چَيو |
| ڇڄ (break) (لازمي) | ڇِنو |
| ڇِن (break off) (متعدي) | |
| ڇُهه (touch) | ڇُتو |
| ڇُپ (be touched) | |
| ڇُٽ | ڇُٽو |
| ڇُهه (soak up) | ڇُلو |
| ڇُڪ (be finished) | ڇُڪو |
| ڏَهه (torment) | ڏَڌو |

[1] اهڙن سينَي لفظن جي انگريزي معنيٰ ڏني وئي آهي جيڪي موجوده دؤر ۾ گهٽ استعمال ۾ آهن، سمجهه ۾ نٿا اچن يا بدلجي/متروڪ ٿي ويا آهن. (مترجم)

| | |
|---|---|
| ڏِ(give) | ڏنو |
| ڏس | ڏٺو |
| ڏُپ (be milked) | ڏُڌو |
| ڏُهہ (milk) | |
| ڊِءَ (ڊِر) ([1]) (satiate) | ڊِائو (ڊِرائو) |
| ڊِاپ (ڊِراپ) (be satiated) | |
| ڊَهہ (ڊِرهہ) | ڊِٺو (ڊِرٺو) |
| ڊِاهہ (ڊِراهہ) | ڊِاٺو (ڊِراٺو) |
| ڊِڄ (ڊِرڄ) | ڊِٺو (ڊِرٺو) |
| ڏُڻِ (choose) | ڏُٺو |
| ڳهہ | ڳٺو |
| ڳس | |
| ڳپ (stick together) | ڳتو |
| ڳنهہ | ڳڌو |
| ڳُتِ | ڳُتو |
| ڳُس | ڳُتو/ڳُسيو |
| هپام (become less) | هَپاٽو |
| جپ (be copulated) | جڌو |
| جهہ (copulate) | |
| چاڻ | چاتو |
| چڙ | چاڻو چايو |
| چاپ | يا چڙيو |
| جهل | جهلتو/جُنبيو |
| جهَپام (become less) | جهپاٽو |
| جُنب | جُتو/جُنبيو |
| ڪر | ڪِئو/ڪيو/ڪيتو |
| ڪام (be burnt) | ڪاٽو |
| ڪَڻ | ڪنيو/ڪٽيو |
| ڪَپ | ڪتو/ڪَپيو |
| ڪِس (be reduced) | ڪٿو |

[1] گريئرسن "ڊ" ۽ "ڊِ" جي لاءِ dr ۽ dhr لکيو آهي جيڪو سنڌيءَ جي صورتخطيءَ ۾ مستعمل نہ هئڻ ڪري ڏنگين ۾ لکيو ويو آهي.
(مترجم)

| | |
|---|---|
| کُـهـ (be tired) | کُتو |
| کُپ | کُتو/کُپيو |
| کُس (be plucked out) | کُٿو/کسيو |
| ڪُهه<br>ڪُس | ڪٺو |
| ڪومائج (wither) | ڪوماڻو يا |
| يا ڪومائج | ڪومايو |
| لاءِ (apply) | لاتو/لايو |
| لَپ<br>لَهه | لَڌو |
| لڳ (begin) | لڳو (حيدرآباد ۾) لڳٺو |
| لاهه | لاٿو |
| لڪ | لڪو/لڪئو |
| لِمب | لِتو/لمبئو |
| لُوهه (scorch)<br>لوس (be scorched) | لُوٺو |
| مچ | متو |
| مر | مُئو/مو |
| مُهه (cause loss)<br>مُس (be unlucky) | مُٺو |
| مُنجهه | موڙهو |
| پـ (fall) | پئو/پيئو |
| پا (get) | پاتو |
| پچ | پڪو |
| پهچ | پُهتو |
| پرچ | پرتو/پرچيو |
| پرن (entrust) | پرتو |
| پيهه يا پهه (enter) | پيٺو |
| ڦَس (be caught) | ڦَٿو |
| ڦاس (be caught) | ڦاٿو |
| ڦِس | ڦٿو |
| ڦاٽ | ڦاٽو |
| ڦِٽ (be injured) | ڦِٽو |

| | |
|---|---|
| پي | پيتو |
| پچ (be re paid) | پيلو |
| پيھ (grind) | |
| پِس | پُوتو |
| پُو | پُتو/پچتو |
| پُڄ | پُرڏو |
| پُرجھ | رَتو |
| رَڄ | رِڌو |
| رجھ (be boiled) | |
| رنڌ (cook) | ردو/رجيو |
| رِڄ (be watered) | ريڌو |
| ريجھ | رُنو |
| رو | رُڌو/رُميِٽو |
| رُپ يا رُمپ (be engaged) | رئو |
| رُس | سلتو/سلئو |
| سَل | سماٺو |
| سَمائج | ساماٺو/ساماڻيو |
| سامائج | سُميرئو/سميُوٽو يا |
| سميِر | سميرئو |
| سَمجھ (understand) | سُمتو/سَمجھو |
| سَجھ (be seethed) | سيڌو |
| سُڄ (be swollen) | سُوٽو |
| سُڄ (be heard) | سُئو/سڻيو |
| سُڪ | سڪو |
| سُڪ | |
| سُمھ (go to sleep) | ستو/سمھيو |
| سڄاڻ | سڃاتو |
| تپ | تتو |
| ٽڪ | ٽڪو |
| ٽھ ([1]) (ترھ) (be frighten) | ٽئو (ٽرٺو) |
| ٽاھ (ٽراھ) frighten | ٽائو (ٽرائو) |
| | ٽنو/ٽنو |

[1] هتي بہ "ٽ" لاءِ گريئرسن tr لکيو آهي، جڏهن تہ ڪن ٻين جاين تي t بہ لکيو آهي. ان ڪري هتي مروج صورتخطي بہ لکي وئي آهي. البت ڏنگين ۾ اهي اچار بہ لکيا ويا آهن.

| | |
|---|---|
| ٿُس (ترس) (be gratified) | ٿلو/ٿٺو |
| اُباھہ (stand) | اُبيٺو |
| اُپام | اُپاٺو |
| اُڏام | اُڏاڻو |
| اُگھہ | اگھاڻو |
| اُجھام | اُجھاڻو |
| اُڄ | اُٺيو |
| اُٺ | |
| اُڪر | اڪتو/اڪريو |
| اُلھہ (descend) | اُلٿو |
| اُت (say) | اُتو |
| وڃ | ويو |
| وَس | وَٺو/اُٺو/وُٺو |
| وٺ | ورتو/وردو/وتو/ولتو |
| ويھہ | (سري ۾ "ودو" بہ چئبو آهي) |
| وِنھِج | ويلو |
| وِجھہ | وِھتو |
| وڪام | وڏو |
| وِڪِڻ | وڪاڻو |
| وِرچ | وڪئو |
| وِسام | وِرتو |
| يـڀُ (be copulated) | وِساڻو |
| يـھہ (copulate) | يڏو |

# ترتيب وار فهرست

مٿين فهرست ۾ فعلن کي الف ـ ب وار ترتيب ڏنو ويو هو ته جيئن حوالي ڏيڻ ۾ سولائي ٿئي. انهن کي ٻيهر ورجايو ويندو پر اسم مفعول جي صورت مطابق ترتيب ڏيئي. هن فهرست ۾ اهڙيون صورتون جن ۾ "ائو" يا "يو" پڇاڙيون هجن، آئڻ کان پاسو ڪيو ويندو پر اهڙا ڌاتو جن ۾ اهي ايندڙيون آهن انهن کي تاري * جي نشانيءَ سان ظاهر ڪيو ويو آهي.

1 ـ ڪيترائي فعل، اسم مفعول ٺاهڻ مهل "او" ڌاتوءَ ۾ ڳنڍيجندا آهن. اسين ڏسي چڪا آهيون ته اهڙا ڌاتو جن جي پڇاڙيءَ ۾ "اِ"، "اي" يا "چ"، "ڇ"، "ج" يا "جهہ" هوندا اتي اهو اصول لاڳو ٿيندو آهي. ٻين فعلن جا مثال آهن:

| ڌاتو | اسم مفعول |
|---|---|
| ٻجهہ (be bound) | ٻجهو يا ٻڌو |
| ٻنڌ (bind) | |
| ٻُڌ | ٻُڌو |
| ڀُڄ | ڀڳو |
| چُن (متعدي) | چُنو |
| چَڄ (لازمي) | |
| ڇُٽ | ڇُٽو |
| ڇُڪ | ڇُڪو |
| ڏاءِ (ڏراءِ) | ڏائو (ڏرائو) |
| ڏاپ (ڏراپ) | |
| ڳُت | ڳُتو |
| لڳ * | لڳو (حيدرآباد) |
| لِڪ * | لِڪو |
| پرچ | پرچو/پرتو |
| ٽات | ٽاتو |
| ٽِت | ٽِتو |
| سمجهہ | سمجهو/سمُتو |
| سُڪ | سُڪو |
| ٿڪ | ٿڪو |
| اُت | اُتو |

جيڪڏهن ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ ۾ حرف صحيح "ڻ" هجي ته اڪثر ڪري "او" ڳنڍجڻ کان اڳ ان کي ڪڍي ڇڏيو آهي. جيئن:

| فعل | اسم مفعول |
|---|---|
| ڏڻ (choose) | ڏٺو |
| چڙ * | چاتو/چايو |
| چاپ * | ان ۾ ڌاتوءَ جي حرف علت کي ڊگهو ڪيو آهي. |
| ڪڻ * | ڪَنيو- هن ۾ ڌاتوءَ جي حرف صحيح کي گهٽو |
| | ڪري ان ۾ "ي" ملائي وئي آهي. |
| سُڻ * | |
| سُڃ | سُٺو |
| وڪڻ | وڪئو |

اهو ڏسي سگهجي ٿو ته سڀني حالتن ۾ "ڻ" پڇاڙيءَ ۾ موجود آهي. صرف هڪ بي قاعدي "ڻ" آهي لفظ "چاڻ" ۾ جيڪي پڻ ختم ڪئي وڃي ٿي جيئن "چاتو" ۾ آهي (هيٺ ڏسو) جڏهن ته "اُڻ" قاعدي موجب آهي (هيٺ ڏسو) انهيءَ قسم جي ٻين بي قاعدگين جا مثال آهن:

| فعل | اسم مفعول |
|---|---|
| آچ | آيو |
| پہ | پٺو/پيٺو |
| ڪر | ڪيو/ڪيو/ڪِئو |
| ڳومائج يا | ڪومايو/ڪوماٺو |
| ڪومائج | مُئو/مو |
| مر | اُٺو |
| اُج | |
| اُڻ | وئو |
| وَڃ | |

2 ـ ڪيترائي فعل "تو" ملائڻ کان پوءِ اسم مفعول ٺاهيندا آهن جنهن کي سڌو سنئون ڌاتوءَ سان ملائبو آهي.

| اسم مفعول | فعل |
|---|---|
| لاتو | لا ٭ |
| پاتو | پا |
| پيتو | پي |
| پوٽو | پُو |
| آلتو | ال |
| جَهلتو | جهل |
| سَلتو | سل |

اهو ڏسي سگهجي ٿو تہ مٿين ڌاتن جي پڇاڙيءَ ۾ يا تہ ڪو حرف علت آهي يا وري "ل" اکر آهي. حرف علت وارا ٻيا ڌاتو ٻين طريقن سان اسم مفعول ٺاهيندا آهن پر "ل" پڇاڙيءَ سان ڪي ٻيا ڌاتو ڪونہ آهن. باقي ٻيا اهڙا ڌاتو جن جي پڇاڙيءَ ۾ "چ"، "مب"، "پ"، "ر" ۽ "ٽ" هجن تہ اهي آخري حرف صحيح کي ڪيرائي ان ۾ "تو" گڏي ڇڏيندا آهن. مثلاً:

| اسم مفعول | فعل |
|---|---|
| پُتو | پُچ (be digested) |
| مَتو | مَچ |
| پَهُتو | پَهُچ |
| پرتو | پرچ |
| پيتو | پيچ (be repaid) |
| رَتو | رَچ |
| وِرتو | وِرچ |
| جُتو | جُمب ٭ |
| لِتو | لِمب ٭ |
| چُتو | چُپ / چُهہ |
| گَتو | گَپ |
| کَتو | کَپ |
| کُتو | کُپ |
| تَتو | تَپ |
| اکتو | اُڪر ٭ |
| چاتو | چاڙ |
| سمٿور/سمجُهو | سمجهہ |
| سجاتو | سجاڻ |
| وِهتو | وَنهچ |

ساڳئي درجي وارا پر وڌيڪ بي قاعدگين وارا فعل:

| فعل | اسم مفعول |
|---|---|
| ڪر | ڪيتو/ڪئو/ڪيو |
| پُڇ | پڇتو/پُڇنو |
| سُمهه | سُتو/سمهيو |
| وٺ | ورتو/ورتو/وٺو/وردو |

3 ـ ٻي ڌاتو "هه" پڇاڙيءَ وارا ۽ ڇهه "س" پڇاڙيءَ وارا اهڙا آهن جيڪي آخري حرف صحيح کي "تو" سان بدلائي پوءِ اسم مفعول ٺاهيندا آهن: جيئن:

| فعل | اسم مفعول |
|---|---|
| ڪُهه | ڪُتو |
| لَهه | لَٿو |
| اُلهه | اُلٿو |
| ڳُس* | ڳُٿو |
| ڪِس | ڪِٿو |
| ڪُسِ* | ڪُٿو |
| ڦَس | ڦَٿو |
| ڦاس | ڦاٿو |
| ڦِس | ڦِٿو |

4ـ اهو پڻ ڏسنداسين ته ڪي ٻيا ڌاتو جيڪي "هه" سان ختم ٿين ٿا اسم مفعول ٺاهڻ مهل "ڌو" پڇاڙي ڳنڍيين ٿا پر گهٽو ڪري "هه" يا "س" واريون صورتون "ٺو" ۾ مٽجن ٿيون. مثلاً:

| فعل | اسم مفعول |
|---|---|
| ٻهه يا ٻيهه | ٻيٺو |
| ڇُهه | ڇُٺو |
| ڊِهه (ڊِرهه) | ڊِٺو (ڊِرٺو) |
| ڊاهه (ڊراهه) | ڊاٺو (ڊراٺو) |
| ڳهه / ڳس | ڳٺو |
| ڪُهه / ڪُس | ڪُٺو |

| | |
|---|---|
| لُوهہ (scorch) | لوٺو |
| لُوسڻ (be scorched) | |
| مُهہ | مُٺو |
| پِهہ/پيهہ | پيٺو |
| پيهہ/پِس | |
| ٿهہ (ٿرهہ) | ٿٺو/ٿاٺو (ٿرٺو ٿراٺو) |
| ٿاهہ (ٿراهہ) | |
| اُباهہ | اٻيٺو |
| ويهہ | ويٺو |
| ڏِس | ڏِٺو |
| رُس | رُٺو |
| ٿُس (be gratified) | تٺُو/ٿٺو |
| وَس | وَٺو/اُٺو/وُٺو |
| هي پڻ ڏسو | |
| اُگهہ | اُگهٽو |

5 ــ ٽي ڌاتو اهڙا بہ آهن جن جا اسم مفعول "دو" پڇاڙيءَ سان ٺهندا آهن ۽ ان جي آخري حرف صحيح ۾ مختلف تبديليون اينديون آهن، اهي آهن:

| فعل | اسم مفعول |
|---|---|
| آڻ | آندو |
| رِڄ | رِڌو |
| وَٺ | ورڌو/ورتو/وٺِتو |

6 ــ اهي سڀ ٻي قاعدي ڌاتو جن جي پڇاڙيءَ ۾ "جهہ" هجي، سواءِ "سَجهہ" ۽ "مُنجهہ" جي، هڪڙو "ٺهہ" وارو ۽ هڪڙو "ٻ" وارو پنهنجا اسم مفعول ٺاهڻ لاءِ آخري حرف علت جي جاءِ تي "ڌو" لڳائيندا آهن.

| فعل | اسم مفعول |
|---|---|
| ٻَجهہ (be bound) | ٻڌو |
| ٻَنڌ (bind) | ٻجهو |
| ٻُنڌ | ٻُڌو |
| پُرجهہ | پُرڌو |
| رِجهہ | رُڌو |
| رِنڌ | |
| ريجهہ | ريڌو |
| رُجهہ | رُڌو |
| سِجهہ | سِجهو |
| وِجهہ | وِڌو |
| ڏَهہ (torment) | ڏَڌو |
| جَهہ | جڌو |
| جَپ | |
| لَهہ | لڌو |
| لَپ | |
| يَهہ | يڌو |
| يَپ | |
| ڳنهہ | ڳڌو |
| رُپ يا رُمپ (be engaged) | رُڌو |

اهي سيئي ڌاتو جيڪي ٻي قاعده بہ آهن ۽ پڇاڙيءَ ۾ "اُم" اڻن ۽ "ج" يا "ڄ" وارا ڪيترائي ڌاتو ۽ بہ ٻيا ڌاتو پنهنجي اسم مفعول ٺاهڻ لاءِ آخري وينجڻ (حرف صحيح) جي جاءِ تي "ٽو" ڳنڍيندا آهن. پر جي ڪو ڌاتو سُر يا حرف علت تي ختم ٿئي تہ پوءِ سڌو سنئون "ٽو" جي پڇاڙي اچي ويندي، مثلاً:

| فعل | اسم مفعول |
|---|---|
| هَپام (become less) | هَپاٽو |
| جهَپام (become less) | جَهپاٽو |
| ڪام | ڪاٽو |
| اُيام | اُياٽو |
| اُڏام | اُڏاٽو |
| اُجهام | اُجهاٽو |

| | |
|---|---|
| وڪام | وڪاڻو |
| وِسام | وِساڻو |
| ڪومائج/ڪومائِج | ڳوماڻو |
| سمائج | سماڻو |
| ساماٰئج | ساماڻو |
| پِچ | پِڄو[1] |
| ٻِج (ٻرج) | ٻڌو (ٻرڌو) |
| سُج | سوڌو (ڌاتو واري سُر کي ٻگهو ڪيو ويو آهي) |

انهيءَ ساڳئي درجي جا ٻيا ڌاتو جيڪي وڌيڪ بي قاعده آهن:

| فعل | اسم مفعول |
|---|---|
| سمير | سنيوڌو/سنيوڙو/سنيِرِيو |

7۔ ٽي ڌاتو پڇاڙيءَ ۾ "نو" سان اسم مفعول ٺاهين ٿا: اهي آهن:

| فعل | اسم مفعول |
|---|---|
| ڏِ | ڏنو |
| پُچ | پُنو |
| رو | رُنو |

8۔ ٻه ڌاتو "ج" سان اهڙا آهن جيڪي آخري "ج" کي "ڳ" ۾ بدلائين ٿا مثلاً:

| فعل | اسم مفعول |
|---|---|
| ڀَج | ڀڳو |
| ڀِج (متعدي) | ڀِڳو |
| ڀُج | ڀُڳو |
| ڀُج (متعدي) | ڀُڳو |

9 ۔ ٽي ڌاتو اهڙا به آهن جيڪي ڪنهن به درجي بنديءَ ۾ نٿا اچن, اُهي آهن:

[1] موجوده ٻوليءَ ۾ "پِنو" ۽ "ڏنو" آهن. "ڄو" پڇاڙي ڪانهي.(مترجم)

**الف ـ "اَ" پڇاڙيءَ وارو ڦيرو:**

**فعل لازمي:**

"سمجھ ـ ۾ اچي چوڻ لڳو."

"آءٌ اٿي پنھن ـ جي پيءُ ـ وٹ وڃي چوندوسانس."

**فعل متعدي:**

"سي جيڪر مان ڪائي پنھن ـ جو پيٺ ڀريان."

"ھي ٻڌي ڪاوڙجي، اندر وڃڻ چگو نہ پاياڻين."

"ٻڌي" (متعدي) "ڪاوڙجي" (لازمي ماضي معطوفي ٽيون قسم)

"آءٌ کھي خوشي ڪريان."

"مون ـ کي ڏسي گھوڙي ـ تي ([1]) لٿو."

**ب ـ "اِ" پڇاڙيءَ وارو متصل ڦيرو:**

"جنھن ڊوڙي پاڪڙ پائي کيس چُميو."

"ڊوڙي" (اَ ـ پڇاڙي)، "پائي" (اِ ـ پڇاڙي).

"ھڪڙي پانھي ـ کي ڪوئي پڇياڻين."

"ھڪ ماٺھو گھوڙو ڪاھي پي ـ آيو". (II)

ٻئي نموني جي ماضي معطوفيءَ لاءِ اسان وٽ آھي:

"ھو ھُن وڻ ـ ھيٺ، گھوڙي ـ تي چڙھيو ويٺو آھي." (230)

ٽئين نموني جي ماضي معطوفيءَ لاءِ اسان وٽ آھي "ڪاوڙجي" وارو مٿيون ھڪ مثال.

**متعدي مجھول وارو اسم فاعل:** (Noun of Agency)

ھن جا ٻہ قسم آھن:

1 ـ پھرئين قسم جا اسم فاعل مصدر جي مفعولي. حالت پٺيان ـ "وارو" لڳائڻ سان ٺھندا آھن. "ھلڻ" جي مفعولي حالت ٿيندي "ھلڻَ" ۽ ان مان اسم فاعل ٺھندو "ھلڻ ـ وارو". ساڳيءَ طرح "ڏيڻ" جي مفعولي حالت "ڏيڻَ" ۽ اسم فاعل "ڏيڻَ ـ وارو".

2 ـ ٻئي قسم جا اسم فاعل "ھارُ" کي مصدر جي مفعولي حالت ۾ ڳنڍڻ سان ٺھندا آھن "ھلڻَ ـ ھارُ" "لکڻَ ـ ھارُ". انھيءَ قسم کي اڪثر ھڪ قسم جو اسم استقبال وارو مفھوم ھوندو آھي، جنھن جي ڪري انھن جي معنيٰ اھا بہ ٿي سگھي ٿي تہ "اھو جيڪو وڃڻ لاءِ تيار آھي" يا "اھو جيڪو ھاڻ لکڻ وارو آھي."

[1] موجوده سنڌيءَ ۾ "تان" (مترجم)

# معاون فعل ۽ بنيادي يا پڪا فعل:

(Auxiliary Verbs and Verbs Substantive)

باقاعدي فعل جي گردان بابت ڄاڻڻ کان اڳ اهو ضروري آهي ته فعل جي پڪي حيثيت جي مختلف قسمن بابت ڄاڻ حاصل ڪريون، جن مان ٻين فعلن جي گردانن ۾ مددگار فعلن طور ڪم اچن ٿا:

سنڌيءَ ۾ "To be" ("هئڻ" يا "ٿيڻ") واري معنيٰ جا ٽي فعل آهن، جيڪي معاون يا مددگار فعلن طور ڪم ايندا آهن. اهي آهن: "ٿو"، "آهيان" (I am) ۽ "هئڻ" (To be) پهريان به صرف زمان حال ۾ ٿيندا آهن پر ٽيون سيني هنڌ ٿيرو کائي ٿو. "ٿو" ضمير خالص سان ڪونه بدلبو آهي پر ان جي جنس ۽ عدد سان بلڪل ائين ٿي بدلبو آهي جيئن هنديءَ ۾ "ٿا" ڦرندو آهي، جنهن جو مطلب "هو" آهي، جنهن ۾ زمانو ماضي آهي.

اهڙيءَ طرح ان جو گردان هيئن ٿيندو: مذڪر واحد- "ٿو"، جمع "ٿا"؛ مونث واحد "ٿي" جمع "ٿيون". هي فعل زمان حال ٺاهڻ ۾ ڪم ايندو آهي ۽ انهيءَ مقصد لاءِ ان ۾ زمان مضارع جي پويان يا اڳيان لڳايو ويندو آهي، پر جيڪڏهن جملو فعل سان شروع ٿيندو هجي ته پوءِ اهو صرف پڇاڙيءَ ۾ لڳندو. اهڙيءَ طرح مضارع "هلان" مان زمان حال مذڪر ۾ "هلان- ٿو" يا "ٿو- هلان" بڻي نهندا ۽ مونث ۾ "هلان- ٿي" يا "ٿي- هلان" نهندا.

اصل ۾ اهو ڏسي سگهجي ٿو ته اهو "ٿو" هڪ صفت آهي، جيڪا بلڪل ائين ٿي ڦرندي آهي جيئن "رکو"، جنهن جو گردان اڳ ۾ ڪٿي ٻڌائي آيا آهيون. ان جي مفعولي صورت "ٿي" عام طور ماضي مدامي (habitual) ٺاهڻ ۾ ڪم ايندي آهي، ۽ انهيءَ مقصد لاءِ ان کي زمان ماضيءَ جي اڳيان يا ڪڏهن پٺيان به لڳائبو آهي. اهڙيءَ طرح ماضي "هليُس" مان "ٿي- هليُس" يا "هليُس- ٿي" ماضي مدامي استمراري ٺهندو.

"آهيان" فعل هڪ پڪو فعل به آهي ته هڪ مددگار يا معاون فعل به آهي. معاون فعل جي حيثيت ۾ ان کي اسم حاليه سان ملائي، زمان حال مدامي ٺاهبو آهي ۽ اسم مفعول سان ڳنڍي زمان ماضي قريب ٺاهبو آهي. اهڙيءَ ريت اسم حاليه "هلندو" مان حال مدامي ٺهندو "هلندو آهيان" ([1] جڏهن ته اسم مفعول "هليو" مان ماضي قريب "هليو آهيان" ٺهندو. ([2] اهو ضمير ۽ عدد سان ڦرندو پر جنس سان ڪونه ڦرندو. اهڙيءَ طرح اهو هنديءَ جي "هون" (I am) جي برابر آهي. ان جو ڦيرو هيئن ٿيندو.

| جمع | واحد |
|---|---|
| آهيون/آنهيون | 1 ـ آهيان/آنهيان |
| آهيو/آهيو | 2 ـ آهين/آنهين |
| آهِن/آنهن | 3ـ آهي/آنهي |

[1] سنڌي گرامر ۾ اها ترڪيب "زمان حال مدامي" چئبي پر گريئرسن ان کي ماضيءَ جو زمان habitual لکيو آهي.

[2] سنڌي گرامر ۾ اها ترڪيب زمان ماضي قريب ۽ انگريزيءَ ۾ Present Perfect tense سڏبي آهي. (مترجم)

"آن" ۾ موجود گھٽو يا نڪائون آواز مرضيءَ موجب ڇڏي به سگھجي ٿو ۽ ايئن "آهيان"، "آهين" به چئي سگھون ٿا. اهو ڏيان ۾ رکڻ گهرجي ته ضمير حاضر جمع ۽ ضمير غائب واحد ۾ جيڪو "آ" آهي، ان ۾ نڪ مان گھٽو آواز نٿو ڪڍجي. جيڪڏهن ان ڪان اڳ ۾ ناڪاري لفظ "نه" اچي ته پوءِ اهو ان ۾ ضم ٿي ويندو آهي، جيئن "نه آهي" بدران "ناهي" ٿئي ٿو. ساڳيءَ طرح "ڪونه" ۽ مونث ۾ "ڪانه" ۽ "ڪي نه" سان گڏجي "ڪونهي"، "ڪانهي" ۽ "ڪينهي" ٺهن ٿا. لاڙ يا هيٺين سنڌ ۾ ان فعل مان "هه" جو اچار ڪيرائڻ جو لاڙو آهي. اهڙي طرح اسان کي هيٺيون صورتون ملن ٿيون.

| جمع | واحد |
|---|---|
| آيون | 1ـ آيان |
| آيو | 2ـ آئين |
| آهن | 3ـ آهي |

فعل "هئڻ" (to exist, to be وجود رکڻ) کي يڪو گردان حاصل آهي. صرف مکيه جزا ۽ اهي زمان جيڪي مددگار طور ڪم اچن ٿا هتي ڏجن ٿا. ٻين زمانن ۾ ڪي به ڏکيائيون ڪونه آهن.

امر واحد حاضر ـ "هُئُه"، "هو" يا "هُج" ڏاتو: "هو"

مصدر ـ "هئڻُ"، "هجڻُ"

اسم حاليه ـ "هوندو" (هُئندو" لاءِ)

اسم مفعول ـ "هُئو" يا "هو" جمع "هئا" يا "ها" مونث "هُئي" جمع "هيون".

ماضي معطوفي ـ هوئي، هُجي

## زمان مضارع ـ "هُئان" "هجان"

| جمع | واحد |
|---|---|
| هُئون/هُجون | هُئان/هُجان |
| هوهُئو هُجو | هُئين/هجين/هئين/هُجين |
| هُئن، هون، هُجن | هئي، هجي |

## زمان مستقبل ـ "هوندس"

| جمع | | واحد | |
|---|---|---|---|
| مونث | مذڪر | مونث | مذڪر |
| هُوندئونسين/هُو نديونيسن | هونداسين/سون | هونديس/هوندئس | 1ـ هُوندُس |
| هُوندئون/هُونديون | هوندئو/هوندو | هوندينءَ/هونديئنءَ | 2ـ هُوندين |
| هُوندِئُون/هُوندِيون | هوندا | هوندي | 3ـ هُوندو |

لاڙيا هيئينءَ سنڌ ۾ ضمير حاضر جمع مذڪر ۾ "هوندا" بہ ٿي سگهي ٿو.

### زمان ماضي ـ "هوس" وغيره

| واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|
| مذڪر | مونث | مذڪر | مونث |
| هوسِ | هُيس | هئاسين/هاسين/سون | هُيونسين/سُون |
| هُئين | هُيَنءَ/هُئينءَ | هُئئو/هُئو | هُيون |
| هُئو/هو | هُئي/هي | هُئا/ها | هُيون |

لاڙيا هيئينءَ سنڌ ۾ ضمير حاضر واحد مذڪر ۾ "هوئين" ۽ جمع ۾ "هئا" بہ ٿي سگهي ٿو.

ٻيا زمان مٿي ڏنل نمونن مطابق قاعدي موجب نهندا آهن ۽ ان ۾ ڪا بہ مشڪل پيش ڪانہ ايندي آهي.

هڪ ٻيو بہ پڪو فعل آهي "ٿيڻ" (to become) جيڪو پڻ هميشہ ڦيرو ڪائي ٿو ان جا مکيہ حصا هيٺ ڏجن ٿا:

امر واحد حاضر .................... "ٿيءُ"

ڌاتو.................................... "ٿي"

مصدر .................................. "ٿيڻ"

اسم حاليہ ............................ "ٿيندو" (ٿيئندو لاءِ)

اسم مفعول/ماضي مطلق ...... "ٿيو"

ماضي معطوفي .................. "ٿي" (ڪري)، ٿيو

### زمان مضارع

| واحد | جمع |
|---|---|
| 1ـ ٿيان | ٿيُون |
| 2ـ ٿئين/ٿِين | ٿئو |
| 3ـ ٿئي | ٿئِين/ٿِين |

### زمان مستقبل

| واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|
| مذڪر | مونث | مذڪر | مونث |
| 1ـ ٿيندُسِ | ٿيندئسِ/ٿينديَس | ٿينداسين/سون | ٿيندئون سين/سون/ٿينديئونيس |
| 2ـ ٿيندين | ٿيندينءَ/ٿيندئين | ٿيندؤ/ٿيندو | ٿيندئون/ٿينديون |
| 3ـ ٿيندو | ٿيندي | ٿيندِا | ٿيندئون/ٿينديون |

بنيادي (radical) زمان چئبو آهي. ٻئي گروهه ۾ اهي زمان اچي ٿا وڃن جيڪي ڪردنتن مان نهندا آهن. ان ڪري اُهي ڪردنتي زمان (participle tenses) سڏبا آهن. ڪردنتي زمان وري ٻن گروهن ۾ ورهايل آهن، جن مان هڪڙا اسم حاليه ۽ ٻيا اسم مفعول مان نهيل آهن.

صورت جي فرق موجب گردان جو سرشتو ساڳيو هنديءَ سان نهڪندڙ آهي پر هتي ڪي اهڙا واڌو زمان آهن جيڪي هن ٻوليءَ ۾ ڪونه آهن. ۽ هڪ هندي زمان - زمان ماضي شرطيه (Past conditonal) سنڌيءَ ۾ ڪتل آهي.

**اڻ مقرر صورتون** (Non_Finite forms)

(هنن ۾ "اِ" واري متصل ڦيري جون صورتون صرف ان وقت ڏنيون ويون آهن، جڏهن اُهي "آ" واري ڦيري کان جدا يا مختلف هجن.)

| | اَ- وارو گردان | اِ- وارو گردان |
|---|---|---|
| ڌاتو | هل | مار |
| مصدر | هلڻُ | ...... |
| اسم حاليه | هلَندو | مارِيندو |
| اسم مفعول | هلئو/هليو/هليلُ | ........ |

**مجهول اسم استقبال:**

"مارڻو" (بس هاڻ مارڻ وارو.) اهو ٻنهي قسم جي گردانن ۾ ٿيندو آهي پر صرف متعدي فعلن ۾.

**ماضي معطوفي (ڳنڍيندڙ ڪردنت)**

| | |
|---|---|
| هلي (ڪري) | ماري |
| هليو/هليون | ..... |
| هلِج/هليج (لازمي) | مارِجي/مارجي |
| | (يا ڪنهن به گردان جو متعدي فعل) |

**متعدي مجهول جو اسم فاعل**

| | |
|---|---|
| هَلڻ وارو | (جيڪو هلڻ وارو هجي) |
| هلڻَ هارُ | ....... |

## بنيادي زمان

هڪ ڌاتوءَ مان ٽي زمان نهي سگهن ٿا، امر، مضارع ۽ حال. انهن مان هر هڪ پنهنجي "آ" يا "اِ" متصل پڇاڙيءَ موجب ڦرندو آهي.

امر جو گردان هن ريت ٿيندو آهي:

| "اَ" متصل پڇاڙي | "اِ" متصل پڇاڙي |
|---|---|
| ضمير حاضر واحد- هلُ | مارِ |
| ضمير حاضر جمع- هلو | مارِئو/ماريو/ماريهو |

هينان فعل پنهنجا امر بي قاعدي ٺاهيندا آهن:

| ڌاتو | ضمير حاضر واحد ـ امر |
|---|---|
| "ويهہ" | "ويهہُ" |
| "اچ" | "اچُ" يا "آءِ" |
| "وڃ" | "وڃُ" يا "واءِ" |
| "ڏِ" | "ڏي" |
| "نِ" | "ني" |
| "هو" | "هوءِ" يا "هو" |

هڪڙو احترام واروامر (امر نيازي)، ڌاتوءَ ۾ "اِڄ"، "اِيڄ" يا "اڄُ" ملائي، امر واحد ٺاهبو آهي. اهو ٻنهي قسم جي گردانن لاءِ ساڳيو آهي سواءِ ان جي، جو آخر ۾ ايندڙ "اِڄُ" پڇاڙي گهٽو ڪري "آ"ـ پڇاڙي واري گردان ۾ ڏسبي آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن ٻئي قسم ۾ بہ ٿيندي آهي. جمع جا ڪيترائي روپ آهن جيئن هتي ڏنا ويا آهن:

**واحد حاضر ـ** هلِج، هليِج، هلجُ (امر نيازي)

**جمع حاضر ـ** هلِجو هِلجا، هِلجاءِ، هلجاهہ هلجاءِ
هلجاهُہ هلجاءِ يا هليجو هليجا
هليجاءِ، هليجاهہ، هليجاهُہ يا
هليجاءِ ـ

اهي صورتون هلجا (هليجا) وغيره احترامي آهن.

جيڪڏهن ڪنهن ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ ۾ "اِ" يا "اِي" هجي تہ پويان ڳنڍجندڙ پشتي جو شروعاتي "اِ" آواز ختم ٿي ويندو جيئن ڌاتو "ڪہ" احترام واري يا امر نيازي ۾ ٿيندو "ڪِج". ڌاتو "ٿِي" ساڳي طرح ٿي ويندو "ٿِج" يا "ٿِيج". هن زمان ۾ "ڪر" ڌاتو بي قاعدي آهي. ان ڪري ان جو امر نيازي "ڪِج" يا "ڪَج" ٿيندو.

**زمان مضارع** (The Old Present):

جيئن نالي مان ظاهر ([1]) آهي تہ ان ۾ اصل ۾ زمان حال ڏيکارڻ واري سگهہ هئي جيڪا ڳالهہ موجوده دؤر ۾ قائم نہ رهي آهي، صرف پهاڪن ۽ شاعريءَ ۾ اها نظر اچي ٿي. اڄڪلهہ عام استعمال ۾ بين هندستاني ٻولين جيان عموماً ان ۾ زمان حال شرطيہ وارو زور آهي. ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ مستقبل سان پڻ لاڳاپو نظر اچي ٿو جيئن ڪشميريءَ ۾ هميشہ ٿيندو آهي. جيئن هن جملي ۾ آهي "هتِ هُنَ ـ ڪي ڪوئيان." ان زمان جو گردان ٿيندو.

---

[1] زمان مضارع کي گريئرسن (Old Persent) لکيو آهي ان ڪري وضاحت ۾ ان کي پراڻو 'زمان حال' ڄاڻائي ٿو.

## زمان مضارع

| آ- گردان | | اِ- گردان | |
|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد | جمع |
| 1- هَلان | هَلُون | ماريان | مارِيُون |
| 2- هلئين/هلين | هلو | مارِيين/مارئين/مارين | ماريو |
| 3- هَلي | هَلَن | ماري | مارِن/مارِين |

ٻين فعلن کي هن زمان ۾ ڦيرائڻ مهل هيٺين اصولن تي هلڻ گھرجي:

### "آ" پڇاڙي وارو متصل ڦيرو:

(1) جيڪي ڌاتو پنهنجا سُر (حرف علت) مصدر ۾ ڇوٽا ڪري ڇڏيندا آهن، اُهي زمانن ۾ بہ ايئن ڪندا. جيئن "پِي" جو مصدر "پيئڻُ" آهي، مضارع "پِئان" ٿيندو. "ٻُو" جو مصدر "ٻُئڻ" آهي، مضارع ٻُئان" ٿيندو. "رو" جو مصدر "رُئڻ" نهندو. پر شاعريءَ ۾ اڪثر ڊگھي سر کي قائم رکيو ويندو آهي خاص ڪري ضمير غائب واحد ۾، مثلاً: "رُئي" بدران "روئي".

(2) اهڙا "آ" يا "اِ" پڇاڙين وارا ڌاتو جيڪي "و" (يا "ي") جو آواز مصدر ۾ وجهندا آهن، زمان ۾ بہ ايئن ئي ڪندا. پر اهو صرف تڏهن ٿيندو آهي جڏهن پڇاڙيءَ جي منهن ۾ "آ" هجي جيئن ضمير متڪلم واحد واري "آن" ۽ ضمير غائب جمع واري "آن" آهن، گھڻو ڪري اُهي ضمير غائب واحد ۾ ڪونہ ٿين. اهڙيءَ طرح ڌاتو "پَہ" جو مصدر "پَوَڻُ" آهي. ان زمان ۾ "پوان" (متڪلم وارو) ۽ "پوِن" (غائب جمع) ۽ "پوي" يا "پئي" (غائب واحد) ٿيندا آهن. "چئي" يا "چوَي" کي گھڻو ڪري "چي" بہ ڪندا آهن (جنهن جي معنيٰ ٿوري مختلف بہ آهي (Says he)

(3) هن گردان وارا ڌاتو جيڪي "آ" تي ختم ٿيندا آهن، اهي "آن"، "اون" ۽ "او" ڳنڍڻ کان اڳ ۾ "يَ" وجهندا آهن، جيئن "ٻڍا- ي- آن" (ٻڍايان (I may become old) "ٻڍا- ي- اون" (ٻڍايون (we may become old) "ٻُڍا- ي- او" (ٻڍايو (you may become old).

ضمير غائب جمع "اِن" تي ختم ٿيندو آهي، "اَن" تي نہ. ڌاتو "کا" يا "کہ" جو مصدر آهي "کائِڻ" اهو "کايان" جي بدران "کان" ٿيندو.

(4) جيڪڏهن ڌاتوءَ جو پڇاڙڪو سر "اُ" آهي يا مصدر ۾ ايئن ٿئي ٿو يا وري ڌاتوءَ جي آخر ۾ "اَ" آهي جنهن جي ڪري ضمير غائب جمع ۾ آوازي سهنج لاءِ "و" وجھي ٿو تہ پوءِ "اُئِن" يا "آوَن" تبديل ٿي "اُون" بنجي ويندو جيئن ڌاتو "رو" جو مصدر "رُئڻُ" آهي انهي مان "رُئِن" يا "رُونِ" نهن ٿا (ضمير غائب جمع ۾). "پہ" جو مصدر "پَوَڻ" انهيءَ مان "پَوِنِ" يا "پُونِ" نهندا.

(5) جيڪڏهن ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ ۾ "اِ" يا "اِي" هجن تہ ساڳئي قسم جي تبديلي ضمير حاضر واحد ۽ ضمير غائب جمع ۾ ايندي اهڙيءَ ريت ڌاتو "ڏِ" - مصدر "ڏِئڻ" مان "ڏئين" يا "ڏين" (حاضر واحد ۾) ۽ ڏِئِنَ" يا "ڏِين" (غائب جمع ۾)

### "اِ" پڇاڙيءَ وارو متصل ڦيرو:

(1) هن ۾ "ي" جي جاءِ تي جتي ڪٿي "اِئہ" وجھي سگھجي ٿو جيئن "ماريان" بدران "مارِئان" ۾ ٿئي ٿو.

(2) ڌاتو "ڪر" جو ضمير غائب- جمع ۾ باقاعدي ڦيرو "ڪرِن" ٿئي ٿو پر بي قاعدي طور "ڪِن" يا "ڪَن" بہ نهن ٿا.

**زمان حال** ٺاهڻ لاءِ معاون فعل "ٿو" کي موزون ضمير خالص (شخصي) سان لڳندڙ مضارع جي اڳ يا پٺ ۾ جوڙيو آهي. جيئن اڳ ۾ ئي سمجهايو ويو آهي ته جيڪڏهن فعل جملي جي شروع ۾ هوندو ته پوءِ اهو "ٿو" ان جي پويان ايندو نه ته ٻيءَ صورت ۾ اهو مکيه فعل جي اڳيان يا پويان اچي سگهي ٿو. اهو "ٿو" فاعل جي جنس ۽ عدد سان ڦري ٿو پر ضميرن سان نٿو ڦري. مذکر جمع "ٿا" اٿس ۽ مونث واحد "ٿي" جنهن جي جمع "ٿِئون".

مثال طور:

| | | |
|---|---|---|
| "ٿو هَلان" | يا | " هَلان ٿو" |
| "ٿي هَلان" | يا | " هَلان ٿي" |
| "ٿا ماريون" | يا | "ماريون ٿا" |
| "ٿئون ماريون" | يا | "ماريون ٿئون" |
| "ٿو هلي" | يا | "هلي ٿو" |
| "ٿي ماري" | يا | "ماري ٿي" |

اهڙيءَ طرح ٻين ضميرن سان هلندو ويندو.

جيئن اڳ ۾ چيوسين ته مضارع پنهنجي سر بنا "ٿو" استعمال ڪرڻ جي به ڪڏهن ڪڏهن زمان حال جي معنيٰ ۾ ڪم آڻبو آهي، خاص ڪري ٻهاڪن ۽ شاعريءَ ۾.

ڪڏهن وري "ٿو" جي بدران "پيٺو" به استعمال ٿيندو آهي جيڪو "پئوڻُ" جو اسم مفعول آهي، جنهن جو مطلب ڪنهن ڪم جي مستقل جاري هئڻ ڏانهن اشارو ڏيڻ آهي. جيئن (لاڙي لهجي ۾ جملو نمبر 228 ۾ آهي) "هُو مالَ- کي پيٺو چاري". اهو آهي ته زمان حال استمراري جيڪو عام طور زمان حال سڏبو آهي.

**مشتق يا ڪردنتي زمان** (Participial Tenses):

جيئن هنديءَ ۾ ٿيندو آهي، ايئن ئي اسم حاليه ۽ اسم مفعول پنهي يا ته معاون فعل سان گڏ يا ان کان سواءِ به ڪم آڻبا آهن. جنهن سان ڪردنتي زمان ٺهندا آهن. هنديءَ ۾ زمان ماضي شرطيه ٺاهڻ لاءِ صرف اسم حاليه ڪم آڻيندا آهن جيئن "مين چلا" (I went) ۾ آهي. سنڌيءَ ۾ اسم حاليه سان ايئن ڪونهي. ڪنهن معاون فعل کان سواءِ اسم حاليه مان زمان مستقبل اشارو (indicative) ٺهندو آهي. ماضي شرطيه نه ۽ اهڙي حالت ۾ ان سان ضميري پڇاڙيون لڳنديون. جيڪي فاعلي حالت واريون هونديون آهن. ته جيئن ضمير (شخص) ڏانهن اشارو ٿئي. سنڌيءَ ۾ ماضي شرطيه ظاهر ڪرڻ لاءِ هلندڙ يا ماضي استمراري(Imperfect)، ماضي (past) ۽ ماضي بعيد (past perfect) جو ذريعو استعمال ڪندا آهن.

ٻئي طرف هنديءَ وانگر صرف اسم مفعول کي استعمال ڪري زمان ماضي ٺاهيندا آهن. ان کان سواءِ جيڪڏهن ضرورت پوي ته عام طرح ضميري پڇاڙيون پڻ ڳنڍيندا آهن. لازمي فعل فطري طور فاعلي حالت جون پڇاڙيون لڳائيندا آهن. ۽ ايئن ئي متعدي فعلن جا اسم مفعول (جيڪي مجهول جي معنيٰ رکندا آهن) پڻ ڪندا آهن. جيڪڏهن انهن کي مجهول ڪري ڪم آڻجي ته .... اهڙيءَ طرح سان "هليو"- "هليس" (متڪلم) "ماريو"- "ماريَس" (متڪلم مجهول). جيڪڏهن اسين چاهيون ته ڪنهن متعدي فعل جي اسم مفعول کي معروف جي صورت ۾ استعمال ڪريون ته پوءِ اسان کي فاعل کي مجهول واري حالت فاعلي ۾ رکڻو پوندو يا وري ساڳيءَ حالت جي ضميري پڇاڙي استعمال ڪرڻي پوندي. جيئن "مون ماريو" يا "مارئِم" ۾ آهي. هن وقت اسين صرف فاعلي حالت جي ضميري پڇاڙين جي ڳالهه ڪنداسين. پوءِ واري سان ٻين حالتن جي ضميري پڇاڙين جو ذڪر اڳتي ڪيل آهي. جتي اهو پڻ معلوم ٿيندو ته ڪردنتن جي پڇاڙين ۾ لڳندڙ

پشتن سان انهن ۾ ڪهڙيون تبديليون اچن ٿيون. هتي هڪ نڪتي تي ڌيان جي ضرورت آهي. ضمير غائب جون ڪي بہ فاعلي پڇاڙيون ڪونہ ٿينديون آهن. ان ڪري ڪردنت سان ڪابہ ڪانہ ڳنڍبي آهي ۽ هنديءَ وانگي هتي بہ ٻنهي زمانن جا ضمير غائب واحد خالي ڪردنتن تي مشتمل آهن.

## اسم حاليہ مان ٺهندڙ زمان

### زمان مستقبل

اسم حاليہ ۾ حالت فاعليءَ واريون ضميري پڇاڙيون ڳنڍڻ سان زمان مستقبل ٺهندو آهي. اسم حاليہ گردان جي مطابق مختلف هوندو آهي، ۽ عدد ۽ جنس سان ڦرندو آهي.

اسم حاليہ هن ريت آهن:

"آ" متصل پڇاڙيءَ وارو ڦيرو ـ مذڪر واحد ـ "هلندو" ، جمع "هلندا".

مونث واحد "هلندي"، جمع "هلنديون".

"اِ" پڇاڙيءَ وارو متصل ڦيرو۔ مذڪر واحد ـ "ماريندو" ، جمع "ماريندا"

مونث واحد "ماريندي"، جمع "ماريندئون".

زمان مستقبل جو گردان هن طرح ٿيندو:

### "آ" ـ پڇاڙيءَ وارو متصل ڦيرو

| واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|
| مذڪر | مونث | مذڪر | مونث |
| 1ـ هلندُسِ | هلندئسِ/هلنديسِ | هلنداسين/سون | هلندئون سين/ هلنديون سين/سون<br>هلندئون/هلنديون |
| 2ـ هلندين | هلنديءَ، هلنديئن | هلندوَ/هلندو | هلندئون/هلنديون |
| 3ـ هلندو | هلندي | هلندا | |

لاڙيا هيليءَ سنڌ ۾ ضمير حاضر جمع مذڪر لاءِ "هلندا" بہ ٿيندو آهي.

### "اِ" متصل پڇاڙيءَ وارو ڦيرو:

واحد مذڪر "ماريندُسِ" مونث "ماريندئس" يا "ماريندِيَسِ" وغيره وغيره. ساڳيو "آ"ـ گردان وانگي ٿيندو.

### زمان حال مدامي:

زمان حال مدامي ٺاهڻ لاءِ مکيہ فعل جي اسم حاليہ ۾ فعل "آهيان" ڳنڍيو آهي. ڪردنت (اسم مشتق) بهرحال عدد ۽ جنس موجب ڦرندو آهي.

**"آ" پڇاڙيءَ وارو متصل ڦيرو:**

| واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|
| مذڪر | مونث | مذڪر | مونث |
| هلندو آهيانِ | هلندي آهيان | هلندا آهيون | هلندئون آهيون |
| هلندو آهين | هلندي آهين | هلندا آهيو | هلندئون آهيو |
| هلندو | هلندي آهي | هلندا آهن | هلنديون آهن |

**"اِ" پڇاڙيءَ وارو متصل ڦيرو:**

"ماريندو آهيان" کان شروع ٿي ساڳئي نموني ڦيرو ٿيندو ويندو جيئن "آ" واري- ڦيري ۾ ٿيو. پنهي صورتن ۾ معاون فعل مناسبت سان استعمال ٿيندو آهي.

ماضي مدامي ٺاهڻ لاءِ "هوس" جو گردان ٿيندو جيڪو "هُئڻ" جو زمان ماضي آهي، ۽ اسم حاليہ سان ان جو گردان هيٺينءَ ريت ٿيندو.

**"آ" پڇاڙي وارو متصل ڦيرو:**

| واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|
| مذڪر | مونث | مذڪر | مونث |
| 1_ هلندو هوس | هلندي هُئسِ | هلندا هئاسين/سون | هلندئون هيون سين/سون |
| 2_ هلندو هُئين | هلندي هئينءَ | هلندا هُئو | هلندئون هيون |
| 3_ هلندو هو | هلندي هئي | هلندا هئا | هلنديون هيون |

**"اِ" پڇاڙيءَ وارو متصل ڦيرو:**

"ماريندو هوس" کان شروع ڪري، ساڳئي "اِ" جي گردان واري نموني ڦيرو ايندو ويندو. معاون فعل جو استعمال موقعي جي مناسبت سان ٿيندو ويندو.

**زمان حال متشڪي** ([1]) (Durative Future)

هن زمان ٺاهڻ لاءِ اسم حاليہ سان "هئڻ" جو مستقبل "هُوندس" گڏي پوءِ صرف "هوندس" جو گردان ڪبو اهڙيءَ ريت ضمير متڪلم واحد مذڪر لاءِ ٿيندو "هلندو هوندُسِ"، مونث لاءِ "هلندي هوندئس"، مذڪر جمع "هلندا هونداسين"، ۽ مونث جمع "هلنديون هوندئوسين". اهڙيءَ طرح "هلندُسَ" وانگي "هوندس" جو ڦيرو ٿيندو ويندو، ان ڪري هتي سمورو نقشو ڏيڻ جي ضرورت ڪانهي. ساڳئي نموني "اِ" پڇاڙي واري متصل ڦيري ۾ بہ ٿيندو.

[1] سنڌيءَ ۾ "مستقبل مدامي" واري اصطلاح بدران "زمان حال متشڪيءَ" جو اصطلاح پراڻن وياڪرڻين استعمال ڪيو آهي. ڏسو ڀيرو مل جو "وڏو سنڌي وياڪرڻ" ص 130 (مترجم)

**زمان حال متشڪي شرطيه** [1] (Durative Present Subjunctive)

هي زمان ٺاهڻ لاءِ "هئڻ" جو مضارع "هئان" اسم حاليه سان ڳنڍيو آهي. "آ" پڇاڙي واري ڦيري جو خاڪو هن ريت آهي.

**اَ ـ گردان**

| واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|
| **مذڪر** | **مونث** | **مذڪر** | **مونث** |
| هلندو هُئان | هلندي هُئان | هلندا هون | هلندِئون هون |
| هلندو هئين | هلندي هُئين | هلندا هئو | هلندئون هئو |
| هلندو هُئي | هلندي هُئي | هلندا هئِن | هلندِئون هُئن |

ساڳيءَ طرح اِ ـ سان ٿيندو. ٻنهي ڦيرن ۾ موقعي جي مناسبت سان معاون ايندا.

**اسم مفعول مان ٺهندڙ زمان:**

اسم مفعول مان ٺهندڙ زمانن ۾ "آ" ۽ "اِ" متصل پڇاڙين وارن فعلن جي ڦيرن ۾ ڪوبه فرق ڪونهي. ٻئي طرف چاڪاڻ ته متعدي فعلن جا اسم مفعول مجهول واري معنيٰ رکندا آهن اُن ڪري جڏهن معروف واري معنيٰ ۾ استعمال ڪيا آهن ته انهن فعلن جا فاعل انهن زمانن ۾ حالت فاعلي متعدي مجهول ۾ رکڻ گهرجن. بلڪل ايئن ئي جيئن هنديءَ ۾ ٿيندو آهي. بهرحال هنديءَ جي برعڪس اهڙا اسم مفعول پنهنجي اصلوڪي مجهول معنيٰ ۾ به استعمال ڪري سگهجن ٿا. پوءِ انهن جو ڦيرو بلڪل لازمي فعلن جهڙو ٿيندو. اسم مفعول هيٺين ريت ٿين ٿا.

لازمي فعل. مذڪر واحد "هليو" جمع "هلئا" مونث واحد "هلي" جمع "هلئون"

متعدي فعل مذڪر واحد "مارئو". جمع "مارئا". مونث واحد "ماري". جمع "مارِئون".

جيئن اڳ ۾ چيوسين ته هنن سڀني ۾ "ئـ" جي بدران "يـ" به وجهي سگهجي ٿي جيئن "هليو" ۾ آهي.

**لازمي زمان ماضي** ٺاهڻ لاءِ اسم مفعول ۾ حالت فاعليءَ واريون ضميري پڇاڙيون ڳنڍيبيون آهن. جيئن ته ضمير غائب لاءِ حالت فاعليءَ جون ضميري پڇاڙيون آهن ئي ڪونه. ان ڪري هن کي ضميري پڇاڙين کان سواءِ آڻبو آهي. انهيءَ زمان جو ڦيرو هن طرح آهي:

| واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|
| **مذڪر** | **مونث** | **مذڪر** | **مونث** |
| هلئس | هلئي | هلئاسين/سون | هلئون سين/سون |
| هلين | هلينءَ ـ هليئن | هلئو/هلئو | هلئون |
| هلئو | هلي | هلئا | هلِئون |

[1] "زمان حال متشڪي" جو اصطلاح هن زمان لاءِ به سنڌيءَ ۾ موجود آهي فرق ظاهر ڪرڻ لاءِ "شرطيه" جو واڌارو ڪيو ويو آهي.
(مترجم)

ٿيندي آهي، جيئن: "هِلئُس ٿي " جي ٿيندي آهي، پر اُن ۾ عام طرح اُهو اشارو هوندو آهي تہ اُهو ڪم (عادتاً) جاري يا مستقل ٿيندڙ هو. گهڻو ڪري تہ اهو "ٿي" فعل جي پٺيان ايندو آهي پر ڪڏهن ڪڏهن اڳيان بہ ايندو آهي، جيئن: زمان حال ۾ "ٿو" سان ٿيندو آهي، ۽ جيئن زمان حال ۾ ٿيندو آهي. هن زمان ۾ "ٿي" بدران "پئي" بہ استعمال ٿي سگهي ٿو. عملي طرح سان هن زمان جو ساڳيو ئي مفهوم آهي جيڪو هلندڙ يا استمراريءَ جو هوندو آهي.

**زمان ماضي قريب:**

اُهو ساڳيو هنديءَ واري نموني تي ٺهندو آهي، جنهن ۾ اسم مفعول کي معاون فعل "آهيان" سان ڦيرائبو آهي. اُهو ڪردنت عدد ۽ جنس سان ڦرندو ۽ معاون ۾ سموري ڦيري ۾ هوندو آهي. جيڪڏهن فعل متعدي هجي، معروف وارو ڦيرو هجيس ۽ اُن جو فاعل مجهولي حالت وارو هجي ۽ اُن ۾ ضميري پڇاڙي بہ نہ هجي تہ پوءِ سمجهو تہ پڪ سان ضمير غائب هوندو. اُن زمان جو گردان هيئن ٿيندو.

**آءٌ هلِئو آهيان** (I have gone)

| واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|
| مذکر | مونث | مذکر | مونث |
| هلئو آهيان | هلي آهيان | هليا آهيون | هلئون آهيون |
| هلئو آهين | هلي آهين | هلئا آهيو | هلئون آهيو |
| هلئو آهي | هلي آهي | هلئا آهن | هلئون آهن |

معاون فعل جو ٻيو ڪو مناسب بدل يا روپ بہ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

(Has been struck by me)

| واحد مفعول | | جمع مفعول | |
|---|---|---|---|
| مذکر مفعول | مونث مفعول | مذکر مفعول | مونث مفعول |
| مون (ڪان) ([1])<br>تو(ڪان)<br>هنَ (ڪان )<br>آسان(ڪان)<br>آهان(ڪان)<br>هُن (ڪان) — مارئوآهي | مون<br>تو<br>هنَ<br>آسان<br>آهان<br>هُنِ — ماري آهي | مون<br>تو<br>هنَ<br>آسان<br>آهان<br>هُنِ — ماريا آهن | مون<br>تو<br>هنَ<br>آسان<br>آهان<br>هُنِ — مارئون آهن |

[1] هتي "ڪان" محض انگريزيءَ by me جي ترجمي خاطر لکيو ويو آهي تہ "مون" ۾ حرف جر لڪل آهي. (مترجم)

اڳي جيان هتي بہ معاون فعل جو ٻيو مناسب بدل يا اصل استعمال ڪري سگهجي ٿو. ماضي قريب ضميري پڇاڙين سان بعد ۾ سمجهايو ويندو.

## زمان ماضي بعيد:

هن جي ٺاهڻ جو بہ اهوئي هنديءَ وارو نمونو آهي، جنهن ۾ اصل فعل جو اسم مفعول معاون فعل جي زمان ماضيءَ سان ڦيرو ڪائيندو آهي، ۽ "هئڻ" وارو معاون فعل ڪم ايندو آهي. ڪردنت عدد ۽ جنس سان تبديل ٿيندو ۽ معاون فعل عدد، جنس ۽ ضمير سان بدلجندو آهي. جيڪڏهن فعل متعدي آهي ۽ معروف وارو گردان اٿس ۽ فاعل مجهولي حالت وارو اٿس ۽ اُن ۾ ضميري پڇاڙي بہ ڪا نہ آهي تہ هميشہ ضمير غائب هوندو. هن زمان جو گردان هن ريت آهي:

آءٌ هلئو هوس

| مذڪر | مونث | مذڪر | مونث |
|---|---|---|---|
| واحد | | جمع | |
| هلئو هوس | هلي هُيسِ | هلئا هئاسين/سون | هلئون هيون سين/سون |
| هلئو هُئين | هلي هئينءَ | هلئا هُئو | هلئون هُيون |
| هلئو هو | هلي هئي | هلئا هئا | هلئون هِيون |

معاون فعل جو بدل استعمال ڪري سگهجي ٿو.

## زمان ماضي متشڪي[1] (Future Perfect)

هنديءَ جي "چلا هوگا" جيان هتي بہ اصل فعل جي اسم مفعول سان معاون فعل "هئڻ" جو زمان مستقبل "هوندس" ڳنڍيو هي زمان ٺاهيندا آهن. اهڙيءَ طرح ضمير متڪلم واحد مذڪر "هلئو هوندس"، مونث "هلي هوندِس" جمع مذڪر "هلئا هونداسين"، مونث "هلئون هونديون سين" (سون) وغيره ٿيندا. ايئن ئي فعل متعدي بنا ضميري پڇاڙين جي واحد مذڪر ٿيندو. "مون مارئو" هوندو مونث "مون ماري هوندي"، جمع مذڪر "مون مارئا هوندا"، مونث جمع "مون مارئون هونديون"، وغيره وغيره. سيني هنڌ معاون فعل هميشہ ضمير غائب وارو رهندو. "هوندس" جو گردان اڳتي مڪمل طرح ڏنو ويو آهي ۽ انهن جا مناسب بدل بہ استعمال ڪري سگهجن ٿا. اُن ڪري انهيءَ زمان جو سمورو خاڪو ڏيڻ غير ضروري آهي.

هيٺ ڏنل مثال، جيڪي مختلف نمونن ۽ لفظن جي فهرست مان ورتل آهن، اڪثر معروف فعلن جي زمانن تي روشني وجهن ٿا.

### امر:

### الف _ "اَ" پڇاڙيءَ وارو متصل ڦيرو:

"گهوڙو ڪپيئي، تہ ڪاهي وڃ"

---

[1] انگريزيءَ ۾ لفظ Future Perfect جو مفهوم مستقبل وارو ٿي هوندو آهي پر سنڌيءَ ۾ اسم مفعول سان زمان مستقبل (هوندو/هوندس) وغيره ڳنڍيو جيڪو زمان ٺهندو آهي ان کي سنڌي گرامر نويس ٿالو وري ماضي متشڪي (شڪ وارو) ڏيندا آهن. (مترجم)

"پوءِ گهوڙو وٺي آئِس موري." (II)

"ڪوتار بيٺس." (II)

"جڏهين گهرَ ـ کي ويجهو آيو."

"مون ـ کي ڏسي گهوڙي ـ تان لٿو." (II)

"رَبو وٺو ـ هلئو." (II)

**ب ـ متعدي فعل:**

"ڪنهن به ڪي ـ ڪي ـ نه ڏنو."

"جنهن ڊوڙي ياڪُرُ پائي کيس چميو."

"پٽس ٻانهَن ـ کي چيو."

"پٽُس ٻاهر اچي کيس سمجهايو."

"جنهن ٿنهن ـ جو مال وڃايو."

"سو مون ڏنو." (II)

"پوءِ مون سڃاتو." (II)

"تو مُو ڪنهن ـ کان ڳِڌو؟" (240)

"تو وڏي مهماني ڪئي."

**زمان ماضي مدامي (جاري)** (Habitual Past)

"موري ـ کان ٿارو شاهه وئِس ـ ٿي." (II)

"هڪ ماٺهو گهوڙو ڪاهي پي ـ آيو." (II)

**زمان ماضي قريب:**

**الف ـ لازمي فعل:**

"ڪڏهين ٿنهن ـ جي حُڪم ـ جي اُبتڙ نه هلئو آهيان."

"ٿنهن ـ جو پاءُ آيو ـ آهي."

**ب ـ متعدي فعل:**

"مون گناهه ڪيو ـ آهي."

"مون ـ کي صوبيدارَ پڪڙيو ـ آهي." (II)

"پٺهي مهماني ڪئي آهي."

**زمان ماضي بعيد:**

"ٿنهن ـ جو پٽ گهر ٿي وئو ـ هو."

**فعل بالواسطہ** (Causal Verb)

بالواسطہ صورت (Causal Voice) ۾ متعدي فعل هڪ قسم جو بالواسطہ زور رکن ٿا ۽ لازمي فعل وري متعديءَ وارو زور رکي بيهن ٿا، جيئن:

| معروف ڌاتو | بالواسطہ ڌاتو |
|---|---|
| ٻر (burn) (لازمي) | ٻار |
| ڪر (do) | ڪر يا ڪرا (cause to do) |
| تر (be saved) | تار |
| جڏهن تہ تر (fry) | ترا |
| ڳڙ (drop) (لازمي) | ڳاڙ |
| سڙ (burn) (لازمي) | ساڙ |
| جڏهن تہ اڙ (be entangled) | اڙا |
| پڙهہ (read) | پاڙهہ يا پڙها |
| ڳهہ (toil) | ڳاهہ يا ڳها |
| لهہ (descend) | لاهہ |
| جڏهن تہ لهہ (find) | لها |
| سنبهہ (be ready) | سنباهہ يا سمبها |
| ڪر (fall) | ڪير يا ڪيرا ([1]) |
| ڦر (trun) (لازمي) | ڦير يا ڦيرا |
| چڙ (be irritated) | چيڙ يا چيڙا |
| ڪِنبر (be spread) | ڪِنبير يا ڪِنبرا |
| سڌر (be arranged) | سڌار |
| وِسر (be forgotten) | وِسار |
| اُجڙ (be waste) | اُجاڙ |
| ڀُر (crumble) | ڀور |
| مُڙ (be bent) | موڙ |
| وِڇڙ (be separated) | وِڇوڙ |
| ڪُڙ (be weary) | ڪُڙا |

(2) جيڪڏهن ڪنهن معروف فعل جي مصدر ۾ "اڻ" ڇڏائڻ کان اڳ "اِ" يا "اُ" سر آهن تہ انهن "اِ" ۽ "اُ" وارن سُرن ۾ "آر" ملائڻ سان بالواسطہ ٿيندو.

[1] انهن ڌاتن مان ٺهندڙ فعلن کي استعمال ڪرڻ مهل "آ" کان پوءِ وري "اِ" (ءِ) ملائبو آهي مثلاً "ڪيراءِ"، "چيڙاءِ"، يا "ڦيراءِ" وغيره. (مترجم)

| معروف ڌاتو | معروف مصدر | بالواسطہ ڌاتو |
|---|---|---|
| ڏِ | ڏيڻُ | "ڏيار" |
| جي | جيئڻُ | جيار |
| چُہ (leak) | چُئڻُ | چئار |
| ڌو | ڌُئڻُ | ڌئار |

(3) ساڳيءَ طرح جيڪڏهن ڪنهن ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ ۾ "ھ" هجي ۽ اُن کان اڳ ۾ "اي" (يا "اِ") ته اُن ۾ "آڙ" ڳنڍبو پر جيڪڏهن "ھ" کان اڳ ۾ "اُ" هجي ته ڪونه ڳنڍبو. ٻئي طرف جي ڪنهن ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ ۾ "آ" هجي ته "را" ڳنڍبو. جيئن:

| معروف ڌاتو | بالواسطہ ڌاتو |
|---|---|
| ويھہ (sit) | ويهار |
| ڪُهہ (slaughter) | ڪها |
| ڌا (suck breast) | ڌارا |
| گما (wound) | گمارا |
| کا (eat) | کارا |

ايئن ڪيترن ٻتن بالواسطہ ڌاتن سان بہ ٿيندو آهي.

| بالواسطہ | ٻتو بالواسطہ |
|---|---|
| ڦيرا | ڦيرا را |
| گھارا | گمارا را |

(4) هيٺ ڏنل بالواسطہ ڌاتو ڪنهن بہ عام اصول موجب نٿا اچن:

| معروف ڌاتو | بالواسطہ ڌاتو |
|---|---|
| ڊِچ | ڊيچار |
| سِک | سيکار |
| سمهہ | سمهار |
| اٿ | اٿار |
| وِج | وجا |
| وينهج | وينجهار |
| پِۃ | پا<br>وجھڻ جي معنيٰ يا ڪنهن ماڻهو کي ڪپڙا پائڻ وارو 'پا' آهي. هن جو واسطو پائڻ يا حاصل ڪرڻ سان ڪونهي |

**مجهول فعل** (The Passive Verb):

مجهول حالت ۾ ڌاتو ٺاهڻ لاءِ معروف ڌاتوءَ "اِج" ملائبو آهي. جيڪڏهن معروف ڌاتو ڪنهن حرف صحيح تي ختم ٿئي ته پوءِ "اج" جو شروعاتي سر "اِ" ڪيرائي سگهجن ٿو.

جيئن: معروف ڌاتو آهي "مار" اُن جو مجهول ڌاتو ٿيندو "مارِج" يا "مارج". جيڪڏهن معروف ڌاتو ڪنهن حرف علت يا سُر تي ٿو ختم ٿئي جيڪو "اِ" يا "اي" کان سواءِ ڪو ٻيو هجي ته "اج" جو "اِ" ڪونه ڪرندو. ايئن معروف ڌاتو "وڃا" هجي ته مجهول ڌاتو "وڃائج" ٿيندو (وڃاج" ڪونه ٿيندو) معروف ڌاتو "ڌو" هجي ته مجهول ڌاتو "ڌوئج" ٿيندو.

"اِ" ۽ "اي" پڇاڙين وارا ڌاتو ٻي قاعدي هوندا آهن. اُن ڪري اسان وٽ هيٺان مثال آهن.

| معروف ڌاتو | بالواسطہ ڌاتو |
|---|---|
| ڏِ | ڏج |
| نِ | نج |
| پي | پيج |
| ٿي | ٿج (هيٺ ڏسو) |

"اي" وارا ٻيا ڌاتو "پي" جيان بدلبا.

معروف ڌاتو "ڪر" پڻ ٻي قاعدي مجهول ڌاتو ٺاهيندو آهي ۽ اُهو "ڪج" ٿيندو آهي.

نہ صرف متعدي فعلن مان مجهول ٺهندا آهن پر لازمي معروف فعل بہ ايئن ڪندا آهن پر اُنهن ۾ مجهول هيٺين ٻن طريقن مان ڪنهن هڪ طريقي موجب ٺهندو:

**الف** ـ پهرئين طريقي ۾ لازمي فعل کي مجهول ڪرڻ مهل اُن جي معنيٰ ۾ ڪا تبديلي ڪانہ ايندي آهي جيئن:

| معروف ڌاتو | بالواسطہ ڌاتو |
|---|---|
| ڏڪِ | ڏڪِج يا ڏڪج |
| ڦرِ | ڦرِج يا ڦرج |
| لُڙه | لُڙهج يا لڙهج |
| پَہ | پَئج |

انهيءَ ڪري "آءٌ ڏڪان ٿو" يا "آءٌ ڏڪجان ٿو" ٻئي ٿيندا.

**ب** ـ گهڻائي پيرا لازمي فعل جو مجهول ضمير غائب واحد سان غير شخصي نموني استعمال ٿيندو آهي. جيئن لئٽن ۾ اسين چئي سگهون ٿا "لوڊو" معنيٰ "آءٌ کيڏان ٿو"، "لوڊيٽر آمي" معنيٰ "اهو مون طرفان کيڏجي ٿو." جنهن جي معنيٰ بہ اها ئي "آءٌ کيڏان ٿو" واري آهي. ساڳيءَ طرح سنڌيءَ ۾ بہ "آءٌ ڏڪان ٿو" يا "آءٌ ڏڪجان ٿو" بدران ايئن بہ چئي سگهون ٿا تہ "ڏڪجي ٿو". جنهن جي معنيٰ بہ ساڳي آهي. اهڙيءَ ريت لازمي معروف ڌاتو "هل" مان مجهول ڌاتو ٺهندو "هلج" جنهن کي غير شخصي نموني اسان "هلجي"، "هلجي ٿو"، هلبو" "هلبو هو" "هليُس" يا "مون هلئو" ([1]) وغيره ٺهي سگهن ٿا.

[1] "مون هلئو" واري ترڪيب سنڌيءَ ۾ مروج ڪانهي لازمي فعل سان متڪلم "مون" جو استعمال ڪنهن بہ لهجي ۾ ڪونهي. (مترجم)

مجهول واري حيثيت ۾ گردان جو نمونو ساڳيو "آ" پڇاڙي وارن لازمي فعلن وارو هوندو آهي جيئن "هلڻ" وغيره آهي پر ڪن نڪتن ۾ فرق به هوندو آهي:

**الف** ـ اسم حاليه ٺاهڻ لاءِ ڌاتوءَ ۾ "اندو" ڪونه ڳنڍيو آهي بلڪ مجهول ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ وارو "اڄ" يا "ڄ" ڪڍي اُن جي جاءِ تي "اِبو" ڳنڍيو آهي. اهڙي نموني جيڪڏهن معروف ڌاتو "هل" مان اسم حاليه "هل- اندو" (هلندو) ٺهندو آهي ته مجهول "هل- اڄ" (هلڄ) مان اسم حاليه "هل- ابو" (هلبو) ٺهندو. ايئن ئي متعدي معروف ڌاتو "مار" مان مجهول ڌاتو "مار- اڄ" (مارڄ) ٺهي ٿو معروف اسم حاليه "ماريندو" ٺهي ٿو پر مجهول اسم حاليه "مار-اِبو" (ماربو) ٺهندو.

**ب** ـ مجهول ڌاتوءَ مان مجهول اسم مفعول ڪونه ٺهندا آهن. جيئن ته معروف فعل جو اسم مفعول مجهول واري معنيٰ رکندو آهي. اُن ڪري خاص طور مجهول ڌاتوءَ مان اسم مفعول ٺاهڻ جي ضرورت ڪانه هوندي آهي. اُهو ئي سبب آهي جو معروف فعل سان استعمال ٿيندڙ اسم مفعول، مجهول فعل سان به ڪم آڻبو آهي ۽ پنهنجي مڪمل زور سان آڻبو آهي. ايئن "مار" مان اسم مفعول جو مجهول ڌاتو "مارڄ" يا "مارڄ" ڦري "مارجو" يا "مارجيو" ٿيڻ بدران "ماريو" ٿي ويندو آهي. ساڳيءَ طرح "هل" مان "هلئو" ٿيندو "هلجو" يا "هلجيو" ڪونه ٿيندو.

**پ** ـ جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ته اسم استقبال ۾ "اِٹو" صرف متعدي فعلن ۾ ايندو آهي اهو ڇاڪاڻ ته مجهول واري معنيٰ رکندڙ هوندو آهي اُن ڪري مجهول واري حالت ۾ بدلجندو ڪونهي جيئن "مارِٹو" آهي.

هيٺ مجهول فعل "مارِجڻ" جو گردان ڏجي ٿو. جتي زمانن جو ٺيڪ مڪمل طور ڪونه ڪيل آهي اتي لازمي فعل "هلڻ" وارو ساڳيو اصول ياد رکڻ گهرجي.

**مجهول فعل "مارِجڻ" يا "مارجڻ" جو گردان**

| | |
|---|---|
| مجهول ڌاتو | "مارِڄ" يا "مارڄ" |
| مصدر | "مارِجڻ" يا "مارجڻ" |
| اسم حاليه | "ماربو" |
| اسم مفعول | "مارئو" يا "ماريو" ۽ "ماريل" |
| مجهول اسم استقبال | "مارِٹو" |
| ماضي معطوفي | "مارِجي" (ڪري) يا "مارجي" (ڪري) |
| مجهولي حالت وارو | "مارِجڻ وارو" "مارِجڻ هارُ" |
| اسم فاعل | |

**بنيادي زمان- امر:**

**ضمير حاضر واحد** "مارِڄُ" يا "مارڄُ"

**ضمير حاضر جمع** "مارِجو" يا "مارجو"

**مضارع:**

**متڪلم واحد:** "مارِجان" يا "مارجان"، جيئن "هلان" ٺهيو هو.

**حال:**

**متڪلم واحد مذڪر:** "مارِجان ٿو" يا "مارجان ٿو" جيئن "هلان ٿو". معروف ۾ "ٿو" مڪيه فعل کان اڳ ۾ بہ استعمال ٿي سگهي ٿو پر جملي جي شروع ۾ نٿو ٿي سگهي.

**ڪردنتي زمان:**

**اسم حاليہ مان ٺهندڙ زمان:** اهي زمان ايئن ئي ٺهندا آهن جيئن معروف فعلن جا ٺهندا آهن. جنهن ۾ اسم حاليہ معروف واري "مارِيندو" جي جاءِ تي اسم حاليہ مجهول "مارِبو" استعمال ڪبو مستقبل جو ڦيرو مڪمل ڏيکاريندا اسين.

**مستقبل:**

**مارِبُس** (I shall be struck) **وغيره۔ گردان هن ريت ٿيندو:**

| واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|
| مذڪر | مونث | مذڪر | مونث |
| مارِبُس | مارِبئس/مارِبيَس | مارِباسين | مارِبئون سين/مارِبيُون سين |
| مارِبين | مارِبينءَ/مارِبئن | مارِبئو | مارِبئون/مارِبيُون |
| مارِبو | مارِبي | مارِبا | مارِبئون/مارِبيُون |

**زمان حال مطلق:**

**متڪلم مذڪر واحد:** "مارِبو آهيان" (عادتاً) جيئن "هلندو آهيان" واري سلسلي ۾ ڏنو سين.

**زمان ماضي استمراري يا مدامي:**

**متڪلم مذڪر واحد:** "مارِبو هوس" جيئن "هلندو هوس" ٺهيو هو.

**زمان حال متشڪي (مستقبل وارو مفهوم)**

**متڪلم مذڪر واحد :** "مارِبو هوندس" ساڳيو "هلندو هوندس" جيان.

**زمان حال متشڪي (مضارع وارو مفهوم)**

**متڪلم مذڪر واحد:** "مارِبو هُئان" بلڪل ايئن ئي جيئن "هلندو هئان" هو.

**اسم مفعول مان ٺهيل زمان**

**ماضي مطلق:**

هي انهيءَ ساڳي طرز تي ٺهندو آهي جيئن لازمي فعل جو زمان ماضي ٺهندو آهي جنهن ۾ اسم مفعول ۾ فاعلي حالت واريون ضميري پڇاڙيون وينديون آهن. جيئن "هلئُسِ" ۾ ڪيو هوسين. اهو ياد رکڻ گهرجي تہ ضمير غائب لاءِ فاعلي حالت جون ضميري پڇاڙيون ڪونہ ٺهنديون آهن. اُن ڪري هن زمان ۾ ضمير غائب لاءِ خالي اسم مفعول ڪم آڻبو آهي. هڪ مجهول فعل ۾ زمان جو گردان هيٺ ڏنل طريقي موجب ٿيندو. اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ اسم مفعول جو اُچار يا تہ "مارِئو"

ٿيندو يا "ماريو" ۾ لکڻ جا ٻئي نمونا سموري زمان ۾ استعمال ٿي سگهن ٿا. اسان صرف گهٽ جاءِ گهيرڻ جي خيال کان هڪ استعمال ڪيو آهي.

**زمان ماضي:**

| واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|
| مذکر | مونث | مذکر | مونث |
| مارِئُسِ | مارِئسِ | مارئاسين | مارِئُون سين |
| مارِئين | مارِينءَ/مارِيئن | مارِئو | مارِئُون |
| مارِئو | مارئا | مارِئا | مارِئُون |

لاڙيا هيئينءَ سنڌ ۾ ضمير حاضر مذکر ۾ بہ "مارئا" ٿيندو آهي.

**ماضي مدامي:**

متڪلم مذڪر واحد "مارِئُيسِ ٿي"، جيئن "هلئُس ٿي" ٿهيو هو.

**ماضي قريب:**

متڪلم مذڪر واحد "مارِئو آهيان"، جيئن "هلئو آهيان" ٿهيو هو.

**ماضي بعيد:**

متڪلم مذڪر واحد "ماريو هوس" جيئن "هليو هوس" ٿهيو هو.

**ماضي متشڪي:**

متڪلم مذڪر واحد "ماريو هوندس"، جيئن "هليو هوندس" ٿهيو هو.

ڏنل نمونن ۾ صرف هڪڙو مجهول فعل جو مثال مليو آهي جنهن ۾ "لڌو آهي" ماضي قريب واري معنيٰ رکي ٿو.

**ضميري پڇاڙين وارا فعل:**

پويان ضميري پڇاڙين جي هڪ فهرست ڏنل آهي هتي اسمن سان انهن جي ڳنڍجڻ جي طريقي تي بہ بحث ٿيل آهي. اهي ٽن قسمن جون ٿينديون آهن.

الف ـ فاعلي حالت ۾ موجود ضمير خالص (شخصي ضمير) جي نمائندگي ڪندڙ.

ب ـ ٻين حالتن ۾ ضمير خالص (شخصي ضمير) جي نمائندگي ڪندڙ سواءِ مجهول جي فاعلي حالت جي.

پ ـ متعدي مجهول جي فاعلي حالت کي ظاهر ڪندڙ ضميري نشانيون.

اهي سڀ پڇاڙيون فعلن سان استعمال ڪري سگهجن ٿيون.

**(الف) فاعلي حالت واريون ضميري پڇاڙيون:**

اڳ ۾ فعل جي مختلف خاڪن ۾ انهن کي آڻي چڪا آهيون. اتي اسان ڏٺو تہ اهي اسم حاليہ ۾ اسم مفعول ۾ ڳنڍبيون آهن جنهن سان مستقبل ۾ ماضيءَ وارا زمان ٺهندا آهن. پوئين صورت ۾ اهي صرف لازمي (مجهول سوڌا) فعلن سان لڳنديون آهن. اُن ڪري انهن جي باري ۾ وڌيڪ لکڻ غير ضروري آهي.

ڪڏهن ڪڏهن هنن ضميري پڇاڙين ڳنڍڻ ۾ اهڙو زور هوندو آهي جهڙو لئٽن (لاطيني) جي (Dativus Commodi) ۾ هوندو آهي. اهڙين حالتن ۾ انهن جو ترجمو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. حالانڪ انهن مان جملي جي عام معنيٰ تي اثر نہ پوندو آهي.

مثال طور:

"آءٌ مارجان- نِ ٿو"

"هو ڪِ ماٺ- ڪري وِهنداءِ جرور ايندا."

مٿي ڏسو تہ "مارجانِ" سان ڳنڍيل "نِ" پڇاڙيءَ جو اصل مطلب بيهي ٿو "هنن جو ماڻهو" يا "هنن جو ساٿي"، جنهن مان انهن ماڻهن سان تعلق ٿو ظاهر ٿئي، جن جي باري ۾ ڳالهہ ڪئي پئي وڃي.

"آئون مارجان- وَ ٿو ٿهين اچي ڇڙايو- مر".

هتي ،مارجان" سان ڳنڍيل "وَ" پڇاڙيءَ جو حوالو اهي ماڻهو آهن جن کي مخاطب ٿيو آهي ۽ اُن کي توهان جو ماڻهو يا "نوڪر" وغيره چئي سگهجي ٿو يا اُن جو مطلب اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ "توهانجي اڳيان" - "توهان جي موجودگيءَ ۾."

"مي اهوئي ماڻهو اٿيء- ئي" هو اتي اٿــ وَ".

هي ضميري پڇاڙيون ڪنهن بہ ضمير سان لڳي سگهن ٿيون يا اهي ڪنهن ڪردنت ۾ بہ لڳي سگهن ٿيون پر اهي اُن وقت نہ ٿيون لڳي سگهن، جڏهن اُهو ساڳيو (شخصي) واحد يا جمع ۾ فعل جي فاعل جي صورت ۾ ڪم آيو هجي، بين لفظن ۾ تہ جڏهن مڪمل ضمير مشترڪ استعمال ٿيندو تہ پوءِ اهي ڪونہ لڳنديون.

اهڙيءَ طرح "ماريان" آهي. ۽ اسين اُن ۾ مثال طور "سِ" کي ضمير غائب واحد جي نشانيءَ طور ملايون تہ ٿيندو "مارياڻ- سِ" جنهن جو مطلب ٿيندو "هن کي ماريان." پر اسين "ماريان- مر" نٿا چئي سگهون، ان جو مطلب ٿيندو "آءٌ مون کي ماريان". ساڳيءَ طرح "ماريان- سون" پڻ نٿا چئي سگهون جنهن جي معنيٰ ٿيندي "آءٌ اسان کي ماريان." جو تہ جڏهن مڪمل اظهار ڪرڻو هوندو تہ "مر" پڇاڙيءَ کي، "مون کي" لاءِ ۽ "سون" پڇاڙيءَ کي، "اسان کي" لاءِ استعمال ڪرڻ بدران ضمير مشترڪ "پاڻ- کي" استعمال ڪرڻو پوندو آهي. (تڏهن اهو ٿيندو "پاڻ- کي ماريان")

اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکو تہ متڪلم واحد واري آخري "سِ" پڇاڙي مستقبل ۽ ماضيءَ ۾ "سانءِ" ٿي وڃي ٿي، جيئن "هوس" ڦري "هوسانءِ" ٿيو. اُن کان سواءِ "نِ" پڇاڙي آڻڻ کان اڳ نڪائون يا گهٽو آواز ڪيري ڇڏيو آهي، جيئن "هوسا - نِ". اهي پڇاڙيون ڳنڍڻ کان پهرين ڊگهن سُرن کي ڇوٽو ڪيو ويندو آهي، جيئن: "هٿا" مان "هٿر" ۾ ٿيو آهي. پر اهو نڊيو ڪرڻ جو عمل هميشہ ڪونہ ٿيندو آهي.

هاڻي هتي آءٌ شروع ٿو ڪريان، اهي صورتون جيڪي فعل "آهيان" سان انهن پڇاڙين ڳنڍڻ سان پيدا ٿينديون آهن. اهو صرف نظر ايندو تہ هن حالت ۾ اجا بہ وڌيڪ بي قاعدگيون ٿين ٿيون. اهي مرڪب تمام گهٽا ٿين ٿا. جيڪي انگريزيءَ جي فعل "to have" واري جاءِ وٺن ٿا. اهڙيءَ طرح "اٿم" جو عام طرح مطلب ٿي اهو آهي"I have" (يا مون وٽ آهي.) اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکو تہ ضمير غائب واحد ۽ جمع ۾ انهن خاص صورتن ۾ "اٿ" جي ڪهڙي ضرورت آهي. اُهو بنياد صرف ضميري پڇاڙين سان ڪم ايندو آهي. اُن کي اڪيلو استعمال ۾ ڪونہ ٿو آڻي سگهجي، جيئن "آهي" کي ڪبو آهي. "اَٿَ" ۾ مذڪر "he is" مونث "she is"، ۽ جمع "they are" واريون معنائون موجود آهن.

هيٺ خاڪو ڏجي ٿو.

**مونث**

| | هلئَس | هلينءَ/هلئين | هلي | هلئون سون/سين | هلئون | هلئُون |
|---|---|---|---|---|---|---|
| "م" سان | ......... | هلئامِ/هلئيمِ | هلئَمِ | ......... | هلئونم | هلئُومِ |
| "ءِ" سان | هلي سانءِ | ........ | هلئاءِ | هلئُون سونءِ | ......... | هليونءِ |
| "س" سان | هلئوسانسِ | هلئَسِ | هلَئسِ | هلئاسونسِ | هليونسِ | هلئُونس |
| "اون/سون" سان | ........ | هلئيسون/ هليسون | هليسونِ | ............ | هليُون سون | هليون سون |
| "وَ" سان | هلي سانوَ | ......... | هَلئوَ | هلئون سُونوَ | ......... | هليونوَ |
| "نِ" سان | هلي سانِ | هلئَنِ | هلئنِ | هلئون سونِ | هلئُنِ | هلئنِ |

**ماضي مداميءَ** لاءِ ڪجهه چوڻ جي ضرورت ئي ڪانهي. ماضيءَ ۾ "ٿي" جو پشتو وجهڻو آهي، ۽ ضميري پڇاڙين سان ايئن ئي ڦيرائڻو آهي جيئن مٿي ڏنوسين "هلئاسونءِ ٿي" (اسين تولاءِ ٿي هلياسين.)

**ماضي قريب** لاءِ پڇاڙيون "آهيان" فعل سان ڳنڍي گردان ڪبو پر اُن سان مفعول لڳندو جيئن "هلئو آهيانءِ" (تولاءِ هليو آهيان). فعل متعديءَ لاءِ صرف ضمير غائب استعمال ڪبو جيئن "مارئو اٿم" (مون توکي ماريو آهي).

**ماضي بعيد**: هن زمان ۾ بہ پڇاڙيون معاون فعل سان ڳنڍبيون. "هليو هوس" مان "هلئو هوسانءِ" (آئون تو لاءِ هليو هئس.) فعل متعديءَ لاءِ صرف ضمير غائب واري صورت استعمال ٿيندي جيئن "مارئو هوم" (مون لاءِ ماريو هئو.")

**ماضي متشڪي**: هن زمان ۾ اسان وٽ آهي "هلئو هوندس"، اُن مان ٺهندو "هلئو هوندوسانءِ" (تو لاءِ هليو هوندس) متعديءَ ۾ "مارئو هوندم" (مون لاءِ ماريو ويو هوندو).

**پ۔ مجهول فعل جي حالت فاعلي سان لڳندڙ ضميري پڇاڙيون:**

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | "م" | اُون، سين، سون |
| حاضر | "اِياءِ" | وَ |
| غائب | "اِين" | اُون |

اُهو صاف ڏسي سگهجي ٿو تہ متڪلم ۽ حاضر واريون پڇاڙيون اهي ئي آهن جيڪي ٻين مفعولي حالتن ۾ هيون جن جو ذڪر "ب" واري سري هيٺ ڪيوسيون. هتي ڏنل غائب واريون پڇاڙيون صرف اسم مشتق يا ڪردنت سان لڳنديون. جيڪڏهن اهو ضروري هجي تہ مجهول فعل جي حالت فاعليءَ لاءِ ڪنهن فعل جي مڪمل (زمان) صورتحال ۾ پڇاڙيون ڳنڍجن تہ پوءِ "ب" جي سري هيٺ آيل "س" ۽ "نِ" پڇاڙيون پڻ ڳنڍي سگهجن ٿيون. اهڙي طرح جيڪڏهن اسان

اهي "آئـ" (هو آهي يا اهي آهن) ۾ ڳنڍيندا سين تہ اتي "آئم" ۽ "آئن" نهي پوندا "آئين" يا "آئون" ڪونہ لهندا (جن جي معنيٰ آهي هو هن پاران يا هو هنن پاران.)

جڏهن ڪنهن اسم مفعول ۾ "اِن" يا "اون" پڇاڙيون ڳنڍيبيون آهن تہ آخري "او" بدلجي "آن" ٿي پوندو آهي: جيئن: "مارئو"، "مارئانئين" معنيٰ "هن ماريو" ۽ "هنِ ماريو" (جمع) لاءِ ٿيندو "ماريان- ئون". ٻي ڳالهہ تہ جڏهن اهي ٻئي پڇاڙيون هونديون آهن تہ اسم مفعول عدد ۽ جنس سان ڪونہ ڦرندو. "ماريان- ئين" جي معنيٰ ٿيندي تہ "هن کي ڇوڪريءَ يا ڇوڪري ماريو." (هنَ ماريو) بلڪ ("هن ماري" هجي). ٻهريون "هُن" پڻ مذڪر ۽ مونث ٻنهي لاءِ آهي. "مارياڻين"، معنيٰ "هُن (ڇوڪري يا ڇوڪريءَ) کي هن (ڇوڪري يا ڇوڪريءَ) ماريو". جمع ۾ پڻ ايئن ئي ٿيندو. "ماريائون" معنيٰ "هن ماريا" يا "هن مارئُون"۔ (هُنَ) ٻنهي جنسن لاءِ ساڳيو رهندو. وري جمع ۾ ڏسو "ماريائونِ" مان اهو بہ مطلب نڪري ٿو تہ "هنِ (ڇوڪرن يا ڇوڪرين) هنِ کي (ڇوڪرن يا ڇوڪرين کي) ماريو". سو "ماريائونِ" معنيٰ تہ (هُن ماريو ماريءِ ماريا، يا مارئون). اهي بہ پڇاڙيون "آنئين" ۽ "آن ئون" هن طرح بہ لکبيون آهن "آئين"، "آئون" پر ان سان اچار ۾ ڪو فرق ڪونہ پوندو آهي.

بلا شڪ اهي پڇاڙيون صرف متعدي فعلن جي زمانن ۾ تڏهن لڳنديون آهن جڏهن اهي اسم مفعول مان ٺهيل هجن. لازمي فعلن ۾ انهن جي گهرج ڪانہ پوندي آهي اهي عملي طور تي هڪ متعدي فعل جي زمان ماضيءَ واري معروف گردان کي پيش ڪنديون آهن. اهڙيءَ طرح "مارئُمِ" معنيٰ مون پاران هن کي ماريو ويو پر اصل مطلب ٿيو "مون هُنَ کي ماريو". "مارئم" ۽ "مون مارئو" جي هڪ ئي معنيٰ آهي. ساڳي طرح "مارئُمِ" ۽ "مون ماري" جي بہ هڪ ئي معنيٰ آهي. ايئن ئي "مارئُئِ" ۽ "تو مارئو" بہ ساڳي معنيٰ رکن ٿا.

جيڪڏهن انهن پڇاڙين کي فعل متعدي جي زمان ماضيءَ سان ڳنڍجي تہ انهن جو خاڪو هيٺين ريت ٺهندو:

### زمان ماضي (ماريو ويو) ضميري پڇاڙين سان:

| | واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|---|
| | مذڪر | مونث | مذڪر | مونث |
| | مارئو ([1]) | ماري | مارِئا | مارئُون |
| مون پاران | مارئُمِ | مارئـمِ | مارئَمِ | مارئُوم |
| تو پاران | مارئُئہ/مارِئئي | مارئاءِ ماريئي | مارئاءِ/ماريئي | مارئونءِ |
| هن پاران | مارِئان ئين | مارِئان ئين | مارئان ئين | مارئان ئين |
| اسان پاران | مارئون سون | ماري سون | مارئا سون | مارئون سون |
| توهان پاران | مارئُوَ/ماريان | مارئَوَ | مارِئوَ | مارئُون وَ |
| هنن پاران | مارئان ئون | مارئان ئون | مارئان ئون | مارئان ئون |

[1] مٿي "ماريو" پڻ لکي سگهجي ٿو "ئـ" جي جاءِ تي "يـ" هر هنڌ وجهي سگهجي ٿي.

"هن (مذڪر/مونث) ڏنو هن (مذڪر/مونث) کي". ان ۾ ٻئي ضميري پڇاڙي متڪلم واري ڳنڍيل ته ٿيندو "ڏنائيمر" معنيٰ "هن (مونث/مذڪر) ڏنو اهو مون کي."

جيئن ته ٻي ضميري نشاني حالت مفعولي ثانيءَ کي به ظاهر ڪري سگهي ٿي ۽ حالت مفعولي سببي پڻ حالت مفعولي ثانيءَ واري صورت اختيار ڪري سگهي ٿي، اُن ڪري اسين "آڻڻ" فعل مان اسم استقبال "آندو" ٺاهي اُن مان ٻيو صورتون ٺاهي سگهون ٿا جيئن "آندُمر" معنيٰ "مون آندو". وري "آندو مان س" (آندومانس) معنيٰ "مون هن کي آندو." جنهن ۾ ٻي ضميري پڇاڙي "س" اصل ۾ حالت مفعولي ثاني- سببي "هن کي" نمائندگي جي ڪري ٿي، فاعلي حالت واري "هو" کي ظاهر نٿي ڪري، اُها ساڳي ڳالهه يا معنيٰ هيئن به ظاهر ڪري سگهجي ٿي "مون هن کي آندو" يا جيئن هنديءَ ۾ آهي:

"مين نے اس کو "پهنچايا" ([1])

ٽنين پڇاڙين جي استعمال جا ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

"چوڻ"- "چيو"، "چيائين" معنيٰ 'هن چيو'، "چيائينس" معنيٰ 'هن (مذڪر/مونث) هن کي چيو'؛ "چيائئونس"، "هُنن هن (مذڪر/مونث) کي چيو'؛ 'چيائون-نِ' معنيٰ 'هُن (مذڪر//مونث) هنن کي چيو'.

"گهٽا پيرا چيومانس پر نه مڃيائين"- هتي "چيومانس" برابر آهي، 'مون هن کي چيو جي'. "ماني کاڌيمانءِ"، هن ۾ "کاڌيمانءِ"، برابر آهي 'مون ٿنهنْ- جي (ماني) کاڌي' جي. اهي پويان ٻئي مثال اسٽئڪ جي گرامر مان آهن. اُهو ياد رکڻ گهرجي ته واحد متڪلم جي فاعل جي ضميري پڇاڙي "س" ٻي پڇاڙي ڳنڍڻ کان اڳ "سان" ٿيو وڃي، وري جيڪڏهن "مر" پڇاڙي واري صورت ۾، جيڪا ضمير متڪلم واحد جي مجهول فعل جي فاعلي حالت ۾ هوندي آهي، ڪا ٻي ضميري پڇاڙي لڳندي ته اهو "مر" ڦري "مان" ٿي پوندو جيئن مٿين مثالن مان آخري مثال ۾ ڏنوسين. ايئن ئي مجهول فعل جي فاعلي حالت ۾ ضمير غائب واحد جي پڇاڙيءَ "اين" جي پويان ڪا ٻي ضميري پڇاڙي لڳڻ جي صورت ۾ اُها نڪري ويندي آهي جڏهن ته باقي بچيل ڪردنت ۾ "آن" رهجي ويندي، اُنهيءَ ڪري اسان کي "مارئائينمر" يا "ماريانمر" جهڙيون صورتون ملن ٿيون، ٻئي طرف "اون" پڇاڙيءَ واري ضمير غائب جمع جي مجهول فعل جي فاعلي حالت ۾ اُها "اُون" مان ڇوٽي ٿي صرف "اُ" وڃي بچندي آهي.

اهڙا زمان جن ۾ ٻهرين ضميري پڇاڙي ڪردنت (اسم مشتق) ۾ لڳندي آهي، جيئن زمان ماضي يا ماضي بعيد ۾ ٿيندو آهي، ته انهيءَ صورتحال ۾ عام طرح ٻي ضميري نشاني ضمير غائب جي مجهول فعل جي فاعلي حالت واري فعل جي آخر ۾ جڙندي آهي (جيئن مارئائين/مارئائئون) ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري ساڳي مجهول فعل واري فاعلي حالت اُها ضمير متڪلم لاءِ لڳندي (مارئُمر- مارئوسون) پر اهي ضمير حاضر جي مجهول فعل جي فاعلي حالت ۾ ڪونه لڳنديون (مارئِيِءِ- مارئوَ). اهڙيءَ طرح اسين زمان ماضيءَ لاءِ هيٺيون صورتون حاصل ڪريون ٿا جن ۾ ٻي ضميري پڇاڙيءَ جو زور نظر اچي ٿو جنهن ۾ "مون ڏانهن حوالو" ۽ "تو ڏانهن حوالو" نظر ايندو. اهڙيءَ طرح انهن جي وسيع معنائن کي سمجهي سگهجي ٿو.

(جدول اڳيان ڏسو)

---

[1] عام لفظ "آڻڻ" لاءِ هنديءَ ۾ "لانا" آهي پر ڇو ته اهو فعل لازمي آهي ان ڪري "پهنچايا" استعمال ڪيو اٿمر جيڪو فعل متعدي آهي.

**زمان ماضي قريب** لاءِ ("مارِئو آهي" ؛ "مارئو اٿم" وغيره) ٻتي پڇاڙي ڀيرڻ وانگر معاون فعل ۾ ڳنڍيبي. معاون فعل ڪردنت ڪونهي پر مڪمل زمان ۾ آهي، ۽ ٻي ضميري پڇاڙي صرف انهن صورتن ۾ جوڙي سگهجي ٿي جتي مجهول فعل جي فاعل واري پڇاڙي ضمير متڪلم واحد کي ظاهر ڪري (مارئو اٿمِ) . ضمير حاضر واحد کي ظاهر ڪري (مارئو اٿيئي) . ضمير متڪلم جمع جي فاعل جي ضمير غائب واحد لاءِ ڪانه ايندي آهي (مارئو اٿس) . ضمير حاضر جي جَمع لاءِ پڻ ڪانه ايندي آهي (مارئو آٿوَ) اُن ڪري اسان کي صرف هيٺيون صورتون ملن ٿيون. اُهو ڏسو ته "اٿم" ڦري "اٿمانِ" ٿي پوي ٿو باقي ٻيا سڀ قاعدي موجب آهن:

(جدول اڳيان ڏسو)

**زمان ماضي بعيد** ۾ ٽيون پڇاڙيون گهٽ هونديون آهن. معاون فعل هڪ ڪردنت هوندو آهي اُن ڪري ماضيءَ وانگي ٽي پڇاڙي صرف انهن صورتن ۾ ڳنڍيندو آهي جن ۾ مجهول فعل جي فاعلي حالت ضمير متڪلم يا غائب ڏانهن اشارو ڪري، اُهو ضمير حاضر سان ايئن ڪونه ڪندو آهي.

(جدول اڳيان ڏسو)

"ساڻُم" ـــ "مون ساڻ" لاءِ

"ساڻءِ" ـ "توساڻ" لاءِ

"ساڻس" ـــ "هَن ساڻ" لاءِ

"ساڻُهون" ـ "اسان ساڻ" لاءِ

"ساڻُوَ" ـ "توهان ساڻ" لاءِ

"ساڻِن" ـــ "هنن ساڻ" لاءِ

ساڳيءَ طرح پيش/اُ سان ختم ٿيندڙ حرف جرن سان ٿيندو.

"ڪرڻ" (کي) مان هيٺان لفظ ٺهندا:

"ڪڻي" (توکي)

"ڪڻس" (هنن کي)

"ڪڻيئون "(اسان کي)

"ڪڻوَ" (توهان کي)

"ڪڻِن" (هنن کي)

ايئن "اِي" سان ختم ٿيندڙ حرف جرن سان ٿيندو. حرف جر "کي" سادگيءَ سان پڇاڙي ڳنڍي ٿو جيئن "کيس" (هن کي)، "کين" ، (هنن کي)، ٻئي طرف "اُتي" (مٿان) مان اُتس يا "اُتِهس" (هن تان/هن مٿان) "اُتِن" يا "اتهِن" (هنن تان/مٿان).

"کان" مان وري "کانس" يا "کانئس" (هن کان) ۽ "کانِ" يا "کانئِن" (هنن کان) ٺهندا. ٻين گهڻن حرف جرن سان صرف ضمير غائب واريون پڇاڙيون لڳنديون آهن.

هيٺ ڏنل مثال مختلف نمونن مان ورتا ويا آهن، جن ۾ پڇاڙين وارا حرف جر نظر اچن ٿا:

"سندُس ننڍو پُٽ هڪڙي ڏورانهين ڏيهہ ـ ڏِي اُتي هليو." (هن جو)

"سندُس وڏو پُٽ ٻنيءَ ـ ۾ ٿي" (هن جو).

"کيس ڪنهہ ـ ٻہ ڪي ڪي نہ ڏِنو." (هن کي).

"جنهہ ٻوڙي پاڪر پائي کيس چميو." (هن کي).

"پڻس کيس سمجهايو." (هن کي).

And لاءِ "ايئن" يا "آءِ" ٿيندا آهن پر عربيءَ ۽ فارسيءَ صورتخطيءَ ۾ ايئن ڪونہ لکندا آهن بلڪ "۽" لکندا آهن.

# وچولي

اڳيان ڏنل معياري سنڌيءَ جي ٽن نمونن مان پهريون هڪ "خرچائو پٽ" بابت لکڻيءَ جو نقل آهي، جنهن کي عربي- فارسيءَ رسم الخط توڙي ناگري رسم الخط ۾ ڏنو ويو آهي جنهن سان متبادل صورتخطي ۽ ترجمو پڻ ڏنو ويو آهي.

اُن سان گڏوگڏ شروعاتي ڪجهه سٽن ۾ خداوادي اکرن ۾ لکڻي ڏني وئي آهي، جنهن ۾ ڪوبہ وچيون سُر (حرف علت) ڪونهي ۽ وري سڌاريل هندُو سنڌي اکرن ۾ اهي سُر موجود آهن.

ٻئي نموني ۾ هڪ فوجداري ڪورٽ ۾ هڪ ملزم جو بيان آهي، جنهن کي عربي- فارسي ۽ ناگريءَ رسم الخط ۾ لکيو ويو آهي ۽ اُنهن سان متبادل صورتخطي ۽ ترجمو پڻ ڏنو ويو آهي.

هي ٻئي نمونا حيدرآباد مان آيا آهن جتي معياري سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد هن جائزي يا سروي لاءِ 791000 ٻڌايو ويو آهي. ٻولي گهڻو ڪري اُها ئي آهي جيڪا هن کان اڳ گرامر واري خاڪي ۾ ڏني وئي آهي ۽ ساڳيا مثال گرامر جي مختلف صورتن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڏنا ويا آهن. صرف ڪي هيٺيون ڳالهيون معيار کان هٽيل آهن:

ضمير مشترڪ جي اضافت لاءِ آهي "پنهَنْ- جو" جي بدران "پنهِنْ- جو" آهي، "پڙِسِ" (هن جو پيءُ) جي بدران "پڙهَسِ" آهي ۽ فعل "لڳڻ" جو اسم مفعول "لڳيو" نہ پر "لڳو" ٿئي ٿو.

ڪي ٿي مثال صورتخطيءَ جي چُڪن جا بہ آهن، هڪ هنڌ آهيان، بدران 'آجيان' لکيل آهي ۽ انهي- کي بدران "انجي- کي" لکيل آهي.

ٽيون بہ هڪ نقل آهي جيڪو مون سنڌيءَ ۾ نئين عهد نامي جي نسخي تان کنيو آهي، جيڪو برٽش ۽ فارين بائبل سوسائٽيءَ لنڊن مان 1890ع ۾ شايع ڪرايو آهي، ۽ جيڪو عربي- فارسي رسم الخط ۾ آهي. اُن لاءِ پڻ متبادل صورتخطي بہ ڏني وئي آهي پر جملن جي ترجمي ڏيڻ جي ضرورت محسوس ڪانہ ڪئي وئي آهي.

अइँ संदुसि वड़ो पुटु ग़निअ-माँ थी, जड़हीं घर-खे वेझो आयो, तड़हीं ग़ाइण अइँ नाच जो परिलाउ कन-ते पिउसि । सो हिकिड़े ग़ाम्हे-खे कोठे पुछि-याँईं त हिउ छा पिओ-थिए । चयाँईंसि त तुँहिंजो भाउ आयो-आहे, अइँ पिगहे महिमानी कई-आहे, हुम्हे-लाइ जो खेसि चङो-भलो लधो-अथसि । हो बुधी काविड़िजी अंदरि वञणु चङो न भायाँईं । तड़हीं पिगासि ग़ाहिरि अची खेसि समुझायो । पर पिउ-खे वरंदिअ-में चयाँईं जो, ड़िसु आऊँ केतिरनि वरिहनि-खाँ तुँहिंजी-ई खिज़िमत पिओ कयाँ अइँ कड़हीं तुँहिंजे हुकिम-जे उअतड़ि न हलिओ-आहियाँ ; तड़हीं बि मूँ-खे कड़हीं छेलो न ड़िनुइ, जो आऊँ (कुझी) पँहिंजे दोसितनि-साँ गड़ु ख़ुशी कयाँ ; पर हिन पँहिंजे पुटि-जे अचण-ते, जँहिं तुँहिंजो मालु कञिरिउनि-में विञायो, तँहिं-लाइ तो वड़ी महिमानी कई । तँहिं-ते पिगासि चयुसि, ए ब़चा, तूँ त हमेश मूँ-वटि-ई आहीं अइँ जेको अथमि सो सभि तुँहिंजो-ई आहे ; पर ख़ुशी करणु अइँ सरहो थियणु असाँ-ते वाजिबु हो ; छो-जो हिउ तुँहिंजो भाउ मुओ हो, सो हाणे जीओ आहे ; अइँ गुमु थी विओ-हो, सा हाणे लधो-आहे ॥

هن مثال جون ٻهريون ڪجهه سٽون خداوادي اکرن ۾ آهن.



ٻهريون ڪي سٽون سٽريل هندو سنڌي اکرن ۾ آهن.



هند آريائي خاندان | اتر الهندو گروهه

## سنڌي

معياري لهجو | حيدرآباد ضلع

### ٻيو نمونو

عربي فارسي رسم الخط

آئون ٽيڏار منشي صوبراج وٽ نوڪر هوس موري ۾. اٽڪل ٻه مهنا ٿيندا جو نوڪري ڇڏي ڏنم ۽ گهوڙو جيڪو منهنجي سواريءَ جو هو سو چوري ٿي ويو. پوءِ اٽڪل ١٥، ١٦ ڏينهن ٿيندا جو موري کان ناروشاه ويس ٿي باقي اڌ مهنو سج هو ته ڏينهن ته ليکو واٽي جو ڪوه ناروشاه کان مٿي پنڌ اوري آهي اٿي هڪ ماڻهون گهوڙو ڪاهي پيو آيو مون ڏٺو. انکان پڇيم ته ڪير آهين. چيائين ته مايي آهيان نالو اٿم ربو پٽ ڏانڊي جو ويٺل ناروشاه جو. پوءِ مون سڃاتو جو اڳ منهنجو واقف هو. پاڻ گهوڙي تي چڙهيل هو، مون کي ڏسي گهوڙي تان لٿو ۽ مون کي چيائين ته گهوڙو ڏسيئي ته ڪاٿي وڃ مون چيس ته چڱو مون کي ڏي. گهوڙو رنگ جو ڪميت عمر چوڏهن سال هو. پوءِ گهوڙو ڏنائين ته چڙهي آيس موري ۾ ربو ريو ملير. مون کي چيائين ته ٻه سوا ٢٦ رپيا ونڊو سانئي. مون چيس ته هيئر مون وٽ ڪين آهن جڏهن ٿيندا ته ڏيندس. انهي وقت ربو ماڻهون ڪو ڪونه هو.

اِمارَتِ موري ٽِڪيسَنِ ٻي راتِ ٿاميئَ جي ڳوٺِ مُسافرخاني مين ٽِڪيسِ. چوٿين ڏينهن
تَنڊي الهيارَ مين پُهتسِ. اُتي منشي نارومل تپيدار وَٽِ هوتار، بيٺِس. گهوڙو مون سان هو
۽ ٽِيون ڏينهن اُهو گهوڙو ٽَڪَنِ واري مُنشيءَ جي پٽيوالي کي ڏِنو آهم. ڪالهه جي ڪَنڏلاءِ جو آهي
وَٽِ آهي. اَڄ صُبح جو مون کي صوبيدار پَڪڙيو آهي ته تو وارو گهوڙو چوريءَ جو آهي.
صوبيدار گهوڙو کڻي گهرايو آهي. گهوڙو اُنهي پٽيوالي وَٽِ آهي.

# ڪراچيءَ جي معياري سنڌي

هن جائزي لاءِ اُهو ٻڌايو ويو تہ ڪراچي ضلعي ۾ معياري سنڌي ڳالهائڻ وارن جو تعداد 370780 آهي. هن ضلعي مان ٻہ نمونا دستياب ٿيا آهن. جيڪي ٻئي عربي- فارسي ۽ سڌاريل هندو اکرن ۾ آهي. هتي اهي نمونا صرف ٻوين اکرن ۾ ڏنا ويا آهن. پهريون نمونو "خرچائو پٽ" واري نقل جو هڪ قسم آهي ۽ اهو پهرين ڏنل قسمن سان ايترو ملندڙ جلندڙ آهي جو انهيءَ کي ترجمي ڪرڻ جي ضرورت نہ ڪانہ محسوس ڪئي وئي. اُن جي بدران سٽن جي وچ ۾ اصل مسودي کي سولائي سان پڙهڻ لاءِ متبادل صورتخطيءَ ۾ وضاحت ڪيل آهي. ٻيو نمونو وري سنڌي شاعر شاهہ عبداللطيف جي مشهور ديوان مان ورتل ٽڪرو آهي، جنهن کي "شاهہ جو رسالو" چون ٿا. اُهو ٽڪرو هڪ وائي آهي جيڪا چوٿين سر جي پڇاڙي آهي جنهن جو عنوان "سُراڳُ" آهي. هيٺ حاشين ۾ مون ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ اُن جو مواد ٽرومپ واري ايڊيشن کان ڇا ۾ مختلف آهي.

هنن نمونن جي ٻولي اُها ئي آهي، جيڪا پليان ڏنل گرامر واري خاڪي ۾ آهي. اُهو هڪ لاڙو آهي تہ "اِ" واري آخري سر کي اڪثر "آ" يا "اُ" سان مٽائيندا آهن پر شايد اُهو لکڻ واري جي ڪوتاهي هجي. مثال طور "حالتَ" بدران "حالتِ" . "پاڻَ" بدران "پاڻ"، "گذرانُ" بدران "گذرانِ" ، "رکُ" بدران "رکِ"، "گمُ" بدران "گمِ" . ۽ ٻئي نموني ۾ "سڻُ" بدران "سُڻ" يا "چِئُ" . اهو بہ مضبوط لاڙو آهي تہ ٻن سرن جي وچ ۾ "يـَ(ي) وجهندا آهن جيئن "چيائين" ۾ آهي. "پيُءَ" (پيءُ) ۾ آهي، آخري "آنيئن" کي "آئين" يا "آيين" چوڻ جنهن ۾ پهرين "آ" نڪ مان ڪوڍ ڪيندا آهن. ايئن "ڇڏيائين" "چيائين" وغيره بنجيو وڃن. بهرحال اهي صرف صورتخطيءَ جا مسئلا آهن اُچار ۾ ڪو فرق نٿو پوي. ٻئي نموني ۾ "آهين" ڦري شاعرانہ نموني "آهيين" ٿيو پوي.

هند آريائي خاندان — اتر ـ الهندو گروهہ

سنڌي

معياري لهجو — ڪراچي ضلع

پهريون نمونو





# خيرپور جي معياري سنڌي

خيرپور جي رياست مان هن جائزي خاطر 119000 ماڻهن جو انگ معياري سنڌي ڳالهائڻ وارن جو پهتو آهي. اُها هن رياست ۾ ڳالهائجڻ واري هڪڙي ٻولي آهي جو تہ جيڪا سرائڪي هتي 3000 ماڻهو ڳالهائين ٿا، اُها سنڌي ڪانهي، بلڪ لهندا جي هڪ صورت آهي، اُن ڪري اُن جي باري ۾ اُن سري هيٺ بحث ڪيو ويو آهي.

خيرپور جي معياري سنڌيءَ جو هڪ نمونو هڪ لوڪ ڪهاڻي، هتي ڏنل آهي. انهيءَ جي ٻولي اُهائي آهي جيڪا هن ڪان اڳ ۾ آيل گرامر واري خاڪي ۾ آهي. جيڪي ڪي بي قاعدگيون ملن ٿيون سي هي آهن: جيئن ٻين هنڌ لفظ "ڇَيو" آهي، هتي اُن کي "ڇِيو" لکن ٿا. ۽ ضميري پڇاڙي "آن ئين" کي "آئين" ڪري ٿا لکن. فعل "ٻُنڌڻُ" (ٻڌڻ) کي هتي بالواسطہ بنائڻ لاءِ "ٻڌائِڻ" ٿا ڪن بجاءِ "ٻُنڌائِڻُ" جي، جيڪا لغتن ۾ ڏنل باقاعده صورت آهي.

# ٿر ۽ پارڪر جي معياري سنڌي

ٿر ۽ پارڪر جو ضلعو ٻن علائقن تي مشتمل آهي:

1۔ پَٽُ ۔ اپرندي ناري جو ميداني علائقو

2 ۔ ٿَرُ ۔ ريگستاني علائقو

"پَٽَ" جي ٻولي معياري سنڌي آهي. اُن ضلعي جي بنهه ڏکڻ ۔ اوبر ۾ گجراتي ڳالهائي وڃي ٿي. "ٿر" جي ٻولي وري سنڌيءَ جو هڪ لهجو "ٿريلي" آهي، جنهن کي بعد ۾ بيان ڪيو ويندو. هنن ٻن لهجن جي ڳالهائيندڙن جو جيڪو تعداد ٿر ۽ پارڪر ضلعي مان موصول ٿيو سو هن ريت آهي.

معياري سنڌي ......................... 178425

ٿريلي ...................................75000

ڪل....... 253,425

معياري سنڌيءَ جو نمونو ڏيکارڻ لاءِ هڪ گيت هيٺ ڏجي ٿو. اُن جي ٻوليءَ تي ڪجهه بہ نٿو لکان (ڇو تہ اُها ازخود واضح آهي.)

هند آريائي خاندان — اتر_ الهندو گروهه

## سنڌي

معياري لهجو — ضلع ٿرءِ پارڪر

1_ جيڪو گهوڙي اوتي" چڙهي — خاصا ڪپڙا ٻت تي ڪري
ڪٽي بندوق ۽ ٻنڌي ترار — ٺهنڪي[1] ڇڻجي پڪو هسوار
2_ هٿ ۾ ڀالو پُٺ تي ڍال، — چڙهي گهوڙي کي ڏياري چال
وڃي جهنگن ۾ ڪري شڪار — ٺهنڪي ڇڻجي پڪو هسوار
3_ ڪان ڪمان ڪٽي جو ساڻ — چڙهي گهوڙي تي ڇوڙي ٻاڻ
هٽي تير جبل جي پار — ٺهنڪي ڇڻجي پڪو هسوار

## اصل نمونو

١ جيڪو گهوڙي اوتي چڙهي — خاصا ڪپڙا ٻت تي ڪري
ڪٽي بندوق ۽ ٻنڌي ترار — ٺهنڪي ڇڻجي پڪو هسوار
٢ هٿ ۾ ڀالو پُٺ تي ڍال — چڙهي گهوڙي کي ڏياري چال
وڃي جهنگن ۾ ڪري شڪار — ٺهنڪي ڇڻجي پڪو هسوار
٣ ڪان ڪمان ڪٽي جو ساڻ — چڙهي گهوڙي تي ڇوڙي ٻاڻ
هٽي تير جبل جي پار — ٺهنڪي ڇڻجي پڪو هسوار

---

[1] موجوده صورتخطيءَ جي ڀيٽ ۾ جيڪي لفظ مختلف نموني لکيل آهن. (مترجم)

# سنڌ جي ٻين علائقن ۾ ۽ بلوچستان ۽ ڀاولپور ۾ سنڌي

سنڌ جي باقي ٻن ضلعن- شڪارپور ۽ مٿينءَ سنڌ جي سرحد (Uper Sindh frontier) مان هن جائزي لاءِ گهربل انگن اکرن موجب معياري سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد هن ريت آهي:

شڪارپور ...................... 824,000

مٿين سنڌ جي سرحد ........ 100,000

ڪل ... 924,000

"سرائڪي" ۽ "اُتيجي" نالي ٻوليون پڻ هنن ضلعن ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون، جن جا شڪارپور ۾ 20000 ڳالهائيندڙ ۽ مٿينءَ سنڌ سرحد ۾ 12000 ڳالهائيندڙ معلوم ٿيا آهن، پر اهي سنڌيءَ جون صورتون ڪونہ آهن. اهي لهندا جا لهجا آهن جن جي باري ۾ اڳتي بيان ڪيو ويو آهي.

هر هڪ ضلعي ۾ سنڌي سموريءَ ايراضيءَ ۾ ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي. اُهو علائقي تي نہ پر قوميت تي منحصر آهي تہ ڪير ڪهڙي ٻولي ٿو ڳالهائي. سنڌي ٻولي سنڌ جي قوم جا سڀئي ماڻهو ڳالهائين ٿا ۽ گهڻن بلوچين جي ثانوي يا ٻيءَ ٻوليءَ طور ڳالهائڻ ۾ ايندڙ ٻولي آهي.سنڌ جي اولهہ ۾ پوندڙ بلوچستان ۾ سنڌيءَ لهندا ٻنهي کي عام طرح سان "جٽڪي" چوندا آهن. اُن ڪري انهن ۾ فرق ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ان ڪري هن جائزي لاءِ موصول ٿيل انگن اکرن مان اُن نڪتي بابت ڪجهہ چئي نٿو سگهجي. اهو ئي سبب آهي جو آءٌ 1911ع واري آدم شماريءَ بابت مسٽر بري جي رپورٽ ۾ ڏنل تعداد مان مدد وٺندس. هو لکي ٿو (رپورٽ جو ص 137) تہ سنڌي جٽڪي ڳالهائيندڙن جو تعداد لهندا جٽڪيءَ ڳالهائيندڙن کان هيٺينءَ ريت ڌار ڪري سگهجي ٿو:

جٽڪي ............................ 33570

جٽڪي سنڌي.............. ..... 14940

لاسي .............................. 40605

ڪل.....89115

انهن مان لاسيءَ بابت اڳتي ڳالهائينداسين. انگن اکرن جي لحاظ کان باقي ٻن کي اسين معياري سنڌي ڪري ڳڻون تہ انهن جو ڪل تعداد 48510 وڃي بيهندو.

شڪارپور ضلعي جي اتر- اوڀر طرف پنجاب جي رياست ڀاولپور پوي ٿي. هتي مکيہ ٻولي تہ لهندا آهي، پر شڪارپور جي سرحد جي ويجهن حصن ۾ معياري سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد 21416 ٻڌايو ويو آهي. ڪل تعداد هن ريت بيهي ٿو:

شڪارپور ۽ متين سنڌ سرحد ...... 924000

بلوچستان ................................. 48510

بهاولپور ...................................... 21416

**ڪل تعداد** ..... 993,926

هنن علائقن مان ڪو اهڙو معياري سنڌيءَ جو نمونو ڪونہ مليو آهي جنهن کي خصوصي اهميت هجي. جيڪي شيون مليون آهن سي يا تہ ساڳئي مثال جون مختلف صورتون آهن يا وري ڪنهن پوليس ڪورٽ جي ڪنهن شاهد جا بيان، جيڪي اڳ پيش ڪيل نمونن واري معياري سنڌيءَ جو ٺي ورجاءُ چئي سگهجن ٿا. ڪنهن قسم جو فرق يا بيقاعدگي نظر نٿي اچي ۽ انهن جو بيان محض صفحن جو زيان ٿيندو ان ڪري هتي نٿا ڏيون. بلوچستان مان سنڌيءَ جا ڪي نمونا نہ ملي سگهيا آهن.

# سرائڪي سنڌي [1]

سنڌ ۾ لفظ "سِر" جي معنيٰ آهي "مٿو" ـ انهيءَ مان لفظ "سِرو" نڪتو آهي، جنهن جو مطلب ڪنهن بہ شي جي انتها (يا حد) بہ آهي، اُن ڪري سنڌ جو مٿيون حصو۔ اُترينءَ سرحد کان وٺي هيٺ تائين يعني 27 ڊگري اترئين ڊگهائي ڦاڪ تائين۔ لاڙڪاڻي ۽ سيوهڻ جي وچ ڌاري پوي ٿو. انهيءَ لفظ مان وري صفت "سِرائڪو" نهي ٿي جنهن جو مطلب ٿيو "سِري" يا مٿين سنڌ سان تعلق رکندڙ.

ٽرومپ پنهنجي گرامر ۾ (ص ii تي) لکيو آهي تہ (اپر سنڌ) مٿينءَ سنڌ ۾ سنڌيءَ جو هڪ نمايان لهجو ڳالهايو وڃي ٿو جيڪو "سرائڪي" سڏجي ٿو پر مون کي مليل نمونن مان ڪنهن ۾ بہ اهو موجود ڪونهي. مثال طور جيڪڏهن خيرپور مان مليل نموني کي ڏسون، جيڪو جاگرافيائي طور تي سري ۾ پوي ٿو تہ اتان جي ٻولي حيدرآباد واري معياري وچوليءَ کان ڪنهن بہ طرح مختلف نٿي لڳي، ساڳي راءِ شڪارپور ۽ مٿينءَ سنڌ سرحد مان موصول ٿيل نمونن بابت ڏني سگهجي ٿي، جن کي، جيئن پوين صفحن ۾ چيو ويو آهي تہ دهرائڻ غير ضروري آهي. اهو صحيح آهي تہ لفظ "سرائڪي" ڳالهائڻ ئي جي هڪ نموني لاءِ ڪتب اچي ٿو پر اُهو سنڌيءَ جو لهجو ڪونهي. اُها لهندا جي هڪ صورت آهي جيڪا سنڌ جي سيني پاسي ڳالهائجي ٿي پر خاص طور مٿينءَ سنڌ ۾ گهڻو ڪري جت ڳالهائين ٿا. اُن کان سواءِ ڪي بلوچ قبيلا (رند لغاري وغيره) ۽ عباسي [2] پڻ اُها ڳالهائين ٿا. لهندا جو اُهو نمونو انهيءَ زبان واري حصي ۾ اڳتي بحث هيٺ آيو آهي.

مٿينءَ سنڌ جي سنڌيءَ ۾ ڪي ننڍڙيون خصوصيتون ضرور آهن پر اهي ايتريون گهٽيون ڪونہ آهن جو انهن کي ڪنهن جدا لهجي جو باعث سمجهجي. در حقيقت اهي ايتريون تہ غير اهم آهن جو اسان کي موصول ٿيل نمونن مان ڪنهن ۾ نظر تہ ٿيون اچن، چو تہ انهن مان اڪثر جو تعلق يا تہ اُچارن سان آهي يا وري ڪن اهڙين صورتن کي نظر انداز ڪرڻ سان آهي جيڪي پين هنڌن تي استعمال ۾ آهن.

گزيٽيئر مطابق سرائڪيءَ ۾ ڪن اچارن جي فرق کان سواءِ عام استعمال جا ڪيترا لفظ اهڙا آهن جي تي هندستانيءَ جو اثر نظر اچي ٿو جيئن مثال طور "ڪتي" بدران "ڏوبي"، "شڪاري" بدران "پنگي" وغيره جو استعمال. اُن سان گڏوگڏ مون ڪي نڪتا اسٽئڪ ۽ ٽرومپ جي گرامرن مان ۽ شرٽ، ٺانورداس ۽ مرزا جي سنڌيءَ ڊڪشنريءَ مان پڻ ڪڍي ڌار ڪيا آهن.

سنڌ جي مختلف حصن ۾ وينجن (حرف صحيح) جي گروهن مان "ٽر"، ڊر" ۽ "ڍر" جي اُچارڻ ۾ فرق آهي، لاڙ ۾ ڳالهائڻ توڙي لکڻ مهل "ر" کي حذف ڪيو ويندو آهي. وچولي ۾ وري اُها لکبي تہ ڪانهي پر اُچاربي آهي. سري ۾ اُها لکندا بہ آهن تہ اُچاريندا بہ آهن:

[1] گريئر سن "سريليءَ" کي "سرائڪي سنڌي" سڏي ٿو (مترجم)

[2] سنڌ صوبي جي گزيٽيئر (1907ع) جو ص 189 ڏسو.

# ٿريلي

سنڌ جي ٻنهه اڀرندي طرف جيڪو ضلعو آهي سو آهي ٿر ۽ پارڪر جو. اسين اهو اڳئي ٻڌائي آيا آهيون ته اهو ٻن علائقن تي مشتمل آهي. "پَٽُ" (عام طرح "پٽ" چوندا آهن) يا اڀرندي ناري وارو ميدان ۽ ٻيو "ٿَرُ" (عام طرح "ٿر" چوندا آهن) يا ريگستان. ٿر جي ذڪرڻ اوپر ۾ پارڪر جو علائقو آهي جيڪو ٿر کان ايئن مختلف آهي جو اُن ۾ واريءَ جي ڍٽن بدران پٿر جون ٽڪريون آهن. پارڪر جي ٻنهه ذڪرڻ اوپر پاسي گجراتي ٻولي آهي پر ٻين هنڌ ۽ سموري ٿر ۾ اهو سنڌيءَ جو "ٿريلي" يا "ٿريچي" لهجو ڳالهايو وڃي ٿو جنهن کي راجپوتانا پاسي وري "ڍاٽڪي" پڻ چوندا آهن.

راجپوتانا ۾ لفظ "ڍاٽ" جي معنيٰ آهي "ريگستان". ۽ اُهو خاص طور "ٿر" ۽ اُن سان دنگئي راجپوتانا جي رياست جيسلمير واري ريگستاني خطي لاءِ ڪم اچي ٿو. اُتان جي مڪاني عملدارن جو چوڻ آهي ته اُن ۾ هيٺيان شهر اچي وڃن ٿا:

**الف ـ ٿر ۽ پارڪر ۾**

| | |
|---|---|
| عمر ڪوٽ | Umarkot |
| ڇور | Chhor |
| گڏرا | Gadhra |
| مٺي | Mitti ([1]) |
| رنگدر | Rangdar |
| ڇڇرا | Chachra |
| جئسنگهدار | Jaisinghdar |
| ڇيلار | Chelar |
| پرنو | Parno |
| نور سر (نبيسر) | Nasyrsar (Nabisar) |
| گُندرا | Gundra |

**ب ـ جيسلمير ۾:**

| | |
|---|---|
| ميجلر | Mayajlar |
| سمکيا پرڳڻي جي کُري | (Khuri of Samkhabha Pargana) |

هن ٻوئين خطي جي ٻولي، سنڌي ۽ جيسلمير ۾ ڳالهائجندڙ مارواڙيءَ جو ميلاپ آهي.

جيسلمير واري راجپوتانا رياست جي ذڪرڻ ۾ ٿر ۽ پارڪر جي اڃا ـ اوپر ۾ راجپوتانا اندر ئي مارواڙ رياست جو 'ملني خطو' پوي ٿو. "ملنيءَ" جي مکيه ٻولي مارواڙي آهي پر اُن جي ۽ ٿر ۽ پارڪر جي وچ واري سرحد سان لاڳو هڪ سوڙهو

---

[1] گريئرسن "مٺي" ۽ "ڇاڇري" جي لاءِ رومن پڙهڻيءَ ۾ "متّي" ۽ "ڇڇرا" لکيو آهي. (مترجم)

پٽو اهڙو آهي جتي جي ٻوليءَ کي مارواڙي ماڻهو سنڌي چوندا آهن. اُهو سنڌي ۽ مارواڙيءَ جو گاڏڙ لهجو آهي، جيڪو سموريءَ سرحد سان لاڳو علائقي کان وينديءَ جيسلمير واري ڏاٽ تائين ڳالهائجي ٿو. ان پٽي ۽ ڏاٽ جي اوپر ۾ اُهو ريگستان يڪو هلندو وڃي، راجپوتانا جي وچ ۾ پوي ٿو جتي ڀهرين ٻولي جيڪا ٻڌڻ ۾ اچي ٿي سا آهي راجستانيءَ جي مارواڙيءَ لهجي جي هڪ صورت "ٿلي".

مجموعي طرح سان، اسان وٽ ذڪر اوله ۾ مار واڙ- ملني آهي، ۽ ٿر يا پارڪر ۽ جيسلمير جي ڏاٽ ۾ ڳالهائڻ جا مختلف قسم ملن ٿا، جيڪي سڀ سنڌي ۽ مارواڙيءَ جي مختلف تناسب سان ٿيل ملاوت جو نتيجو آهن. انهن کي سنڌيءَ جا يا مارواڙيءَ جا لهجا چئي سگهجي ٿو. سنڌ ۾ انهن کي ڀهرئين گروهه ۾ شامل ڪندا آهن، ۽ "ٿريلي" نالو ڏيندا آهن، جيئن مٿي چيو ويو هو. هنن لهجن جي ڳالهائيندڙن جو اندازُ هن ريت آهي:

ملنيءَ جي سنڌي ۽ مارواڙيءَ واري گاڏڙ ٻولي

ڳالهائڻ وارن جو تعداد........................ 131960

جيسلمير جي ڏاٽڪي.............................. 150

ٿر ۽ پارڪر جي ٿريلي يا ڏاٽڪي........... 72639

**ڪل تعداد ....** 204749 ([1])

اهي سڀئي صورتون اڳ ۾ مارواڙيءَ جي سري هيٺ، مارواڙيءَ ۽ سنڌيءَ جي گاڏڙ صورتن جي حوالي سان بحث هيٺ اچي چڪيون آهن (جلد ڀاڱو پيو ص 122) ۽ ڪُتاب جي مقصد سان مٿيان انگ اکر انهيءَ ٻوليءَ جي انگن اکرن ۾ شامل ٿي چڪا آهن. اُن ڪري سنڌيءَ ۾ انهن جي ڳُڻپ نٿي ڪري سگهجي. جلد نائين ۾ انهن لهجن جي باري ۾ لکڻ مهل مون کي اُهو تاثر هو تہ اتي انهن لهجن کان سواءِ سنڌي جو هڪ واضح لهجو ٿريليءَ جي نالي سان بہ آهي، پر هاڻي سنڌيءَ بابت حقيقتون سامهون اچڻ کان پوءِ پتو پوي ٿو تہ ايئن ڪونهي. ٿريليءَ نالي سنڌيءَ جو لهجو مارواڙيءَ ۽ سنڌيءَ جي گاڏڙ لهجن مان ئي هڪ لهجو آهي، جن کي اڳ ئي بحث هيٺ آڻي چڪا آهيون، اُن ڪري سنڌيءَ جي سري هيٺ انهيءَ جا تفصيل ڏيڻ غير ضروري سمجهان ٿو. پر ڪجهه سهولت خاطر هتي آءٌ ٿر ۽ پارڪر جي ٿريليءَ جو هڪ نمونو ڏيان ٿو جيڪو اڳ ئي جلد نائين ۾ اچي چڪو آهي، اُن کان سواءِ "خرچائو پٽ" واري نقل جو بہ هڪ نمونو ۽ هڪ جيسلمير جي ڏاٽڪيءَ جو مشهور گيت بہ ڏيان ٿو. اُهو پڙهڻ ڏسڻ ۾ ايندو تہ اهي سڀ مثال گاڏڙ ساڏڙ ٻوليءَ جا آهن. جيتوڻيڪ انهن ۾ حيرت جي ڳالهه اها آهي تہ ٿر ۽ پارڪر جي نمونن جي ڀيٽ ۾ جيلسمير وارا نمونا، معياري سنڌيءَ کي وڌيڪ ويجهو آهن. اُهو صاف ظاهر آهي تہ ٻولين جو اُهو ميلاپ ميڪانڪي آهي. سنڌيءَ جا مخصوص ٻٽا وينجن([2]) (حرف صحيح) موجود آهن، پر ٿر ۽ پارڪر واري پاسي گهٽ آهن، ۽ ٻين پاسن ڏانهن بنهه ڪونہ آهن. ان کان سواءِ لفظن جو پڇاڙڪو چوٿو سُر بہ ظاهر ڪونهي، در اصل سنڌيءَ جي مزاج جي خلاف، جنهن ۾ آخري حرف تي ڪا حرڪت ضروري آهي، مارواڙيءَ وانگي لفظ ڪنهن نہ ڪنهن حرف صحيح تي ختم ٿيندا نظر اچن ٿا.

---

[1] "ٿر" خيرپور رياست جي اڀرندي حصي تائين پکڙيل آهي جتي ٿريلي ڳالهائجي ٿي پر ان لاءِ انگ اکر ميسر ناهن.

[2] سنڌيءَ جا مخصوص چوسڻا آواز (مترجم)

هند آريائي خاندان — اتر- اولهه وارو گروهه

سنڌي

ٿريلي يا ڍاٽڪي لهجو — ضلع ٿرپارڪر

आज अवेला क्यूँ आविआ कहरो मुज-में काम ।
थाँ-रो मँहतो घर नहीं डूए सुगणी-रो ग्राम ॥

ग्रहर उजेणी हूँ फिरिओ महले आविओ आज ।
तास अवेलो आविओ तुज ब़लावण काज ॥

चंदर ग्यो घर आपने राजा तूँ भी घर जा ।
मैं अब़ला-सी-से कैसो ब़लणो तूँ केहिर हूँ गा ॥

केहिर कवली बखे क्कालो बखे नाहर ।
ओखो लागे जिंदु-नाँ लाखों करे विचारु ॥

अईओ शींह पचाया हेकल गिर अब़ीह ।
घर ऊँदराँ-रा ढुंढि तो त-नाँ शरमु न आवे शींह ॥ ५ ॥

सज सहेची सिंगार राज करे पुकार ।
जोखमु लाग़सी जिअ-नाँ लाखों करे विचारु ॥

ब़ारि डीजे खेतर-नाँ ब़ारि खेट-नाँ खाइ ।
राजा डण्डे रईअत-नाँ जिणे-रे कूक कणे लग़ जाइ ॥

कूक मत कर रे सहेची कूक कैआँकि होइ ।
केहर-के मुख ब़करी छूटी सुणी न कोइ ॥

आणि डिआँ आप-री आणि मत लोपो आप ।
हूँ कवली तूँ ब्राह्मण हूँ ब़ेटो तूँ ब़ाप ॥

معنيٰ: راجا ستائي رعيت۔ کي، ان جي ڪوڪ۔ ڪنهن وٽ ويندي؟

راجا: ڱوڪ مت ڪر، ري سهيچي، ڪوڪ ڪئيڻانڪي هوءِ؟

معنيٰ: ڪوڪ نہ ڪر اڙي سهيلي، ڪوڪ ڪرڻ سان ڪي هوءِ؟

: ڪيهر ڪي مُک ٻڪري چُوتي سِٽي نہ ڪوءِ

معنيٰ: شينهن جي وات (مان) ٻڪري ٻچي (ايئن) نہ ٻڌو ڪنهن

عورت: آڻِ ڍِڻان آپ ـــ رِيءِ آڻِ مت لوڀو آپ

معنيٰ: قسم ڏيان تو۔ کي، قسم نہ توڙجو اوهان

: هُون ڱوَلي تون برهمڻ، هُون ٻيٽي تون ٻاپ

معنيٰ: آءٌ ڳنئون، تون برهمڻ، آءٌ ڌيءُ تون پيءُ.

اُهو ڏنو ويندو تہ مٿئين مثال ۾ گهٽو ڪري مارواڙي آهي، صرف سنڌيءَ جي "ڊ" موردنيءَ کي، ڏندن واري "د" بدران استعمال ڪيو اٿن، جيئن "ڊِٺان" (سنڌيءَ ۾ "ڏِٺان") يا "ٻِلاوڻ" ۾ "ٻ" جو استعمال (پر "ڏ" جو استعمال ڪونهي 'ڏِٺان' بدران 'دٺان' آهي) ۽ "بچارُ" ۾ آخري حرف تي پيش (جيئن سنڌيءَ ۾ ويچارُ) ڏنل آهي.

ٿر ۽ پارڪر مان آيل نموني ۾ هڪ طرف جيڪڏهن گهٽي مارواڙي آهي، سواءِ ٿوري سنڌي ملاوٽ جي، تہ ٻئي طرف جيسلمير مان آيل ٿريليءَ جي نمونن ۾ بلڪل اُن جي ابتڙ آهي. اُها بگڙيل سنڌي آهي جنهن ۾ ٿورڙي مارواڙيءَ جي ملاوٽ آهي. انهيءَ ڏس ۾ هيٺ ڏنل نمونا دلچسپ آهن ۽ اُنهن ۾ استعمال ٿيل صورتن تي توجهہ ڏيڻ لاءِ ٿو ٿيندو.

سنڌيءَ جي خصوصيت موجب آخري حرفن وارا سُر اڪثر ڏسڻ ۾ ايندا. اسان کي خبر آهي تہ معياري ٻوليءَ ۾ اهي اڌ لکا ٻڌبا آهن. اهي اجا بہ ٻڌڻ ۾ نٿا اچن. اُنهن جو آواز ايترو هلڪو آهي جو اڪثر انهن کي اچاريو ئي ڪونهي، پر ڪٿي ڪٿي اهي آهن بہ تہ هڪڙو ٻئي جي جاءِ تي ڪم اچي سگهي ٿو. مثال طور "ماڙهوءَ- کي" بدران "ماڙهو- کي"، "منجهہ"، "منجهہَ" ۽ "منجهہ" چوندا، "هنن- کي" بدران "هنن- کي" چوندا ۽ "هُنَ" بہ چوڻ ۾ ايندو آهي ۽ "نوڪرن- کي" بہ چئبو آهي "ڊيهہَ" وري "ڏيهہَ" لاءِ ۽ "ٻِٽرُ" ۽ "ٻِٽرَ" جا اُچار "پٽ (رُ) جي لاءِ ڪم آڻيندا آهن. "ڏُڪارُ" لاءِ "ڊُڪار"، "ڏرُ" لاءِ "ڏرَ"، "تنگ چائي ٿيڻ لڳي" (تنگي ٿيڻ لڳي)، "ڪرڻ لڳا" بہ استعمال ڪندا آهن. "ويندُس" جي جاءِ تي "ويندس"، "چوندُس" جي جاءِ تي "چنودس" وغيره چيو ويندو آهي.

وڏيڪ قاعدي موجب آهن "سڀُ"، "ملڪ- جو"، "مالُ" وغيره. شرطيہ ماضيءَ لاءِ "هوندَ" ۽ "هوندا" ۾ "آ" ۽ "آ" هڪ ٻئي جي بدران ڪم ايندا آهن. مخصوص سنڌي ٻٽا ڳرا ساڪن آواز (mutes) صرف ڪٿي ڪٿي ڏسڻ ۾ ايندا. اهڙيءَ طرح "ٻ" بدران "ٻہَ"، "ابا" ۽ "ابا"، "ڏي" بدران "ڊي"، وري "گڏ ۽ گڏُ" ٻئي ڪم اچن، "ڏاڏو" لاءِ "ڊاڊو"، "ڏڪار" لاءِ "ڊڪار"، "پيءُ- ڏي" لاءِ "پيو ڏي"، "ڏنو" جي بدران "ڊنو" يا "ڊينو" وغيره وغيره. اسان مارواڙيءَ ۾ "ديندو" لفظ ڏندن واري آواز "د" سان ڏسون ٿا، جيڪو سنڌيءَ ۾ "ڏيندو" آهي. ٻيا مارواڙي لفظ آهن "ڪِيو"، "ڳيو" (ويو جي بدران) "لُڇائي" وغيره. هنن مان آخري لفظ ۾ ٻٽي "ڇ" آهي جيڪا سنڌيءَ ۾ ممڪن ناهي. سنڌيءَ جو گُهٽو آواز "ڱ" ڦري "نگ" ٿئي ٿو جيئن "پاڱو" ڦري "پانگو" ٿيو، وري سنڌي "ڃ" ڦري "نج" ٿيو پوي، جيئن "وڃڻ" کي چون "ونجڻ". اسين "پيءُ" لاءِ "پيبو" ۽ "ننڍو" لاءِ "نِڍو" جي صورتن تي بہ ڌيان ڏئي سگهون ٿا.

اسمن جي ڦيري ۾ مٿين نڪتن کان سواءِ "کان" جي بدران "کا" ۽ "ڇلون" جي بدران "ڇلُ" جو استعمال بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. خالص ضميرن کي ڏسو "آءٌ" جي مفعولي حالت ۾ "مهہ"، "مي" ۽ "مُو" اچن ٿا، "مون کان" لاءِ "مهي" استعمال ٿئي ٿو. فاعلي حالت ۾ جمع "اپان" (اسين) مارواڙيءَ مان ورتل آهي. "تون" مان مفعولي صورتون آهن "تهہ"، "تو" ۽ "تا"، متعدي مجهول جي واحد فاعلي حالت ۾ ٿيندو "تو". "پنهن- جو" ۽ "پاڻ- جو" ٻئي مستعمل آهن. "هنَ" بہ عام آهي پر مفعولي جمع آهي "هنن". متعدي مجهول جي فاعلي حالت ۾ ضمير موصول آهي "جيهِين". گهٽو ڪري سيئي اسم حاليہ بي قاعده آهن. "کائيندو" لاءِ آهي "کائُندو" ان کان سواءِ "چانوَندو" (چاهيندو) "ڊيندو" ڏندن واري آواز "د" سان. لفظ "چاوَندو" ۾ گُهٽي آواز جي تبديلي نوٽ ڪريو. اُها ساڳي ڳالهہ "چنوَدس" ۾ بہ ٿئي ٿي.

هيٺين اسم مفعولن کي بہ ڌيان ۾ رکڻ گرجي:

"ڏنو" جي لاءِ "ڊنو"، "ڊنهو" ۽ "ڊنَهو".

"ڏنو جي لاءِ "ڊنو"، "ڊيِنو".

"پِٺو" جي لاءِ "پِيو".

पुछ्यो त डूहा धुम ख्याई आहे, हुन चयो तहिंजो भाउ आयो आहे, अऊं तहिंजे पेयो मिज़्मानी की आहे हिन खा त हुन पांजे पुत्र ख चंगो भलो डीठो पर हुनखे डूहा गाल बुधी कावड़ आई अऊं घर मंझि कीन ग्यो. तहिं खा हुन जो पेयो बाहर निकरी हुनखे मनावण लगो. तहिंखीं हुन पेयो खे वरंदी डिनी त डिसु आं हेत्रन वहेन खा तहिंजी चाकरी करां थो अऊं कड्हीं तहिंजो हुकुमु कीन रेयो; अऊं तो मेखे कड्हीं बकरू डू कीन डिन्हो त आं महंजन संगत्यन साथ खुसी करीं हूंद. पर तहिंजो ही पुत्र जो कंजरियां साथ तहिंजो धनु मालु खाई आयो तहिंखे डूंदे सई तो मिज़्मानी डिनी. पेयो हुनखे चयो, पुत्र, तू सदा मे सां गडु अहीं; अऊं जे की मे वटि आहे, सो सभु ताजो अहे. पर असां-खे खुसी करणी अऊं राजी थेवण लायकु हो; क्यूं जो तहिंजो भाउ मरी ग्यो हो, वरी जीयो अहे; विंजाजी प्यो हो, मोटी लधो अहे ॥

ٽريليءَ جو ٽيون نمونو مشهور سنڌي لوڪ داستان 'مومل- راڻو' مان ورتل هڪ ٽڪرو آهي. ان نظم جو مڪمل احوال برٽن جي ڪتاب "سنڌ" جي صفحي 144ff تي ڏنل آهي. هن نظم جو سورمو راڻو مهيندرا آهي (جنهن کي نظم ۾ مينڌرو سڏيو ويو آهي) جيڪو عمر ڪوٽ جو سوڍو آهي، ۽ سورمي مومل ذات جي راٺوڙ آهي جيڪا لُڊروا وٽ ڪاڪ نديءَ جي ڪناري تي رهندي هئي. جيڪا جيسلمير کان اٽڪل ڏهه ميل اتر اولهه ۾ ۽ عمر ڪوٽ کان سٺ ميلن جي پنڌ تي آهي. راڻو رات جو هن وٽ ايندو هو پر حاسد دشمنن هن کي جهلي قيد ڪري ڇڏيو. آخر ڪار هڪ ڏينهن ڀڄي نڪتو ۽ پنهنجي محبوبه سان ملڻ لاءِ روانو ٿيو. مومل ([1]) پنهنجي غم کي پرپائڻ لاءِ راڻي جي غير موجودگيءَ ۾ هڪ عجيب نمونو اختيار ڪندي، پنهنجيءَ ڀيڻ سومل کي راڻي جا ڀراٽا ڪپڙا پارائي، پاڻ سان ساڳئي پلنگ تي سمهاريو. جيئن ته رات جو وقت هو محبت ڪرڻ وارو ڇتڻ کان پوءِ جڏهن اُتي پهتو ته هن صرف اُهو ڏٺو ته هنڌ تي هڪ کان وڌيڪ ڄڻا هئا ۽ حسد جي انتهائي جذبي هيٺ ان جوڙي کي مارڻ لاءِ پنهنجي تلوار ڪڍي، ڪجهه منٽن جي سوچ کان پوءِ هن پنهنجو هٿيار واپس ڪيو ۽ پلنگ جي پاسي ۾ هڪ لڪڻ رکي خاموشيءَ سان ان جاءِ مان نڪري ويو جڏهن مومل جاڳي ۽ نشاني ڏٺائين ته پنهنجي اياڳ جي انتها جو اندازو ٿيس:

"تون ڪاڪ ڪهي آئين، پر تو پنهنجي پيار کي بي وفا ڄاتو
او جنڌا ڇا تنهنجي سمجهه هميشه لاءِ هلي وئي آهي؟
تون پاڻ سان صرف پنهنجو غم گڏ ڪڻي هليو وئين- او مينڌرا." ([2])

مومل ويس بدلائي راڻي جي پنيان وڃي ٿي ۽ ڪيترين مهمن کان پوءِ آخر هو سڃاڻيس ٿو. هو مٿس پنهنجي رقيب "سيتل راٺو" جي پيشڪش اڳيان هار مڃڻ جو الزام هڻي ٿو جنهن کان هوءَ انڪار ڪري ٿي.

نموني طور ڏنل ٽڪري ۾ انهن ٻنهي جي وچ ۾ ڏنل پيغام آهن. راڻو هن تي اعتبار ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو ۽ هن جي منٿن اڳيان سنگدل بنجي وڃي ٿو. اهڙي حالت ۾ ڏکويل مومل گهر ڇڏي وڃي ٿي ۽ پنهنجي زندگيءَ کان بيزار ٿي ڪاٺين جو هڪ چڪيا ٺاهي اهو چوي ٿي:

"جي اسين هاڻ نٿا ملي سگهون ته آءٌ اوڏانهن ٿي وڃان جتي اسان جا روح ملندا- اي مينڌرا!" ([3])

پوءِ هوءَ باهه ٻاري اُن ۾ سڙي رک ٿي وڃي ٿي. مومل جي بيوقتي موت جي خبر ٻڌي راڻو پنهنجي مومل جي وارن کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

"اسان جي جدائي پوري ٿي، اي محبوب! اسان جا غم لٿا،
تنهنجي خواهش ۾ سڙي آءٌ اُها دنيا ڇڏي ٿو وڃان جنهن ۾ تون ناهين!
اي لوڪو منهنجي دوستن کي وڃي، ڇئجو ته راڻو مومل ماڻڻ ويو آهي."

هن پوءِ پنهنجي نوڪرن کان ڪاٺيون گهرائي انهن کي باهه ڏني ۽ پاڻ کي شعلن حوالي ڪري ڇڏيو.

---

[1] هن کان پوءِ واري ڪهاڻي گهڻو ڪري برٽن تان ڪئي وئي آهي.
[2] هي گريئرسن جي انگريزيءَ ۾ نثر ۾ ڏنل معنيٰ جو ترجمو آهي.
[3] هي گريئرسن جي انگريزيءَ نثر ۾ ڏنل معنيٰ جو ترجمو آهي.

| | | |
|---|---|---|
| | معياري سنڌي: | وٺڙي سير وهي، موتي نہ ڪنداسين ملاقات |
| | (مومل) | توڙي سيرَ وهي تو- ڀي موتي ڪنداسي ملاڪات |
| | معياري سنڌي: | توڙي سيرَ وهي تہ بہ موتي ڪنداسين ملاقات |
| | | گڏ ڍنا - هي، گاجي چي، تون موتي ڪين- نہ هُندا ميرَ |
| | معياري سنڌي: | گڏ ڏٺا هيئي غازي چئي، تون موتين ڪينَ هوند ميرَ |
| 7- | (شاعر) | ستَ وجهي- هُندا سرواهي سوڍا وهائي هوندا سيرَ |
| | معياري سنڌي: | ستَ وجهين ها سرواهي سوڍا وهائين هوند سيرَ |
| | | پويہ ڪرڻ نزير، راٺا ڪم رنن- جو |
| | معياري سنڌي: | پوءِ ڪرڻ نظير، راٺا ڪم رنن- جو |

شاعر جي راءِ:([1])

غازي چوي ٿو: اي شهزادا! جيڪڏهن تو سچ پچ هنن کي گڏ ڏٺو هجي ها تہ ايئن موتي نہ ويجين ها جيئن موتي ويو هئين. تون هڪ سوڍوا تون تہ هنن کي (ايئن ستي) ڏسي پنهنجي تلوار سان قتل ڪري وجهين ها ۽ (پيار جو نہ پر خون جو) درياهہ وهائي ڇڏين ها. پر راٺا! (ايئن موتي وڃڻ ۽ا)پوءِ وجي اهڙي تهمت هڻڻ تہ رنن جو ڪم آهي.

[1] آخري ستين نمبر بيت لاءِ گريئرسن جي ڪيل وضاحت جو ترجمو (مترجم).

# لاسي

سنڌ جي ڪراچي ضلعي جي اولهہ ۾ لس ٻيلي جي رياست آهي. هتي جي مکيہ ٻولي سنڌيءَ جي هڪ صورت آهي، جنهن کي "لاسي" چئبو آهي. براهوئي ۽ بلوچي پڻ ڳالهايون وڃن ٿيون. 1911ع واري آدم شماريءَ ۾ ڳالهائڻ وارن جو هيٺيون تعداد رڪارڊ تي آيو:

لاسي ........................ 42413

بلوچي ........................ 14087

براهُوئي ........................ 8845

ڪُل تعداد .... 65345

اُنهن مان بلوچي سڀ کان وڌيڪ رياست جي اپرندي ۽ الهندي وارن ڇيڙن تي ڳالهائجي ٿي ۽ اتر ۾ براهوئي ٿي ڳالهائجي. باقي سڄي علائقي جي ٻولي لاسي آهي. بلوچستان ۾ سنڌي ۽ لهندا، ٻنهي ٻولين کي عام طور "جٽڪي" چوندا آهن (جيئن بلوچ چوندا آهن "جدگالي" يا "جگدالي") انهيءَ جي ڪري اُهو مونجهارو پيدا ٿيو آهي، جنهن جو ذڪر مسٽر بريءَ بلوچستان واري 1911ع واري آدم شماريءَ واري رپورٽ ۾ ڪيو آهي (ص137). هنن صفحن ۾ مون سنڌس طرفان ڪيل ورهاست موجب "جٽڪي سنڌي" ۽ "جٽڪي لهندا" کي ڌار ڪيو آهي.

ڪراچي ضلعي ۾ لاسي ڳالهائيندڙن جو تعداد هن جائزي لاءِ 200 معلوم ٿيو آهي، جيڪي لس ٻيلي جي سرحد وٽ، هن ضلعي جي ڏکڻ اوڀر ۾ رهن ٿا. هن جائزي جي ٻين انگن اکرن وانگر هي انگر اکر پڻ 1891ع واري آدم شماريءَ تي ٻڌل هئا، پر انهيءَ آدم شماريءَ ۾ لس ٻيلي واري لهجي جا انگ اکر نٿي مليا. اُن ڪري انهيءَ رياست لاءِ مون 1911ع وارا انگ اکر ڪنيا آهن. اهڙي ريت لاسي ڳالهائڻ وارن جو ڪُل تعداد هن ريت آهي:

لس ٻيلو (1911ع) ........ 42413

ڪراچي (1891ع) ........ 200

ڪُل تعداد .... 42613

مسٽر بري موجب (ص 137) لاسي ماڻهن جو خيال آهي تہ سندن ٻولي لاڙجي سنڌيءَ جو سڀني کان نج نمونو آهي. اُها دعوي سوچي سمجهي پوءِ قبول ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن "نجُ" جو مطلب اهو وٺجي تہ معياريءَ سان هڪ جهڙائي ۽ لاڙيءَ کان ڪجهہ مختلف تہ ڪنهن حد تائين اُهو چوڻ صحيح آهي چو تہ لاسي معياري سنڌيءَ کان ڪا گهٽي مختلف ڪانهي. اُن ۾ ڪي مڪاني صورتون آهن. خاص ڪري ضمير جي ڦيري ۾ ۽ فعل جي متصل ڦيرن ۾ فرق نمايان آهي، پر اُن جو لاڙيءَ سان ڪو واسطو ناهي.

مٿيون مثال "اِ"۔ متصل پڇاڙيءَ واري فعل جو گردان ڏيکاري ٿو. "آ" واري متصل ڦيري لاءِ (210_205) آهي.

| جمع | واحد |
|---|---|
| "وڃان" (وڃون) | "وڃين" (وڃان) |
| "وَڃو" | "وڃين" |
| "وَڃن" | "وڃي" |

نقل مان ٻيا مثال آهن:
"خوشيُون ڪرين" (خوشيون ڪريان)
"خوشيُون ڪريان" (خوشيون ڪريون)
"اچو ته ڪاوڙيان ۽ خوشيون ڪريان" (اچو ته ڪائون ۽ خوشيون ڪريون.)

زمان حال ناهڻ لاءِ معياري ٻوليءَ وانگر "ٿو" ۽ "پئو" ڪي مضارع سان ڳنڍيو آهي، پر جيئن مٿي ڏلوسين "ٿو" ۾ موجود "هه (وسرگ آواز) ڪيي ڇڏيندا آهن ۽ "تو" چوندا آهن. فهرست جي سيني مثالن ۾ ايئن آهي پر نقل ۾ هر هنڌ ايئن ڪونهي. نقل ۾ هيٺيان مثال ملن ٿا:
"آن ٻَڪ ٿو۔ مارين" (آئون ٻڪ ٿو مران).
"آن اُچي ٻي۔ گر تو۔ وڃين، وڃين "توچوينس" (آئون اٿي پيءُ وٽ ٿو وڃان، وڃي ٿو چوانس).
هتي زمان حال کي زمان مستقبل واري مفهوم ۾ استعمال ڪيل آهي.
"هو اوياري ٻه سگهن۔ ٿا (هو اوياري ٻه سگهن ٿا)
آن تو۔ جي ٻانپ پئو۔ ڪري (آئون تنهنجي ٻانهپ پيو ڪريان).
هيٺ "اِ" متصل پڇاڙي واري فعل جو گردان زمان مستقبل ۾ مذڪر سان ڏجي ٿو (200_195)

| جمع | واحد |
|---|---|
| "ڪتيندااسين" | "ڪتيندو سين" (ڪتيندُس) |
| "ڪتيندو" (ڪتيندؤ) | "ڪتيندي" (ڪتيندين) |
| "ڪتيندا" (ڪتيندا) | "ڪتيندو" (ڪتيندو) |

ايئن ئي "هوندو سِين" (هوندُس) ٿيندو (173) ۽ مجهول ورې "ڪتبو سِين" (ڪُتبُس) (204) ٿيندو.
فعل متعدي لاءِ ڪجهه چوڻ جي ضرورت ڪانهي. فعل لازمي ماضيءَ ۾ مذڪر جنس سان هن ريت ڦيرو ڪائيندو.

"جر" ـ (ڪڏهن) (ن)

"ڇيرو" ـ (ڇيرو/باهه) (ل) (65)

"خاصو" ـ (132) يا خاشو (سنو (236 ۾ ن)

"کاوارڻ ۾ "کائڻ" ـ (کائڻ (ٻئي نقل ۾ آهن)

هنن مان پهريون جڻ تہ ٻي قاعده سببي ٿو لڳي پر معنيٰ جي لحاظ کان ائين نٿو لڳي.

"ڪُونهار" ـ (کوهڻ) (237)

"ما" ـ (ماءُ)

"مانڌهِہ" (لاڙي ميد) (مهند) ـ اڳيان (238)

"پي" ـ (پيءُ) (ل) (47 ۾ نقل)

"ٻُشٽي" ـ (ٻلي) (71)

"ٻِترڻ" ـ (گهڙڻ) (ن)

"ٿهہ" ـ (هيٺ) (88)

"تارا" ـ (تارو) (64)

"اُڇڻ" ـ (اٿڻ) (ن)

"اُڳارڻ" ـ (خرچ ڪرڻ) (ن) (معياريءَ ۾ اُن جي معنيٰ ٿيندي کائي واپس ڪيڻ)

"ويس" ـ (ويسُ) معياري ۾ ويس متائڻ جي بہ معنيٰ ٿيندي

وڃو وڏو پٽ ٻئي ۾ هو سو جر آؤ ۽ گهر کي اوڏو آؤ ته هو راکيو پڌو ۽ راند ڏلي. ته هو ميڪڙي پوريت کي کهائي پڇيو ته يه جو مطلب ڇو. هو چيوس. تو جو ڀاءُ آؤ آهي ۽ تو جي پي شادماڻي ڪي آهي. ڇي لاءِ جو هو ڪي اره سلامت اڇي گڏيو آهي. وڪي ڪاوڙ لڳي منجهه وجي نه پڙيو. تنڪي لاءِ وجي پي ٻار اڇي وڪي منت ڪيائين. هو ورلدي ۾ پي کي چيو. ته پس ڪيترا سال ڇڻ ته آن تو جي باپ پيو ڪرين ڪڏهن ۾ تو جي اڳيان ورپو ناهين. تڏهن تو ڪڏهن ۾ مالکي ميڪڙو ٻڪر ٻه نه ڏنو جو آن پانجي ٻيلين ۾ خوشيون ڪرين. پڻهو تو جو پٽ، جنهن تو جو مال ڪسبي ۾ وڃايو آهي اڇي پنو آهي تو وُ لاءِ شادماڻي ڪي آهي. ته چيائينس پٽ تون هميشه مان گڏ آهين جهڪي مان گڏ آهي سو سڀ تو جو آهي. ايها ڳالهه لائق آهي جو اسين خوشيون ڪريون سرهائيون، ڇالاءِ جو هيو تو جو ڀاءُ مو هو سو وري جيئرو ٿيو آهي ۽ گم ٿي ويو هو ۽ لڌو آهي.

"ننڍو"، "ننڍيو" لاءِ(233 پر نقل ۾ "ننڍيو" آهي)
"ريڊار" ــ "ريڍار" لاءِ(59)
"ڙهہ" ــ "چڙيو"، "چڙهيو" لاءِ(230)
"مارو"، "ماڙهو" لاءِ(51)
"ڏ" ــ "ديءَ"، "ڏيءَ" لاءِ(56)
"لدو"، "لڏو" لاءِ(نقل)
"پند"، "پنڌ" لاءِ(224)
"ڀ" ــ "ٻا"، "ڀاءُ" لاءِ(231، 49)
"بريا"، "ڀريو" لاءِ(237)
"بيڻ"، "ڀيڻ" لاءِ(231، 225، 50)
"بوت"، "ڀوت" لاءِ(61)
"جٻ"، "جڀ" لاءِ (41)
"ٺهہ" ــ "ماٺون"، ماٺهون" لاءِ(51)
"پٺين"، "پٺهي" لاءِ(نقل ۾ 223
"پٺس"، "پٺهس" لاءِ(نقل)
"رهہ" ــ "وڙنِ ڪان"، "ورهَنِ ــ ڪان" لاءِ(نقل)
"وهہ" ــ "اوين"، "توين" ــ "اوهين"، "توهين" لاءِ(23)

اُچارن جي تبديليءَ لاءِ اُنهيءَ کان وڌيڪ ڪجهه نٿو چئي سگهجي. جيڪو چيو ويو آهي ۽ اسمن جي گردان لاءِ پڻ گهڻو ڪجهه ٻڌائڻ جهڙو آهي ئي ڪونہ. "ٻي" (ٻيءَ) جو مفعولي جمع "ٻين" آهي، ۽ وري "زال" واري مونث اسم جي فاعلي صورت "زالئون" آهي. (130)، "زالان" يا "زالون" ڪانهي. هيٺ اهڙا حرف جر ڏنل آهي جيڪي معياري لهجي ۾ ڪونہ ڏنل هئا.

"سيڻ" ـــ ("سان" لاءِ) (هيٺ لفظن جي فهرست ڏسو) "ڪنان" (231) يا "ڪنا" (235ـ24) جيڪو حالت جريءَ کي ظاهر ڪري ٿو.

وري جيتري قدر ضميرن جو سوال آهي تہ ضمير متڪلم ساڳيو معياري لهجي وانگر ڦرندو آهي، صرف هڪڙي مفعولي صورت جيڪا واحد ۾ ملي ٿي سا نقل ۾ فهرست ۾ "مون" آهي. ضمير حاضر جو فاعلي جمع "توين"، "اوين" يا "ائين" جنهن جو مفعولي جمع ٿيندو "توان"، "اوان" يا "آن". ضمير اشارو "هي" (ويجهو) ۽ "هو" (ڏور) عام آهن پر هميشہ نہ. انهن مان اڪثر "هہ" ڪڍي ڇڏيندا آهن ۽ صرف "ايءَ" چوندا آهن. "او" يا "او" جو فاعلي جمع آهي. "اُئي"، "اُوئي" يا "اوءِ". ضمير موصول جي وري هڪ شسيل صورت "جنهنِ" بدران "جين" آهي جيڪا مفعولي واحد واري صورت آهي. اُها نقل ۾ موجود آهي:

"جين پان ــ جو مالِ رنئنِ ــ ۾ ويجايو ــ آهي"

ضمير استفهام جون هيٺيون صورتون فهرست ۽ نقل ۾ ملن ٿيون:

"ڪير" يا "ڪيرو"(92)

**سنڌيءَ جي لاڙي لهجي جا مخصوص لفظ:**

"آن"، "تون" جو مفعولي جمع (اوهان)

"اڀُ" (مذڪر)۔ آسمان

آنئين "تون" جو فاعلي جمع (اوهين)

"آڪارڻ" to drive an animal (ڪاهڻ)

"آڪُرڻُ" to please, suit, agree with

"آمي" ـ (مونث)= انبڙي

"آڙيڪو" (مذڪر) = ڪُنڊو (a hook)

"آٺو"۔ خراب يا جيڪو نج نہ هجي (impure, defiled)

"آنٽو"۔ ٻاڪر/ڦيرو (an embrace, turn, return, dispute)

"آيل"۔ (مونث) ماءُ۔ پيار مان چيل لفظ

"ٻيهاندو"۔ ڪنوار کي نيڪيٽيءَ کان پوءِ پيڪن آڻڻ

"ٻيجو"۔ ٻيو

"پُٺون"۔ وِچون

"پتونٽڙي"۔ (مونث)۔ هڪ ننڍي مادي وڇونءَ لاءِ

"پڙائِڻُ"۔ ملائڻ۔ (فعل متعدي)

"پڙڻ"۔ ملڻ۔ گڏجڻ (فعل لازمي)

"پـتائو" (مذڪر)۔ ملڪيت، مال وغيره.

"پٽڻُ"۔ رُلڻ۔ اُن جو اسم مفعول زوراثتا مرڪب ناهڻ ۾ ڪم ايندو جيئن "پٽو لکڻ" معنيٰ "لاڳيتو لکندو رهڻ."

"چنبڙَ ڪاني"۔ چمڪٽي ۔ (The fruit of Cassia Fistula) (هڪ قسم جو ميوو)

"چانئڻ"۔ چوائڻ (چوڻُ يا چُنڻُ مان)

"چاهِ"۔ (مونث) لسي۔ ڏڌ

"چلَ" ـ (مونث)۔ پاڻي کڻڻ جو ننڍو مٽيءَ جو ٿانءُ.

"چِٽڻُ"۔ وڻ مان ميوي جو يا پنن وغيره جو ڪرڻ ۽ ڪنهن شيءِ جو چاٽي صاف ڪرڻ.

"چي"۔ (حرف ندا)۔ ڪِنو، خراب. جانورن کي پاڻيءَ لاءِ سڏڻ جو آواز "چي ڪرڻ" ٻار جو مُتڻ.

"چمڪٽي" ـ (مونث)۔ هڪ قسم جو ميوو چنبڙ۔ ڪاني

"چوتڻُ"۔ (اسم مفعول چوتو)، رهائش اختيار ڪرڻ.

"چُنڻ"۔ چوڻ، ڳالهائڻ

"ڏهَڻُ"۔ (to stop a ball in playing) (راند ۾ بال روڪڻ)

"ڏارِ"۔ (مونث)۔ دال

"ڏڙهو" (مذڪر) ۔ ٻال يا ڪينهون

"ڏسائو"۔ (مذڪر) ڏهو۔ موت کان پوءِ ڏهون ڏينهن ۽ اُن تي ٿيندڙ رسمون.

"جوپُ"۔ سٺي حالت ۾ شاهوڪار
"جهُارو"۔ (مذڪر) يا جهُارِي(مونث)۔ نئين پرڻيل جوڙي وٽ پهريون پيرو وڃڻ
"جُڄُ"۔ (مذڪر)۔ شادي جو جشن يا دعوت
"ڪڪولو"۔ (مذڪر)۔ انب جو ڪوئلو يا ڪکڙي
"ڪائو"۔ (مذڪر)۔ ڪام يا پٽي (rafter)
"ڪرسو"۔ (مذڪر)۔ ڏاتوءَ جو ٿانءُ
"ڪيئو"۔ ڇا؟ ڪهڙو؟
"ڪَڙهہ"۔ (مونث)۔ هڪ جاءِ، لنگهہ يا وٽي
"ڪنو"۔ (مذڪر)۔ لسي يا ڏڌ
"ڪيڙُ"۔ لائڻ (ڪٽڻ بہ چون)
"ڪٺڻ"۔ (مذڪر)۔ ڪاڏو/ماني (رات جي ماني)
"ڪنڻي"۔ (مونث)۔ ڪنوڻ/وڄ
"ڪيڙ"(مونث) واڌائي، مبارڪ
"ڪرمٺ"۔ (مذڪر)۔ مٽائيءَ جون نهيل شڪليون
"ڪونجو"۔ ڏوڪيباز۔ اهڙو ماڻهو جيڪو ٻچا پڙائي ڪري
"ڪُريو"۔ (مذڪر)۔ رنبو يا ڪُرپي
"ڪين"۔ (ظرف) ڪيئن۔ ڪهڙي طرح؟
"ڪڙيو"۔ (مذڪر)۔ ڪوٽ جو هڪ قسم
"ڪوهہ"۔۔ (ضمير استهفام) ڇا؟
"ڪوهُ"۔ (ظرف)۔ ڇو؟
"ڪڇاڙو"۔ ڇا؟
"ڪُندرو"۔ راند (مونث) پاڻي ۾ ڪيڏڻ جي ڇوڪرن جي راند
"لَگڻ"۔۔ ٻڌڻ (گهوڙو وغيره)
"لَئِي"۔ (مونث)۔ ساهيڙي يا جيڏي، ڪنهن عورت کي مخاطب ٿيڻ جو انداز
"ليس"۔ (صفت) تيار
"لُڪٽو"۔ (مذڪر)۔ لَونڊڙي/لونڊڙين تي وار
"لڪ"۔ (مونث)۔ گهڙي، لمحو
"لَفوٽي"۔ (مونث)۔ سُوڙهہ يا پِترائي
"مڇڙُ"۔۔ (حرف ندا)۔ متان، خدا نہ ڪري
"ماند"۔ (ظرف)۔ اڳيان، مُهڙ ۾، منڍ ۾، مهند
"منگلي يا منگِلي"۔ (مونث)۔ ڪرائي ۾ پائڻ جو چانديءَ جو زيور
"مهند"۔ (ظرف)۔ اڳيان، اڳواٽ، اڳئي

"اُيارڻ" ـ اثاري ٻيهارڻ يا ڪڙو ڪرڻ

"اُپو" ـ سڌو ڪڙو

اُجهاڳَ" ـ (مونث)، اُجهاڳو (مذڪر) ـ سفر ڪرڻ

"اُڪرڻُ" يا "اُڪرِڻ" ـ لهڻ، ٻاهر اچڻ، ٽُڪڻ يا نقش ڪيڻ

"اُڪارڻُ" ـ لاهڻ، گڏجي پار ڪرائڻ يا جهيڙي جو نبيرو ڪرائڻ

"اُڪاٽَ" ـ (مونث) ظاهر، مشهور

"اڪاٽڻُ" ـ ظاهر ڪرڻ، مشهور ڪرڻ، کولڻ

"اُڪيرَ" ـ (مونث) ـ سِڪ

"اُلاهَڻُ" ـ لاهڻ، لاهي ٻيهارڻ

"اجانرو" ـ اجايل

"اُسهَڻُ" ـ هليو وڃڻ، روانو ٿيڻ

"وهَلو" ـ جلدي، تڪڙو

"وهُڙو" ـ شاهوڪار، دولت مند

"وَنهڙو" ـ (مذڪر) ـ گهوٽ

"ونڊيار" ـ (مذڪر) ـ هندو مسلمانن لاءِ اهو لفظ استعمال ڪندا آهن.

"وهانڊَ" ـ (مونث) ـ صبح جو وقت/ "وراند" بہ چوندا آهن

"وينڊي" ـ (مونث) ـ ڪنن ۾ پائڻ جي والي يا آڱر ۾ پائڻ جي خاص قسم جي منڊي يا ڇلو

"وِرانڊَ" ـ (مونث) 'وهاند' يا صبح جو وقت.

"ولاڙَ" ـ (مونث) ـ تڪڙ ۾ ڊوڙڻ

"ولاڙڻ" ـ ڊوڙڻ

"وَڙهڻ" ـ وڃڻ، ڇُرڻ

مُنَ جو وَڏو پُٽُ جو ٻنيءَ ۾ هو، سو جڏهن آيو ۽ گهر جي اوڏِيان ٿيو ته آنَ واڄٽ ۽ ناچ سو. تڏهن اُنَ هِڪِڙي نوڪر کي ڪوٺي پُڇيو ته هي ڪهڙو ٿئي. اُنَ چيسِ ته ڀاڻي آيو آهي ۽ پِڻي مَجِلس ڪئي آهي. ڇو جو اُنکي صَحي سلامَت آچي مِليو آهي. اُنَ کي ڪِرَڪي ۽ مَنجهه ڪينَ ٿي وِيو. تنهن ڪري پِڻس ٻاهرِ آيو ۽ کنئيس سَمجهايو. ۽ اُن وَراڻيءَ ۾ ٻائي پي کي چيو ته ڏِس ته آءٌ ڪيترنِ وَرَنِ کان توجي چاڪري پيو ڪريان ۽ ڪڏهِن توجي حُڪم کان ٻاهر نه ويو آيان: تڏهِن تو مونکي هيڪڙو ڇيلو به نه ڏنو جو آءٌ پانهجي يارَنِ سان مزا ڪريان؛ پَرَ هي توجو پُٽُ جنهن پانهجو مالِ رنڊين ۾ وڃايو آهي سو آيو پيو آهي ته تو اُنَ لاءِ مَجلس ڏِني آهي. تڏهِ اُنَ چيو ته پُٽ! تون سدا ءِ مون وٽِ آئين ۽ جيڪي مون وٽِ آهي سو سَڀ توجوئي آهي. آسانکي واجِب هو خوشِ ٿيڻ ۽ مزا ماڻِڻ، ڇا ڪاڻِ جو ڀاڻي جو مئو هو، سو وَري جيئرو ٿيو آهي، گُم ٿي ويو هو، سو لَڌو آهي.

# ڪڇي

ڪڇ جو اپڀيت (سنسڪرت= ڪڇا يا سمنڊ جي ڪناري واري زمين)، ڏکڻ ۾ ڪاٺياواڙ جي اُپڀيت ۽ اتر ۾ سنڌ صوبي جي وچ ۾ پوي ٿو. زمين جو هڪ پٽو 160 ميل اوڀر کان اولهه ۽ 35 کان 70 ميل اتر کان ڏکڻ ڏانهن. تقريباً مڪمل طرح هندستان جي کنڊ کان ڪٽيل آهي، ڇو ته اُن جي اتر ۾ دنگئي ڪڇ جو رڻ (Ran) آهي. اُهو ڪارو رڻ پٽ آهي، جيڪو سال جا ڪيترا مهينا سمنڊ سان ڍڪيل رهندو آهي. اهو ڪڇ جي نار جي ڏکڻ ۾ ۽ عربي سمنڊ جي اولهه طرف ۽ سنڌو([1]) جي اپرندي مهڙ يا "ڪوريءَ" (Kori) تائين آهي. ان جا سنڌ سان تمام آڳاٽا ناتا رهيا آهن، ۽ ڪيترائي پيرا اُتان مٿس ڪاهون ٿيون آهن.

## ڪڇ جي لساني جاگرافي:

ڪڇ جي اتر طرف سنڌ ۾ جيڪا ٻولي ڳالهائي ٿي وڃي اُها سنڌيءَ جي لاڙي لهجي واري آهي. اُن جي اوڀر ۾ گجراتيءَ جا مختلف لهجا ڳالهايا ٿا وڃن، ۽ اُن جي ڏکڻ طرف ساڳي ٻوليءَ جو ڪاٺياواڙي لهجو آهي. خود ڪڇ ۾ گهٽيون ٽي ٻوليون عام استعمال ۾ آهن. گجراتي اڪثر واڻين ۽ برهمڻن، آهيرن، چارڻن ۽ ٻين ڏنار قبيلن جي گهر جي ٻولي هئڻ سان گڏ و گڏ ادب، واپار ۽ عام لک پڙهه جي ٻولي آهي. "ڪڇي" اتر ڪڇ جي اڪثر سنڌي قبيلن جي گهرن جي ٻولي پڻ آهي، جن ۾ جاڙيجا، لوهاڻا ۽ ڀاٽيا اچي وڃن ٿا. جيتوڻيڪ عام طرح سڀ ڪو ڪڇي سمجهي ٿو پر اُها لکڻ ۾ گهٽ ايندي آهي. "هندستاني ٻولي" گهڻن ماڻهن طرفان ڳالهائي ويندي آهي، ۽ سواءِ اتر جي ٻيو هر هنڌ سمجهي ويندي آهي. ([2]) گجراتي ٻن لهجن ۾ ڳالهائيندا آهن. جن مان هڪڙي ته اُها عام ٻولي آهي جيڪا پڙهيل لکيل ماڻهو پيا ڳالهائيندا آهن. اُها جلد نائين ڀاڱي ٻئي جي ص 242 تي بحث هيٺ آيل آهي. هن جائزي لاءِ مليل انگن اکرن موجب 205500 ماڻهو اُها ڳالهائين ٿا. گجراتيءَ جو ٻيو لهجو ڀيليءَ جي هڪ صورت آهي، جنهن کي "آهيري" يا " آريائي" به چوندا آهن. اُها آهيرن ۽ مٿي ذڪر ڪيل ٻين قبيلن جي ڳالهايل گجراتي آهي. اُها 30500 ماڻهن جي ٻولي آهي، جنهن جو احوال هن جائزي جي جلد نائين ڀاڱي ٽئين جي صفحي 63 تي ڏنل آهي. هندستاني وري 3000 ماڻهن جي گهر جي ٻولي آهي.

## ڪڇي:

باقي رهي ڪڇي- جيڪا ٻن لهجن ۾ ورهايل آهي. خاص "ڪڇي" ۽ "ڪايستي"، جيڪا ڪائيسٿ ڳالهائيندا آهن ۽ اصلوڪي ڪڇيءَ، راجستانيءَ ۽ گجراتيءَ جو ميلاپ (Mixture) آهي. سنڌ جي ڪراچي ضلعي کان يڪدم اتر طرف، ان جا 50000 ڳالهائڻ وارا هڏايا وڃن ٿا، ۽ ڪاٺياواڙ ۾ 76214 ماڻهو ڳالهائين ٿا. اُنهن پوين انگن اکرن ۾ 12214 ماڻهو بڙوده رياست جي امريلي "پرانت" جا به شامل آهن جيڪا ڪاٺياواڙ ۾ آهي، باقي 64000 ماڻهو رهيل ڪاٺياواڙ جا آهن. بمبئيءَ شهر ۽ ٻيٽ تي 45000 ماڻهو ڪڇ جا رهن ٿا جن ۾ 'ميمڻ'، کوجا، (خواجا)، کتري ۽ کاوار آهن جيڪي ڪڇي ڳالهائين ٿا. اُن کان سواءِ "ڀاٽيا" نالي لهجو ساڳئي علائقي ۾ رهندڙ 8000 ڀاٽيا ڳالهائين ٿا، جيڪي هلد (Halad) ۽ ڪڇ جا

---

[1] بمبئي گزيٽيئر (1880) جلد ـ ۷ ص 01.

[2] گزيٽيئر ص 38.

ڪي ڪونہ ڏنو"، گجراتيءَ جي ماضي معطوفي يا ڳنڍيندڙ ڪردنت (Conjunctive participle) "اِيني، يا "اِيئِين" جو استعمال پڻ عام آهي، جيئن "اچيئين" (اچي) يا وري "ڪريني"، (ڪري)، "ڪائينين" (ڪائي)، "اتيئي"، (اتي)، "وِنينين"، (ويجي) وغيره. اهي سڀ نقل ۾ ڏنل آهي.

**سندون (ڇپيل ڪتاب):**

هڪ "ڪڇي ڪوش" يا ڪڇي ٻوليءَ جي ڊڪشنري، "گجراتي ورنئڪيلور سوسائٽيءَ پاران ڇپائي وئي آهي، ۽ "ڪڇي ڪويتاس" يا شعر پڻ خانصاحب نوجثاني لکي آهي. آءٌ اهي ڏسي سگهڻ ۾ ڪامياب ڪونہ ٿيو آهيان. ڪڇي شعرن لاءِ چون ٿا تہ اهي گجراتيءَ جي هڪ اعليٰ درجي جي مجموعي نالي "ٻڙهت ڪاويہ دوهانا" ۾ شامل آهن، پر مون کي جيڪو اڻ پورو سيٽ انهيءَ جي جلدن جو مليو آهي، اُن ۾ اهي ڪونہ مليا آهن. ريورنڊ جيمس گري جيڪو ڪڇ ۾ ديول جو پادري هو ان "ميٿيو جو انجيل" ڪڇيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. اُهو بمبئيءَ جي "بائبل سوسائٽيءَ" 1834ع ۾ ڇپرايو هو. بمبئي گزيٽيئر جو ڪڇ سان واسطو رکندڙ جلد، ڪڇي ٻوليءَ جي باريءَ ۾ ڪجهہ بہ نٿو ٻڌائي پر اُن جي تاريخ ۽ نسلي سلسلي بابت قيمتي معلومات ڏي ٿو جيڪا "انڊين انٽيڪئيري" جلد پنجون (1876) ص ص 167، مصنف دلپترام پرنجيون ڪاڪر ۾ ڏسي سگهجي ٿي.

**ڪڇي گرامر ۽ اُچار:**

جيتري قدر اُچارن جو تعلق آهي تہ معياري سنڌيءَ وارو آخري ڇوٽو سُر يا حرف علت، هر هنڌ ڪيرائي يا گم ڪري ٿا ڇڏين، اُن ڪري جيڪي لفظ هُتي (حرف علت) تي ختم ٿا ٿين، سي گجراتيءَ ۽ راجستانيءَ ۾ وينجنن (حرف صحيح) تي ٿا ختم ٿين. نڪو وري سنڌيءَ جا چوسٽا آواز ملن ٿا. اُن ڪري اسان کي "سڏ" بدران "سٻ" ملي ٿو "ڏي" بدران "دي"، "لڳا" بدران "لگا" ([1]) ، "وڳو" بدران "وگو" ملن ٿا. ٻئي طرف سنڌيءَ ۾ گُھٽا ۽ ساڪن آواز ٻٽا نٽا ٿين. اُن ڪري "هاٽ" يا "هٽّ" (ٽ تي شد سان) بدران صرف "هٽ" ملي ٿو. "آک" يا "آنک" بدران "اک" ۽ "ڪانِ" يا "ڪنّ" (ن تي شد) بدران "ڪنُ" ملي ٿو.

ٻين اهڙن لفظن ۾ جيڪي عربي يا فارسيءَ مان ورتل آهن "ب" آواز کي وسرگ بنايو ويو آهي مثلاً: "جياپ" (جواب) ۽ "پرياد" (برباد). ساڳيءَ طرح لاڙي لفظ "پنڊ" (پاڻ) وري "پنڊ" تي ويو آهي.

ٻئي طرف وري معاون فعل وارن لفظن "ٿو" ۽ "ٿي" کي اوسرگ ڪرڻ جو لاڙي رواج پڻ ڪڇيءَ پنهنجو ڪيو آهي، جيئن:

"هي مڙي ڪُري لايہ ٿئي تو" ــ "هي سڀ ڇا لاءِ ٿئي تو؟"

"ڪونڌ تي ــ وڙيو."(11,9)

ساڳيءَ طرح ڪجهہ مثال لاڙيءَ واري اوسرگائيءَ جا بہ ملن ٿا، جنهن ۾ ڳرن وسرڳن کي اوسرگ ڪيو ويندو آهي، مثلاً: "ڏي يا "دي" (110)

"گيان" بدران "گيان"ــ "ڳِن" جو اسم مفعول آهي (جنهن کي لاڙي ڳنڊو بہ چون). لاڙيءَ جيان شروع واري ۽ وچ واري "هہ" اڪثر ختم ڪريو ڇڏين، اهڙيءَ طرح "هي" بدران "اي"، "هُو" بدران "اُوَ". "هيينٽو" يا "آئينٽو" (هرڻ) (153) ۽

---

[1] اها راءِ صحيح نہ آهي. ڪڇيءَ ۾ سنڌيءَ وانگر چوسٽا آواز ٻ، ڏ، ڄ، ۽ ڳ اُچاريا ويندا آهن. (مترجم)

**صفتون سنڌيءَ واري عام قاعدي موجب هونديون آهن:**

**صفتون:**

"ڪاسو ماڻو (ماڙو)" ـ (خاصو/چڱو ماڻهو) (119)

"ننڍو پُتر" ـ (ننڍو پٽ)

"هِترا ورڙ" ـ (هيترا ورهيه)

"ڪاسي بائڙي" ـ (خاصي بائڙي يا عورت)

"ٺڪريون ٿرارون" ـ (ٺڪڙيون تلوارون)

"جهجهئين جمپاٽين ــ سين" ـ (جهجهن ڏڪن سان)

پيٺ ۾ ساڳئي قاعدي موجب هوندي آهي "پيٺ ـ تي اُچو آئي" (پيٽ کان ڊگهو آهي)

"مِٺيان ڪاسو" (مڙني کان خاصو)

"ڪاسي ۾ ڪاسو وڳو" (خاصي ۾ خاصو وڳو)

**ضمير:**

ضمير متڪلم آهي "آئُون" يا "آئُن" ـ اُن جي واحد مفعولي حالت آهي "مون"، حالت اضافت ـ "مون ـ جو"، ان جي جمع جون ٻه صورتون آهن، هڪ آهي. "اسين" مفعولي ـ "اسان"، "اسان ـ ج" وغيره. ٻي صورت آهي گجراتيءَ جي اصل يا نقل واري ـ سنڌي لفظ "پاڻ" ۾ متڪلم ۽ مخاطب ٻئي شامل هوندا آهن. "پاڻ"، جي مفعولي صورت آهي "پان" ـ ايئن "پان ـ ڪيون" (پاڻ ـ ڪائون) ٿهي ٿو. "اي پان ـ ڪي لاجمِ هئو" (هي پاڻ کي لازم هو).

ضمير حاضر لاءِ "تون" آهي، واحد مفعولي حالت ۾ "تو"، اضافت "تو ـ جو"، جمع آهي "آنئين"، مفعولي ـ "آن"، اضافت "آن ـ جو" واحد وارو ضمير عزت سان استعمال ڪرڻ مهل جمع وانگر استعمال ٿيندو آهي، جيئن "آن ـ جو نالو ڪرو آئه" (اوهان جو نالو ڇا آهي؟).

ضمير اشارو آهي "هي" يا "اي" (ويجهو) ـ ۽ "هو" يا "اُو" (ڏور) اهي ٻئي ضمير غائب جيان استعمال ٿيندا آهن:

| واحد | ويجهو | ڏور |
|---|---|---|
| فاعلي حالت | "هي"، "آي" | "هو"، "او" |
| مفعولي حالت | "هِن"، "اِن" | "هُن"، "اُن" |

| جمع | ويجهو | ڏور |
|---|---|---|
| فاعلي حالت | "هي"، "اي" | "هو"، "او" |
| مفعولي حالت | "هِني"، "اِني" | "هُني"، "اُني" |

ڪڏهن ڪڏهن جمع ۾ حالت مفعوليءَ ۾ آخري "اي" گهٽو ٿيندو آهي ان ڪري "هِنين"، "ايئن" يا "هُنين" يا "اُنين" پڻ چيو ويندو آهي.

ضمير مشترڪ آهي "پٽڻ" (پاڻ/پنهن) جيڪو ڏکڻ سنڌ ۾ "پٽڻ" هوندو آهي.

"پٽڻ- جي مِلڪت ورائي ڊنين" (پنهنجي ملڪيت ورهائي ڏنائين).

"پٽڻ- جي- ڄِڪين چيج وست هئي." (پنهنجي جيڪي چيز (شي) وٽس هئي)

"ان پٽڻ- جو پيٽ پريو هئو"- (هن پنهن جو پيٽ ڀريو هجي ها).

"پي پٽڻ- جي- مُلائين- ڪي چين". (پيءُ پنهنجي نوڪرن کي چيو).

ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ لفظ "پٽڻ" کي عام ضمير خالص واري حيثيت به هوندي آهي.

"پٽڻ- ڪي لنگهڻ پوڻ لگا." (پاڻ (هن) کي لنگهڻ پوڻ لڳا).

"پٽڻ گمٽون چيتي هئو". (پاڻ گهٽو پري هو.)

ڪڏهن ڪڏهن اسان کي اهڙا ضمير خالص ملن ٿا، جڏهن ٻين هند آريائي ٻولين جي مناسب سان ضمير مشترڪ هئڻ جي اميد هوندي آهي. جيئن:

"مون- جي" (پٽڻ- جي ٻدران) پي- وٽي ويندوس" (پنهنجي پيءُ وٽ ويندس).

اُها ڳالهه گجراتي ۽ راجستانيءَ ۾ به عام آهي.

ضمير موصول ۽ جواب موصول آهن "جو" ۽ "سو"، انهن جو ڦيرو هن ريت آهي:

| واحد | "جو" | "سو" |
|---|---|---|
| فاعلي حالت | (جو جي) | "سو"، "سي" |
| مفعولي حالت | "جين" | "تين" |

| جمع | "جو" | "سو" |
|---|---|---|
| فاعلي حالت | (جي) | سي |
| مفعولي حالت | "جين" (جيني) | "تين"، "تيني" |

مون کي انهن موصول ضميرن جي باري ۾ ڪا گهڻي ڄاڻ ڪانهي جيڪي ڏنگين ۾ ڏنا ويا آهن. البت مون انهن کي جواب موصول ضميرن جي مناسب سان لکيو آهي. انهن ضميرن جا مثال آهن:

"جين- جي ترار (جنهن- جي ترار) (1- (II)).

"جين- نون آنئون مجا ڪرڻان" (جنهن سان آئون مزا ڪريان).

"جين- ۾ لاکو جي راجا." (جنهن ۾ لاکو جي (ناڪرن جو) سردار هو.) (2(II))

"سو" (اهو) (26)

"سي مون- ڪي ڊي" (اهي (يا سي) مون کي ڏي)

"تين- ڪي چونڊوس" (تنهن کي چونڊُس)

"سي کُسي ڪِيڻ لگا". (سي خوشي ڪرڻ لڳا)

"تين مِيجها- نون نِنِڍي پُتر چِئو." (تنهن مان (منجهان) ننڍي پٽ چيو)

سنڌيءَ وانگي هن ۾ بہ ڪيترائي بي قاعدي اسم مفعول آهن. نمونن ۾ هيٺيان موجود آهن. هيٺ معياري سنڌي صورتون پڻ پيٽ لاءِ ڏجن ٿيون:

**اسم مفعول**

| ڪڇي ڌاتو | معياري سنڌي | ڪڇي |
|---|---|---|
| اچ | آيـو | آيـو |
| چَہ | چئو | چِـئو چِـيو |
| ڏي | ڏنو | ڏنو |
| ڏس | ڏٺو | ڏٺو |
| گن | ڳڌو (لاڙي) | گڌو (240) |
| ڪڍ | ڪڍيو | ڪڍيو |
| ڪر | ڪِئو ڪيو ڪيتو | ڪِئو ڪيئو |
| لَپ، لَڄهہ | لڌو | لڌو |
| لگ | لڳو | لڳو |
| (؟) لُس (ساڙڻ) | (؟) لُوٺو (ساڙيو) | لوٺو (ڪاوڙيو) |
| پَہ | پئو پيئو | پئو پيئو |
| پُهچ | پُهتو | پوتو |
| پُڇ | پڇيو | پُڇو |
| رُت (پاڻ کي جمائڻ) | (؟) رُوتو (رُوت مان) | رُتو |
| رَ (رهہ) | رهيو | ريو رئو |
| سُڻ | سُئو | سُونئو |
| ٿي | ٿئو | ٿيو |
| اُپ (پيهہ) | اُپيٺو | اُپو |
| وي | ويٺو | وَٺو (230) |
| وڃ | وِئو | ويو وئو |
| وِڄهہ | وڌو | وڌو |

## ماضي معطوفي (اسم عطف يا ڳنڍيندڙ ڪردنت):

ماضي معطوفي ٺاهڻ لاءِ معياري سنڌيءَ ۾ "اي" ملائيندا آهن. جيئن "ماري". اهو آخري "اي" ڪڏهن ڪڏهن گهٽبو بہ هوندو آهي، جيئن "ڳنيين اچو" (وٺي اچو) ۾ آهي. "ٿي" وري بي قاعدي آهي.

گجراتيءَ جي ڳنڍيندڙ ڪردنت ۾ "اني" هوندو آهي، جيئن "ڪريني"، ماريني" (178) اهو به ڪڇيءَ ۾ عام آهي جيئن "ٿيني" (171) "اٿيني"، "وڃيني" وغيره. هنن لفظن جي آخري "اي" پڻ گهٽي ٿي سگهي ٿي جيئن "ڪائينين" (ڪلون ڪائي) "اچينين" (پيءُ اچي) "ڌهوڙي ڪريني" ۾ وري ٻن صورتن جو ميلاپ آهي.

**امر**

امر وارو ضمير حاضر واحد ساڳيو ڌاتوءَ واري شڪل جو آهي پوءِ پلي فعل "اِ -" پڇاڙي وارو هجي يا "آ" متصل ڦيري وارو.

اهڙيءَ طرح سان هيٺان مثال ڏسو

"اچ" (80)

"ڍي" (ڏي) (84)

"ڏوڊ" يا 'ڏوڙ' (ڊوڙ) (85)

"هڻ" (81)

"جم" ((ڪاءِ) (78)

"کَا" (ڪاءِ) (78)

"مر" (83)

"مار" (81)

"پِٽ" (مار) (81)

"رَک"

"اُپ" (بيهه) (82)

"وي" (ويهه) (79)

"وڃ" (77)

ضمير متڪلم جمع جا به مثال ملن ٿا، جيڪي ٻئي نقل ۾ آهن ۽ آ- پڇاڙيءَ واري متصل ڦيري جا آهن. اهي آهن "ڪِيون" (ڪائون) "ٿئون".

"آ" - پڇاڙيءَ واري متصل ڦيري ۾ ضمير حاضر ناهڻ لاءِ "او" کي ڌاتوءَ سان ڳنڍيو آهي. جيئن:

"اچو"

"ڳنو" (235)

"وڃو" (227)

اِ- پڇاڙيءَ واري متصل ڦيري ۾ وري "يو" ڳنڍيو آهي.

"ڊيو" (بي قاعدي) (ڏيو) (234)

"ڪڍيو" (237)

"ماريو" (4- (II))

"پيرايو" (پهرايو)

227، 234، ۽ 237 ۾ واحد بدران جمع احترام لاءِ استعمال ڪيل آهي.

"وينڏوس" "چونڏوس"

"ٽينڏوس"

"ريو" (رهيو) :ڪنهن ملڪ جي رهواسين سان)

"ڪُسي ڪيڻ لڳا" (خوشي ڪرڻ لڳا)

"پٽ پٽا ............ رڻ ۾ رٽا" (اهي پٽ پٽا ......... رڻ (جنگ جي ميدان) ۾ رهيا" (11 (II))

"رُتا پيڙ- ۾" (اُنهن پاڻ کي) پڙ ۾ جمايو)

"هترا مٽڙي وَرِ ٿيا" (هيترا گهڻا سال ٿيا)

"اُيا چوڪ - ۾" (بيٺا چوڪ ۾)

هميشه جيان متعدي فعلن جو زمان ماضي مفعول سان جنس ۽ عدد موجب ٺهڪي بيهندو آهي جڏهن ته ان جو فاعل مجهول واري فاعلي حالت ۾ بيهندو آهي. اهڙيءَ ريت جڏهن مفعول مذڪر واحد هجي ته اسان کي هيٺيون صورتون ملنديون.

| فاعل واحد | | فاعل جمع | |
|---|---|---|---|
| 1- مون<br>2- تو<br>3- هن | ماريو | اسان<br>آن<br>هني | ماريو |

ٻيا مثال آهن:

"ننڍي پُتر ٻي- ڪي ڊنو"

"ان- جي ٻي ان- ڪي ڊنو"

"گوتين گما ڪٽا" (گهوٽن گهاءَ ڪيا) (5- (II))

"گوتين وَڍيون. (گهوٽن وڍيون) (ڪنوارون) (مونث جمع) ( 5-(II))

"ڪين ان- ڪي ڊنُون نان" (ڪنهن هن کي نه ڏنو)

هن ۾ "ڊنون" هڪ (neuter) لفظ آهي جيڪو گجراتيءَ مان ورتل آهي.

نقل ۾ بن جاين تي لفظ "آوٽي" اچي ٿو جنهن جو ترجمو "آيو" ڪيل آهي، جيئن مثلاً " تين- ڪي رحم آوٽي." (تنهن کي رحم آيو). "جدين ان- ڪي عقل آوٽي." (جڏهن هن کي عقل آيو)

اهي شايد گجراتيءَ جا ضمير غائب واحد زمان حال جا مثال آهن جيڪي غلط نموني ماضيءَ واري مفهوم ۾ استعمال ٿيا آهن. پر اُن سان ڪاپسٽي لفظ "ڪُلٽي" ۽ پاڻيا لفظ "مارٽي" جي ڀيٽ ڪري ڏسو.

### زمان ماضي مدامي:

ماضي مدامي ٺاهڻ لاءِ ماضيءَ جي اڳيان يا پنيان "تي" (معياري سنڌيءَ وارو "ٿي") ڳنڍيو آهي. اهو اڪثر ڪري معنيٰ ۾ استمراريءَ جهڙو هوندو آهي. اهڙي طرح:

"ڪونڌ تي وڙيو" (9- (II))

"مون ماريو تي" (مون ماريو ٿي) (192)

زمان ماضي قريب گهٽي قدر باقاعدي نهندو آهي. اُن لاءِ مثال ڏيندي چئي سگهون ٿا تہ:

"تو۔ جي چاڪري ڪندو آيو آئيان"

"تون هميسہ مون پيڙو۔ ج ٿيو آئين". (تون همشيہ مون سان گڏ ٿيو (رهيو) آهين)

"تو۔ جو يا آيو آيہ"

"سي ان۔ ڪي سجو۔ نرؤو جُڙيو۔ آيہ" (سو هن کي سئو ثابت مليو آهي)

"جيرو ٿيو آيہ" (جيئرو ٿيو آهي)

"مون گناهہ ڪِئو آيہ"

ناڪاري فعلن سان هيئن آهي:

"تو۔ جو سُڪن اُٿلايو۔ نانيہ" (تنهنجو سخن موٽايو ناهيان (ناهي).

## زمان ماضي بعيد:

زمان ماضي بعيد جي لاءِ مثال آهن:

"مون ماريو هئو" (193)

"وينڌي ريو۔ هئو" (وڃائجي ويو هو)

"مري رويو هو"

معياري سنڌيءَ وانگي زمان ماضي بعيد کي ماضي شرطيہ طور بہ ڪم آڻي سگهجي ٿو. جيئن:

"پٽيہ جو پيٽ پريو۔ هئو" معنيٰ پنهنجو پيٽ پري ها.

## بالواسطہ فعل:

ڪجهہ بالواسطہ فعل پڻ نمونن ۾ ملن ٿا. جيئن:

هالائين (هن کي هلايائين)

وڃائائي (وڃايائين)

اُٿلايو (موٽايو)

جيئن "تو۔ جو سڪن اٿلايو نانيہ" ۾ آهي. (1)

ان جو بالواسطہ ڏاتو آهي "اٿلا" جيڪو ساڳيو معياري سنڌيءَ لفظ "اٿار" سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. اتر۔ الهندي جي ٻولين ۾ "ر" ۽ "ل" جي تبديلي عام هوندي آهي.

## مجهول:

معياري سنڌيءَ ۾ مجهول ناهڻ لاءِ "اِج" يا "ج" پڇاڙي ڏاتوءَ سان ڳنڍيبي آهي ۽ گجراتيءَ ۾ وري "آ" ڏاتوءَ سان ڳنڍيندا آهن. پر ڏاتوءَ جي حرف علت کي ڇوٽو ڪيو ويندو آهي. لفظن جي فهرست ۾ ڏنل مجهول صورتن ۾ اهو پويون اصول نظر اچي ٿو. معروف ڏاتو "مار" جو مجهول ڏاتو آهي "مارا". زمان حال مطلق ۽ استمراريءَ جي صورتن جي باري ۾ آءٌ ڪجهہ چئي نٿو سگهان. اهي آهن:

"مراڻون آئيان" (ماريو پيو وڃان)

"مراڻون هوس" (ماريو پئي ويس)

## مرڪب فعل:

هن ۾ ساڳيا مرڪب فعل آهن. زوراڻتن مرڪب فعلن لاءِ اسان وٽ هيٺيان مثال آهن. ڪي انهن مان صحيح معنيٰ ۾ زوراڻتا نه به آهن ته به سهولت لاءِ هتي ڏنا ويا آهن:

"ڳني اچڻ" (وٺي اچڻ)

"لجهي اچڻ" (ليي اچڻ)

"ورائي ٻيٺڻ" (وراهي ڏيڻ)

"واوري ڪيڻ" (وڃائي ڇڏڻ)

"وڃائي وجهڻ" (وڃائي ڇڏڻ)

يا جيئن ٻک وجهڻ- پاڪر پائڻ يا ٻک وجهڻ) ۾ وجهڻ جي معنيٰ آهي. هنديءَ ۾ ان جو متبادل آهي "ڈالنا".

"هلي ويڃڻ"

"مري ويڃڻ"

شڪون واري حالت وارا اسم مفعول مان ٺهندڙ مرڪب فعل ڏيکارڻ لاءِ مثال آهي:

"آئون تو- جي چاڪري ڪنڌو آيو آئيان".

"آرنڀ ڪندڙ" يا شروعات ڪندڙ مرڪب فعل جيڪي مصدر سان گڏجي ٺهندا آهن. اهي آهن:

"پڙيد- ڪي لنگهڻ ٻوڻ لڳا"

"سي ڪُسي ڪيڻ لڳا"

ڪڇيءَ جا به نمونا ڏنل آهن جيڪي ٻئي اتر ڪڇ مان آيل آهن. جتي جي ٻوليءَ ۾ گجراتيءَ جي گهڻ ۾ گهڻ ملاوٽ هوندي آهي. پهريون نمونو "خرچاڻو پٽ" واري نقل جو هڪ قسم آهي ۽ ٻيو هڪ گيت آهي. ڪڇيءَ جو پنهنجو ڪو لکڻ جو رسم الخط ڪونهي، هتي ڏنل نمونو گجراتي رسم الخط ۾ ڇپيل آهن. ڪي ٻيا نمونا ناگري رسم الخط جا ۽ پارسي رسم الخط جا پڻ موصول ٿيا هئا.

**ڪڇي لهجو** | **سنڌي**

**ٻيو نمونو**

**پڙهڻي**

ڀيمجي نَڪر جهاڙو هلايو
مُڙيو ماڳ نہ ٻي
جين ـ جي اُمر هُئي ترار
جاڙيجي جهاڙو ملايو 1
گجي گلامـ شا (غلام شاهہ) چَڙيو
ساري ـ سنڌ مِيجها
وينجهڻ ـ نُون نَڪر چڙيا
جين ـ ۾ لاکو جي راجا
ڀيمجي نَڪر جهاڙو هلايو 2
ڀڙ ڀمانٽين چَڙيا
ڀوڏالئين آسوار
هلڪ مرڪائي چڙيا
آيجار ـ جا جماڏار
ڀيمجي نَڪر جهاڙو هلايو 3
هَڪل ڀِئي هوٿيين ـ ۾
"نَڪران ماريو بال ٻچا"
اُنين پٽڏ ـ جا گيارو
هٿين ـ سين رونسيا
ڀيمجي نَڪر جهاڙو هلايو 4
ڪُنواري ڪنڏ ٿمايو
گوٺين گما ڪِٿا
چوٺا جمليا چوسارا
وڏيون ڪنڏ وِچا
ڀيمجي نَڪر جهاڙو هلايو 5
ڪٿارئاـ نون چَڙيا پوير
ڪُنور ڪنياڻِي
اچي اُيا چوڪ ـ ۾

چوڏو سو نين چاري
ٻيمجَي نَڪَر جهاڙو ملايو 6
اڇي رُتا ٻڙ۔ ۾ جُ ۔ ڪو
پاوَر ۔ جا پاڊا
هٺو ترارون ٺگريون
ڪريون ٻالين ۔ جا گها
ٻيمجَي نَڪَر جهاڙو ملايو 7
ترارين — جي تڙ ٻئي
ٻالين ڪِئا ٻوڱگا
گلولي — جا گوٺ ٽِيا
ڏاڙو ڏونس ڪِئا
ٻيمجَي نَڪَر جهاڙو ملايو 8
مٿو چِٽيو پٽ — تي
ڪونڌ تي — وِڙيو
جڏين استري گاڏيو
تڏين چِٽي پٽ ٻِئو
ٻيمجَي نَڪَر جهاڙو ملايو 9
جو رئين جُواڻ نہ اُپرين
تڏين گبين گمس ڪِئا
سوا۔ سير۔ جو پايٺو
رُوڙيو رت۔ مسيجما
ٻيمجَي نَڪَر جهاڙو ملايو 10
سٺ هجار سرائي۔ جا
چَٽي پٽ ٻِئا
چاري هجارا ۔ جا
راوَتا رَڻ ۔ ۾ رِئا
ٻيمجَي نَڪَر جهاڙو ملايو 11

# ڪايستي

"ڪايستي ٻولي"، ڪڇ ۾ رهندڙ 500 کن ڪايستڻ ڳالهائين ٿا. اُها ڳالهائڻ جي هڪ گاڏڙ صورت آهي پر اُن ۾ گهٽو ڪري راجستانيءَ جو مارواڙي لهجو ۽ گجراتي گڏيل آهن. نموني طور مون لوڪ ڪهاڻي ڏني آهي. ان ۾ اُهو ڏسي سگهجي ٿو تہ ڳالهائڻ جي ٻين صورتن کان ڪايستي صرف هڪ ڳالھ ۾ مختلف آهي، تہ ضمير غائب جو متعدي مجهول جي فاعل وارو پڇاڙي پد، فعل سان ڳنڍجڻ مهل خصوصي صورت رکي ٿو. اسين هيٺيان نڪتا ڏسي سگهون ٿا. ڪڇيءَ ۾ اسان ڏٺو تہ اڌارا ورتل لفظ جياپ (جواب) ۽ پرياد (برباد) وسرگ بڻايا ويا آهن. ڪايستي نموني ۾ بہ ايئن نظر اچي ٿو جنهن ۾ "د" ڦري "ڏ" ٿي پوي ٿو "دربار" کي "ڏربار" اچاريل آهي، جڏهن تہ حيرت جي ڳالھ آهي تہ اُن کان اڳيون لفظ "جواب" آهي، جنهن ۾ "ب" ۾ ڪو فرق ڪونهي. ٻئي طرف جيئن ڪڇيءَ ۾ معاون فعل "تو" ڦري "تو" بڻجي وڃي ٿو تيئن هتي بہ "ڪَئي تو" (چوي ٿو) ۽ "ڪيئن- تي" (چوان ٿي/مونث) ۾ اهڙي تبديلي اچي ٿي. ساڳيءَ طرح وچ واري "هہ" بہ حذف ٿي ويندي آهي جيئن "ران" (رهان)، "رِئي" (رهي/مونث) ۽ مٿي ڏنل ساڳيا لفظ "ڪان" (ڪهان/چوان) "ڪَئي" (ڪهي- چوي).

اسمن جي ڦيري ۾ اضافت وارو حرف جر ساڳيو مارواڙيءَ وارو "رو" (را- ري) آهي ۽ حالت جري- سببي وري "نان" آهي، جيڪو مارواڙي "تنئين" جو بگڙيل روپ آهي. اضافت وارو ضمير (منهن جو) وري ٻن لفظن سان ظاهر ڪجي ٿو. پهريون "مان- جو" جيڪو سنڌي آهي، ٻيو آهي "مايو" (مونث "مائي") جيڪو گجراتيءَ جي "مارو" جي بگڙيل صورت آهي، جنهن ۾ داردي ٻولين طرفان "ر" حذف ڪرڻ واري طريقي موجب ٺيل آهي، جيئن اسان ڪڇيءَ ۾ ڏٺو هو ۽ اُن جي جاءِ تي اُچاري سهنج لاءِ "ي" جو اچار وڌو ويو آهي.

"هي" لاءِ لفظ "هي" يا "اِي" آهن، جري حالت ۾ "ائي- نان". "هُو" جو مفعولي واحد آهي "اُئي" اُن ڪري فاعلي حالت ۾ شايد "هُو" يا "اُو" هجي.

ٻيون ضميري صورتون آهن:

"ڪِينئي"- (ڪجھ/ڪي)

"جي- ڪينئي"- (جيڪي ٻہ)

"ڪنڪ- نين ڪِنڪ"- (ڪي نہ ڪي/ڪجھ نہ ڪجھ)

ناڪاري فعل جي لاءِ ٻہ صورتون آهن، "نئين" ۽ "نٿي". ٻيئي گجراتي آهي. ساڳيءَ طرح گجراتي "هتو" بہ مستعمل آهي (معنيٰ هي، هو).

فعلن ۾ اسان کي گجراتي مصدر "وُن" ملي ٿو جيئن "ڪَراوي- سارُو" (ڪرائڻ لاءِ) "ڪروا لگو" (ڪرڻ لڳو). مستقبل مجهول وارو ڪردنت آهي "ڊيوو" (ڏيڻو آهي) ۽ مونث "ڊيوي". اسم عطف يا ڳنڍيندڙ ڪردنت يا ماضي معطوفي گجراتيءَ واري صورت "انين" جهڙو آهي جيئن "ناڪينين" (وجهي) "ڪايہ نين" (ڪائي). عام طرح وري وري ٿيندڙ ڪم لاءِ اسم عطف يا ماضي معطوفي آهي "ڪري ڪري" جيڪو اسان کي ڪشميريءَ جي "ڪَر ڪَر" جي ياد ٿو ڏياري. اسم حاليہ پڻ گجراتيءَ موجب "تو" پڇاڙي لڳائي ٿو. جيئن "ٿيتان" (ٿيڻ ٿي). جيئن ان ٻوليءَ ۾ ٿيندو آهي، تيئن هن ۾ اهو ماضي

معني: جڏهن منهنجي نظر هُئي تڏهن منهنجي گهر ۾
"تانيا رچ نين پاري۔ پاري سامان هتوسي هُن"
معني: ٿامي۔ ڪنجهي جو ڳرو ڳرو سامان هو سو آئون
"ڊيکَ تي، پڙ هوي‌ڙاي سو ڪاي۔ نين ڪايا۔ نو(ڪئي تو)"
معني: ڏسندي (هئس) پر هاڻي هي سُنهن ڪائي ۾ چوي ٿو
"ڪي مان يو آنڌپو گيو پڙ هُن تان"
معني: تہ منهنجو انڌپو ويو پر آئون تہ
"مان يي۔ گهر ۾ ڪنئي جٽس ڊيک تس نٿي"
معني: منهنجي گهر ۾ ڪا شئي ڏسان ئي نٿي."

# ڀاٽيا

سنڌيءَ جو هڪ نمونو جنهن کي ڀاٽيا چون ٿا، بمبئيءَ شهر ۾ ڀيٽ مان معلوم ٿيو آهي جيڪو هلد (Halad) ۾ ڪڇ جا 6000 ڀاٽيا ڳالهائين ٿا. هن لهجي جي لفظن ۾ جملن جي هڪ فهرست موصول ٿي آهي پر ڪو ٻيو نمونو ڪونه مليو آهي. فهرست مان اها عام ڪچي لڳي ٿي جنهن ۾ گجراتي لفظن جو ميلاپ ٿيل آهي. گرامر جي لحاظ کان خاص ڳالهه لفظ "مارئي" ۾ ملي ٿي، جنهن جي معنيٰ "هن ماريو" به آهي ته "هنن ماريو" به آهي. اسين ڪڇي لفظ "آوئي" سان ان جي ڀيٽ ڪري سگهون ٿا. باقي تفصيل سان ڪنهن گاڏڙ لهجي تي بحث ڪرڻ غير ضروري آهي.

## لهندا يا مغربي پنجابيءَ جي لهجن ۽ ننڍن لهجن (محاورن) کي ظاهر ڪندڙ نقشو



# ڷهندا يا مغربي پنجابي [1]

### ڪٿي ڳالهائي وڃي ٿي؟

ڷهندا اولهہ-پنجاب جي ٻولي آهي. ان جي اوڀر ۾ پنجابي آهي، جيڪا وچ ۽ اوڀر پنجاب ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، ۽ اها ڳالهائڻ جي ان صورت ۾ اهڙي طرح ضم ٿي وڃي ٿي جو ٻنهي ٻولين ۾ ڪا ڏار ڪندڙ ليڪ ڪڍي نٿي سگهجي. اسين پنهنجي موجوده مقصد لاءِ ڪا رسمي ليڪ اتر ۽ ڏکڻ ڏانهن اوڀر ۽ وچ پنجاب جي پار ڏيکاري اوڀر ۾ پوندڙ ٻوليءَ کي پنجابي ۽ اولهہ ۾ پوندڙ ٻوليءَ کي ڷهندا سڏي سگهون ٿا، پر اهو ياد رکڻ گهرجي تہ هڪ ٻوليءَ کان ٻيءَ ٻولي ۾ ويندي تبديلي ايتريءَ تہ ترتيب سان آهي جو ڪيترين ڷهندا جون خاصيتون ليڪ جي اوڀر طرف بہ ملنديون ۽ ڪيترين پنجابيءَ جون خاصيتون اولهہ ۾ ملنديون، ۽ اسين ڷهندا کي ملتان ۽ جهنگ جي ضلعن ۾ مقرر ڪري سگهون ٿا.

هن جائزي لاءِ ٺاهيل رسمي ليڪ منٽگمري ([2]) ضلعي جي ڏکڻ- اولهہ واريءَ ڪنڊ کان شروع ٿئي ٿي، اها منٽگمريءَ ۽ گجرانوالہ جي ضلعي ۾ چناب ويجهو ٻڌل شهر رام نگر تائين ٻنهي کي هڪ جيترن حصن ۾ ورهائي ڇڏي ٿي. رام نگر کان اها گجرات واري ضلعي کي پار ڪري ڀمڀي جابلو سلسلي جي ڏکڻ- اولهہ واري ڇيڙي تائين برٽش انڊيا جي سرحد تائين هلي ٿي.

انهيءَ هنڌ کان اها ليڪ وڌيڪ واضح آهي. اها ڀمڀي جابلو سلسلي سان لڳو لڳ اتر اوڀر طرف هلي وڃي ٿي ۽ سرحد وٽ اوڀر ڏانهن مڙي وڃي ٿي هيٺين هماليہ جبلن جي ڀاڱ وٺان چناب نديءَ تائين نڪري ٿي، جتان اها اتر ڏانهن ڪشميري سرحد تي پير پنجال لڪ وٽ پهچي ٿي. اتي ان کي جبلن جو اهڙو سلسلو ملي ٿو جيڪو هڪ قسم جي سرحد ٺاهي ٿو ڇڏي، اها ليڪ اتان جبلن سان لڳو لڳ اتر طرف مڙي ٿي وڃي.اُري شهر جي ٿورو اوڀر طرف.جهلم جي ماٿريءَ کي پار ڪري ٿي. اها اڃا بہ اتر ڏانهن وڌندي ڪشن گنگا ماٿريءَ جي ڏاکڻي پاسي ويندي هزاره ضلعي ۾ ڪاغان جي اترينءَ حد جي ويڪرائي ڦاڪ تائين پهچي ٿي. اتي اها گول ڦري هزاره جي اولاهين سرحد سان گڏ هلي وڃي ٿي، جتي گهٽو ڪري سموري علائقي جي مکيہ ٻولي ڷهندا آهي. سنڌوءَ تي اٽڪ وٽ پهچي اها ليڪ نديءَ جي اوڀر طرف ٿورو فاصلو اڳيان وڌي نديءَ جي وهڪري سان گڏوگڏ ڪالاباغ تائين پهچي ٿي، ۽ اتي ان کي پار ڪري ميانوالي ضلعي جي عيسيٰ خيل تحصيل کي بہ ان ۾ شامل ڪري ٿي. اهڙيءَ طرح اها ديرا جات جو وڏو حصو گهيري ۾ آڻي، احمد پور وٽ وري اچي سنڌوءَ سان لڳي ٿي. پوءِ وري اها اوڀر طرف مڙي، بهاولپور رياست پار ڪري ٿي. اهڙيءَ طرح انهيءَ جو اتريون حصو شامل ڪري منٽگمري ضلعي جي ڏکڻ-اولهہ واري پڇاڙيءَ وٽ اتر ۽ ڏکڻ جي ڏاکڻي پڇاڙيءَ واري رسمي ليڪ سان اچي ملي ٿي، جتان اسان شروعات ڪئي هئي.

---

[1] گريئرس "پڇجابي" لکيو آهي پر اسان هتي پڙهندڙن جي سهولت لاءِ ان کي "پنجابي" ڪري لکيو آهي.

[2] منٽگمريءَ جو هاڻوڪو نالو ساهيوال آهي. (مترجم)

اُن کان سواءِ سنڌونديءَ لڳ پشاور ڪوهاٽ ۽ بنون وارن ضلعن ۾ جتي مکيہ ٻولي پشتو آهي اتان جا هندو لَهندا ڳالهائيندا آهن. وري سنڌ صوبي جي وڏي حصي ۾ لڏي آباد ٿيل ڪيترن ئي ماڻهن طرفان بہ لَهندا جي ڪجھہ قدر بگڙيل صورت ڳالهائي وڃي ٿي.

## ٻوليءَ جو نالو:

"لَهندا" کي هڪ جدا ٻوليءَ جي حيثيت ۾ مختلف نالن سان سڃاتو ويندو رهيو آهي. جيڪي آهن جٽڪي، مولتاني، هندڪي يا هندڪو ۽ مغربي پنجابي. ان کي "جٽڪي" ان ڪري ٿا چون جو ڪن حصن ۾ گهڻو ڪري ڳالهائڻ وارا جٽ (جاٽ ـ Jatts) آهن. پر اهو نالو انهن جاين لاءِ ڪونهي جتي جٽ وڏيڪ تعداد ۾ رهن ٿا. اها "مُولتاني" بہ سڏجي ٿي پر اهو نالو صرف ملتان ۽ ان جي آسپاس وارن علائقن ۾ ڳالهايل لَهندا کي ڏجي ٿو. "هندڪي" ۽ "هندڪو" جي معنيٰ آهي هندُن جي ٻولي ([1]). جيڪا سنڌوءَ لڳ انهن ضلعن ۾ استعمال ۾ آهي جتي پٺاڻ پشتو ۽ هندو لَهندا ڳالهائيندا آهن. اُن ڪري "لَهندا" ۽ مغربي پنجابيءَ" وارا نالا وڌيڪ مناسب ۽ عام لڳن ٿا. ٻهريون نالو تہ خود پنهنجي وضاحت ڪري ٿو ۽ "لَهندا" لفظ "اَلهندي جي ٻوليءَ" واري مفهوم ۾ استعمال ٿئي ٿو جيئن "پوواڌي" آهي جيڪو پنجابي جي هڪ لهجي جو نالو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "اوڀر جي ٻولي". "مغربي پنجابي" نالو چڱو مشهور آهي، ۽ سر جيمس ولسن ۽ مسٽر جُوڪس جهڙن مشهور اسڪالرن استعمال ڪيو آهي، پر ان سان ڪجھہ ڏکيائيون شامل آهن. ٻهرين ڳالھہ تہ ان مان لڳي ٿو چڻ اها مکيہ پنجابيءَ جو لهجو هجي جڏهن تہ ان سان حقيقت ۾ ان جو ٻنهہ اڻ لکو ناتو آهي، ٻيو وري ان جي ڪري " اتر الهندي واري پنجابي" ۽ "ڏکڻ الهندي واري پنجابي" وغيره جهڙيون عجيب ترڪيبون بہ ٺهنديون. جڏهن تہ ٻئي طرف "اَلهندا" نالو سمجھہ ۾ اچي ٿو. هن جائزي ۾ مون هن کي "لهندا يا مغربي پنجابيءَ" وارو نالو ڏنو آهي پر لکڻ مهل سهولت خاطر ننڍڙو نالو "لهندا" ڪتب آڻيندس.

## پاڙيسري لهجن ۾ حيثيت/مقام:

پنجاب جي ميداني علائقن ۾ لهندا جي اوڀر ۾ پنجابي آهي، اتر طرف جابلو علائقي ۾ ان جي اڀرندي پاسي واري پاڙيسري جموںءَ جي "ڊوگري پنجابي" ۽ مٿينءَ چناب ماٿريءَ جا ڪشميري لهجا آهن. اتر ۾ اچا اڳيان "ڪشميري" اٿس ۽ ٻنهہ اتر جي ڇيڙي ۾ ان جي اوڀر طرف "شينا" اٿس. شينا ان جي اترئين ڇيڙي جي سامهون بہ پويس ٿي. ڪاغان جي اولهہ واري سرحد سان سنڌونديءَ جا ڪوهستاني لهجا آهن. اجا هيٺ هزاره جي الهنديءَ سرحد سان ڊيره اسماعيل خان تائين اولهہ طرف جي ٻولي پشتو آهي، ان کان هيٺ ڊيره غازي خان ۾ بلوچي آهي. احمد پور وٽ جتي سرحدي ليڪ اوڀر ڏانهن مڙي ٿي، ان جي ڏکڻ ۾ سنڌي آهي ۽ اجا بہ اوڀر طرف ڏکڻ بهاولپور ۾ وري راجستانيءَ جو ٿلي لهجو ڳالهايو وڃي ٿو.

ڪشميري، شينا ۽ ڪوهستاني داردي ٻوليون آهن. ان ڪري اسين ڏسون ٿا تہ اترئين حصي ۾ لهندا کي داردي قسم جون ٻوليون اوڀر، اولهہ ۽ اتر وارن ٽن پاسن کان گهيري بيٺيون آهن.

ٻين ٻولين ۾ ڏسو تہ پنجابي پنهنجي ڊوگري لهجي سان ۽ راجستاني هند ـ آريائي ٻولين جي مرڪزي يا وچئين گروهہ سان واسطو رکن ٿيون، ان ڪري لهندا کان مختلف آهن، جيڪا اتر ـ الهندي گروهہ جي ٻولي آهي. لهندا ۽ پنجابيءَ جي تعلق تي بعد ۾ غور ڪنداسين پر هتي اها ڳالھہ ڪرڻ ڪافي ٿيندي تہ راجستانيءَ سان لهندا چند نڪتن ۾تعلق

---

[1] اهو بہ صحيح ڪونهي تہ "هندڪو" جي معنيٰ آهي هندن جي ٻولي. هزاره جي سڄي آبادي هندڪو ڳالهائي ٿي، جن ۾ لکن جي تعداد ۾ مسلمان بہ آهن.

آهي تہ هلڪا آواز ڳرا ٿي پوندا آهن. جيئن سنسڪرت "شوا–پدا. (رچ). ڪشميري ۾ "ها–پت" آهي. لهندا ۾ هڪ عام لفظ آهي "ڊِڊِ" يا "ڊِيڊِ" معنيٰ "پيٽ" هزاره واري لهندا ۾ اهو "ٽِيڊ" ٿي پوي ٿو ۽ مريءَ جي تڪرين واري پوٺوهاري لهجي ۾ "ڳنڌا" (ورتو) ڦري "ڪڌا" بڻجي وڃي ٿو. "ٽيڊ" ۾ شروع ۽ آخر ۾ وسرگائي ختم ڪري باقي بچيل "ڊ" ("ڍ" لاءِ) کي هَلڪو آواز ڪري "ٽ" بڻايو ويو آهي.

داردي ٻولين جي خاص خوبي آهي (apenthesis) يا سُر جي آواز ۾ تبديليءَ جو لاڙو جنهن جو مطلب آهي تہ ڪنهن حرف علت جي اڳيان ايندڙ پد ۾ موجود حرف علت جي ڪري، ان جي (حرف علت جي) آواز ۾ تبديلي اچي، جيئن ڪشميريءَ ۾ "بَدُ" (وڏو) ۾ پهريون "آ" آخري "اُ" جي ڪري ڦري "او" ٿيو پوي ۽ اسان کي "بوڊُ" ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ساڳي طرح "مالِ" (پيءُ) "مولِ" ٿيو پوي ۽ "ماجُ" (ماءُ) مان "موجُ" نهيو پوي. بنهہ ساڳي ڳالهہ لهندا ۾ بہ ٿئي ٿي.

"ڪُڪڙ" ڦري "ڪُڪُڙ" ٿئي ٿو.

"واهُڙ" ڦري "ووَهڙ" (معنيٰ ڳابو/ وَهُڙو)

"ڪُڪڙي" ڦري "ڪُڪڙي" ۽

"واهڙِي" ڦري "وائهڙِ" ٿيون پون (ڳابي/وهُڙي)

هن ڪان پهرين اهو ڏنوسين تہ ڪيئن اهو سُر ۾ تبديليءَ (apenthesis) جو لاڙو "ڪَرُڻ" سان لاڳو ٿئي ٿو ۽ اهو ڪشميريءَ ۽ لهندا ۾ اسمن جي ڦيرن تي اثر وجهي ٿو.

خالص ضميرن جو معاملو خاص ڌيان جوڳو آهي. باقي سموري هندستان ۾ "هم" ۽ "تم" (معنيٰ اسين ۽ توهين) يا اهڙيون بيون صورتون آهن. صرف پنجابي لَهندا ۽ سنڌيءَ ۾ اسان کي مختلف لفظ ملن ٿا. جيڪي داردي صورتن سان ويجهو تعلق رکن ٿا. اها ڳالهہ هيٺين مثالن مان ظاهر ٿيندي

| You | We | |
|---|---|---|
| تُوهِہ (توهِہ) | اسِ | داردي |
| تُس | ......... | ڪشميري |
| | | ڪوهستاني |
| تُسين | اسين | لَهندا |
| تُسين | اسين | پنجابي |
| توهين | اسين | سنڌي |

"اسين" لاءِ ڪوهستاني لفظ ڪو نہ ڏنو ويو آهي، جو تہ اهو هڪ مختلف بنياد مان آهي.

اهي هڪ جهڙايون ڇرڪائيندڙ آهن ۽ خيال ۾ رکڻ گهرجي تہ اهي صورتون سموري اتر– اولهہ هندستان تائين پکڙيل آهن.

داردي ٻوليون پنهنجن فعلن جا متصل ضميري پڇاڙين جي مدد سان ڪنديون آهن، جيئن ڪشميريءَ ۾ "مورُ–مَ" معنيٰ تہ مون هن کي ماريو. لَهندا ۽ سنڌيءَ ۾ بلڪل ايئن ئي ٿئي ٿو. لَهندا ۾ آهي "ماريـ– ئُم" ۽ سنڌي ۾ "ماريُـ– مِ". ان کان وڌيڪ مثال ڏيڻ غير ضروري آهي.

فعل جي زمان ۾ گردان کي بہ ڌيان ۾ رکڻ گھرجي: هندستانيءَ ۾ اهو آهي "ٿا" پر پنجابيءَ ۾ آهي "سا"، ۽ لَهندا ۾ "آها"، "آهہ" ۽ "آسا" يا "سا". جيڪي علائقي وار ڇيا ويندا آهن. جيڪڏهن اسين اهو خيال رکون تہ انهن لهجن ۾"س" اڪثر ڪري "هہ" ۾ بدلبي آهي تہ پوءِ يڪدم داردي صورتن سان هڪجهڙائي سمجھہ ۾ اچيو وڃي.

| | |
|---|---|
| بشگالي ڪافرِ ۾ | آزي |
| ويرون ڪافر ۾ | اِسو/سو |
| ڪلاش ڪافر ۾ | آيِس |
| کووار ۾ | اُشوءِ |
| شينا ۾ | آسوَ |
| ڪشميريءَ ۾ | آوسُ (آسُ لاءِ) |
| گارويءَ ۾ | آشُ |
| مئيان ۾ | آنس |

فعلن جا متصل ڦيرا ڪا خاص توجهہ لائق ڳالهہ نٿا رکن، تنهن هوندي بہ اهو چٽي سگھجي ٿو تہ اتر-الهندي واري لهندا ۾ اسم حاليہ "نا" تي ختم ٿئي ٿو جيئن "مارنا". اهڙيءَ ريت ڪشميريءَ ۾ "ماران" آهي، بشگالي ڪافرِ ۾" وِنــئڻ" (مارڻ) آهي.

مطلب تہ ڪيتريون ئي ڌيان جوڳيون ڳالهيون لفظن جي ذخيري ۾ موجود آهن. فعل "وڃڻ" لاءِ جيڪي صورتون آهن اهي مثال لاءِ ڪافي ٿينديون. پنجابيءَ ۽ باقي هندستان ۾ اهو آهي "جانا" يا ان سان ملندڙ لفظ صورت. ڪشميري ۾ اهو آهي "گتش-اُڻ" ۽ اترئين لهندا ۾ آهي "گچ-ڻا". اهي ٻوليون هڪ ٻئي سان ايتريون تہ ملن ٿيون جو ڪشميريءَ جا ڏکيا لفظ لهندا جي متبادل لفظن سان سمجهائي سگھجن ٿا. اهڙي طرح ڪشمير ۾ هڪ لڪ/لنگھہ يا پاس آهي "هستي وِنج" جنهن جي لاءِ هاٿين جي وڃڻ جي هڪ ڪهاڻي پڻ آهي. ڪشميريءَ ۾ "هستي" معنيٰ "هاٿيءَ جو" پر "ونج" ڪو بہ لفظ ڪونهي، پر وري لهندا ۾ "وڃجڻا" يا "وڃڻا" ۽ سنڌيءَ ۾ "وڃڻ". لفظ ٻڌڻ کان پوءِ اسين اهو سمجهي ٿا وڃون تہ ان نالي جي معنيٰ آهي 'هاٿيءَ جو لڪ يا پاس'. هاٿين جي اتان گذرڻ ۽ ان کان پوءِ ٿيل تباهيءَ واري روايت تہ ڪشمير ۾ محفوظ آهي پر ان نالي جي معنيٰ جي يادگيري ڪا نہ رهي آهي.

مٿيون غور طلب ڳالهيون اسان کي هندستان جي اتر- اولهہ جي لسانياتي تاريخ جي لاءِ اهميت وارا نتيجا ڪڍڻ تي اڀارين ٿيون.

اسين ڄاڻون ٿا تہ پنجابي هند-آريائي ٻولين جي مرڪزي گروهہ سان تعلق رکي ٿي. هن گروهہ جي مکيہ رکن مغربي هندي آهي. هن جائزي جي ان حصي ۾ جيڪو راجستاني ([1]) جي باري ۾ آهي، اهو ٻڌايو ويو آهي تہ راجپوتانا ۽ گجرات ۾ اصلوڪن ڳالهائجڻ واريون آريائي ٻوليون (لهندا جيان) هند-آريائي ٻولين جي ٻاهرئين گهيري/دائري سان تعلق رکن ٿيون. مرڪزي گروهہ جي ٻولي جيڪا هاڻي پنهنجي اصليت جي "مغربي هندي" ۾ نمائندگي ڪري ٿي، انهن

[1] جلد نائون ڀاڱو ٻيو ص 2 ff

مٿان پکڙجي وئي، جنهن سان انهن جو زور گهٽجي ويو ۽ اهي اڃا بہ پنهنجي بنياد واري جڳهہ تان هٽي ويون. موجوده وقت ۾ گنگا دوآبي ۽ گجرات جي سامونڊي ساحل جي وچ وارو سمورو ملڪ ٻاهران آيل آريہ قبيلن جي قبضي ۾ آهي، جن پاڻ کان اڳ ۾ آيل آريہ قبيلن کي بہ اتي آباد ڏٺو هو جيڪي ٻاهرئين دائري سان واسطو رکندڙ ٻولي ڳالهائيندا هئا. جن کي پوءِ آيلن طرفان يا تہ جذب ڪيو ويو يا اڃا دوآبي کان ڏکڻ طرف ڌڪيو ويو يا اهي ٻئي عمل ڪيا ويا.

اسان کي گنگا ماٿريءَ کان راجپوتانا ڏانهن لڏپلاڻ جو تاريخي رڪارڊ ملي ٿو پر اهڙي ڪا ڳالهہ پنجاب جي معاملي ۾ ميسر ناهي، بهرحال اهو فرض ڪرڻ مناسب آهي تہ اتي بہ ائين ئي ٿيو هوندو ڇو تہ اتي بہ لسانياتي حالتون ساڳئي قسم جون آهن.اوڀر يا مشرقي پنجاب ۾ ٻولي مرڪزي گروهہ جي نج رڪن آهي ۽ جيئن جيئن اولهہ ڏانهن وڃبو تيئن تيئن لهندا جو اثر وڌيڪ مضبوط ٿيندو ويندو ايستائين جو هڪ حد تي اها جهنگ ۽ ملتان جي ضلعن ۾ پنجابيءَ کي دٻائي پاڻ کي ڄمائي ٿي. صوتياتي حالتن مان صاف ظاهر آهي تہ جديد لهندا جي مائٽ ڪا ٻولي سموري موجوده پنجاب ۾ ڳالهائي ويندي هئي پر مشرق ۾ ان جي مٿان گنگا جي دوآبي کان آيل ٻولي حاوي ٿي وئي، جيتوڻيڪ ان جي اڳوڻي موجودگيءَ جا نشان الهندي طرف ويندي مضبوط ٿيندا نظر ايندا ۽ اهي اڃا بہ موجود آهن. ان ڪري جيتوڻيڪ پنجابي مرڪزي گروهہ سان تعلق رکي ٿي، اها ڪنهن حد تائين گاڏڙ ٻولي آهي. لهندا مان آيل صورتن جا مثال ٻڌائي آيا آهيون ۽ هاڻ هڪ ٻيو عام پهلو بہ ذڪر جوڳو آهي.

سيني هند-آريائي ٻولين جي تاريخ ۾ عام ڳالهہ اها هوندي آهي تہ انهن مختلف پراڪرتن ۾ جن مان اهي ڦٽي نڪتل هونديون آهن، ڪيترائي ٻٽا حرف علت هوندا آهن. مثال لاءِ اسين سنسڪرت جو لفظ "پڪتهہ" (رڌل ڇانور يا پت) کڻي ڏسون تہ اهو اپڀرمشا پراڪرت ۾ ٻٽي ت سان "پتٽ" بنجي وڃي ٿو. موجوده هند آريائي ديسي ٻولي (خاص طور مغربي هندي ۽ گجراتي) ۾ ٻٽا آواز سادن ڪرڻ لاءِ انهن مان هڪ آواز ڪيرايو ويندو آهي، ۽ پهريون حرف علت ڊگهو ڪيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح هر هنڌ "پتٽ" جديد ٻولين ۾ "پات" بنجي ويو آهي، پر لهندا ۽ پنجابيءَ ۾ ائين ڪونهي، اتي ٻنو آواز قائم رهي ٿو ۽ ان ۾ پهريون حرف علت بہ ننڍو ئي رهي ٿو. سنڌي ۽ داردي ٻولين ۾ ۽ ڪڏهن ڪڏهن لهندا ۾ حقيقت ۾ مرڪب کي سادو بڻايو ويندو آهي پر ان ۾ پهريون حرف علت هميشہ ننڍو ئي رهندو آهي، ان کي بدلي ۾ ڊگهو ڪو نہ ڪيو ويندو آهي. ائين سنڌي ۾ "ياٽ" نہ "پتٽ" آهي، ۽ داردي ڪشميريءَ ۾ "بات" بدران "بتٌ" آهي. اهو بدلي ۾ حرف علت جو ڊگهو ڪرڻ بہ هڪ اهم فرق آهي، جيڪو اتر الهندي گروهہ جي آريائي ٻولين ۽ باقي هندستان جي ٻولين ۾ آهي. اهو ڪين ٻن ٻنهہ مختلف گروهن ۾ يڪدم ورهائي ٿو. اتر-اولهہ ۾ ٻٽو آواز يا تہ قائم رهندو آهي يا سادو بنجي ويندو آهي، پر ان کان پهرئين حرف علت تي ڪو بہ اثر ڪو نہ پوندو آهي. باقي سموري هندستان ۾ اهو تقريباً هميشہ سادو ٿي ويندو آهي ۽ اُن کان پهريون حرف علت هميشہ ڊگهو ٿي ويندو آهي.

هيٺ ٻٽن اکرن جي استعمال جا ڪي ٻيا مثال ڏجن ٿا:

**لهجا:**

لهندا جا ٽي مکيہ لهجا آهن: پهريون ڏاکڻو يا معياري، ٻيو اتر-اپرندي وارو ۽ ٽيون اتر- الهندي وارو. هرهڪ جا وري پنهنجا ننڍا لهجا يا محاورا (subdialects) آهن.

**معياري لهندا:**

لهندا جي اها صورت جنهن کي معياري ڪري ڪنيو ويو آهي سا ضلعي شاهپور جي دو-آبي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، ۽ سر جيمس ولسن جي "گرامر ۽ ڊڪشنري آف ويسٽرن پنجابي" مان سمجهائي وئي آهي. اها ڏاکڻي لهجي جي مخصوص صورت آهي جيڪا سالٽ رينج (لوڻياڻي جابلو سلسلي) جي ڏکڻ واري سموري لهندا واري علائقي ۾ موجود آهي. ان جا ٽي محاورا يا ننڍا لهجا آهن: معياري خاص، مُولتاني ۽ ٿلي. خاص معياري شاهپور، جهنگ، لائلپور ([1]) ، منٽگمري، گجرانواله ۽ گجرات ۾ ڳالهائي ويندي آهي، ۽ ان جا ڪيترائي مڪاني يا قبائلي نالا آهن جن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٿورو فرق بہ هوندو آهي. شاهپور ۾ اها جهلم چناب جي وچ ۾ جيچ (Jech) دوآبي ۾ ڳالهائبي آهي.

جهنگ ۽ لائلپور ۾ وري ان جا مختلف نالا آهن جيڪي انهن ماڻهن پنيان آهن جيڪي اها ڳالهائين ٿا. وڏيڪ عام نالو"جٽڪي" اٿس جنهن جي معنيٰ ٿي جٽن (Jatts) جي ٻولي. لائلپور جي ڪئنال ڪالونيءَ ۾ آباد ٿيل پنجابي بگڙيل يا ٽٽل لهندا ڳالهائيندا آهن. ۽ هن ضلعي ۾ آباد خانہ بدوش قبيلن جي ٻولي "جانگلي" سڏبي آهي. چناب جي ڪنارن تي ڳالهائجڻ واري "جٽڪي" جهنگ ۾ وري "چنا واري" سڏبي آهي ۽ انهن ضلعي جي اتر ۾ نِسوانا قبيلي جي ٻولي"نسواڻي" سڏبي آهي. جهنگ ضلعي جي ڪچي جي علائقي "ڪاڇي" ۾ جهلم جي سڄي ڪپ تي وري اسان کي "ڪاڇڙي" ملي ٿي، جيڪا اصل ۾ معياري لهجي ۽ اڃا اولهہ ۾ موجود ٿليءَ جي "ٿلوچڙي" لهجي ۾ ضم ٿيڻ سان ٺهي آهي. ٿلوچڙي کان سواءِ باقي ٻيا سڀ لهجا شاهپور دوآبي واري معياري لهجي جا ٿورا مختلف روپ آهن.

منٽگمري ۾ (جيئن اڳ ۾ چيوسين) تہ اڌ و اڌ اوڀر طرف پنجابي ۽ اولهہ طرف لهندا ڳالهايون وڃن ٿيون. ان مان پوئين معياري آهي ۽ لائلپور ۾ ڳالهائي ويندي آهي، ۽ رفتہ رفتہ پنجابيءَ ۾ ضم ٿيندي ويندي آهي. گجرانواله ۾ ساڳي صورتحال آهي. لائلپور واري لهندا جهڙي ساڳي ان ضلعي جي الهندي طرف واري ٽئين حصي ۾ ڳالهائجڻ ۾ اچي ٿي،باقي اپرندي واري بہ ٻاڳي ٽئين حصي ۾ پنجابي ڳالهائجي ٿي. گجرانواله جي لهندا کي مڪاني طرح "باردي ٻولي" يا "بار" (غير آباد مٿانهون پٽ) جي ٻولي چوندا آهن.

گجرات ۾ بہ لهندا ۽ پنجابيءَ جي ساڳي ورهاست ٿيل آهي. هن ضلعي جي لهندا جا علائقن جي مناسبت سان مختلف نالا آهن. پبي جابلو سلسلي جي اولهہ ۾، جتي اهي جبل ورهائيندڙ ليڪي جيان آهن،"پوٺواري" ڳالهائيندا آهن. جيڪو لهندا جو اتر- اپرندي وارو لهجو آهي ۽ اسان جو ان سان ڪو واسطو ڪونهي.

وڌيڪ ڏکڻ طرف ان کي "جٽاتردي ٻولي" يا "باردي ٻولي" بہ چوندا آهن. جنهن جي شاهپور دوآبي جي لهجي سان هڪجهڙائي آهي. لهندا جي معياري صورت جي ڳالهائيندڙن جو حساب موجب اندازهن ريت آهي.

شاهپور.....................447,000

جهنگ ۽ لائلپور.........433,832

منٽگمري.................204,995

[1] لائلپور کي هاڻي فيصل آباد چوندا آهن. (مترجم)

گجرانواله..................275,000
گجرات......................147,000

**ڪل تعداد** ..1,507,827

**مُولتاني:**([1])

اسين هاڻي لهندا جي ڏاکڻي لهجي جي ننڍي لهجي يا محاوري "مُولتاني" تي اچون ٿا. اهو ملتان، مظفرگڙهه، بهاولپور رياست جي اتر طرف ديره غازي خان جي ضلعن ۾ ۽ سنڌ ۾ آباد ٿيل گهڻن ئي ماڻهن طرفان ڳالهايو ويندو آهي. "مُولتاني" جاتل سجاتل آهي ڇو ته ان جي باري ۾ مسٽر اوبرين جي لفظن جي شرح (glossary) ۾ ذڪر ڪيل آهي. ملتان ۾ اها سموري ضلعي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، سواءِ ڪن علائقن جي، جن ۾ سڌمائي واهه وارو علائقو اچي ٿو جنهن ۾ پنجاب مان آيل ماڻهو اچي آباد ٿيا آهن. اتر بهاولپور جو لهجو ساڳيو ملتان وارو آهي ۽ مڪاني طرح "بهاولپوري" سڏبو آهي. مظفر ڳڙهه ۾ "مولتانيءَ" کي مڪاني طرح "هندي" يا "هندڪي" يا "جٽڪي" به سڏيندا آهن. اها ملتان واري لهجي سان گهڻي مشابهت رکي ٿي، سواءِ اتر اوير ۾ چناب جي ڪپ تي جهنگ ضلع جي پرسان واري علائقي جي، جتي اها جهنگ جي "چناوڙي" سان هڪجهڙائي رکي ٿي ۽ "چنهاواڙي" سڏجي ٿي.

مظفرڳڙهه کان سنڌوءَ جي هن پار غازي خان ضلعو آهي جتي جون مکيه ٻوليون به آهن. بلوچ، "بلوچي" ۽ ڳالهائين ۽ ٻي ٻولي آهي لهندا، جنهن کي مڪاني طرح "هندي" "هندڪي" "جٽڪي" يا "ديري والي" چوندا آهن. بلوچ ان کي "جگهدالي" چوندا آهن. اها مولتانيءَ سان مشابهت رکي ٿي پر ذڪرڻ پاسي جي پاڙيسري سنڌيءَ کان گهڻي متاثر ٿيل آهي.

**سرائڪي:**

مٿينءَ سنڌ (upper sindh) کي مڪاني طرح 'سرو' چوندا آهن ۽ اتان جي مڪاني ٻولي، سنڌيءَ جي هڪ اهڙي صورت آهي جنهن کي 'سرائڪي' ([2]) چوندا آهن، معنيٰ "مٿينءَ سنڌ جي سنڌي". سموري سري واري علائقي ۾ ۽ ذڪرڻ طرف ڪجهه ڇڊي نموني ۾ باقي سنڌ ۾ ڪيترائي اهڙا ٻاهران اچي آباد ٿيل ماڻهو آهن، جن جي پنهنجي ٻولي لهندا آهي. لهندا جي جيڪا صورت اهي ڳالهائين ٿا، اها مظفرڳڙهه جي هندڪيءَ سان ملي ٿي ۽ ان کي "سرائڪي" پڻ چوندا آهن، معنيٰ مٿين علائقي جي ٻولي. ان کي سنڌيءَ جي سرائڪي صورت کان جدا حيثيت ڏيڻ لاءِ اڳيان ايندڙ صفحن ۾ ان کي "سرائڪي هندڪي" لکنداسين.

**ڪيتراني ۽ جافري:**

هن سلسلي جي آخر ۾ اسين "ڪيتراني" ۽ "جافري" جو ذڪر ڪنداسين. جيڪي اهي به معلوم لهجا آهن، جي کي اسان جي سرحد کان ٻاهر "سليمان" جبلن جي سلسلي وٽ رهندڙ ڪي آزاد قبيلا ڳالهائيندا آهن. هنن جي ٻولي ڳاڏڙ آهي. ان جي بنياد ۾ ديره غازي خان جي هندڪيءَ سان هڪجهڙائي آهي، پر اها بي شڪ ڪن نڪتن ۾ بلوچيءَ سان به تعلق ڏيکاري ٿي. ته هُندو ڪش کان هيٺ اتر ۾ ڳالهائجڻ وارين دارد ٻولين سان به تعلق اٿس. مولتاني ۽ ان جا معلوم ننڍا لهجا يا محاورا شاهپور دوآبي جي معياري لهجي کان صرف اچارڻ ۾ مختلف آهن. اُها اڪثر سنڌيءَ جا مخصوص

---

[1] 'مولتاني' هاڻي 'ملتاني' لکجي ٿي. (مترجم)

[2] دراصل اها 'سريلي' يا 'اترادي' آهي. (مترجم)

چوسڪاري وارا آواز استعمال ڪري ٿي ۽ ڏندن واري "د" کي مورڌني بنائي ٿي، جيئن ٿلي لهجي ۾ ٿيندو آهي، جنهن جو ذڪر اڳيان آهي. حرف علتن مان "اي" ۽ "آي" جيڪي دو آبي ۾ اچاريا آهن، هتان گم ٿي ويا آهن، ۽ اهي "آ" ۽ "اي" بنجي ويا آهن. لفظن جي ذخيري ۾ بہ فرق آهي.

مولتانيءَ جا مختلف لهجا ڳالهائيندڙ ماڻهن جو تعداد هن ريت ڪٿيو ويو آهي.

| | |
|---|---|
| ملتان | 531,838 |
| بهاولپور | 458,000 |
| مظفرڳڙهہ | 720,000 |
| ديرا غازي خان | 362,270 |
| سنڌ جي سرائڪي هندڪي | 102,875 |
| ڪل تعداد | 2,176,983 |

ڪيتراني ۽ جافري ڳالهائيندڙن جو تعداد 14581 ڪٿيو ويو آهي.

## ٿلي:

جهلم نديءَ جي الهندي طرف واري وارياسي ريگستان کي "ٿل" چوندا آهن. ان جي اولهہ طرف سنڌوندي آهي، ۽ اهو اتر کان لوڻياڻي يا سالٽ جابلو سلسلي کان ڏکڻ جي مظفرڳڙهہ ضلعي تائين ڦهليل آهي. ان ۾ ميانوالي ضلعي جا ڪي حصا، جهلم، شاهپور، جهنگ ۽ مظفر ڳڙهہ جو اترين حصو اچن وڃن ٿا. مظفر ڳڙهہ جي ٻولي، لهندا جي مولتاني صورت آهي، باقي ٿل ۾ ان کي "ٿلي" چوندا آهن، ۽ ٿوري ٿوري جاءِ تي ان ۾ فرق ڏسڻ ۾ ايندو. ٿلي، سنڌو درياهہ بہ پار ڪري ٿي، ۽ ديره اسماعيل خان ۽ بنون ضلعن ۾ بہ ڳالهائي وڃي ٿي. ٻوئين ضلعي جي مکيہ ٻولي پشتو آهي، باقي ٿلي گهٽو ڪري 33000 هندو ڳالهائين ٿا. جيڪي سموري ملڪ ۾ پکڙيل آهن. شاهپور دوآبي واري ڏاکڻي لهندا ۽ ٿليءَ ۾ مکيہ فرق اهو آهي تہ ان ۾ ڏندن واري "د" بدران، مورڌني آواز وڌو ويندو آهي. ان کان سواءِ گرامر ۽ لفظن ۾ بہ فرق آهي. ٿليءَ جا علائقي وار ڪي ٻيا بہ نالا آهن. مجموعي طور ان سموري علائقي ۾ ان کي "جٽڪي" چوندا آهن. ديره اسماعيل خان ۾ ان کي ڪڏهن ڪڏهن هندڪي ۽ ڪڏهن "ديراوال" بہ چوندا آهن. اهو ٻيون نالو ڪجهہ مڙئي وڌيڪ سڌريل ٻوليءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿو. ميانوالي ۽ بنوءَ ۾ ان کي " هندڪو" ۽ ملڪي" بہ چوندا آهن ۽ جهنگ ۾ وري "ٿلوچڙي" چونس.

هيٺ ان جي ڳالهائيندڙن جو تعداد ڏجي ٿو:

| | |
|---|---|
| ميانوالي | 0000,40 |
| جهلم | 131562 |
| شاهپور | 21000 |
| جهنگ | 2948 |
| ديره اسماعيل خان | 170,000 |
| بنون | 33,000 |
| ڪل تعداد | 759,210 |

### اتر_ايرندي وارو لهجو:

لهندا جي اتر- ايرندي واري لهجي جو اصل ماڳ مڪان سالٽ رينج (لوڻياڻي جابلو سلسلي) جو ايرندي پاسي وارو ٽيون حصو آهي ۽ پوٺوار جو ميدان آهي. پوٺوار ۾ جهلم ضلعي جو ايرندو پاڱو ۽ راولپنڊي ضلعي جو ڪجهه ميداني حصو اچي وڃن ٿا. اتان وري اهو اتر طرف انهيءَ پوئين ضلعي جي مري جبلن ۾ هليو وڃي ٿو. گڏوگڏ پاڙيسري هزاره ضلعي جي اوپر جي هڪ ننڍي پٽي ۾، جنهن ۾ "ڍنڊ" ۽ "ڪئڙال" رهن ٿا. پڻ اهو لهجو هليو وڃي ٿو. پوءِ وري اهو "چڀال" علائقي ۾ يا چناب ۽ جهلم ندين جي وچ ۾ ڪشمير جي ٽاڪرو علائقي ۾ اچي ٿو ان سان "ٻنڇ" جي جاگير به شامل آهن. ڪشمير ۾ جهلم جي ماٿريءَ وارو علائقو جيڪو مظفر آباد ۽ اُريءَ جي وچ ۾ آهي . ان ۾ به اهو ئي لهجو ملي ٿو ۽ بقول ڊرُو (Drew) جي، اهو علائقو ڪشن گنگا جي ماٿريءَ جو ڇڳو وڏو حصو آهي جنهن ۾مٽان ڪان هلي، اهو مظفر آباد وٽ جهلم سان اچي لڳي ٿو. ڪشن گنگا ماٿريءَ مان ڪو نمونو ملي نه سگهيو آهي، ان ڪري اسان ڪي ڊريوءَ جي ڏنل معلومات تي ڀروسو ڪرڻو پوندو. باقي مٿي ذڪر ڪيل سموري علائقي جي لاءِ تمام گهڻو مواد مليو آهي ۽ ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته اهي سڀ مڪاني اتر_ايرندي واري لهندا جون مختلف صورتون آهن.

اتر- ايرندي واري لهندا جا گهڻائي نالا آهن، جن مان اڪثر انهن قبيلن جي نالن تي آهن. جيڪي اهو مخصوص لهجو ڳالهائيندا آهن، ۽ ان جو هرورپرو لهجي جي تفاوت سان ڪو واسطو ڪونهي. پوٺوار خطي ۾ ڳالهائجڻ واري صورت کي "پوٺواري" چوندا آهن. مري پهاڙين ۾ اهو عام نالي "پهاڙي" سان سڏبو آهي جنهن جي معنيٰ آهي پهاڙي يا جابلو ٻولي- ڍنڊن ۽ ڪيڙالن جون ٻوليون "ڍنڊي" ۽ "ڪيڙالي" سڏبيون آهن. جيڪي نالا قبيلن پنيان ڏنل آهن نه ته هونءَ اهي صورتون، ساڳيون "پهاڙي" ٻوليءَ جهڙيون آهن. "چڀال" جو خطو "چڀ" قبيلي جي ڪري ايئن سڏجي ٿو جيڪو اتان جو هڪ اهم قبيلو آهي، ان جي مڪاني لهجي کي "چڀالي" چوندا آهن. پنچ (Punch) ۾ جتي جي ٻوليءَ تي پاڙيسري ٻوليءَ ڪشميري جو گهڻو اثر آهي، لهجي کي "پُنڇي" چوندا آهن.

هيستائين اسان اتر- ايرندي وارا لهندا کي صحيح رخ ۾ اتر- اوپر طرف ڳوليو آهي. ان جي اولهه ۾ هڪ قسم جي اتر- الهندي واري لهندا ملي ٿي، جيئن نقشي ۾ پڻ ڏسي سگهجي ٿو. سالٽ رينج (جابلو سلسلي) ۾ جتي ان جي اولهه طرف اتر- الهندي جو "ڌني" لهجو آهي، اتي وري جهلم جي پنڊ دادن خان تحصيل جي اولهه ۾ اها (لهندا) وري هڪ دفعو سلسلي جي اولاهين طرف جي ٽئين حصي ۾ شاهپور ضلعي جي اتر ۾ ظاهر ٿئي ٿي، ان ڪري سالٽ رينج جي ٻنهي ڇيڙن تي لهندا جو اتر- ايرندي وارو لهجو ملي ٿو جڏهن ته اتر - الهندي وارو لهجو ان جي مرڪز ۾ موجود آهي.

شاهپور وٽ يا سالٽ رينج جي اولهه ۾ اتر_ايرندي واري لهندا جي موجودگيءَ جو سبب اتي اعوانن جي ڪري آهي، سر جيمس ولسن جي دعوي آهي ته سالٽ رينج ۾ ڳالهائجڻ واري صورت اعليٰ قسم جي آهي. اعوان اٽڪ ضلعي جي ڏکڻ ۾ پکڙيل آهن جتي سندن لهجو "اواڻڪي" سڏبو آهي. ۽ سنڌوءَ جي هُن پار ڪوهاٽ ۾ اهو هندو ۽ اعوان ڳالهائيندا آهن. جيڪي پشتو ڳالهائيندڙ پناڻ آباديءَ جي وچ ۾ پکڙيل آهن. هتي لهندا کي مختلف نالن سان سڏيندا آهن جيئن "اواڻڪي"، "اواڻڪاري" "هندڪي" ، "هندڪو" ۽ "ڪوهاٽي" وغيره. انهن مان ڀهريان به نالا ته لهجن جا آهن جيڪي اعوان ڳالهائيندا آهن. باقي ٽيون ۽ چوٿون ساڳيو هندن وارو لهجو آهي جڏهن ته "ڪوهاٽي" وري سموري ضلعي ۾ لهندا جو عام نالو آهي.

آخرڪار اتر- ايرندي واري لهندا اچا به اتر ۾ اٽڪ تائين ضلعي جي مرڪز ۾ "پنڊي گهيب" (Pindi gheb) تحصيل تائين پکڙيل ملي ٿي.

اهڙيءَ ريت اسين ڏسون ٿا تہ اتر-ايرندي واري لهندا ٻن نمايان خطن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. جيڪي ٻئي هڪ ٻئي کان ڌار وري اتر- الهندي وارو لهجو ڪري ٿو. پهرين تہ اصلوڪو اتر- الهندي وارو لهجو اتر- اولهہ ۾ ملي ٿو ۽ ٻئي طرف وري اولهہ طرف ان جي اٽل شاهپور ضلعي جي اتر تائين ۽ اٽڪ جي ڏکڻ ۽ وچ ۾ چانئيل آهي. پوءِ سنڌوندي پار ڪري ڪوهاٽ ڏانهن هليو وڃي ٿو. ٻنهي خطن جا لهجا ٻنهہ هڪجهڙا آهن. انهن ۾ فرق صرف لفظن جو آهي. الهندي وارا لهجا پنهنجي پاڙيسري ڏاکڻي لهجي سان ٺهڪن ٿا. مثال طور اهي ڏاکڻي حصي وارو لفظ "وڃُڻ" استعمال ڪن ٿا جڏهن تہ اتر- ايرندي وارا لهجا سيئي "گڇڻا" چوندا آهن.

لهندا جو اتر- ايرندي ([1]) وارو لهجو ڏاکڻي لهجي کان ڪيترين اهم خصوصيتن ۾ مختلف آهي. لفظن جي ذخيري ۾ بہ تمام وڏو فرق آهي. اتر- اوڀر جي مخصوص ڪيترن لفظن جي فهرست لهجي واري حصي ۾ ڏني وئي آهي.

انهن مان ڪي تہ اصل انهن جا مخصوص (Shiboleths) لفظ آهن. اهڙا لفظ آهن "گڇڻا" (وڃڻ)، "اچڻا" (اچڻ). اهي خاص اتر-ايرندي جا لفظ آهن جڏهن تہ ڏکڻ ۾ "وڃُڻ" ۽ "آوڻ" مروج آهن ۽ اتر- اولهہ ۾ "جاڻا" ۽ "آڻا" ڪم ايندا آهن. هڪ ٻيو بہ مخصوص پهلو آهي. اهو تہ ڏکڻ جي لهجن سان وڌيڪ هڪ جهڙائي رکن ٿا.

اتر-اوڀر ۾ چون "منيڏا" (منهنجو) ۽ "تيڏا" (تنهنجو). جڏهن تہ ڏکڻ طرف "ميرا" ۽ " تيرا" مستعمل آهن.

گرامر ۾ وري ڌيان جوڳي ڳالهہ آهي "س" جو گهٽو ڪر "هہ" ۾ بدلجڻ. جيئن ڌاتو "هگ" آهي جيڪو "سڪ" جي بدارن ڪم اچي ٿو جنهن جي معنيٰ سگهہ (ڪري سگهڻ to be able) آهي. وري ڏکڻ ۽ اتر- اولهہ ۾ اضافت وارو حرف جر "دا" جو آهي پر اتر- اوڀر ۾ اهو "نا" آهي. ساڳيءَ طرح اسم حاليہ جون پڇاڙيون بہ ترتيبوار "دا" ۽ "نا" ٿين ٿيون. اسم جي گردانن ۾ ڏاکڻي لهجي وارا حرف صحيح تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسم حالت مفعوليءَ واحد ۾ تبديل نٿا ٿين.اهڙيءَ طرح "گهر- دا" (گهر جو) لهي ٿو پر اتر- ايرندي لهجي ۾ "اتر- الهندي لهجي سان هن نڪتي تي هڪجهڙائي رکنديہ حالت مفعولي واحد ۾ "اي" ڳنڍيو ويندو آهي. جيئن "گهري- نا" (اتر- الهندي ۾ "گهري- دا") معنيٰ "گهر- جو". حرف صحيح تي ختم ٿيندڙ مونث اسم اتر پاسي "اي" ڳنڍيندا آهن. پر ڏکڻ ۾ ايئن ڪو نہ ڪندا آهن. اهي وڌيڪ چرڪائيندڙ تفاوت آهن جيڪي اتر- ايرندي وارن ۽ ڏاکڻي لهجي ۾ نظر اچن ٿا. ٻيا فرق وري انهن لهجن سان واسطو رکندڙ حصن ۾ بيان ڪيا ويندا.

اتر- ايرندي واري لهندا ڳالهائيندڙن جو تعداد

**اصلوڪا اتر- ايرندي وارا لهجا:**

پوٺواري..........................684362

پهاڙي (ڍونڍيءَ سوڌو)........87777

ڪشميري لهجا............741407

---

**ڪل تعداد**...1.513.546

---

[1] اهي ڳالهيون گهٽو ڪري اصلوڪن اتر- الهندي وارن لهجن سان لاڳو آهن. اولهہ واري خطي ۾ موجود اتر- ايرندي وارا لهجا ڏکڻ جي لهجن سان وڌيڪ هڪجهڙائي رکن ٿا.

اولاهين خطي جا اتر- ايرندي وارا لهجا

الهندو سالٽ رينج، شاهپور.........25,000

اواڻڪاري (اٽڪ ۽ ڪوهاٽ)..... 123901

گهيبي (اٽڪ)......................239,209

ڪل تعداد... 1752,755

**ڳالهائيندڙن جو تعداد:**

اسين ان پوزيشن ۾ ڪو نہ آهيون جو لهندا جي پنهنجي ماڳ کان ٻاهر ان جي ڳالهائڻ وارن جو تعداد ڏئي سگهون. پنجاب کان ٻاهر انهن کي ماڻهو پنجابي ڳالهائيندڙن سان منجهائي ڇڏيندا آهن. مٿي ڏنل انگن اکرن مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ لهندا جي پنهنجي علائقي ۾ ڳالهائڻ وارن جو تعداد هن جائزي لاءِ 1891ع واري آدم شماري موجب ڪٿيو ويو آهي، جيڪو هن ريت آهي:

ڏاڪڻو لهجو:

معياري..............................1,507,827

مولتاني.............................176,983,2

ڪيتراني ۽ جافري.....................14581

ٿلي....................................759210

ڪل تعداد.. 4,458601

اتر-الهندي وارو لهجو.............881425

اتر-ايرندي وارو لهجو...........1,513,546

........................................239,209

........................................1752755

ڪل تعداد.. 7,092,781

1911ع واري آدم شماري ۾ لهندا جا ڪل انگ اکر 4,779,138 هئا. پر انهن کي مٿين سان ڀيٽي نٿو سگهجي ڇو تہ آدمشماريءَ جي مقصد لاءِ ڪيل ڳٽپ ۾ پنجابي ۽ لهندا جو فرق معلوم ڪرڻ ناممڪن آهن. جيئن اڳ ۾ چيوسين تہ هڪڙو وڏو علائقو اهڙو آهي جنهن لاءِ اهو سوال ڪري سگهجي ٿو تہ اتي پنهي مان ڪهڙي ٻولي ڳالهائي ٿي وڃي؟

هيٺ ڏنل وچور ڏيکاري ٿو تہ لهندا جو منهنجي طرفان گڏ ڪيل مواد ڪيترو آهي:

**بيٽر ٿيئو فلس سيگفيلڊ:** "هسٽوريا ريگني بڪٽرياني"، پيٽرو پولي،1738ع،ص 113ff تي ڪان ڏهہ انگ ڏنل آهن.

مثال:

1- Hekec 2- ddhu 3- tray 4- tgjar 5- pangj 6- tsch 7- tzatte 8- aadgj 9- nao 10- ndga

# سندون

بيئر جو چوڻ آهي تہ هُن اهي لفظ هڪ ملتانيءَ کان حاصل ڪيا. هيستائين منهنجي معلومات موجب يورپ ۾ لهندا جا اکر محفوظ ڪرڻ جي اها پهرين ڪوشش هئي، باقي اڳيان ڏسو.

**وهلوس، ائو لوڊو وڪرس:**

"ٿيساري ايپسٽوپسي، ايڪس ببليو ٿڪيا آيور ڏنيانا" ايڊيڊٽ ائو لوڊو وڪس وهلوس ليپرگ 1742ع.

اهو هڪڙو خطن جو مجموعو آهي جيڪو برلن جي هڪ مشهور لائبريرين طرفان سندس ئي نالي لکيل آهي. جلد-1 جي ص 58 تي ٿيوفلس سيگفرائيڊ بائر طرفان لاڪروز ڏانهن پهرين چٺن انگن جا مختلف ٻولين ۾ مجموعا موڪليا ويا هئا. جن مان هڪ جو نالو "موگيوليوسز انڊي" (Moguleuses Indi) جا هن ريت هئا. آ-هڪ، 2-ٻُڏ 3-ٽري4-زاهر. پر اهي پهرين ڏنل انگن جهڙا درست ڪو نہ ٿا لڳن.

**ايڊيلنگ جي سي:** "مٿريڊيڊيٽس اوڊر ايلجيمين اسپريچنڪنڊي مٽ ڊيم ويٽر انسر ان بي ناهي فونفهبرٽ اسپر يچن اينڊ مٽنڊرٽن" — برلن 1817-1806ع ملتانيءَ جو احوال جلد پهرئين جي صفحہ196 ۽ 244 تي ملي ٿو.

**دي هولي بائبل.....** "ٽرانسليٽيڊ فرام دي اوريجنل انٽوري ملتان لئنگئيج باءِ سيرامپور مشنريز" جلد (ii). ان ۾ : نئون عهد نامو آهي سيرامپور 1819ع.

**پي (رنسپ) جي:** "نوٽ آن اي گرامر آف دي سنڌي لئنگئيج. ڊيڊيڪيٽيڊ ٽو دي رائيٽ آنريبل سر رابرٽ گرانٽ. گورنر آف بامبي". ليڪڪ ڊبليو ايچ واٿن صاحب جنهن ۾ اها تختي بہ آهي جيڪا مارواڙي، ملتاني، يا سرائي ۽ سنڌي يا خدا وادي جي الف ب آهي. ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال جو جرنل جلد ڇهون (1837) ص 237.

**برٽن ليفٽينينٽ (سر آر-ايف):** "دي گرامر آف جتڪي آر بلوچي ڊائليڪٽ". رايل ايشياٽڪ سوسائٽي جي بمبي برانچ جو جرنل جلد ٽيون (1849,50,51)ص ff84. اهو هڪ مڪمل گرامر آهي. برٽن جتڪيءَ کي سرائڪي سنڌي سمجهي ٿو.

**ڪئمپبيل، سر-جي-ڪي ايس آءِ:**

اسپيسيمنس آف دي لئنگوئجز آف انڊيا، انڪلوڊنگ دوز آف دي ائب اوريجنل ٽرائيبس آف بينگال، دي سينٽرل پراونسز اينڊ ايسٽرن فرنٽيئز" ڪلڪتہ 1874ع. ان ۾ " ملتان جي پنجابي جا نمونا صff24 تي ڏنل آهي.

**ويس اي جي:** "رپور آف دي لئنڊ روينيو سيٽلمينٽ آف دي هزاره ڊسٽرڪٽ آف پنجاب"، لاهور 1876-ص74.

**فرائير،سر ايف. ڊبليو. آر:** "فائنل رپورٽ آن دي... سيٽلمينٽ آف دي ديره غازي خان ڊسٽرڪٽ ان ديرا جات ڊويزن". لاهور1876ع-فهرست صVi_X.

**پرسر ڊبليو اي:** "رپورٽ آن دي......لئنڊ روينيو سيٽلمينٽ آف دي مونٽگمري ڊسٽرڪٽ ان ملتان ڊويزن آف پنجاب". لاهور 1878. ضميمو 1.فهرست

**هيسٽنگز اي جي.جي:** "رپورٽ آف دي.....

سيٽلمينٽ آف دي پشاور ڊسٽرڪٽ آف دي پنجاب. "لاهور 1878. ضميمو او فهرست

ٿاربرن ايس ايس: "رپورٽ آن دي لينڊ روينيو سيٽلمينٽ آف دي بنون ڊسٽرڪٽ" لاهور1879ع،ص 52-ضميمو 15- فهرست

اوبرائين-اي: "گلا سري آف دي ملتاني لئنگويج ڪمپيئرڊ وٿ پنجابي ائنڊ سنڌي". "لاهور 1881 "گلاسري آف دي ملتاني لئنگئيج آر (سائوٿ وسٽرن پنجابي)" لکنڊڙ اي-او برائين-آءِ سي ايس-نظرثاني جي ولسن،آءِ سي ايس ۽ پنڊت هري ڪشن ڪولَ لاهور 1903ع (اڳوڻي جو نظرثاني ٿيل نئون ايڊيشن).

اوبرائين-اي : "رپورٽ آن دي....سيٽلمينٽ آف دي جهنگ ڊسٽرڪٽ"، لاهور1882، ضميمو ڇهون فهرست، ضميمو ستون-ڀهاڪا.

ٽارنٽن-ٿامس ايچ-سي ايس آءِ ،ڊي سي ايل:

"دي ورنئڪيولر لٽريچر اينڊ فوڪ لور آف دي پنجاب"، رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بمبئي جو جرنل 1885-صفحه 405 تي ملتاني ۾ جتڪيءَ جا نمونا ڏنل آهن.

ٽسڊل-دي ريورنڊ وليم سنٽ ڪليئر:

"اي سمپليفائيڊ گرامر ائنڊ ريڊنگ بڪ آف دي پنجابي لئنگئيج"،لنڊن 1989، ضميمو-سي لهندا لهجي بابت نوٽس- ان پر س-ا ستقبل بابت ٻڌايل آهي پر مجهول بابت ناهي.

رابرٽسن ايف اي: "فائنل رپورٽ آف دي... سيٽلمينٽ آف دي راولپنڊي ڊسٽرڪٽ"، لاهور 1893، ضميمو -4 زرعي ڀهاڪا.

او ڊوائر ايم ايف: "فائنل رپورٽ آن دي..... سيٽلمينٽ آف گجرانواله ڊسٽرڪٽ"، لاهور1894، ضميمو ايف-فهرست.

ولسن (سر) جيمس (ڪي سي ايس آءِ)، فائنل رپورٽ آن..... دي سيٽلمينٽ آف دي شاهپور ڊسٽرڪٽ ان دي پنجاب"، لاهور 1894ع-ضميموفهرست ولس (سر) جيمس،"گزيٽيئر آف دي شاهپور ڊسٽرڪٽ"، لاهور 1897،ص 89.

ولسن جيمس: " گرامر ائنڊ ڊڪشنري آف ويسٽرن پنجابي ائز اسپوڪن اِن دي شاهپور ڊسٽرڪ وٿ پراوربس، سيئنگس اينڊ ورسز"، لاهور1899ع.

ٻامر فورڊ-دي ريورنڊ ٽيوور: "رف نوٽس آن دي گرامر آف دي لئنگويج اسپوڪن ان دي ويسٽرن پنجاب"، بنگال جي رايل ايشياٽڪ سوسائٽي جو جرنل، جلد XLIV،ڀاڱو پهريون (1895) ص 290ff.

ٻامر فورڊ-دي ريورنڊ ٽيوو: " پرونامينل ايڊجنڪٽس ان دي لئنگئيج اسپوڪن ان ويسٽرن ائنڊ سدرن پارٽس آف دي پنجاب"، بنگال جي ايشاٽڪ سوسائٽي جو جرنل، جلد XLVI، ڀاڱو پهريون (1897)،ص 146.

ميڪ لاگن-اي: "نوٽس آن ويسٽرن پنجابي ڪليڪٽيڊ باءِ اي ايم" لاهور1900ع.

جوڪس اي:"ڊڪشنري آف دي جٽڪي آر ويسٽرن پنجابي لئنگويج"، لاهور ۽ لنڊن 1900ع.

روز ايچ-اي: "ٽو پنجابي لو سونگس ان دي ڊائليڪٽ آف دي لهندا آر ويسٽرن پنجاب"،ليڪڪ جندان (ڊاڪٽر گرئيرسن سي آءِ اي-جي ڪجهه نوٽس سوڌو)، "انڊين ائنٽيڪئري، جلد پنجٽيهون،(1906)، ص 333-

اسڪيمپ-ايف ڊبليو: "ملتاني اسٽوريز"، گڏ ڪيل ۽ ترجمو ڪيل ايف ڊبليو ايس طرفان، لاهور1917.

# لهندا گرامر جو خاڪو

**اُچار:**

لهندا جي اچارن بابت ڪي ٿورا عمومي نڪتا ڏئي سگهجن ٿا. هن ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اهڙا حرف علت آهن جيڪي هندستان جي ٻين ٻولين لاءِ غير رواجي آهن. جيئن ڪشميريءَ ۾ اهي حرف علت آواز ۾ تبديل (epenthesis) جي ڪري آهن. هن ۾ 'آ' آهي جيڪو "tall" ۾ اچار "a" جيان آهي، جرمن ٻوليءَ وارو "a" آهي جيئن "ائہ" ware ۾ ٿيندو آهي، يا وري انگلينڊ جي اتر ۾ يا اسڪاليند ۾ جيئن there کي اچارڻ مهل "e" جو آواز ڪندا آهن.وري "ai" (آءِ) جو ننڍو آواز "ai" (اِءِ) وانگر بہ آهي جيئن mightily ۾ پهرين "i" جو آواز آهي جنهن جي ڀيٽ sigh واري i سان ڪري سگهجي ٿي، اتي "a" (آءِ) جو اچار ٻين ٻولين ۾ "ai" (آي) جو متبادل آهي، جيئن "ڀيڻ" کي اچارڻ مهل چون "ڀئڻ". وزير آباد جي پاڙيسري ضلعي جي پنجابيءَ ۾ مسٽر بيلي جي گرامر موجب "آء" (ai) جو اچار ايئن آهي جيئن man ۾ "a" جو اچار آهي. ۽ اسين ڏسون ٿا تہ ٻٽرا حرف علت (dlipthong) لهندا ۾ "آئہ" بنجي وڃڻ جي واٽ وٺي ٿو. اُهو "ائہ" جو آواز ٻن اترين لهجن ۾ وڌيڪ عام آهي، پر ڏکڻ ۾ پڻ ملي ٿو جيڪو آهستي آهستي ملتانيءَ جي ڏاکڻي لهجي ۾ "اي"بنجي وڃي ٿو جيئن اسڪاچ. انگريزي لفظ there واري e ۾ اچاريندا آهن ۽ اهو ڏاکڻي انگريزي لهجي واري اچار ۾ عام "اي" بنجي ويندو آهي. ساڳيءَ طرح اتر وارو آواز (اُو) وري ٻنهي ڏکڻ ۾ عام (آ) بنجي ويندو آهي. ٻين لفظن ۾ انهن ٻنهي آوازن جي معاملي ۾ ٻٽر يا حرف علت جي آواز جو مٽجڻ (epenthesis). جيئن ڏکڻ ڏانهن وڃبو تيئن گهٽبو ويندو. جڏهن اترين لهندا ۽ شاهپور دوآبي ۾ ٿلي زبانن ۾ اسان وٽ آهي "ووهڙ" آهي، جيڪو ملتانيءَ ۾ "واهُڙ" ٿيو وڃي، ۽ سنڌي مرڳوئي "وَهَڙُو" ڪريو ڇڏي

وري جيستري قدر حرف صحيح جو تعلق آهي تہ پهرين هن جائزي ۾ پيش ٿيل "ڄَ" جي آوازن کي ڏسجي، جنهن کي سر جيمس ولسن ۽ مسٽر جوڪس وري "نج" لکيو آهي. سر جيمس ان جي آواز کي سمجهائڻ لاءِ "ج" کي، آواز جي آخري گُهٽي آواز سان ملايو آهي،جنهن ۾ آخري "ج" جو اُچار مڪمل نہ هجي. مسٽر جُوڪس وري چوي ٿو تہ اهو آواز "نج" ۾ "نيہ" جي وچ وارو آواز آهي جيڪو ڪڏهن هڪ طرف تہ ڪڏهن ٻئي طرف وڌيڪ لڙي ٿو وڃي. اهو سواءِ لفظ "وڃڻ" جي ٻئي هنڌ ڪو ورلي ملي ٿو ۽ ڪنهن بہ جاءِ تي پهريون اکر ڪو نہ ٿئي. اهو واري لفظ "وڄ" ۾ "ج" جو اچار ڪندا آهن جڏهن تہ ٻين زمانن ۾ مثلاً زمان حال ۾ "ونجيندا" لفظ جو اچار گهٽو ڪري "ونيپندا" نڪرندو آهي. ديره غازي خان ۾ لهندا، سنڌيءَ جا مخصوص چوسٽا آواز اڏارا ورتا آهن، جن کي انهيءَ ضلعي واري لهجي ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

مورڏني آوازن ڏانهن وڌيڪ لاڙو لهندا واري علائقي ۾ گهٽڻ هنڌن تي ظاهر ٿئي ٿو."ڻ" جو حرف اچارڻ مهل ان کي ٻنهي مورڏني طريقي سان اچاريندا آهن جيڪو انگريزيءَ جي "nr" سان ويجهو محسوس ٿيندو آهي، ان ڪري ان کي ڏيکارڻ لاءِ اهي حرف (nr) پڻ لکيا ويندا آهن. انهيءَ ۾ لهندا ويجهي پاڙيسري ايراني ٻوليءَ پشتو سان هڪجهڙائي رکي ٿي. ٿل ۾ ڪجهہ گهٽ ۽ ٻنهي ڏاکڻي پاسي گهڻو ڪري "د" کي "ڊ" ۾ بدلائيندا آهن جڏهن تہ ٻن اترين لهجن ۾ "ر" وري اڪثر "ڊ" ۾ بدلجي ٿو جيئن "ميرا" جي بدران "ميڊا" (منهنجو) ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

اتر- ايرندي لهجي واري پوٺواري نموني ۾ "ڇ" جو عام اچار "ش" ڪندا آهن. جيئن "گڇٽا" (وڇڻ) کي ڇوڻ، "گشٽا". سموري اتر ۾ لفظن کي گهٽو ڪرڻ جو لاڙو آهي ۽ گهٽو ڪري آخري ٻڌهي حرف علت کي مرضيءَ موجب گهٽو ڪيو ويندو آهي جيئن "ٻهَو" کي چوڻ "ٻهَون" (گهڻا) يا وري "نا" کي چوڻ "نان" (جو).

سموري لهندا واري علائقي ۾ مورڏني "ل" ڏاڍو عام آهي. اهو صرف بنهه اتر ۾ گم ٿيو وڃي، جتي داردي ٻوليون شروع ٿين ٿيون. اهو هزاره يا ڇڀال ملڪ ۾ ڪو نه ٻڌبو آهي.

**لکڻ جو نمونو/ لکت:**

لهندا جو پنهنجو ڪو رسم الخط ڪونهي. ان ۾ ڪو نثري ادب ڪونهي [1]، ۽ ان ۾ لکيل شاعري لوڪ شاعريءَ واري نموني جي آهي جيڪا يادگيريءَ ۾ محفوظ هوندي آهي ۽ ورلي لکي ويندي آهي. شايد فارسي رسم الخط ئي آهي جيڪو وڏ ۾ وڏ ادب لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو پر اهو ان ڪري آهي جو پڙهيل ماڻهو ان کان اڳ ئي مانوس آهن جيڪي ڪڏهن ڪنهن خاص ضرورت هيٺ لهندا جا ڪي ٽڪر محفوظ ڪرڻ چاهيندا آهن. ڪڏهن ساڳين حالتن ۾ وري گرمکي رسم الخط پڻ ڪم آڻيندا آهن، پر هندن پاران استعمال ٿيندڙ رسم الخط جيڪو سموري پنجاب ۽ سنڌ ۾ مروج آهي، ان کي "لنڊا" يا "ڪتريل الف ب" چوندا آهن. اهو رسم الخط مارواڙ جي مهاجني رسم الخط سان ۽ پنجاب جي ٽڪرين واري "ٽاڪريءَ" سان ويجهو لاڳاپو رکي ٿو ۽ ان جي معرفت ڪشمير ۾ ڪتب ايندڙ "شاردا" الف ب سان ڳنڍيل آهي. اها الف ب اڻپوري آهي جنهن ۾ حرف علتن جون نشانيون ورلي استعمال ڪندا آهن، سواءِ شروع جي. اها گهٽو ڪري خود لکندڙ کان سواءِ ٻين کي سمجهه ۾ ئي ڪا نه ايندي آهي ۽ اڪثر ته خود ان کي پاڻ به سمجهه ۾ ڪا نه ايندي آهي [2]. لهندا جا يورپي شاگرد ان کي رومن رسم الخط ۾ لکندا آهن جيئن هن موجوده احوال ۾ ڪيو ويو آهي. پر فارسي رسم الخط ۾ لکيل نمونا ۽ "لنڊا" ۾ لکيل هڪ نمونو هن ڪتاب ۾ پڻ ملندو. گرمکي رسم الخط هڪ بهتر ڪيل ۽ سڌاريل رسم الخط آهي جيڪو "لنڊا" مان ٺاهيو ويو آهي، جنهن لاءِ چون ٿا ته اهو "انگد" ايجاد ڪيو هو جيڪو ٻيو سک گرو ٿي گذريو آهي (1535_1552ع)، ته جيئن سک ڌرم جا ڪتاب ان ۾ محفوظ ڪري سگهجن. اهو چيو ٿو وڃي ته هن کي معلوم ٿيو ته "لنڊا" ۾ لکيل سکن جا ڌرمي ٻول غلط پڻ پڙهي سگهجن ٿا ان ڪري هن اهو رسم الخط ٺاهيو جنهن لاءِ هن ناگري الف ب مان اکر به اڌارا ورتا (خاص ڪري حرف علت جون نشانيون) ته موجود لنڊا حرف صحيح کي به سڌاريو.

ڏنل جدول ۾ لنڊا الف ب کي گرمکيءَ سان ڀيٽيو ويو آهي.

[1] هڪ مشهور سک ڪتاب "جنم ساکي" لکيل ملي ٿو جيڪو اڌ پنجابي ته اڌ لهندا واري لهجي ۾ آهي، جنهن کي مسٽر ٽسڊل لهندا سڏيو آهي، اهو ڪتاب عام طرح گرمکي رسم الخط ۾ ڇپبو آهي.

[2] ڊاڪٽر سيٽنر جي طرفان لکيل "ڪليڪشن آف اسپيمين ڪمرشل اينڊ آدر الفابيٽس اينڊ هينڊ رائٽنگ اِنز آلسو آف ملٽيپليڪشن ٽيبلس ڪرنٽ ان پارٽس آف پنجاب سنڌ اينڊ نارٿ ويسٽ پراونس" ۾ اهو رسم الخط ملي ٿو جيڪو انجمن پنجاب پريس جو ڇاپيل آهي. ان ۾ معنائون ڪو نه آهن ان ڪري ڪا مدد نٿي ملي. اهو به چوڻ جي ضرورت ڪانهي ته "لنڊا" لفظ جو ڪو به تعلق "لهندا" لفظ سان ڪونهي.



| Gurmukhī. | Landā. | Transliteration. | Gurmukhī. | Landā. | Transliteration. |
|---|---|---|---|---|---|
| ਅ | | a ('aiṛā') | ਡ | | ḍa |
| ੲ | | i ('iṛī') | ਢ | | ḍha |
| ੳ | | u ('ūṛā') | ਣ | | ṇa |
| ਓ | | ō | ਤ | | ta |
| ਸ | | sa | ਥ | | tha |
| ਹ | | ha | ਦ | | da |
| ਕ | | ka | ਧ | | dha |
| ਖ | | kha | ਨ | | na |
| ਗ | | ga | ਪ | | pa |
| ਘ | | gha | ਫ | | pha |
| ਙ | | ṅa | ਬ | | ba |
| ਚ | | cha | ਭ | | bha |
| ਛ | | chha | ਮ | | ma |
| ਜ | | ja | ਯ | | ya |
| ਝ | | jha | ਰ | | ra |
| ਞ | | ña | ਲ | | la |
| ਟ | | ṭa | ਵ | | va |
| ਠ | | ṭha | ੜ | | ṛa |

ساڳيءَ طرح سان "اُو" جو آواز پڻ "اُ" ۽ "آ" جي ميلاپ جي نتيجي ۾ ٺهيو آهي. اهڙيءَ ريت لفظ "شاهَر" (شهر) جڏهن فاعلي واحد حالت ۾ "اُ" لڳائي ٿو ته اهو پيش "آ" تي اثر ڪري ٿو ۽ نتيجي ۾ ان مان "اُو" ٺهي پوي ٿو ۽ آ (زبر) تي اثر وجهي، ان کي "اُ" (پيش) بنائي ڇڏي ٿو. ان طريقي سان حالت فاعلي واحد ۾ اهو لفظ "شوهُر" (شهر) بنجي وڃي ٿو پر مفعولي واحد ۽ فاعلي جمع حالتن ۾ "شاهَر" ئي رهي ٿو ڇاڪاڻ جو ان ۾ "اُ" (پيش) ڪونه ٿو لڳي.

وري ڪيترائي مونث فاعل واحد ۾ "اِ" (زير) سان ختم ٿيندا آهن. اها "اِ" (زير) ساڳئي "اُ" (پيش) واري نموني اثر ڪري ٿي ۽ اڳيان واري "اِ" (زير) کي "آ" (زبر) بنائي ڇڏي ٿي. اهڙيءَ ريت لفظ "ڪُڪڙ" مان "ڪُڪڙي" بدران "ڪُڪِڙ" ٺهي پوي ٿو. ساڳئي نموني سان "اِ" کان اڳ واري "آ" ڦري "آءِ" ٿي پوندي آهي بلڪل ايئن ئي جيئن اڳ واري "آ" ڦري "آو" ٿي پئي هئي. ايئن "واهڙُ" (معنيٰ گابو). حالت فاعليءَ ۾ مذڪر واحد آهي، "وَهُڙ" (واهَڙ جي لاءِ) ۽ حالت فاعلي مونث واحد پڻ وئهَڙِ (واهڙي لاءِ) ٿئي ٿو.

هتي اهو ئي فرق مونث واري "آ" پڇاڙي ۽ مذڪر واري "اُ" پڇاڙي وارو آهي، جنهن جي ڪري حالت مفعولي واحد ۾ ٻهرين پڇاڙي قائم رهي ٿي. ان ڪري "وئهڙ" جي مفعولي حالت به "وئهڙ" ئي آهي "واهڙ" ڪونهي، جيڪو اصل ۾ "وَوهڙ" جو مفعولي واحد آهي. "وئهڙ" جو فاعلي جمع مونث ۾ " اين" پڇاڙي رکي ٿو جنهن جي ڪري ان کان ٻهريون حرف علت متاثر ٿئي ٿو ان ڪري اهو يا ته "وئهڙين" ٿيندو آهي يا "وئهڙين". جڏهن حرف علت "اي"، "اي" جي پٺيان ايندو آهي ته اهو "آءِ" ٿي پوندو آهي ۽ جيڪڏهن ان جي پٺيان "اِ" ايندو ته پوءِ وري اهو ڦري "آئي" ٿي پوندو آهي. ان ڪري اسان وٽ "ويو" لاءِ "گيئا" آهي. مذڪر جمع ۾ "گئي" آهي ۽ مونث جمع ۾ "گئِي" آهي.

## وينجن/حرف صحيح:

لهندا واري علائقي جي ذڪر ۾ اسان کي سنڌي آواز استعمال ۾ نظر اچن ٿا. اهي آهن چوسٽا وينجن ٻ، ڄ، ڏ ۽ ڳ. لهندا ۾ مسٽر جُوڪس انهن کي هيٺيون نشانيون ڏنيون آهن: ٻ، ڄ، ډ (ڏ لاءِ) ۽ ڳ (ڳ لاءِ). انهن آوازن کي اچارڻ مهل ايئن محسوس ٿيندو آهي جڻ ته ڪنهن لفظ جي شروع ۾ ايندڙ آواز کي زور ڏئي ٻٽو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هجن. "نج" (ن غني سان) اکر لاءِ مسٽر جوڪس جو چوڻ آهي ته اهو ڪجهه مڙئي (ن غني وارن) "نج" ۽ "نيه" جي وچ وارو آواز آهي جيڪو ڪڏهن هڪ طرف وڌيڪ ٿو جهڪي ته ڪڏهن ٻئي طرف. آوازن لاءِ اهو سواءِ "ونجڻ" جي ٻئي ڪنهن هنڌ گهٽ ٿو نظر اچي ۽ ڪنهن به لفظ جي شروع ۾ ته ڪڏهن به نٿو اچي. امر ۾ "ونج" (wanj) چوڻ مهل 'ج' جو اچار ڪيندا آهن. جڏهن ته ٻين زمانن ۾، مثلاً "ونجيندا" ۾ اهو اچار "ونييندا" آهي. ان ڪري مون هن کي ساڳيو "ج" وارو ملهه ڏنو آهي. شاهپور ۾ اهو ڪن ٻين لفظن ۾ به نظر اچي ٿو جيئن "اجي" (ايئن) ۽ "جيج" (ڄيڄ) وغيره آهن. سر جيمس ولسن هڪ خانگي لکپڙهه ۾ "نج" جو اچار "ج" کانسواءِ سمجهايو آهي.

مورڏني "ڻ" کي عام طرح (پشتو وانگر) "نڙ" لکندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ان کي صرف "ن" به لکندا آهن. مورڏني آواز ڳرو آواز آهي. اهڙيءَ طرح لفظ "ڪاڻ" کي عام طرح "ڪانڙ" اچاريندا آهن. ٻين لفظن جهڙوڪ "ڪَنڙڪ" (ڪڻڪ) ۾ "ڙ" جو اچار گهٽ ٿو ٻڌڻ ۾ اچي.

مورڏني "ل" پڻ عام آهي، جيتوڻيڪ ديسي رسم الخط ۾ ان لاءِ ڪا خاص نشاني مقرر ڪانهي. ان لاءِ ساڳيو "ل" استعمال ٿيندو آهي.

"هہ" جو اچار ساڳيو پنجابيءَ جي مغربي لهجي وانگر آهي. مسٽر گراهم بيلي ان اکر جي ٻنهي آوازن جي، سمجهاڻي پنهنجي وزير آباد واري گرامر ۾ سهڻي نموني ڏني آهي، اتي هو لهندا نہ پر پنجابيءَ جو حوالو ڏئي ٿو پر اهو چيو اٿس تہ ساڳيو اصول لهندا سان بہ لاڳو آهي.

جڏهن "هہ" ڪنهن لفظ جي شروع ۾ اچي ٿي يا وري ڪنهن زور واري پد کان پهرين اچي ٿي تہ ان جو هڪ زوراڻتو ڪاڪڙي وارو آواز نڪرندو آهي، جيڪو عربيءَ جي زوراڻتي آواز "ع" سان ملندڙ جلندڙ هوندو آهي. اهڙيءَ طرح "هيان" (ايسون يا ڪٽ جا پاسا) کي "اٺان" اچاريو آهي ۽ "پهائي" (پيهڻ جو اجورو) کي "پٺائي" چوندا آهن.

ٻين حالتن ۾، مثلاً جڏهن اهو ڪنهن لفظ جي شروع ۾ نہ هجي يا ڪنهن ڳري پد کان اڳ ۾ نہ هجي تہ پوءِ اهو مشڪل سان پڌرو ٿيندو آهي يا مرڳو ايندو ئي ڪونهي پر تڏهن بہ ان کان اڳ ۾ ايندڙ حرف علت جو زور وڌايو ڇڏي، جنهن جي ڪري اڪثر پوري لفظ جو لهجو ئي ڦريو وڃي. اهڙيءَ طرح "لائهہ" (لاهہ) جو آواز "لا" (لاءِ/ لڳاءِ) کان مختلف آهي، جڏهن تہ پهرئين لفظ جي "هہ" پڌري ۾ بہ ڪا نہ ايندي آهي. ساڳي طرح "ڪاٺهلا" (ٺڪڙو) کي اُوچي لهجي ۾ اُچاريندا آهن جڏهن تہ "ڪاٺلا" (ڪارو) ۾ اهو عام نموني اچاريو آهي، جيتوڻيڪ پهرئين لفظ جي "هہ" بہ ڪا نہ اچاربي آهي. ساڳي ڳالهہ نرم (سخت نہ) وسرگ وينجن جي معاملي ۾ ڪئي وئي آهي،مثلاً گهہ، جهہ، ڍ، ڌ، ڀ، ڙهہ، نهہ، مهہ، ڙهہ، وهہ، وغيره. پر سخت وسرگ وينجن کي ,ڇ، ٿ، ٿ، ڦ يا ش جي معاملي ۾ نٿي ڪري سگهجي. اهڙيءَ طرح "ڀرا" (ڀاءُ) کي "ٻر-آ"، ۽ "گهُما" (زمين جو ماپو) کي "گ- ما" ۽ "ڇنهان" (چناب (ندي)) کي "ڇن-آن" اچاريندا آهن. ان ڪري انهيءَ نديءَ جي ڪناري ڳالهايل لهجي کي چوندا ئي آهن "ڇناواڙي"، جهنگ واري، "ڇناواري" ۽ مظفر ڳڙهہ واري ٻئي طرف "ڪوڙهہ" ۾ "ڙهہ" هڪ ڳري حرف علت کان پوءِ اچي ٿي ان ڪري "هہ" پڌري ۾ نٿي اچي پر "اُ" کي (هر جو جوڙ) "ڪوڙ" کان ٻئي نموني اوچي-آواز ۾ چوندا آهن ۽ "ٻنگهي" (ٻگ-اي) جي "آ" کي مٿانهين آواز سان اچاريندا آهن جيڪو "ٻگي" (اڇي رنگ لاءِ) جي "آ" آواز کان مختلف هوندو آهي.

اسم:

هن ۾ ڪا بہ جنس ٻيجان ڪا نہ ٿئي سواءِ سواليہ ضميرن جي. مذڪر اسم ۽ "آ" سان ختم ٿيندڙ صفتون ۽ "اٺا" وارا اسم مفعول جن ۾ "اِ" ننڍڙو سُر آهي- اهي مونث ۾ "اِ" پڇاڙي لڳائين ٿا. اهڙيءَ طرح "گهوڙا" جو مونث "گهوڙي" ٿيندو، "مارٺا" جو "ماري" ٿيندو.

پر اهي اسم،صفتون ۽ اسم مفعول جيڪي "ايٺا" (ڏِسو سر "اي") رکن ٿا تن جي مونث ۾ "آئي" ڳنڍيو آهي مثلاً -"ڳئيا" (ويو) مونث ۾ "گئي" (وئي) ٿئي ٿو.

ڪيترائي مذڪر اسم جيڪي حرف صحيح تي ختم ٿين ٿا، انهن ۾ "اِي"، "ڙي" يا "ٽي" ملائيندا آهن، پر جي آخري حرف صحيح "ر" هجي تہ پوءِ ان ۾ ڪڏهن ڪڏهن "ني" بہ ملائيندا آهن. مثلاً :

| مونث | مذڪر |
|---|---|
| لوهاري | لوهار |
| فقيرني | فقير |
| ڊومٽي (لنگهياڻي) | ڊوم (لنگهو) |
| بالڙي (ٻارڙي) | بال (ٻار) |

هن گردان جا ٻہ ٻي قاعدي اسم آهن (1) "ڀرا" يا "ڀرا"، مفعولي واحد اٽس "ڀرا"، يا "ڀرائو" ندائي حالت "ڀرائنا" جمع ـ فاعلي "ڀرا" يا "ڀرا" مفعولي "ڀراوان" يا "ڀراوان"، ندائي "ڀراونئو" (2) "هٻا" (سپ) واحد فاعلي آهي، جمع قاعدي موجب ٿهندو مفعولي جمع "هٻنان" (سيني).

### ٻيو گردان ـ واحد:

حالت مفعولي (متعدي مجهول واري فاعلي حالت سوڌي) فاعلي واري ساڳي ٿيندي آهي. حالت مڪاني انهن فعلن جي مونث اسمن جهڙي ٿيندي آهي. حالت ندا ٺاهڻ لاءِ حالت مفعوليءَ ۾ "آ" ڳنڍيندا آهن ۽ ساڳئي وقت آخري پد وارو حرف علت حذف ڪيو ويندو آهي.

### جمع:

حالت مفعولي (متعدي مجهول جي حالت فاعلي سميت) ٺاهڻ لاءِ حالت فاعلي جمع ۾ "آن" ڳنڍيندا آهن، ۽ آخري پد جي حرف علت کي حذف ڪري ڇڏيندا آهن. حالت مڪاني ٺاهڻ لاءِ "اين" يا "اين" کي حالت مڪاني واحد سان ملائيندا آهن. ۽ ساڳيءَ طرح حرف علت حذف ڪيو ويندو آهي. حالت ندا ٺاهڻ لاءِ "او" يا "هو" کي حالت مفعوليءَ سان جوڙيندا آهن. اهڙي طرح:

| واحد | | | | جمع | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| فاعلي | مفعولي ۽ متعدي مجهول واري فاعلي | مڪاني | ندائي | فاعلي | مفعولي ۽ متعدي مجهول واري فاعلي | مڪاني | ندائي |
| ڪُڪُڙ | ڪُڪَڙ | ........ | ڪڪڙا | ڪُڪَڙ | ڪڪڙان | ........ | ڪڪڙانئو |
| شوَهُر | شاهَر | شئهر | شاهرا | شاهَر | شاهران | شئهرين | شاهرانهو |
| اوڙُڪ (آخر) | اوڙَڪ | اوڙڪ | اوڙڪا | اوڙڪ | اوڙڪان | اوڙڪين | اوڙڪانئو |
| جَنگُل | جنگل | جنگِل | جنگلا | جنگل | جنگلان | جنگلين | جنگلانئو |

### ٽيون گردان واحد:

واحد: ساڳيو حالت فاعليءَ جي جمع جيان حالت مفعوليءَ جو واحد ۽ حالت فاعليءَ جو واحد هڪ جهڙا ٿيندا آهن. حالت مڪاني يا تہ ساڳي هوندي آهي جيئن حالت فاعلي يا وري ڪڏهن "اِ" ڳنڍيندي آهي. حالت ندا ۾ "آ" کي حالت مفعولي سان ڳنڍيو آهي.

### جمع:

حالت مفعولي ٺاهڻ لاءِ فاعليءَ ۾ "آن" ڳنڍيو، پر جيڪڏهن حالت فاعليءَ جو جمع "اي" سان هجي تہ پوءِ حالت مفعولي ۾ ان کي ڇوٽو ڪندا آهن. حالت مڪانيءَ ۾ وري "اين" يا "اِين" ملائيندا آهن. حالت ندا لاءِ حالت مفعوليءَ جي پڇاڙي ۾ "او" يا "هو" ملائيندا آهن. جيڪڏهن حالت فاعلي جمع جي آخر ۾ "آن" هجي تہ پوءِ حالت مفعوليءَ جي پڇاڙي واري "آن" کان اڳ "وَ" جو اضافو ڪندا آهن.

**واحد**

| | |
|---|---|
| حالت فاعلي | گهوڙا |
| حالت فاعلي متعدي مجهول واري | گهوڙي |
| حالت مفعولي | گهوڙا، گهوڙي نون |
| حالت سببي (مربوط) | گهوڙي |
| حالت سببي (غير مربوط) | گهوڙي-نال |
| حالت مفعولي ثاني | گهوڙي نون |
| حالت جري | گهوڙئيون، گهوڙي-ئون وغيره |
| حالت اضافت | گهوڙيدا |
| حالت مڪاني (مربوط) | (گهوڙي) ([1]) |
| حالت مڪاني (غير مربوط) | گهوڙي-وچ |
| حالت ندا | گهوڙيئا |

**جمع**

| | |
|---|---|
| فاعلي | گهوڙي |
| فاعلي متعدي مجهول واري | گهوڙئان |
| مفعولي | گهوڙي، گهوڙئيان نون |
| سببي (مربوط) | گهوڙي |
| سببي (غير مربوط) | گهوڙيئان-نال |
| مفعولي ثاني | گهوڙيئان نون |
| جري | گهوڙئانيون، گهوڙيئان-ئون وغيره |
| اضافت | گهوڙئان دا |
| مڪاني (مربوط) | گهوڙين |
| مڪاني (غير مربوط) | گهوڙئان-وچ |
| ندائي | گهوڙئان هو |

**صفتون:**

صفت ڪنهن بہ اسم جي جنس،عدد ۽ حالت سان لڳندي آهي. هيٺ سر جيمس ولسن جي گرامر مان چونڊيل مثال ڏجن ٿا.

---

[1] صرف ڪن لفظن ۾ ايئن استعمال ٿيندي

واحد:

| مونث | مذڪر |
|---|---|
| چڱگي گهوڙي<br>چڱگئان گهوڙئان دا | چڱگا گهوڙا<br>چڱگي گهوڙيدا |

مونث:

| مونث | مذڪر |
|---|---|
| چڱگيئان گهوڙييئان<br>چڱگيئان گهوڙيئان دا | چڱگي گهوڙيدا<br>چڱگي گهوڙيدا |

جنسن جي بناوت ۽ صفتن جي ڦيرن جو نمونو ساڳيو اسمن وارو آهي.

پيٽ ڪرڻ لاءِ "نالون" يا "تون" کي ان اسم جي پٺيان لڳائيندا آهن جنهن سان پيٽ ڪرڻي هجي، جيئن:

"اُس۔ نالون چڱگا هي" (هي هُن کان چڱو آهي)

"اِ هيٺان۔ تون چڱگا هي (هي سيني کان چڱو آهي)

"ايرا" پڇاڙيءَ صفت سان ڳنڍي وڌيڪ يا بهتر واري معنيٰ ظاهر ڪئي ويندي آهي. اهڙيءَ ريت چڱگا (چڱو) (چڱ گيرا) (چڱيرو) معنيٰ اڃا چڱو.

لفظن جي فهرست ۾ ڪي انگ ڏنل آهن. باقي ٻيا سر جيمس ولسن جي گرامر ۾ ڏسي سگهجن ٿا. انهن مان ڪيترا پنجابيءَ ۾ هلندڙ صورتن کان مختلف آهن ۽ سنڌيءَ جي انگن سان وڌيڪ ويجها آهن.

ڪن انگن کي مفعولي شڪل آهي، جيڪا اهي ان وقت اختيار ڪندا آهن، جڏهن اسم بہ مفعولي حالت ۾ هجي ۽ انهن جي پختي شڪل هوندي آهي، جيڪا اسم ڪيڏڻ ڇڏڻ جي باوجود اهي قائم رکندا آهن. اهي آهن:

| پختي شڪل وارا | | عام | |
|---|---|---|---|
| مفعولي | فاعلي | مفعولي | فاعلي |
| دوهان | دوهين | دوئان | دوئين |
| ترئهان | ترئتي/ترائهي | تريئان | ٽرئہ |
| چاوانهان | چاري | چئون | چار |
| پڇان | پڇي | پنجان | پنج |
| ڏهان | دئهي | داهان | ڏهہ |

| جمع: | ويجهو | ڏُور |
|---|---|---|
| حالت فاعلي | ا، اهِ، نهہ، ان | او، اوهہ، اُن |
| متعدي مجهول واري فاعلي | انّهان (زورائتو) اناهان | اُنهان (زورائتو) اُناهان |
| اضافت | آنهان دا | اُنهان دا |
| مفعولي | انهان | اُنهان |
| مفعولي ثاني | آنهان نون | اُنهان نون |
| پڇاڙيون | ــ ني | ــ ني |

لهندا ۾ سنڌيءَ ۽ ڪشميريءَ جيان ضميري پڇاڙين جو استعمال ٿئي ٿو. ڪشميريءَ ۾ اهي صرف فعلن سان لڳائيندا آهن، جڏهن تہ لهندا ۽ سنڌيءَ ۾ اهي اسمن ۽ فعلن سان لڳنديون آهن. اهي بلڪل فارسي يا عبرانيءَ واري طريقي سان استعمال ٿينديون آهن، ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ لڳائي سگهجن ٿيون. اسم سان لڳندڙ ضميري پڇاڙيءَ جو مثال آهي "گهر۔ اَم" (منهنجو گهر) ۽ ڪنهن فعل سان لڳندڙ ضميري پڇاڙيءَ جو مثال آهي "مارئہ۔ م" (مون مارئو). مٿي ڏنل جدولن ۾ بہ مون پڇاڙيون ڏنيون آهن. هتي انهن کي ورجايان ٿو پر ڪجهہ مختلف شڪلين سان تہ جيئن حوالو ڏئي سگهجي. انهن کي ٻن گروهن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

۔اهي جيڪي صرف حالت فاعليءَ ڏانهن اشارو ڪن ۽ ٻيون اهي جيڪي ڪنهن بہ حالت سان لاڳو ٿين، جنهن ۾ حالت فاعلي بہ اچي وڃي.

(الف) حالت فاعليءَ جون پڇاڙيون:

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم | ــ م | ــ س |
| ضمير حاضر | ــ اين | ــ ــ |
| ضمير غائب | ــ | |

(ب) ڪنهن بہ حالت جون پڇاڙيون:

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم | ــ م | ــ سي، آهسي |
| ضمير حاضر | ــ اي،اون۔اُو۔اُون | ني،نهي۔انهي |
| ضمير غائب | ــ س | ــ ني |

ــ "آهسي" کي "آهس" سان منجهائڻ نہ گهرجي (جنهن جي معني آهي اسين هئاسين)، نہ وري (نهي) کي "نيهي" سان منجهائجي (جنهن جي معني آهي "تون ڪونہ آهين"). اهو نوٽ ڪريو تہ "ــ س" فاعلي حالت جي متڪلم ۽ هر

ڪنهن حالت جي ضمير غائب واحد جي نشاني آهي، ۽ "-ني" پنهنجي ضميرن حاضر ۽ غائب جمع سان لڳي سگهي ٿي. ٻ واري سري هيٺ آيل سڀ پڇاڙيون ڪنهن به جنس يا حالت لاءِ اچي سگهن ٿيون. اهو ممڪن آهي ته جڏهن به يا ٻن ڪان وڌيڪ صورتون هجن ته هڪڙي هڪ حالت ڪي ته ٻي ٻيءَ حالت ڪي ظاهر ڪندي، پر پنهنجي جو فرق گم ٿي ويو آهي.

اهي پڇاڙيون آ. اِ، اِي ۽ اُ حرف علت جي مدد وٺن ٿيون. ملائيندڙ حرف علت بابت ڄاڻ لاءِ مون ڪو قاعدو معلوم ڪو نه ڪيو آهي. هتي آءُ مثال ٿو ڏيان (گهٽو ڪري سر جيمس ولسن جي گرامرمان) جن ۾ اسمن سان ضميري پڇاڙيون لڳل آهن. انهن جو فعلن سان استعمال فعل واري حصي ۾ ڏيکاريندس:

**ضمير متڪلم واحد:**

حالت اضافت- "ڪفُري گهَرَم" (يا گهرِهم) معني- "ڪُفري اسان جو گهر آهي".

حالت مفعولي ثاني- "ڪُسم" (يا ڪسِم) معني- "مونکي تپ آهي".

(ڪس معني تپ يا بخار)

**ضمير متڪلم جمع:**

حالت اضافت- "ڪُفري گهَرهَسي" (يا گهر هسي) معني- "ڪُفري اسان جو گهر آهي"

حالت مفعولي ثاني: "ڪُسِي" (اسان کي بخار آهي)

**ضمير حاضر واحد:**

حالت اضافت: "ڪي نان ئي"؟ معني- "تنهنجو نالو ڇا آهي"؟ (نان=نالو)

حالت مفعولي ثاني: "ڪسيئي؟" معني- "ڇا توهان کي بخار آهي؟".

**ضمير حاضر جمع:**

حالت اضافت: "ڪي نان ني؟" معني- "توهان جو نالو ڇا آهي؟"

"ڪهڙا شوهُر نهي؟" معني- "ڪهڙو ڳوٺ يا شهر اٿئي؟"

"ڪفُري گهرني." معني- "ڪفري تنهنجو گهر آهي."

حالت مفعولي ثاني: "ڪسينِهِي؟" (يا ڪسينهي) معني- "ڇا توهان کي بخار آهي؟"

**ضمير غائب:**

حالت اضافت: "ڪي نانُس؟" معني- "هن جو نالو ڇا آهي؟"

"ڪفري گهرُس" معني- "ڪفري گهر اٿس."

حالت مفعولي ثاني: "ڪسُس" (يا ڪسِس) معني- "هن کي بخار آهي."

**ضمير غائب جمع:**

حالت اضافت: "ڪهڙا شوُهُرني؟" معني- "هنن جو ڪهڙو ڳوٺ (يا شهر) آهي؟"

"ڪُفري گهرني" معني- "ڪفري سندن گهر آهي."

**حالت مفعولي ثاني:**

"ڪسني" (يا ڪسيني) معني- "هنن کي بخار آهي."

مٿيان مثال ڏيکارين ٿا تہ لهندا ۾ ضميري پڇاڙيون اسمن سان ڳنڍيجن ٿيون. اهي اهو بہ ڏيکارين ٿيون تہ جنهن حالت ۾ بہ اهي ڳنڍيجن ٿيون تہ پلي ڪٿي اهي اضافت واري مفهوم کي ظاهر ڪن تہ بہ اصل ۾ اهي سڀ مفعول ثانيءَ واري ملڪيت هونديون آهن. ان ڪري "ڪفري گهرم" (ڪفري منهنجو گهر آهي) جو اصل مطلب آهي "ڪفري مون لاءِ گهر آهي."

هڪ ٻيو نڪتو بہ توجهہ طلب آهي سو اهو تہ هر هڪ مثال ۾ هڪ فعل مهيا ڪيو وڃي ٿو جيئن "ڪفري مون لاءِ گهر آهي" يا "بخار مونکي آهي" وغيره. اصل ۾ جڏهن اهي پڇاڙيون اسمن سان ڳنڍيجن ٿيون تہ انهن ۾ فعل موجود هوندو آهي. ان ڪري "گهرم" معنيٰ "مون لاءِ گهر" ۽ "گهرِهم" ۾ "هم" اصل ۾ ڪنهن فعل جو ضمير غائب واحد آهي جنهن ۾ ضمير متڪلم جي پڇاڙي لڳل آهي، "هي" معنيٰ (there is) "هتي آهي" ۽ "م" معنيٰ مون کي آهي (اٿم). ساڳيءَ طرح "هسي" پڻ آهي جيڪو "گهرهسي" ۾ ٿيو "اسان لاءِ آهي" (اٿئون). ايئن ئي "اِسي" "ڪسسي" ۾ ساڳئي مفهوم ۾ استعمال ٿئي ٿو چو تہ اهو "هسي" جو ڦريل روپ آهي. ايئن وري "ڪسئي" ۾ "ائي" اصل ۾ "هئي" جو گهٽايل روپ آهي، جنهن جو مطلب آهي "تو لاءِ آهي" (اٿئي). "ڪينيهي" ۾ "اينيهي" پڻ اصل ۾ "هينهي" جو ٻيو روپ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "توهان لاءِ آهي". (اٿو). آخرڪار "ڪسٹ" ۾ صرف "س" ضميري پڇاڙي اسم "ڪس" سان لڳل آهي جن جي وچ ۾ "اُ" حرف علت اچي وڃي ٿو اهڙيءَ طرح ان لفظ جي معنيٰ ٿئي ٿي "هن لاءِ/ کي بخار" (بخار اٿس). هن ۾ فعل سمجهہ ۾ اچي ٿو جڏهن تہ "ڪسسِ" اصل ۾ "س- هِس" جو ٻيو روپ آهي جنهن ۾ "هِس" برابر آهي. "هي"+"س" جو جنهن جي معنيٰ ٿئي ٿي "هن کي آهي" (اٿس).

**ضمير موصول** آهي "جِهڙا" (جو/جيڪو) ۽ ان جي مفعولي واحد حالت "جِس" يا "جٹن" جيڪو جمع ۾ "جِن" ٿيو وڃي، سواليہ ضمير آهي "ڪَوڻ" (ڪير) جنهن جو مفعولي واحد "ڪيٹن" (ڪنهن) ۽ عام سوال ٻي جان لاءِ "ڪي" (ڇا) ٿيندو آهي. مفعولي واحد "ڪسِ" (ڪنهن) بہ اٿس. جڏهن ان کي صفت وانگر استعمال ڪبو تہ "ڪهڙا" بہ ٿهندو.

**ضمير مبهم** آهي "ڪوئي" (ڪو بہ/ڪير بہ) فاعلي واحد مونث ۾ "ڪائي" ٿي ويندو آهي ۽ ٻي جان لاءِ "ڪجهہ". حالت مفعولي واحد ٽنهي جنسن سان ٿيندو" ڪهين" يا "ڪِسي". ان مان مذڪر ۽ مونث جمع ٿيندا "ڪيئِي" جنهن جو جمع "ڪِناهان" ٿهندو.

## فعل:

### (الف) معاون فعل ۽ خالص فعل

خالص فعل جون زمان حال ۾ ٽي صورتون هونديون آهن: هڪ مڪمل، هڪ گهٽايل يا ڇوٽي صورت ۽ هڪ تفصيلي صورت. جيئن:

**زمان حال- آءٌ آهيان** (I am) وغيره.

| واحد | | | جمع | | |
|---|---|---|---|---|---|
| مڪمل صورت | ڇوٽي صورت | تفصيلي صورت | مڪمل صورت | ڇوٽي صورت | تفصيلي صورت |
| هان (آهيان) | "آن" | آها | هان/هئن (آهيون) | آنهہ | آهان |
| هين (آهين) | اين | اهين | هو (آهيو) | او | ايهو |
| هي (آهي) | اي (وي) | آهي | هِن (آهن) | اِن | ايهن |

**معروف فعل:**

ڌاتو۔"مار"

اسم حاليہ۔"ماريندا"

اسم مفعول۔"مارئا"

اسم استقبال۔ مجهول "مارئا"

اسم عطف ماضي معطوفي (ڳنڍيندڙ ڪردنت) "مار"، "ماري"، مار۔ ڪي

مصدر۔ مارڻ

فعلي اسم۔ مارنا

(ڪم ڏيڪاريندڙ اسم)

متعدي مجهول جو اسم۔مارڻالا يا مارڻيئالا (مارڻ وارو)

رايو: اسم حاليہ: جيڪڏهن فعل لازمي هجي ۽ ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ ۾ حرف صحيح هجي تہ پوءِ اسم حاليہ ٺاهڻ لاءِ ڌاتوءَ ۾ "دا" ڳنڍيندا آهن. جيئن "مر" مان "مردا" (مرندو) نڪل "۔"نِڪلدا" (نڪرندو). ٻي قاعده ۾ وري آهي "وڃ" جنهن مان "وَئيندا" ٺهندو آهي.

اهڙا لازمي فعل جن جي پڇاڙيءَ ۾ حرف علت هجي تہ "هہ" هجي تہ انهن جي ڌاتوءَ ۾ "ندا" ڳنڍيندا آهن. جيڪڏهن بنيادي حرف علت "آءِ" هجي تہ اهو "د" ۾ متجي ويندو۔مثلاً :

| ڌاتو | اسم حاليہ |
|---|---|
| ماري | ماريندا (ماريندو) |
| لهہ | لهندا (لهندو) |
| پئہ | پوندا (پوندو) |
| سنئہ (سمهہ) | سوندا (سمهندو) |
| (ڏيان ۾ رکو) آ | آندا يا آئـندا (ايندو) |
| جيِ | جيندا يا جيئُندا (جيئندو) |
| هو | هُندا (هوندو) |

گهڻا متعدي فعل اسم حاليہ ٺاهڻ لاءِ "ايندا" پڇاڙي ڌاتوءَ سان ڳنڍيندا آهن جنهن سان بنيادي حرف علت کي ممڪن حد تائين ڪمزور ڪري ڇڏيندا آهن. جيڪڏهن ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ ۾ "آ" هجي تہ اها "آ" حذف ٿي ويندي آهي ۽ "ائندا" يا "ايندا" مان ڪا هڪ پڇاڙي ڳنڍبي آهي.

| اسم حاليہ | ڌاتو |
|---|---|
| ڪريندا (ڪندو) | ڪر (هيٺ بہ ڏنل آهي) |
| مريندا (ماريندو) | مار |
| سڙيندا (ساڙيندو) | ساڙ |
| ديندا (ڏيندو) | دي |
| وچيندا (وڪڻندو) | ويچ |
| ٿُريندا (هلائيندو) | ٿور (هلاءِ) |
| ڇُڙيندا (ڇڏيندو) | ڇوڙ |
| مُريندا (موڙيندو) | موڙ |
| پوئيندا (پياريندو) | پوا (پيار) |
| پڄئندا (پڄائيندو) | پڄا |
| اپڙئندا (پهچائيندو) | آپڙا |
| سئندا (پسائيندو) | (ڏيان ۾ رکو) سي |
| كاندا يا ڪَئندا (كائيندو) | كا |
| گهنيدا (گِنهندو) | گهن |
| پيندا (پيئندو) | پي |

ڪي متعدي فعل بہ "دا" پڄاڙي لڳائيندا آهن. مثلاً :

| | |
|---|---|
| ڪردا يا ڪريندا (ڪندو) | ڪر (مٿي بہ ڏنل آهي |
| ڪيدا يا ڪيريندا (ڪيندو) | ڪيِ |
| ويكدا (ڏسندو) | ويک |
| آهدا (چوندو) | (ڏيان ۾ رکو) آک |

زمان حال مطلق ۾ اسم حاليہ وارو "ندا" يا "دا" گهٽو ڪري "نا" ۾ بدلجي ويندو آهي. ان نموني "ڪريندا هان" "ڦري" "ڪرينا" تي پوندو آهي.

اسم حاليہ فعل (ڪم) وارو اسم تي ڪتب ايندو آهي ۽ حالت مڪانيءَ ۾ "ائان" پڄاڙي لڳندي اٿس. اهڙيءَ طرح "ميري آئندئان موئنا" معنيٰ "ايندي ئي مئو" مطلب تہ "جيئن ئي آءُ آيس."

**اسم مفعول:**

هي عموما ڌاتوءَ ۾ "ائا" ملائڻ سان ٺهندو آهي. اهڙي نموني "مارِئا" معنيٰ مارئو ـ ڪي متعدي فعل صرف "آ" ڳنڍيندا آهن جيئن:

"ڇُٽ" (ڇج) اسم مفعول اٽس ڇُٽا ـ يا وري

"بُڌ" (ٻُڌ) اسم مفعول اٽس "بُڌا"

"ڍي" (be given) اسم مفعول "ڍيئا"

ڪيترائي فعل بي قاعده اسم مفعول ٺاهين ٿا. هيٺ ڏنل فهرست جا گهڻا لفظ سر جيمس ولسن جي گرامر مان ورتل آهن. جيڪو اها دعوي نٿو ڪري تہ ڪو اهو مڪمل آهي.

| ڌاتو | اسم حاليہ |
|---|---|
| رئهہ | رئها (رهيو) |
| ڀان | ڀئو نوئا (ڀريو) |
| جَمر | جائئا (جائو) |
| مر | موئئا (مئو) |
| ڀڻ | ڀيئا (ڀيو) |
| لَٿہ | ليئا (ورتو) |
| وڃ | گيئا (ويو) |
| ٻٿهَ | ٻٿا (وينو) |
| ڀيهہ | ڀيٺا (ڀيٺو) |
| ڪوهہ | ڪُٺا (ڪُٺو) |
| ڊٺ | ڊِٺا (ڍٺو) |
| نس | نَٺا (ڀڳو) |
| وس | اُٺا (وٺو) |
| ويک | ڊِٺا (ڏٺو) |
| ڪر | ڪيتا (ڪيو) |
| ڪلو | ڪلوتا (بيٺو) |
| جاڻ | جاتا (جاتو) |
| جو (yolk) | جُوتا |
| ڌا (وهنج) | ڌاتا (وهنتو) |
| نها (وهنج) | ناتا (وهنتو) |

| | |
|---|---|
| نڪل | نختا ([1]) (نڪتو) |
| پي | پيتا (پيتو) |
| وڃا | وَڃاتا (وڃايو) |
| سي يا سيهڙ | سيتا (سبيو) |
| سڃاڻ | سڃاتا (سڃاتو) |
| سياڻ | سئاتا (سڃاتو) |
| دي | دتا (ڏنو) |
| ڪما | ڪماتا (ڪمايو) |
| لم | لتا (لتو) |
| مُڄ | مُتا (موڪليو) |
| سنئ | سُتا (ستو) |
| تپ | تتا (تتو) |
| گهُس | گهُتا (گُتو) |
| لٺھ | لٿا (لٿو) |
| کا | کادا، کاڏا (کاڌو) |
| بنھ | بڌا (ٻڌو) |
| ڊُپ (ڏُپ) ڊگهيءَ لاءِ) | ڊڏي (مونث) ڏڏي) |
| گُنھ | گُڏا (ڳُتيو/ڳُتي) |
| لپ | لڌا (لڌو) |
| ڪرُما | ڪُرماٺا (ڪوماٺو) |
| وڪ | وڪاٺا (وڪاٺو) |
| آڻ | آندو (آندو) |
| پُڄ | پُنا (پنو/پڳو) |
| پڄ (break) | پانا (پڳو) |
| پڄ (run) | |
| سِڄ | سِنا (پِنو) |

**مصدر:**

مصدر ناهڻ لاءِ ڌاتوءَ ۾ "اُڻ" ملائيندا آهن. يا وري جي ڌاتو ڪنهن حرف علت تي ختم ٿئي ته پوءِ "وُڻ" ڳنڍيندا آهن. اهڙي طرح:

---

[1] هتي "خ" جو اکر اصل هندستاني لفظ ۾ ڏسجي ٿو.

**امر:** ضمير حاضر واحد ۾ ساڳيو ڌاتوءَ جهڙو آهي: ايئن "مار"-تون مار ۽ "آ"-تون اچ آهي.
ضمير غائب جمع ٺاهڻ لاءِ "او" يا "هو" کي ڌاتوءَ سان ڳنڍيو آهي. ايئن "مارو" (ماريو) "آئو" (اچو) "ديهو" (ڏيو) ڏُرهو (هلو) وغيره ٺهن ٿا.
بي قاعدي آهن.

| ضمير حاضر غائب | ضمير حاضر واحد | ڌاتو |
|---|---|---|
| ويجو (وڃو) | وڃ يا جاهہ | وڃ |
| ليهو | لوهہ | لئهہ |
| پئُٿو | پوٿ | پٿہ |

احترام وارو امر (نيازي) ٺاهڻ لاءِ ڌاتوءَ سان واحد لاءِ تہ "اين" ۽ جمع لاءِ "اِٿاهي" لڳائبي. پوئين جي ڪري ڌاتوءَ وارو حرف علت ننڍو ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن ڌاتو ڪنهن حرف علت تي ختم ٿيندو هجي تہ پوءِ پڇاڙيءَ ۾ "وين" ۽ "ويٿاهي" ملائڻا پوندا آهن-مثلاً:

**احترام وارو امر (نيازي)**

| ضمير حاضر غائب | ضمير حاضر واحد | ڌاتو |
|---|---|---|
| اُٿئاهي | اُٿين | اُٿ |
| مارٿاهي | ماري | مار |
| آوٿاهي | آوين | آ |

هڪ غير شخصي امر ٺاهڻ لاءِ "ايٿي" پڇاڙي ڌاتوءَ سان ڳنڍيندا آهن. جيئن "ماريٿي" (مارجي) "ڪي آڪيٿي" (ڇا چئجي). بي قاعدي مثال آهي "ڪي ڪيچي؟" (ڇا ڪجي؟).
زمان مستقبل لاءِ خاص اکر "س" آهي. هن زمان جو ڦيرو هن ريت آهي:

**زمان مستقبل- آءٌ ماريندس. وغيره**

| واحد | جمع |
|---|---|
| مريسان | مرساهان. مارسانهہ |
| مريسين | مريسو |
| مريسي | مريسن |

لازمي فعلن ۾ ڌاتوءَ وارو حرف علت (مثي جيان) ٻئي پد کان پهرين ننڍو ٿي ويندو آهي.

ساڳي طرح ماضي قريب ۾ معاون فعل عام طرح اسم مفعول سان گڏجي وڃي ٿو. ايئن "گيئان" (ويو آهيان) "آئٿان" (آيو آهيان) "آئن" (آيا آهن).

**ضميري پڇاڙيون انهن سڀني زمانن سان لڳنديون آهن. مثال طور هيٺ ڏسو:**

**(ب) مجهول صيغو (Passive Voice):**

ڪنهن فعل جو ڌاتو "اِي" لڳائڻ ۽ سندس حرف علت گهٽائڻ سان مجهول بڻجي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح "مار" مان "مري" ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ "آ" تي ختم ٿئي ته اها "اِي" ۾ بدلجي ويندي آهي. جيئن "پرنا" (پرڻو) مان ڦري "پرني" ٿيندو آهي. هيٺ ڏنل مجهول ڌاتو (ٻين گهڻن مان) بي قاعدي ٿين ٿا. (بالواسطہ لاءِ ڏنل مثال ڏسو).

| مجهول | معروف |
|---|---|
| ڊِي | دي (ڏي) |
| ڪاج | ڪا (ڪا) |
| گهج | گهن (وٺ) |
| سيج | سي (گهم) |
| سڙ | ساڙ (ساڙ) |
| اُڙهہ | واهہ (ڪيڙ) |
| تپ | تا |
| سيپ | سي (سبہ) |
| ڊُپ | ڊوهہ (ڏُهہ) |
| پيس | پيهہ (پيهہ) |
| کُس | کوهہ (کَس) |
| ڦِس | ڦي (ڦِهہ) |

هاڻي مجهول ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ "اِي" ٿيڻ ڪانپوءِ ان جو متصل ڦيرو ساڳيو معروف فعل وارو ٿيندو. ان ڪري "مريسان" معنيٰ مارجندس- يا وري مجهول ڌاتو بدلجندو ڪو نہ بلڪ "وڃ" فعل جي مختلف زمانن جي اڳياڙي طور ڪم ايندو ويندو. جيئن "مري-وئسان" معنيٰ "مارجي ويندس"- "مري گئيئي" معنيٰ "مارجي ويا" وغيره.

**بالواسطہ فعل:**

ڪنهن متعدي فعل جي بالواسطہ جي سببي معنيٰ ٿيندي آهي جيئن "مار" مان "مرا" (ما راءِ) معنيٰ مارڻ جو سبب بڻج- ڪنهن لازمي فعل جي بالواسطہ جي پڻ ساڳي سببي معنيٰ ٿي سگهي ٿي.جيئن "پچ" (پچ) مان "پچا" (پچاءِ) پچڻ جو سبب ٿي. ان کان سواءِ انهيءَ جا ڪا عام متعدي واري معنيٰ بہ ٿي سگهي ٿي مثلاً : چڙ (اُٿ) ۽ "چا" (اُٿار/ ڪڻ).

بي قاعدي جا مثال

| | |
|---|---|
| ڊس (be seen) | ڏس (ڏس (point out) |
| نکرّ (separate) | نکيڙ (متعدي نکيڙ separte |

ب: ڪي فعل آخري حرف صحيح کي بدلائيندا آهن۔ جيئن:

| | |
|---|---|
| پچ | پن (پچ (متعدي) |
| ٻجهہ (be fastened) | ٻنهہ (ٻڌ) |
| ڀاٽ (ڦاٽ) | ڀاڙ (ڦاڙ) |
| پِس | پيهہ (پيها) |

پ: هيٺين مثالن ۾ آخري حرف صحيح کي ختم ڪيو ويو آهي پر گهٽو ڪري بنيادي حرف علت ۾ تبديليءَ سان.

| | |
|---|---|
| کاج | کا (کاءِ) |
| ڊُڪ | ڊو (ڊوءِ) |
| تپ | تا (تپاءِ) |
| ڦس | ڦي (ڦها) |
| لَگ | لا (لاءِ/لڳاءِ) |
| سِج | سي (گِهم) |
| سيِپ | سيِ (سبَ) |

ت: هيٺين مثالن ۾ نہ صرف بنيادي حرف علت بدلجي ٿو بلڪ آخري حرف صحيح بہ بدلجي ٿو.

| | |
|---|---|
| وڪ | ويچ (وڪڻ) |
| ڇُٽ | ڇوڙ (ڇڏ) يا ڇڊ |
| ٽُرٽ | ٽروڙ (ٽوڙ) (متعدي) |
| ٻڊ | ٻوڙ (ٻوڙ) |
| مٿ | موهہ (مٺاءِ) |
| ڊُپ | ڊوهہ (ڏُهہ) |
| ڦس | ڦاهہ (ڦاساءِ) |
| کُس (be seized) | کوهہ (جهلاءِ) |
| رهِہ | رک (رک) |

**حالت مفعولي ثاني:**

"پُتر جمائس" (جمثا+اُس) ـ پٽ ڄائو اٿس.

" ڌي جمئيس" (جمي+اس) ـ ڌيءَ ڄائي اٿس.

"ڳسس" (ڪسي+هي+اس) ـ بخار اٿس.

"پچا پتلدا هوندس" ـ پٽ پتل جي اٿس.

**ضمير غائب جمع:**

**حالت فاعلي:**

"مئہ مارِثاني" ـ مون ماريا آهن (ماريو اٿمان)

**متعدي مجهول واري**

**فاعلي حالت:**

"مئنون مارثاني" ـ مونکي ماريو اٿن.

"آپس وچ صلاح ڪيتيئون" ـ پاڻ ۾ صلاح ڪئي اٿن.

"جس ويلي زمي پتئوني" ـ جنهن وقت زمين پٽيائون/کوٽيائون

"ساري پتي سيني" ـ سڀ پتا ڏنائون.

**حالت مفعولي ثاني:**

"ڪسني" (ڪس+هي+ني) بخار اٿن.

ڪڏهن ڪڏهن ٻئي ضميري پڇاڙي بہ استعمال ٿيندي آهي جيئن "ريئيٺا ڏتيمُس" مون هن کي ريبيو ڏنو (م ۽ س پڇاڙيون) ان کي ڪشميريءَ واري "دتُمس" (مون هن کي ڏنو) سان ڀيٽي ڏسو.

# شاهپور جي لهندا

مٿي ڏنل گرامر جو خاڪو شاهپور واري دوآبي ۾ ڳالهائجڻ واري لهندا جو آهي. ڪنهن بہ قسم جو نقل يا "خرچائو پٽ" واري نقل جو نمونو اتان هٿ نہ ڪري سگهياسين. ان ڪري نموني لاءِ سر جيمس ولسن جو گرامر مان هڪ لوڪ ڪهاڻي هتي ڏيندس. ان ۾ ملندڙ سيئي صورتون پوين صفحن ۾ سمجهايل آهن پر جيڪڏهن ان کي پڙهڻ ۾ ڏکيائي ٿئي تہ پوءِ سر جيمس ولسن واري ڪم کي ڏسي سگهجي ٿو ڇو تہ هن ۾ سمجهاڻيون ڏنيون ويون آهن. سر جيمس ولسن جي صورتخطي (ملهن) کي هتي ٿورو بدلايو ويو آهي تہ جيئن هن جائزي لاءِ اختيار ڪيل صورتخطي وارن ملهن سان ٺهڪي اچي.

**هند آريائي خاندان** — **اتر - الهندو گروهہ**

**لهندا يا مغربي پنجابي**

**(سرجيمس ولسن-ڪي سي ايس آءِ)**

اگلي ويلي مصر دا هڪ باتشاه آها
ترجمو: اڳئين وقت مصر جو هڪ بادشاه هو
اس دي ترئہ پُتر آهن،خدا دي مرضي اچي
ترجمو: هن جا ٽي پٽ هئا، خدا جي مرضي ايئن
آهي،او وڏا بيمار
ترجمو: ٿي، او وڏا بيمار
هوئيا توڑي حڪيمان اس دا دارو دوا
ترجمو: ٿيو توڙي حڪيمن هن جو دارو دوا
دل-نال ڪيتا، پر اس دا بچڻا نظر نہ آئنا
ترجمو: دل سان ڪيو پر هن جو بچڻ نظر نہ آيو
اوڑڪ باتشاهہ دهاڑي دهاڑي اپڻا گهٽدا حال
ترجمو: آخرڪار بادشاهہ روز روز پنهنجو گهٽجندڙ حال
ويک-ڪي جاتئوس، "بچدا ناهان" نالي
ترجمو: ڏسي ڄاتائين، "بچندس ڪو نہ" ان ڪان سواءِ
ملڪ-وچ رَولا ويک-ڪي اپڻي ترئهان پتران نون
ترجمو: ملڪ ۾ رولو ڏسي، پنهنجي ٽنهي پٽن کي
سدائئوس، وَت اُنهان نوں آکئوس چوڙان

ترجمو: زمين تي هٽندو آهي. ان جو نشانيون

زمي-تي لڳ-وئندٿان ("وئندٿان-هن" لاءِ)

ترجمو: زمين تي لڳي وينديون آهن.

راهہ-تي ٻهون جاگهي مانءِ ڏٺا جي اٿ دي

ترجمو: رستي تي گهڻين جڳهين تي مون ڏٺو تہ اٿ جي

ٻٿهڻ ("ٻٿهڻ" لاءِ) دٿان سارٿان نشانٿان

ترجمو: ويهڻ جون سيئي نشانيون

زمي-تي موجود ان. پر پچلُدي نشاني زمي-تي

ترجمو: زمين تي موجود آهن، پر پڇ جي نشاني زمين تي

نهن. اس گلون مانءِ جاتا، اُٺ لُنڊا اي "

ترجمو: ڪانهي. ان ڳالهہ مان ڄاتم تہ اٺ لنڊو آهي."

قاضي شهزادٿان دٿان اهہ گلان سڻ-ڪي

ترجمو: قاضي شهزادن جون اهي ڳالهيون ٻڌي

اُنهان دي عقل تي دانائي نون سلاهئوس

ترجمو: سندن عقل ۽ دانائيءَ کي ساراهيو

تي اُنهان نون چنگي عزت نال اپڻي جاهہ-تي

ترجمو: ۽ انهن کي چڱي عزت سان پنهنجي جاءِ تي

لاٿيئا."

ترجمو: وٺي ويو.

(نوٽ: ڪهاڻي اتي ختم ٿئي ٿي، جيڪي اهو ڄاڻڻ ٿا چاهين تہ گم ٿيل لعل ڪيئن مليا انهن کي هن جائزي جو جلد نائون,ڀاڱو پهريون,ص 442 ڏسڻ گهرجي.)

# جهنگ ۽ لائلپور جي لهندا

شاهپور جي يڪدم ذڪر ڪرڻ-اوپر ۾ جهنگ ضلعو آهي، جنهن جي اوپر ۾ ضلعو لائلپور پوي ٿو. انهن ٻنهي کي هن جائزي ۾ هڪ ڪري ڪٿنداسين[1]. سواءِ ڪن ننڍڙين ڳالهين جي هنن جا لهجا ساڳيا شاهپور وارا آهن. لائلپور ۾ وڏي ڪئنال ڪالوني ٺهڻ ڪري صوبي جي ٻين حصن مان ڏهن لکن کان وڌيڪ پنجابي ڳالهائيندڙ اچي رهيا آهن، جن جي ڪري هڪڙو گاڏڙ لهجو ٺهي پيو آهي، جنهن ۾ اڌ پنجابي آهي ته اڌ لهندا ڳالهائيندڙ جن جو تعداد 48000 کان وڌيڪ آهي، لهندا جو جيڪو لهجو عام طرح هنن ٻن ضلعن ۾ ڳالهائجي ٿو ان کي گهڻو ڪري "جٽڪي" چوندا آهن پر ٻيا به ڪيترا ننڍا لهجا پڻ سڃاڻجن ٿا. جيڪي هيٺ ڄاڻايل آهن. هر هڪ جي معاملي ۾ مون 1891ع واري آدم شماريءَ واري ڪٿ موجب انگ اکر ڏنا آهن.

| | |
|---|---|
| جٽڪي | 254,224 |
| پنجابي | 48,038 |
| جانگگلي | 30,687 |
| چناواڙي | 73,479 |
| نسواني | 9,432 |
| ڪڇڙي | 17,972 |
| ٿلوچڙي | 2,948 |
| ڪل تعداد | 436،780 |

1911ع واري آدم شماري ۾ جهنگ ضلعي جي لهندا ڳالهائيندڙن جو تعداد 485,785 ڄاڻايل آهي، ۽ لائلپور ۾ 224,886 ٻڌايل آهي، پر 1891ع ۾ جهنگ جي آبادي 436,841 هئي جڏهن ته 1911ع ۾ جهنگ ۽ لائلپور جي گڏيل آبادي 1,373,237 هئي. آباديءَ ۾ ايتري گهڻي واڌ جو سبب چناب ڪئنال ڪالونيءَ ۾ لڏي آباد ٿيلن جي موجودگي آهي. انهيءَ ڪري انگ اکرن جي ڀيٽ ڪرڻ ممڪن ڪونهي.

مٿين لهجن مان "جٽڪي" ٻنهي ضلعن ۾ ڳالهائجڻ واري عام لهندا آهي، سواءِ هيٺ ذڪر ڪيل لهجن جي. "پنجابي" ۽ "جانگگلي" لائلپور سان تعلق رکن ٿيون. "پنجابي" اهو گاڏڙ لهجو آهي جنهن جو مٿي ذڪر ڪيوسين. جانگگلي انهن خانہ بدوش قبيلن جي ٻولي آهي جيڪي ڪئنال ڪالونيءَ جي تعمير کان اڳ ۾ جنگل بار ۾ گهمندا رهندا هئا. ۽ هاڻي پختن حقن سان آباد ٿي ويا آهن. چناواڙي جهنگ ۾ چناب جي ڪپن تي ڳالهائي ويندي آهي، ۽ جٽڪيءَ جهڙي آهي، ان ڪري ان جو ڌار ذڪر ڪرڻ ضروري ڪونهي. ٿالي جي اچار لاءِ پوين صفحا ڏسو.

---

[1] لائلپور کي جهنگ کان 1904ع ۾ ڌار ڪيو ويو هو ان کان اڳ ۾ هن جائزي لاءِ مواد ڪٺو ٿي چڪو هو هاڻ لائلپور جو نالو فيصل آباد آهي.

احترام وارو امر (نيازي) ضمير متڪلم سان هنن لفظن ۾ استعمال ٿئي ٿو "ٻهَوِيي" (ويهو)، "ڪريي" (ڪريو)، "کاويي" (کائو)، "پيويي" (پيو).

ٻي قاعدي صُورتن ۾ عجيب صورت آهي "دتڙا" ('دتا' پڻ چون) معنيٰ ڏنو۔"نڪليڙ" (نڪري).

جهنگ ۾ ڳالهائجڻ واري لهندا جو پهريون نمونو "خرچائو پٽ" واري نقل جو هڪ روپ آهي اهو ٻن شڪلين ۾ اسان کي مليو. هڪ ۾ اهو "جٽڪي" جو ۽ ٻئي ۾ "چناواڙيءَ" جو نمونو ڄاڻايل هو. پر اهي ٻئي شڪليون لفظ به لفظ هڪجهڙيون هيون ۽ ان وقت اهو چيو ويو هو ته اهي ٻئي لهجا به هڪجهڙا آهن.

| | |
|---|---|
| هند آريائي خاندان | اتر-الهندو گروهه |
| لهندا يا مغربي پنجابي | |
| جٽڪيءَ نالي لهجو | جهنگ ضلع |

نمونو-1

هڪ شخص دي دوئين پُتّر هائِن. اُنهان-وچون

ترجمو: هڪ شخص جا ٻه پٽ هئا. انهن مان

نڍي-پُتر پئونون آکيان، "جهڙا مال

ترجمو: ننڍي پٽ پيءُ کي چيو ته "جيڪو مال

ميري-حصّدا هي اوهه مئنون ونڊ دي"

ترجمو: منهنجي حصي جو آهي اهو مون کي ونڊي ڏي"

تدڻ پيئو اُس نون ونڊ-کي دئي-دتا.

ترجمو: تڏهن پيءُ هن کي ونڊي ڏئي ڇڏيو.

اُتي اُس- چوتي-پُتر سارا مال آ ڪٺا ڪر-ليا،

ترجمو: پوءِ ان ننڍي سڀ مال ڪٺو ڪيو.

تي دُور ڪسي-مُلک نون وگ-گيا. اوٿي

ترجمو: ۽ پري ڪنهن ملڪ ڏانهن هليو ويو. اُتي

ونج-کي اپڻا مال خراب ڪر-دت-ٿُس

ترجمو: وڃي پنهنجو مال خراب ڪري ڇڏيائين.

جهڙي ويلي اوهه سارا مال آپڻا کا-پي-چُڪئا

ترجمو: جنهن ويل هو سمورو مال پنهنجو کائي پي چڪو.

اُس-ويلي وڏا ڪال پئه-گيا،تي اوهه ڀُکا

ترجمو: ان ويل وڏو ڏڪار پئجي ويو ۽ هو بکيو

هو-گيا، تي هڪ وڏي-آدمي-ڪول ونج

اڳيان ڏنل لوڪ ڪهاڻيءَ لاءِ آءٌ مسٽر ايم لانگ ورٿ ڊيمس جو ٿورائتو آهيان. هن اها جھنگ جي هڪ زميندار کان 85ـ1884 ۾ ٻڌي محفوظ ڪئي هئي. ٻڌائڻ وارو مسلمان هو ان ڪري هن مواد ۾ فارسي لفظن جي گھٽائي آهي. ان مان جھنگ ضلعي جي گاڏڙ نموني جي پڌرائي پڻ ٿئي ٿي، جيڪو لھندا جو مکيه نمونو هئڻ جي باوجود پنجابي توڙي هندستاني اصطلاحن جو استعمال ڏيکاري ٿو.

هندستاني صورتن جي استعمال جا ڪي مثال آهن. "ڪُڇ" ۽ "ڪجھ" (ڪجھ لاءِ) ٻه صورتون "آدميون" ۽ "آدميان" (ماڻهو لاءِ) جيڪو آدميءَ جو حالت مفعوليءَ واري جمع جو استعمال ڏيکاري ٿو. "هون" ۽ "هان" (آهيان لاءِ) جو استعمال، "هئہ" ۽ "هي" (آهي لاءِ) ، "هَين" ۽ "هن" (آهن لاءِ) "لبون" جو استعمال بجاءِ "ليان" جي (ڳوليان لاءِ) ۽ "ديوين" (ڏيون لاءِ) وغيره وغيره.

ساڳيءَ طرح ان ڳالھ ڏانھن بہ ڌيان ڏئي سگھجي ٿو تہ ڪيترن لفظن ۾ حرف يا اکر ٻٽا (يا تشديد) هئڻ بدران اڪيلا آهن، جيئن "هڪّ" (hikk) بدران "هڪ" (hik) استعمال ٿيل آهي. "ٿسّان" (ٻني س) بدران "ٿسان" استعمال ٿيل آهي. ممڪن آهي تہ اهي صرف صورتخطيءَ جون چُڪون هجن جيڪي لکڻ واري جي شخصي چونڊ سبب هجن. سڀ کان اهم آهي موروثي "ل" جي غير موجودگي، اسمن ۽ ضميرن جي ڦيرن (ڪن هندستاني صورتن جي ورلي ٿيندڙ استعمال کان قطع نظر) جو نمونو شاهپور دو آبي واري لھندا جي ڦيرن وارو آهي. ان ڪري انھن جو ڌار ذڪر ضروري ڪونھي.

فعلن جي متصل ڦيري ۾ بہ شاهپور دو آبي وارو مکيه اصول ڪارفرما آهي پر تہ بہ معياري نموني کان ٿوريون ڪي ڦريل ڳالھيون ملن ٿيون.

فعل جون هيٺيون صورتون ملن ٿيون:

| زمان حال | | زمان ماضي | |
|---|---|---|---|
| **واحد** | **جمع** | **واحد** | **جمع** |
| هان (آهيان) | ............ | ها ـ اوم (شاهپور ـ آهُس) | ............ |
| هئن (شاهپور هين) (آهين) | ............ | ها (مونث هائي) | ............ |
| هي (آهي) | هُن (شاهپور هِن) | (شاهپور آها ـ مونث آهِي) | هائين يا هائِن (شاهپور آهِن) |

هڪ اٽپوري جملي "تيئُون جھنگ سيل ـ وچ پوھُنجا ـ ديوني هائين." (توکي جھنگ سيال پھچائي ٿا ڏيون) ۾ استعمال ٿيل لفظ "ديونا هائِين" اصل ۾ "ديونا هين" لاءِ آهي پر ان جو سبب مون کي سمجھ ۾ نٿو اچي. وري "ائيا ـ آئي" (هو آيو (منھنجي ڏاڏي وارو) ۾ ڏسو تہ "ها" بدران "آئي" استعمال ٿيل آهي، جيئن هن کان پھرئين نموني ۾ هو.

معروف فعل جي زمان مضارع (نموني ۾ هميشہ حال ڏيکاريل آهي) جو اصول شاهپور دو آبي واري لھجي وارو ساڳيو آهي. اسان کي "ونجان" (وڃان) "لگياوان" (لڳايان)، "ديوان" (ڏيان)، "چاهين" (جي تون چاهين) "ملين" (ملين) وغيره جا مثال موجود آهن. پر 'آکين' نٿو نھي، ان جي بدران 'چوين' تو ٿئي. "پوھُنچائيو" (پھچايو) وغيره جا مثال ملن ٿا. "آ" پڇاڙيءَ وارن ڌاتن جي ضمير متڪلم ۾ پڇاڙي "هان" بدران "هين" ٿئي ٿي. اهڙيءَ طرح "ڏساهين" (ڏيکاريانءِ) لفظ لھيو آهي. ان کان پھرئين ۾ اهو "هين" بدران "اين" پڇاڙي رکي ٿو.

ٻي اُپڻي نال لي۔ڌساهين." مئن راضي اتي خوش هويا, اُتي اتني گل پُڇي ڪ "اتون خانہ ڪعبہ ڪتنا دور پڌ هي؟" اُنهان آکيا ڪ "ٽُري ترئہ سو ڪتني ڪوهہ پڌ هي" مئن پڇيا ڪ "پڌ يهون هي,ڪدان پوهُنچيساهين؟" ڦير انُهان آکيا ڪہ "تون فڪر نہ ڪر۔وَنج, سائين." هُڪم (حڪم) ريدي نال مئن چُپ ڪر۔رها. جدان چن هَج دا چڙيا اُس دهاڙي مئن آکيا ڪہ "تسان آکدي هو اتون خانہ۔ڪعبہ ترئہ سو ڪتني ڪوهہ هي. ڪدان ٽُر ساهين؟" ڦير اُنهان آکيا " تئنون ڪيها فڪر هي؟ اسان۔ٻي نون وَنجنا هي."

جدان اوهہ دن خاص حج دا آئيان اُنهان مئنون پڇيا ڪہ "تون ڦيرا اسان دي نال اٿي آيسن, يا اُتي رهسين؟" مئن آکيا ڪہ "اُتي ٿسادي ڪول آسان." اُنهان آکيا ڪہ" جس وقت اهڪام هج دي جو هن,جدان سب پوري۔پوري ڪر۔رهين,تدان اسان نون فُلان پهاڙي اُتي ملين, ڪہ آپڻي نال تئنون اسان اُتي لي۔آساهان." ڦير آکيا ڪہ "هَٿ اسان۔نون نپا آتي اکئان هيت ڪرئين." مئن هاٿ پڪڙائيا اور اکئان هيتيا. ٿوڙي دير وچون اُنهان آکيا ڪہ "اک کول." جدان مئن اک کولي, تدان ڊٺا ڪہ هزاران آدمي اُس جاهہ۔تي کولتي تسبيهان ڦير هي۔هن, زڪر (ذڪر) خدا ڪريندي۔هن. مئن اُنهان۔ٿون پڇيا ڪہ "اهہ ڪئا هو۔رها۔هي؟ آتي ڪون جا هي؟" اُنهان آکيا, "اهہ آدمي سب مسلمان هن اهہ حج دا مڪان هي, تون اهڪام هج دي,جو هن, بجا۔ليا." اُس ڦر سبب اڪٺا آتي ٻيڙ آدميان دي مئہ۔تون چپ۔گئي. دو هاڙي مئن اُتي رها, اور آدميان اپڻي ديسيان نون, جو مئہ۔ٿون هڪ ورهون اگي هج نون آئي۔هئي هائين, مليا, هال اهوال پڇيا, آکيا. دل۔وچ مئن جاتا ڪہ اوهہ آدمي هير او رانجها دوهين ولي مرد خدادي هن. هووي تان اُنهان دي ڍونڍ ڪر۔ڪي ليون, آتي باڪي (باقي) عُمر (عمر) اُنهان دي خدمت۔وچ لگياوان. جهڙا آپڻا نشان اُنهان چوٽي پهاڙي دا ڏسيا۔ها اُس نون ڍونڍيا, اوهہ دوئين اُتي بئٺي ڊٺي. مئن خوش هويا اتي شڪرانا خدا (جل وَعلا) (جل جلال هو) دا ڪيتا. اُنهان مئنون سُنجاتا آتي اپڻي ڪول سديا آکيا ڪہ "هُن فارغ هو۔رها۔هئن؟" مئن آکيا, "ڌِلا هو۔رَها۔هون" ڦر ميرا هٿ پڪڙ۔ڪي اُسي ترهہ آکيا ڪہ, "اکئان بوُٽ" ٿوڙي دير۔تون پڇي, جدان اک کولي اُسي جاهہ اُتي پوهنچا.

اسي ترهہ ڪتني مُدت پنج ڇهہ مهيني خواهہ وڌ۔گڌ اُنهان دي خدمت مئن رَها. ڪاون واستي ڪدين روٽي ڪدين چاول۔ڏڌ هوندي۔هائي, رَها هڪ دهاڙي خيال بال۔بچا۔گهردا ميري دل۔وچ آئيا, نہ رهہ۔سَڪا. بي۔اختيار روون لگا. اُنهان مئن۔ٿون پڇيا ڪہ "تون ڪيون روند۔هئن؟" مئن پهلي تو شرمايا ڦير جدان انهان وت وت پُڇيا تدان مئن آکيا ڪہ, مئنون گهر۔بار بال بچہ, دوست۔بيلي ياد آئي هئن, روندا هون." اُنهان هڪ دوئي۔نون آکيا ڪ, وتن دي محبت هر هڪ نون هوندي۔هي, تو سچاهين جي تون آکين, تينون پوهنچا۔ديوين." اس ويلي مئن آکيا, "جي ٿسان مئنون پوهنُچائيو تو ميري چاهہ هي." اُس ويلي مائي هير آکيا ڪہ, "تئنون جهنگ سيال۔وچ پوهنچا۔ديون هائين. اي۔پر تون اُتي اسادي زباني اس جا دي رئيس نون اسادا سنهيا ديونا ڪہ, "مائيي هير تي مئان رانجها جيندي۔هن, مؤئي نهين, آتي ٿسان انهان دي هق۔وچ بد۔ڪامن (گمان) نہ هوئوْ ڪہ اوهہ بُري نهين. اُسي ترهہ مجهين مئان رانجها چرائندا۔هي آتي مائي هير اس دي۔پاس رهندي۔هي.ٿسادي اُتي هاڙي, غريبي, اتي مسڪيني دي۔گذرندي۔هن. ٿسان ميري مڪان۔اڌتي آ۔ڪي جناب خداوند, ڪريم رهيم (رحيم), سي دُعا منگو. خدا تسادي دُعا ڪبول فرمائيسي, ٿسانون خوشي, آسائش, وَ دولتمندي بخشيسي." مئن ارز ڪيتا ڪہ "جيٽا مئن اُس شهر جهنگ سيال۔وچ جيندا۔ جيند پوهُٽا۔هان. انشاالله تعاليٰ ضرور اُنهان دي۔ڪول يعنيٰ رئيس جهنگ سيال دي۔ڪول, سارا هاَل اک۔ديسان." تدان مائي هير مئان رانجها ميرا هٿ پڪڙ۔ڪي آکيا ڪہ "اکئان بوُٽ." مئن اک بوُٽي. ٿوڙي چر۔تون پِڇي انهان آکيا ڪہ " اک کولْ." مئن جدان اک کولي, تدان دنهہ۔لاهن ترف (طرف) روزا مائي هيردا, جو هڪ درخت جنڊ دا وڏا هي, آپنون اُس دي تلي ڊٺا.

ڪُجهہ چِر مئن اُتي بيٺا ـ رها. روزا (روضہ) مائي هير ول تر ـ ڪي پوهُتا. اس دي مجاوران ـ ڪولون پچيا ڪہ اهہ روزا ڪس دا هي؟" اُنهان آکيا ڪہ اهہ روزا مائي هير سيال دا هي. "ترءِ چار دهاڙي هوئي ـ هن ڪہ مئن اس مڪان اتي مسجد دي ـ وچ ٺَهرا ـ هون. پچدي پچُدي ٹُساڍا نانو معلوم هويا. ڪہ ٹُسان بُرزگ. وڏي اُمر (عمر) دي آلم (عالم) فازل (فاضل) هافز (حافظ) ڪُران (قرآن) مجيد و آسناد ڪديمي. سيالان رئيس اس جادي هووين. آکي مائي هير دي زباني رُويترو رئيس جهنگ سيال سنيها ديوٺان ـ هي جيڪر ٹُسان مئنون آپڻي ـ نال لي ـ ونجون تان مئن آپڻي زباني اُنهان دا سنيها. جيٺا مئنون مائي هير اپڻي زباني آکيا. مئن اُنهانئون آک ديوان.

اُس وڪتَ مائي صاهب (صاحب) خان. ساهب (صاحب) مهمد (محمد)اسمائيل (اسماعيل) خان رئيس بهادر جهنگ دي جندي ـ هائي اوهہ آدمي هاجي همراهہ ميري دادا صاحب هافز (حافظ) (احمد) اهمد آتي مئن پي (جو اُس وڪت ميري عمر چودهہ پندرهہ ورهيان دي هوسين) گهر خان ساهب دي گيا. اتي خدمت مائي صاحب دي باهر پرد دي اوهہ هاجي شخص بيٺا. اُتي سب حڪيڪت (حيقيقت) جو بيان ڪيتي ـ گئي ـ هي زباني اپڻي آک ـ سُنائي. اسُ نون دو دهاڙي مائي ساهبہ ٺهرايا. اور ڪُجهہ خرچ راهہ پي دتا. ڦير اوهہ حاجي ٹُر ـ گيا. مئن ياد رکتا ـ هان ڪہ مائي ساهبہ اُنهان دهاڙيان ـ وچ مڪان. جسِ ـ اُتي روزا نامہ ـ زد مائي هير دي هي. ڪہ جمُرات (جمعرات) هميشہ آون ونجن ڪيتا.([1])

---

[1] گريئرس هن ڪهاڻي جو آزاد ترجمو انگريزيءَ ۾ هن ڪان پوءِ ڏنو آهي. هن ۾ ٻولي ايتري واضح آهي جو ان جو ترجمي جي ضرورت هتي محسوس نٿي ٿئي. ان ڪري اهو هتي نقل ڪو نہ ڪيو ويو آهي. عربي اکرن ق. ض.ذ. ح.ط وغيره جو استعمال بہ مرضي موجب ڪيل آهي.

# جھنگ جي ڪاڇڙي

ڪاڇڙي، ڪاڇي يا ڪڇي واري ان پٽ جي لهجي کي چوندا آهن جيڪو جهلم نديءَ جي الهندي ڪپ تي ڳالهايو ويندو آهي. هن ضلعي ۾ اهو تمام ننڍو علائقو آهي ۽ ان جي يڪدم اولهه ۾ ”ٿل“ آهي جيڪو ميانوالي ۽ شاهپور جو ريگستان آهي. هي لهجو جھنگ جي عام لهجي کان رڳو ان ۾ مختلف آهي جو اهو شاهپور جي معياري لهجي کي وڌيڪ ويجهو آهي. اهڙي ريت جھنگ ۾ ”هائن“ معنيٰ ”هو هئا“، جڏهن ته ڪاڇڙيءَ ۾ اهو آهي، ”آهَن“ جيڪو شاهپور ۾ وري ”آهِن“ آهي.

ساڳئي ”خرچائو پٽ“ واري نقل جون چند سٽون اهو فرق ڏيکاريندیون.

**هند آريائي خاندان** — **اتر-الهندو گروهه**

**لهندا يا مغربي پنجابي**

**ڪاڇڙي لهجو** — **(جھنگ ضلعو)**

هڪ-شخص دي دوئين پُتر آهِن. اُنهان وچون نڍي پئو نون آکئا ”پئو جهڙا حصہ مائدا مئنون آندا-هي اُهہ مئنون ونڊ-دي“ تدڻ اوس اُنهان نون مال ونڊ-دتا. ٿوڙي ڏهاڙئان پڇون نڍي-پتر مال آکٺا ڪر-ڪي هڪ-دور-مُلک نون ٽُر-گيئا، تي اُتي مال اُپڻا منڊي-ڪمان-وچ ونجا-دت-ئُس- جدڻ سارا ما خرچ-ڪر بئيٺا اُس مولک-وچ وڏا ڪال پئہ-گيئا، تي اُهہ گريب هوئڻ لگا. تدڻ اُس-ملک دي هڪ وڏي-آدمي دي-ڪول جارئها. اُس اس نون آپڻين- واهيئان دي-وچ مرهون چراوڻ گهَلئا. اُتي اُدا دل منگئا جو ”شوران دي کاوڻ دي ڇلڙ مئن کاوان، تي ٻڍ پران“ ڪيون-جون اُس نون ڪوئي نهين ديندا.

# لائلپور جي جانگگلي (جانگلي)

جهنگ لائلپور جي هڪ لهجي کي جانگگلي چوندا آهن جيڪا جاڱگل يا "جانگل بار" جي علائقي جا خانہ بدوش ڳالهائيندا آهن. اها ضلعي جي عام جنڪيءَ کان مختلف آهي، جيڪا ڳالهہ هيٺ ڏنل ٽڪري مان ظاهر آهي. ڪاچڙيءَ وانگي اهو فرق ان کي شاهپور واري معياري لهجي جي ويجهو ڪري ٿو:

**هند آريائي خاندان** — **اتر-الهندو گروهہ**

**لهندا يا مغربي پنجابي**

**جانگگلي لهجو** — **(ضلعو لائلپور)**

هڪ-ڪس-آدمي دي دوئين پُتر آهَن. جنهرا لاهورا پُتّر آها اُس پئونون آکنا جون، "مال-رجُڪ جنهرا هي مڱنون ميري-پانگي دا ونڊي دي" لاهوڙي مال ونڊ ڪي ل-لتا. اُهہ پرديس نون ٽُر-گئا. تي مال مندئان ڪمان-وچ گنوا-دت-ئس. جدّڻ کا-پي-ڪي، تي ونجا-ونجون-ڪي ننگ-پڙنگ هو-گئا. اس-مُلک-وچ وڏا ڪال پئہ- گئا. تدڻ اُهہ هڪ-ڪس-وڏي-آدمي دي-ڪول ونج رئهئا. اُس اُس نون آپڻئان-ايڙان دي-وچ مرهون چرواڻ-واسطي گهل-ئس. اُس دا دل منگئا جو، مئن ڏاهيا ٻکان هان، مرهو نئان دي جوُٺي چلڙ کاوان، ڪئون-جون ميرا ڍڍ پريوي

# منٽگمريءَ جي لَهندا

پنجابيءَ ۽ لهندا کي ڌار ڪندڙ روايتي سنڌو منٽگمري ضلعي کي ٻه ٻن برابر حصن ۾ ورهائي ٿو اوپر ۾ يعني ٿلهي ليکي پاڪپتن ۽ ديپالپور جي تحصيلن ۾ ٻوليءَ کي پنجابيءَ سان ملائيندڙ آهن جڏهن ته اولهه ۾ يعني منٽگمري ۽ گُجيرا (Gugera) تحصيلن ۾ ان کي لهندا سان ملايو ويو آهي. منٽگمريءَ جي لهندا گهڻي خراب ڪانهي. جتي ڪٿي پنجابي اصطلاح ٻڌڻ ۾ اچن ٿا جن ۾ ساڳيون بي قاعدگيون آهن جيئن "پُتُر" لاءِ "پِتر" (پٽ)، "آهن" لاءِ "آهي" (اهو) هئا) وغيره وغيره. "خرچائو پٽ" واري نقل ۾ چند سٽون نموني طور ڏجن ٿيون.

ڪيترن ئي زرعي اصطلاحن ۽ صورتن جي هڪ فهرست مسٽر پرسر جي ڏنل هن ضلعي واري سيٽلمينٽ رپورٽ سان ضميمي طور شامل آهي.

هند آريائي خاندان

اتر_ الهندو گروهه

لهندا يا مغربي پنجابي

منٽگمري ضلع

هڪ_بندي دي دوئين پِتر آهي. اونهان_وچون نڪڙي_پتر آکئا، "پُوئا ميرا ياِنگا جهُگي دا مئنون ڊُوئي_نالون ونڊ_دي. پئو_ني دوئان_پِتران نون جهُگا ونڊ_دتا. ٿوڙي_دينهه_پچون نڪڙا پُتر اُس دا سارا مال اکٺا ڪر_ڪي ڪسي مُلک نون وگ_گئا، تي اوٿي جا_ڪي اوس آپڻا سارا مال پئڙيئان_ڪمان_وچ وَنجا_دتا.

# گجرانوالہ جي لهندا

هن جائزي ۾ ڏنل پنجابي ۽ لهندا کي ڌار ڪندڙ روايتي ليک اتر کان ڏکڻ ڏانهن گجرانوالہ جي دل (وچ) مان لنگهي وڃي ٿي. اها اتر ۾ پنجاب تي رام نگر کان شروع ٿئي ٿي ۽ ڏکڻ ۾ لاهور گجرانوالہ. لائلپور ۽ منٽگمريءَ تائين هلي وڃي ٿي. هن ليک جي اوڀر وارو علائقو جتي پنجابي ڳالهائي وڃي ٿي ضلعي جو ٻہ ٽياڱي ٽيون حصو اچي وڃي ٿو. باقي رهيل ٽئين حصي ۾، ليک جي اولهہ طرف لهندا ڳالهائجي ٿي. ضلعي جو الهندي وارو ٽيون حصو گهڻو ڪري غير آباد مٿاهين زمين آهي جنهن کي (ٻين هنڌن) "بار" چوندا آهن. هتي جا رهاڪو جيڪي گهڻو ڪري انهن خانہ بدوشن جو اولاد آهن جيڪي صدين کان پنهنجي ڪٽنبن ۽ وهٽن سان سموري علائقي ۾ ڀٽڪندا رهندا هئا، سي هاڻي گذريل هڪ ٻہ پيڙهي کان ڪيتيءَ لاءِ گهر ڪري ويٺا آهن، ۽ اڃا تائين پنهنجون اڳوڻيون روايتون ڪو نہ ڇڏيون اٿن. هن علائقي جي ٻوليءَ کي مڪاني طور "باردي ٻولي" چوندا آهن، ۽ اندازو آهي تہ اها 275,000 ماڻهو ڳالهائين ٿا. 1891ع واري آدم شماريءَ ۾ هتان جي ڪل آبادي 690,169 ڄاڻايل آهي. ان وقت کان اها گهٽي وڌيل آهي ڇو تہ چناب ڪئنال لاءِ ورتل غير آباد زمين ان ۾ شامل ٿي آهي، ۽ 1911ع ۾ ڪل آبادي 923,419 ڏيکاريل آهي. "باردي ٻولي" ڳالهائيندڙن جو اهو ڪاٿو 275,000 سن 1897ع جو ڪيل آهي. باردي ٻولي ساڳي جهنگ ۽ لائلپور واري آهي، جيئن هيٺيون ننڍڙو نمونو ڏيکاريندو. اها شايد اوڀر ۾ ڳالهايل پنجابيءَ سان ويجهي آهي. اهو نوٽ ڪريو تہ پٽ لاءِ لاءِ لفظ فاعلي واحد صورت ۾ "پُتر" نہ پر "پُتُر" ڏنل آهي.

**هند آريائي خاندان** — **اتر-الهندو گروهہ**

**لهندا يا مغربي پنجابي**

**باردي ٻولي** — **ضلعو گجرانوالہ**

هڪي-بندي دي دوئين پُتر آهي. اُنهان -وچون نڪي پُتُر آپڻي-پئو نون آکيا. " پئو مئنون جائيندات-وچون جتنا ميرا حصہ آئوندا-اي اُتنا دي-چا. پئو آپڻي جائيندات اُنان نون ونڊ-دتي. آجي باهيل ڏينهي نهين هوئي جو نڪا پُتُر هَبا جائيندات اڪٺي ڪر-ڪي پرديس نون ٽُر-گيا.تي اُٿي لُچ پني-وچ هبو-ڪُجهہ گُوا-ڇڏيا. جهڙي-ويلي هبا گوا-بئٺا اُس-ويلي اُس-ديس-وچ وڏا ڪال پئہ-گيا. اهہ آن-مٿاج هوئٺا.تي اُس-ديس دي هڪي. بندي-نال جا رها. اُس-بندي اُونون آپڻيان-پئليئان-وچ هيُو چراوڻ گهليا. اهدا دل ڪريندا-آها جو ٻڌ انا-چلران-نال پر-ليان جهڙي سُور چگل-ڪي ست-گهت-دي-هن، پر اوهـ-يي اُونون ڪوئي ناهو ڏيندا.

# گجرات جي لهندا

گجرانوالہ ضلعي جي اتر ۾ گجرات ضلعو آهي. لهندا ۽ پنجابيءَ کي ورهائيندڙ روايتي ليڪ گجرات جي ڏکڻ واري پٻي جابلو سلسلي جي ڀڃاڙيءَ کان شروع ٿي ۽ ان ضلعي جي ڏکڻ مان لنگهندي چناب تي ٻڌل شهر رام نگر تائين هلي وڃي ٿي. ان ليڪ جي اوڀر ۾ ڳالهائجندڙ هر هڪ لهجو پنجابيءَ جي سري هيٺ اچي ٿو.

پٻي جابلو سلسلي يا پٻي رينج هن ضلعي جي اتر اولهه مان پاسيرو لنگهي ٿي ۽ ان جي اتر واري ڪنڌ ڀمبر شهر جي ويجهو پوي ٿي، ۽ ڏاکڻي ڀڃاڙي جهلم کان ٽيهه ميل پري آهي. اهڙيءَ ريت اهو سلسلو هن ضلعي جي اتر- الهندي واري ڪنڌ کي ڏار ڪري ٿو ڇڏي، جنهن ۾ گهڻو ڪري پونواري ڳالهائيندڙ "چِڀ" (Chibhs) رهن ٿا. ان روايتي ليڪ جي اولهه پاسي پوندڙ ضلعي جو باقي حصو "بار" وارو ۽ ڏکڻ الهندي وارو "هيٺاڙ" يا ڦليا تحصيل جو هيٺيون پٽ آهي جنهن ۾ لهندا جي هڪ شڪل ڳالهائجي ٿي، جنهن کي مڪاني طور "جَٽاتردي ٻولي" يا وري "باردي ٻولي" چوندا آهن.

اهو لهجو ساڳيو اولهه گجرانوالہ ۽ جهنگ- لائلپور وارو آهي. جيئن اڳيان ڏنل ننڍڙي نموني مان ظاهر ٿيندو. لهندا جي ٻين علائقن جيان مستقبل ناهڻ لاءِ "س" ملائيندا آهن جيئن "اُٺ سان" (اٺندس)، "جاسان" (ويندس)، "آکسان" (چوندس). اهو نقل جي ان حصي ۾ ڏسي سگهجي ٿو جيڪو هتي ڇاپيو ڪو نہ اٿئون. جهنگ واري نسوانيءَ وانگي ڪي ٿورا مثال مذڪر اسمن جا اهڙا ملن ٿا جيڪي حرف صحيح تي ختم ٿيندا آهن ۽ انهن جي مفعولي صورت ۾ "اي" ڳنڍيبي آهي، جيئن "مالي وچون" ۾ آهي جنهن جو مطلب آهي "مال مان". اهو ان جي اولهه طرف جهلم واري پونواريءَ جي اثر جي ڪري آهي.

**هند آريائي خاندان** **اتر-الهندو گروهه**

**لهندا يا مغربي پنجابي**

**جٽاتردي ٻولي** **(گجرات ضلعو)**

هڪي-جٹي دي دو پُتر هائي، تي اُنهان-وچون نڪڙي پئُونون آکيا "پئو جي-ڪُجهہ مالي-وچون ميرا حصا آئندا-هئہ او مئنون دي". تي اوس اُنهان-وچ مال-رجَڪ ونڈ-دتا. تي ٿوڙئان-دهاڙئان لگ-گيان نڪڙي اپڻا هبو-ڪجُهہ آکٹا ڪر-ليا تي دُراڏي دي لوڪ-وچ ٹُر-گيا. تي اوٿئہ اپڻا هبو-ڪُجهہ پئڙئان-ڪمان-وچ وَنجا ڇڏ-ئُس.جَت-ويلي هر شئہ وَنجا-ٻئٹا، اُس-لوگ وڏا ڪال پئہ-گيا. تي او آجت (عربي "حاجت" لاءِ) هو-گيا، تي او اُس-ملڪ دي هڪ-آپڙان دي-ڪول جا رها، تي اوس اوهہ اپڻي-نيائين-وچ اوهہ دي چگاوڻ گهليا. تي اوهدا دل وگ-پيا جي، مئن پيي اهہ ڇلون کا-لَوان جهڙئان اوهدي کاندي-آهي، تي اوهہ نون ڪوئي ڪُجهہ دنيدا ناهہ.

# ملتان جي مُولتاني[1]

ملتان ضلعي جي ٻوليءَ کي لهندا جي ملتاني لهجي جي معياري صورت چئي سگهجي ٿو. هن جائزي جي مقصد سان 1891ع واري آدم شماريءَ موجب 632,930 جنهن آباديءَ مان اٽڪل 531,828 ماڻهو ملتاني ڳالهائيندڙ آهي. 1911ع ۾ انگ اکر هئا 814,871 ۽ 763,388 ان کان سواءِ ٻي ٻولي جيڪا ماڻهن جو چڱو تعداد ڳالهائي ٿو سا هئي معياري پنجابي، جيڪا 1891ع ۾ 87,102 سکن جي ٻولي هئي. جيڪي هن علائقي ۾ سڌمائي ڪئنال جي ذريعي آباد ٿيندڙ ايراضيءَ ۾ رهندڙ هئا. 1911ع ۾ ملتان ۾ پنجابي ڳالهائيندڙن جو تعداد 31,753 رڪارڊ ڪيو ويو هو. مسٽر اوبرائن جي مشهور فهرست جو دارومدار لهندا جي هن لهجي تي رکيل آهي.

هيٺ اهي مکيه نڪتا ڏجن ٿا جن ۾ ملتان ضلعي ۽ پاڙيسري مظفر ڳڙهه جي ملتاني، شاهپور جي لهندا کان مختلف آهي. اهي ڳالهيون گهڻو ڪري مسٽر اوبرائن واري فهرست جي سر جيمس ولسن واري ڇاپي تي مدار رکن ٿيون.

**اسم جنس:** شاهپور واري لهجي جيان ڪي ٿوريون مذڪر صفتون "او" ڳنڍڻ سان واضح ٿين ٿيون. ملتانيءَ ۾ اهو "او" وري مونث ۾ "آ" ٿي وڃي ٿو. مثال طور:

| مذکر | مونث |
|---|---|
| سيو (سيئي) | سيا |
| هڪو (هڪّ) | هڪا (هڪّ) |
| ايهو (اهو) | ايها (اها) |
| اُوهو (اُهو) | اُوها (اُها) |

## گردان:

اولهه طرف خاص ڪري مظفر ڳڙهه ۾ ٻئي ڦيري وارا اسم جن کي شاهپور پاسي فاعلي پڇاڙيون حرف صحيح واريون هونديون آهن جن کان اڳ ۾ "اَ" حرف علت هوندو آهي (جيڪو مفعولي حالت "آ" ٿي ويندو آهي). هن پاسي فاعلي حالت ۾ به انهيءَ "اَ" بدران "اُ" شر هوندو آهي. هن اثر جي ڪري پهرئين پد ۾ شر جي اچار ۾ ڦيرو اچي ٿو وڃي. اهڙي طرح "ڪُڪڙ" (ڪُڪڙ نر). واهڙ (وُهڙ نر) اچاريندا آهن. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته هنن صورتن ۾ مفعولي واحد ۽ فاعلي جمع ساڳيا اهي ٿي آهن جيڪي فاعلي واحد جا آهن. اهڙي نموني "ڪُڪڙ-ڪُون" (ڪڪڙ کي) ۽ واهڙ (ڳابو) مروج آهن.

ٻين حالتن ۾ مفعولي واحد ۽ فاعلي توڙي مفعولي جمع ساڳيا شاهپور وانگي لهندا آهن. اهڙي طرح:

[1] گريئرسن 'مولتاني' لکيو آهي جنهن کي اسان اڳتي 'ملتاني' لکنداسين. (مترجم)

**ضمير**-پهرين ٻن خالص ضميرن جا گردان ڪجهه مختلف آهن. مختصر طور اهي هن طرح آهن:

| | |
|---|---|
| مئن-منئہ (مان يا آءٌ) | تون (تون) |
| مئن-منئہ (متعدي مجهول واري حالت فاعلي | تئن/تانءِ |
| ميڊا-ماڊا (منهنجو) | تيڊا-تاڊا (تنهنجو) |
| ميڪون-ما-ڪون (مونکي) | تيہ-ڪون، تا-ڪون (توکي) |
| اسان (اسين) | تُسان (توهين) |
| اسان (اسان) متعدي مجهول واري حالت فاعلي | تُسان (توهان) متعدي مجهول واري حالت فاعلي |
| اساڊا، ساڊا (اسان جو) | تُساڊا، تُهاڊا (توهانجو) |
| اسا-ڪون، سا- ڪون (اسان کي) | تُسا-ڪون، تُها- ڪون (توهان کي) |

ساڳيءَ ريت ضمير اشاره ۽ شخصي ضمير پڻ ٿيندا آهن:

| | |
|---|---|
| اي (هيءَ، هيءَ اهو اها وغيره) | او (هو هوءَ، اهُو اُها) |
| اين (متعدي مجهول جي فاعلي حالت) | اون (متعدي مجهول جي فاعلي حالت) |
| ايندا (هن جو) | اُوندا (هنُ جو) |
| آين-ڪون (هن کي) | اون-ڱون (هُن کي) |
| اي (هي، اهي (جمع)) | اهو (هو اُهي (جمع)) |
| انهان (انهن / هنن (متعدي مجهول جي فاعلي حالت) | اُنهان (هُنن/اُنهن) (متعدي مجهول جي فاعلي حالت |
| انهان دا (انهن جو/ هنن جو) | اُنهان دا (هُنن جو/ انهن جو) |
| انهان-ڪون (هنن کي/ انهن کي) | اُنهان-ڪون (هُنن کي/ اُنهن کي) |

سواءِ هڪ جي باقي ضميري پڇاڙيون شاهپور واري لهندا سان ٺهڪي اچن ٿيون. شاهپور ۾ "ني" يا "نهي" جو استعمال ضمير حاضر لاءِ آهي ۽ "ني" پڇاڙي ضمير غائب جمع لاءِ بہ استعمال ٿيندي آهي. ملتانيءَ ۾ "ني" صرف ضمير غائب جمع ۾ لڳائيندا آهن. اهڙي ريت:

| | |
|---|---|
| شاهپور ۾-ڪسنون مارئا-ني<br>ملتانيءَ ۾-ڱئہ-ڪوُن مارئا-هوِي | ڪنهن کي ماريو اٿئي |
| شاهپور ۾-ڪي-نان-ني<br>ملتانيءَ ۾-ڪئا نان-هوي | نالو ڇا اٿئي؟ |

شاهپور۔کهڙا شؤهر۔نهي
ملتانيءَ۔کر ها شؤهُر۔هُوي     کهڙو ڳوٺ اٿئي؟

شاهپور۔ڳس۔نهي
ملتانيءَ۔مروڙ۔هوي     تپ اٿئي؟

ضمير موصول آهي "جو" يا "جرهَا" جيڪو شاهپور واري لهجي ۾ "جهڙا" آهي مفعولي صورت ۾ "جَٿن" يا "جرهي" هوندو آهي.

ضمير استفهام آهن:

(الف) "ڳون؟" (ڪير) مفعولي واحد "ڪي" فاعلي جمع "ڪنهان" يا "ڪنهئہ".

(ب) ڪٿا يا چئہ؟ (ڇا) مفعولي واحد "ڪت"۔ جمع بابت ڄاڻ ڪا نہ ملي سگهي آهي.

جاندار لاءِ ضمير مبهم آهي "ڪوئي" (ڪو) فاعلي واحد ۾ مونث آهي "ڪئي" يا "ڪئئي". مفعولي واحد آهي "ڪئهين" يا "ڪئهين". فاعلي جمع آهي "ڪيئي" يا "ڪئيئي" جڏهن تہ مفعولي "ڪنهين". ڪا بہ بي جان شي هجي تہ چون "ڳجهہ" جيڪو ڪنهن بہ قيري ۾ ڪو نہ متجي.

## فعل۔ معاون ۽ مڪمل فعل

فعل زمان حال ۾ شاهپور واري لهجي سان هڪجهڙائي رکي ٿو سواءِ ان جي جو هن ۾ زورائتو نمونو ڪو نہ ٿو ملي (جيئن شاهپور ۾ "آهان" آهي). باقي ٻيا فرق وارا مثال هي آهن تہ ضمير متڪلم جو جمع "هَئن" يا "آئن" آهي جڏهن تہ ضمير غائب جمع "هَن" ۽ "هِن" ٻئي ٿي سگهن ٿا. ضمير غائب جڏهن ڪنهن اهڙي لفظ جي اڳ ۾ اچي ٿو جنهن جي پڇاڙي ۾ حرف علت هجي تہ اهو ڦري "ائن" ٿي پوي ٿو جڏهن تہ شاهپور واري لهجي ۾ "آن"، "اين" يا "اِين" هوندا آهن. اهڙي طرح:

تيديئان ڪتليئان گهوڙيئين (گهوڙئان۔هَن بدران) معنيٰ تنهنجيون گهڻيون گهوڙيون آهن؟

زمان ماضي شاهپور کان مختلف آهي. مثال طور:

| واحد | جمع |
|---|---|
| هم، هائُم، هائِم، هائُس | هاسي |
| هانوين، هئئين | هاوي |
| ها مونث هئئي | هئئن، ائِهن |

سواءِ ضمير غائب جي ٻين ۾ مونث بلڪل مذڪر جيان آهي. بهاولپور ۽ مظفر ڳڙهہ ۾ "هَن" يا "هِن" معنيٰ "اهي هئا" توڙي "اهي آهن".

ناڪاري فعل پڻ شاهپور کان مختلف آهن. اهي هن ريت آهن:

### زمان حال۔ (آءٌ) مان نہ آهيان

| واحد | جمع |
|---|---|
| نيهِي | نيهسي، نسي |
| نيهوي، نيهي | نيهوي، نيهي |
| نيهسي، نئيهہ، نهين | نئهين، نيهن |

### زمان ماضي۔ مان نہ هُئس

| واحد | جمع |
|---|---|
| ناهم، ناهِس | ناهسي |
| ناهين | ناهوي |
| ناها | ناهِن |

هنن فعلن جي معاملي ۾ ضمير (شخص) ڪنهن بہ حالت ۾ تي سگهي ٿو. ايئن "نيم هي" جي معنيٰ "آئون (يا مان) نہ آهيان" بہ ٿي سگهي ٿي تہ وري 'مون کي ناهي' بہ ٿي سگهي ٿي. مثلاً :

نمهي گيئا۔ آءٌ ڪونہ ويو آهيان.

نمهي ڊِنا۔ مون کان ۔ڏنو ناهي ويو۔ (مون ڪونہ ڏنو آهي)

آجڻ حُڪم نمهي ڊهيئا۔ (اڄا مون کي حڪم ڪونہ ڏنو ويو آهي)

"هئڻ"/ "ٿيڻ" کي ظاهر ڪرڻ لاءِ بہ ڌاتو آهن "هو" (هُئَ) ۽ "ٿي" (ٿي)۔ انهن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| هو | ٿي |
|---|---|
| هوڻا (هئڻ) | ٿيڻُڻا (ٿيڻ) (هجڻ) |
| هُووڻ (هئڻ) | ٿيوڻ (ٿيڻ) (To be) |
| هوندا (هوندو) | ٿيندا (ٿيندو) |
| هوئٽا (هئو) | ٿيئا (ٿيو) |
| هو (هُئَ) | ٿي (ٿيءُ)۔ امر |
| هووي (هُجي/ هُئي) | ٿيوي (ٿئي) |
| هوسِي (هوندو) | ٿيسي (ٿيندو) |

### معروف فعل:

معروف فعل جو متصل ڦيرو ساڳيو شاهپور وارو آهي: اسم حاليہ پڻ ساڳيو شاهپور جيان ٿهي ٿو سواءِ ڪن ٿورين حالتن جي، سو بہ ان ڪري جو انهن جا ڌاتو مختلف هوندا آهن ان ڪري انهن مان ٺهندڙ ڪردنت بہ مختلف ٿيندو آهي. ان ڪري شاهپور ۾ "سنئ" (سمهہ) مان "سنئدا" (سمهندو) ٺهندو آهي پر ملتان "سَمُ" (سمهہ) مان وري "سمدا" ٺهندو آهي.

بي قاعده اسم حاليہ هن ريت آهن:

| ڌاتو | اسم حاليه |
|---|---|
| ڊيک (ڏس) | ڊيهدا (ڏسندو) |
| اَک (چئُ) | آهدا (چوندو) |
| وڃ (وڃ) | وئندا (ويندو) |
| پئہ (پئہ) | پئندا (پوندو) |
| پا (وجهہ) | پئندا (وجهندو) |

اهو ڏيان ۾ رکو تہ 'ڏس' لاءِ ڌاتو آهي "ڊيک" (مورڌني "ڊ" سان) جيڪا ساڳي شاهپور ٽل جهڙي آهي. جيڪا شاهپور دوآبي واري "ويک" کان مختلف آهي.

اسم مفعول پڻ ساڳيو شاهپور واري نموني ٺهي ٿو تہ بہ اسين اهو ڏسي سگهون ٿا تہ هيٺ ڏنل ٻي قاعدگيون معيار کان ڪجهہ مڙئي هتيل آهن.

| ڌاتو | اسم مفعول |
|---|---|
| مَر (مَر) | موئئا يا موئا (مئو) |
| ٿي (ٿي) | ٿئا (ٿيو) |
| ڊَهي (ڏي) | ڊِيئا (ڏنو) |
| باهہ (ويهہ) | بئٺا ـ بيٺا (ويٺو) |
| ديک (ڏس) | ڊٺا (ڏٺو) |
| وس (وس) | وُٺا (وٺو) |
| وئُهہ (کيڙ) | وڙُها (کيڙيو) |
| ڪر (ڪر) | ڪيتا, ڪتا (ڪيو) |
| ڪڙ (ٻيهہ) | ڪڙوتا (ٻيٺو) |
| پَئنُچ (پهچ) | پَئهُتا (پهتو) |
| پي (پي) | پيتا (پيتو) |
| بيڄ ـ بيڄ | |
| سڄاڻ (سڄاڻ) | سُڄاتا (سڄاتو) |
| ڏا (وهنج) | ڏائتا (وهنتو) |
| ڊي (ڏي) | ڊتا (ڏنو) |
| جو (جُٽ) | جُتا (جوٽيو) |
| لمب (لمب) | لتا (لتو/لمبيو) |
| سَمر (سمهہ) | سَتُا (ستو) |
| نڪل (نڪر) | نڪتا (نڪتو) |
| راهہ (پوک) | راڌا (پوکيو) |

| | |
|---|---|
| ڳهن (وٺ) | ڳڌا (ورتو/ ڳڌو) |
| ڳنهہ (ڳڻ/ڳڻت) | ڳهدا (ڳتيو) |
| ڪُما (ڪوماءِ) | ڪُماٽا (ڪوماٽو) |

ملتان جي اوپر طرف مصدر شاهپور وانگر ٿهندو آهي جنهن لاءِ "ڻُ" کي ڌاتوءَ سان ڳنڍيندا آهن ۽ ٻوءِ ٻئي ڦيري وارن اسمن جيان ڦيرائبو آهي جنهن ۾ مفعولي واحد ۾ "ڻَ" لڳندو آهي. بهرحال اولهہ طرف، خاص ڪري مظفر ڳڙهہ پاسي حالت فاعلي (ٻئي ڦيري جي اسمن وانگي) جي پڇاڙيءَ ۾ "ڻُ" بدران "ڻَ" ايندو آهي.

فعلي اسم (verbal noun) ٺاهڻ لاءِ ساڳيو شاهپور وانگي "ٽا"، "نا" ۽ "اُٽا" وغيره موقعي موجب ملائيندا آهن ان جو ڦيرو پهرئين قسم جي ڦيري وارن اسمن جهڙو هوندو آهي.

متعدي مجهول جي فاعلي حالت وارو اسم ٺاهڻ لاءِ "آلا" کي فعلي اسم يا مصدر جي مفعولي صورت ۾ ڳنڍيندا آهن. اهڙي ريت "مارٽوالا" يا "مارڻيوالا" (مارڻ وارو) ٺهي ٿو. ان جو ڦيرو پهرئين قسم جي اسمن وانگي ٿيندو آهي.

## بنيادي زمان

زمان مضارع شاهپور ۾ مروج ساڳئي زمان کان ٿورو مختلف آهي. ان جو گردان هن ريت آهي:

آءٌ (مان) ماريان/I strike_I may strike

| واحد | جمع |
|---|---|
| ماران (ماريان) | ماروُن (ماريون) |
| مارين (مارين) | مارو (ماريو) |
| ماري (ماري) | مارِن (مارين) |

شاهپور وانگي جيڪڏهن ڌاتوءَ جي پڇاڙي ۾ حرف علت هجي تہ وچ ۾ "و" وجهندا آهن. ٻي قاعدي مثال:

| ڌاتو | ضمير غائب واحد مضارع |
|---|---|
| پئہ (پئہ) | پوي (پوي) |
| لئہ (وٺ) | لَوي (وٺي) |

امر ساڳيو شاهپور جيان ٿهندو آهي، ٻي قاعدي جا مثال آهن:

| ڌاتو | ضمير حاضر | امر |
|---|---|---|
| لئهہ (لَهہ) | لئهہ | لهو (لهہ) |
| پئہ (پئہ) | پو | پئوو |

(الف) حرف علت کان اڳ ۾ جيئن مضارع ۾ مرِج ـ آن (مارجان) ۾ آهي.

(ب) مصدر ۾ فعلي اسم ـ جيئن "مارِيجُڻ" يا "مرِيجَڻ" (مفعولي حالت "مِريجَڻ") معنيٰ (مارجڻ) to be struck يا مرِجَڻا (مارجڻو) "مريج".

(ت) ڳنڍيندڙ (معطوفي) ڪردنت (مرِيج (مارجي).

مجهول فعلن جو اسم مفعول ٺاهڻ لاءِ "گيئا" (ويو) يا "پيئا" (پيو) ڳنڍيندڙ ڪردنت سان ملائيندا آهن. اهڙيءَ طرح سان مريج ـ گيئا (مارجي ويو) يا مريج ـ پيئا (مارجي پيو) آهي. ٻين صورتن ۾ مجهول فعل جو ڦيرو لازمي فعلن جهڙو ٿيندو آهي ايئن "مرِيسان" (مارجندس) "مرِيجن" (مريجي ـ هائِن) (ماريا ويا آهن) وغيره ٺهن ٿا.

ڪيترائي مجهول بنياد بي قاعده ٺهندا آهن. هيٺ ڏسو ته اهي ڪيئن ٿا ٺهن:

| معروف | مجهول |
|---|---|
| کا (کاءُ) | کاج |
| واهہ (کيڙ) | ويهہ |
| ڊي (ڏي) | ڊِهي |
| گهِن (وٺ) | ..... |
| کوهہ (کوهہ) | کُس |
| پيهہ (پيهہ) | پِيس |
| چوڙ (ڇڏ) | ڇُٽ |
| تا (تنُ) | تپ |
| سي (سب) | سيپ |
| جو (جُت) | جُپ |
| جاڻ (جڻ) | جاپ |
| ڊوهہ (ڏهہ) | ڊُپ |
| ساڙ (ساڙ) | سڙ |
| اڳاڙ (اُڳاڙ) | اُڳڙ |
| اُسار (اوسار) | اُسر |

مجهول فعلن جو هڪ ٻيو قسم معروف ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ ۾ "وڃ" لڳائڻ يا "پئہ" لڳائڻ سان بہ ٺهندو آهي. جيئن "مرِي وئسان" يا "مري پئسان" (مري ويندس يا مري پوندس) وغيره آهن.

**بالواسطہ فعل:**

شاهپور ۾ باقاعدي ٺهندڙ بالواسطہ فعل آهن. بي قاعدي بالواسطہ فعلن جي فهرست هن ضلعي ۾ ساڳي ڪانهي، اها هن ريت آهي:

### (الف) بنيادي حرف علت جي مضبوطي

| ذاتو | بالواسطہ |
|---|---|
| گهہ (گهہ) | گاهہ (ڳاهہ) |
| چہ (ڪڙ) | چا (ڪٽاءِ) |
| چڙهہ (چڙهہ) | چاڙهہ (چاڙهہ) |
| وڙ (وڙ) | واڙ (واڙ) |
| سڙ (سڙ) | ساڙ (ساڙ) (معروف) |
| ڍئہ (ڪر) | ڍا (ڪيراءِ) |
| پئہ (پئہ) | پا (پاراءِ) |
| لئهہ (لهہ) | لاهہ (لاهہ) |
| ويهہ (ڪيڙ) | واهہ (ڪيڙاءِ) |
| چڙ (چڙ) | چيڙ (چڙاءِ) |
| رڙهہ (رڙهہ) | ريڙهہ (ريڙهہ) (معروف) |
| ڄڙ (ڄڙ) | ڄوڙ (ڄوڙ) |
| ٽر (هل) | ٽور (هلاءِ) |
| مڙ (مڙ) | موڙ (موڙ) |
| لڙهہ (لڙهہ) | لوڙهہ (لوڙهہ) |

هن سري هيٺ ٻي قاعدگيون هن ريت آهن:

| ذاتو | بالواسطہ |
|---|---|
| ڊس (ڏسج) | ڊيک (ڏس) ڌس (ڏس) |
| نڪڙ (نڪڙ) | نڪيڙ (نڪيڙ) (معروف) |

### (ب) آخري وينجڻ/حرف صحيح جي تبديلي:

| ذاتو | بالواسطہ |
|---|---|
| پچ (پچ) | پن (پچ) |
| بجهہ (ٻڌج) | بڌ (ٻڌ) |
| ڦاٽ (ڦاٽ) | ڦاڙ (ڦاڙ) |
| جاپ (جاپ) | جاڻ (جڻ) |
| جم (ڄم) | ڄن (ڄڻ) |
| پس (پسج) | پيهہ (پيهہ) |

(ت) آخري حرف علت حذف ٿيڻ ـ بنيادي حرف صحيح ۾ تبديلي:

| ڌاتو | بالواسطہ |
|---|---|
| ڏُڪ (ٻھچ) | "ڏو" (ڏوءِ) |
| لڳ (لڳ) | لا (لڳاءِ/لاءِ) |
| ڪاڄ (ڪاڄ) | ڪا (ڪا) |
| تپ (تپ) | تا (تپاءِ) |
| سيپ (سبج) | سي (سِب) |
| جُپ (جُٽ) | جو (جوٽ) |
| ڦِس (ڦِس) | ڦي (ڦيھہ/ڦساءِ) |

(د) بنهي آخري حرف علت ۽ حرف صحيح جي تبديلي:

| ڌاتو | بالواسطہ |
|---|---|
| وڪ (وڪج) | ويچ (وڪڙ) |
| ڇُٽ (ڇُٽ) | ڇوڙ (ڇوڙ) |
| ٽُرت (ٽُٽ) | تروڙ (توڙ) (معروف) |
| ٻڏ (ٻڏ) | ٻوڙ (ٻوڙ) |
| ڏُپ (ڏپ) | ڊوھہ (ڌُھہ) |
| ڪُس (ڪسج) | ڪوھہ (ڪوھہ) |
| مُس (مُس) | موھہ (موھہ) |
| ڦس (ڦاس) | ڦها/ڦسا (ڦاساءِ) |
| رنهہ (رھُہ) | رک (رک) |

(ج) هيٺيان بنهہ بي قاعده آهن:

| ڌاتو | غائب واحد مستقبل |
|---|---|
| آ (اچ) | آڻ (آڻ) |
| ڊهي | ڊي (ڏي) |
| نِڪل (نڪر) | ڪڍ (ڪڍ) |
| پِي (پي) | پلا (پيار) |

**ضميري پڇاڙيون:**

اهي شاهپور جيان ئي فعلن سان استعمال ٿينديون آهن سواءِ ضمير حاضر جي. ملتانيءَ جي نموني لاءِ "کرچائو پٽ" وارو نقل ڏنو ويو آهي. اهو فارسي رسم الخط ۾ لکيل آهي. گڏو گڏ ملتان ۾ مروج لنڊا اکرن ۾ پڻ آهي. اهي ٻئي ضلعي آفيسر وٽان مليل ڪاغذن جا نقل آهن. لنڊا اکر ضلعي کان ضلعي ۾ بدلجندا آهن. ان ڪري آءٌ انهيءَ الف ب جو نمونو پڻ ڏئي رهيو آهيان جنهن سان گڏ ملتان مان مليل لنڊا اکرن واري نموني جي الف ب پڻ ڏني اٿم. اهو نمونو توهان کي هن رسم الخط جي ڦير گهير جو اندازو ڪرائيندو. وچ وارن حرفن وارا چوٽا سر به ڇڏيا ويا آهن. باقي وچ وارا ڊگها سُر جتي جتي نشانيون ملن ٿيون اتي ظاهر ڪيل آهن. جيڪي شروعاتي صورتن ذريعي ڪيون ويون آهن. انهن شروعاتي حرف علتن لاءِ به صرف ٽي نشانيون رکيل آهن. ان کان سواءِ وسرگ صورتن لاءِ ڏنل نشانيون اڻ پوريون آهن. جن کي انهن جي اوسرگ صورتن ۾ پيش ڪيو ويو آهي. جيئن "چا" "جها" ، "تا" ۽ "ڊا" لاءِ آهي. ٻئي طرف هن ڪتاب ۾ اهڙي متبادل صورتخطي ڏني وئي آهي جيڪا فارسي رسم الخط جي پيٽ ۾ وڌيڪ ويجهي آهي، جو ته فارسي رسم الخط ۾ صورتخطيءَ جا گهڻا تفاوت آهن جيڪي ان ڪري ٿيا آهن جو لکندڙ ڪٿي ته ادبي پنجابي لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ڪٿي وري لاپرواهيءَ کان ڪم ورتو آهي. البت اکرن ۾ صورتخطيءَ جون تبديليون انهن اکرن جي پنهنجي ڪوتاهين سبب ڏسڻ ۾ اينديون. ڪٿي ڪٿي وري ڪي صورتخطيءَ جون تبديليون ان ڪري به آهن جو آوازن ۾ فرق آهي.




لنڊا اکر (رسم الخط) ۽ انهن جي ڦير گهير

**لهندا ـ ملتاني لهجو**

ہک شخص دے ڈو پتر ہن انہاں وچوں نندھڑے اپݨے پیو کوں آکھیا جو اے

پیو میکوں دے جیہڑا حصہ مال دا میکوں آندا ہے ۔ اتے اوں اپݨی جائداد انہاں

کوں ونڈ ڈتی — اتے تھوڑے ڈیہاڑے پچھوں نندھا پتر سب کجھ کٹھا کر تے

ہک پراݨے دیس وچ ونج رہیا ۔ اتھاں اپݨا مال بدچلنی وچ رووا ڈتس —

اتے اوتھاں جڈاں سب کجھ خرچ کر چکیا تاں اوں ملک وچ وڈا کال پیا ۔

اتے او محتاج تھیوݨ لگا — تڈاں اوں ملک دے ہک رئیس کول ونج

رہیا ۔ جیں اینکوں اپݨیاں زمیناں وچ سور چراوݨ بھیجیا — اتے اوں دی مرضی ہئی

جو انہاں چھلڑاں نال جو سور کھاندے ہن اپݨا ڈھڈ بھرے ۔ پر کہیں اوکوں نہ

ڈتی — تداں ہوش وچ آ کے آکھیوس جے میرے پیو دے کتنیں کمیاں نوں رج روٹی
پئی ملدی ہے تے میں بھکھا پیا مردا ہاں — میں اٹھ کے اپنے پیو کول ویساں
تے اوہنوں آکھساں جو ہے بابو خدا دا تے تیڈے سامنے گناہ کیتم تے ہن ایں
لائق نہیں جو ول تیڈا پتر اکھواواں۔ مینوں ہک اپنیاں کمیاں وچوں بنا —
تداں اٹھ کے اپنے پیو ول ٹریا جداں اجے دور ہا تاں اوہدے پیو اوہنوں
ویکھا تے ترس آیوس تے دوڑ کے اوہنوں گل لایوس تے چمیوس — پتر اوہنوں
آکھیا جو ہے بابو خدا دا تے تیڈے سامنے گناہ کیتم تے ہن ایں لائق نہیں جو ول
تیڈا پتر اکھواواں — پیو اپنیاں نوکراں کوں آکھیا جو چنگی توں چنگی پشاک کڈھ
گھن آؤ تے اوہنوں پواؤ تے اوہدے ہتھ وچ مندری تے پیراں دے واسطے اوہنوں
جتی ڈیو — تے کھاؤ تے خوشی مناؤ کیوں جو میڈا اے پتر مویا ہا ول جیندا تھیا۔
ونج پیا ہا لدھا ہے — تداں او خوشی کرن لگے —

انہاں ڈینہاں وچ اوندا وڈا پتر رُڑھ وچ ہا۔ جیہڑے ویلے او آیا تے ماڑی دے نیڑے پہنچا

گاونڑ تے نچنڑ دی آواز سنیوس — اوں ہک بیلی کوں سڈ کے پچھیوس جو اے

کیا ہے — اوں آکھیوس جو تیڈا بھرا آیا ہے تے تیڈے پیو وڈی ضیافت کیتی

ہے کیوں جو اوں چنگا بھلا لدھا ہس — اوں خفا تھی کے اندر ونجنڑ نہ چاہیا۔

ایں واسطے اوندے پیو باہر آ کے اوکوں منایا — اوں پیو کوں جواب وچ آکھیا ڈیکھ

اتی ورہیں توں تیڈی خدمت کریندا رہیم تے کڈاہیں تیڈے حکم کنوں باہر ناں تھیم

پر تیں کڈاہیں ہک بکری دا بچہ میکوں نہیں ڈتا تاں جو میں اپنڑیاں دوستاں نال خوشی کراں۔

ہنڑ جڈاں تیڈا ایہو پتر آیا ہے جیں تیڈا مال کنجریاں وچ روڑھ ڈتا تاں تئیں اوندے کیتے

وڈی ضیافت کیتی — اوں اوکوں آکھیا ہے پتر توں سدا میڈے کول ہیں تے

جو کجھ میڈا ہے تیڈا ہے — پر خوشی کرنڑ تے خوش تھیونڑ لازم ہا کیوں جو تیڈا ایہو

بھرا مویا ہا سو جیندا تھیا — تے ونج گیا ہا سو لدھا ہے۔

هند آريائي خاندان — اتر- اولهه وارو گروهه

**لهندا يا مغربي پنجابي**

ملتاني لهجو — ضلع ملتان











سوداگر ڇھڙي ـ ويلي گھر ـ ڏون ٽُرڻ لگا، ڇڇو ـ يگت ھڪ ٻُڪ سُوھادا (رڪ جو) پر ـ ڪر سجُون (سڄي) تي ھڪ ڪبيون چا ـ ستي ـ ٿُس.

سوداگردي تريمت اون ـ ڪون آکِئا "ڇڇو آجڻ ـ تونڙي گُسا (غصـ) بٿئا ـ ھي، تون وت مافي (معافي) منگ" "اُون وت مافي منگي، ڇڇُو آکِئا. "مٺن تٺدي اُتي نراج (ماراض) نھين. اي ساھا مٺن گِلا تي اُستت (تعريف) ڪرڻ ـ والِٺان دي مُونھ ـ وِچ گھَتِي ـ ھي.

ڪسا (قصہ) گيئا پر

تي آسان رِھيو ـ سي اُڙوار ([1]) (ھن پاسي)

[1] لوڪ ڪھاڻي جي پڇاڙيءَ ۾ اھڙا جملا لڳايا ويندا آھن جن مان خبر پوندي آھي تہ ڪھاڻي پوري ٿي.

# ٻهاولپوري

ٻهاولپور رياست جي وڏي حصي ۾ ڳالهائجڻ واري ٻولي "ٻهاولپوريءَ" نالي سڃاتي ويندي آهي. اُها ملتان جي ملتانيءَ جهڙي آهي. رياست جي اتر ـ اوير ڏانهن اٽڪل 150,000 ماڻهو گاڏڙ پنجابي ڳالهائيندا آهن جيڪا منٽگمري ضلعي جي اوير ۾ ملي ٿي. رياست جي اڀرندي واري سرحد سان لاڳو بيڪانير ۽ جيسلمير ۾ بيڪانيري ڳالهائي وڃي ٿي، ۽ سنڌي وري ڏکڻ پاسي سنڌ واري سرحد وٽ ڳالهائيندا آهن.

انهن مختلف ٻولين جي ڳالهائيندڙ جو تعداد هن جائزي لاءِ ڪٿي هن ريت ڏجي ٿو:

| | |
|---|---|
| ٻهاولپوري | 458,000 |
| پنجابي (گاڏڙ) | 150,000 |
| مارواڙي | 10770 |
| سنڌي | 21416 |
| ٻيون ٻوليون | 9556 |

**رياست جي ڪل آبادي** (1891ع) . 650,042

1911ع واري آدم شماريءَ ۾ ملندڙ انگ اکر هن ريت هئا:

| | |
|---|---|
| ٻهاولپوري | 565,502 |
| پنجابي | 162,278 |
| مارواڙي | 21184 |
| سنڌي | 22138 |
| ٻيون ٻوليون | 95391 |

(1911ع) **ڪل تعداد..** 780 ،64

وچ واري عرصي ۾ وڌندڙ آباديءَ کي ڌيان ۾ رکي ڏسبو تہ مارواڙيءَ جو ڪاٿو بلڪل گهٽ هو يا وري ائين سمجهجي تہ انهن سالن ۾ هن ٻولي جي ڳالهائيندڙن جو وڏو انگ هتي اچي آباد ٿيو هوندو.

ٻهاولپوريءَ جي نموني ڏيڻ لاءِ آءٌ هڪ فوجداري ڪورٽ ۾ آيل ملزم جي بيان جي ڪاپي ڏئي رهيو آهيان. اُهو ڏسي سگهجي ٿو تہ اها ساڳي ملتان واري ملتانيءَ جهڙي ٻولي آهي. فرق وارا نڪتا صرف اهي آهن جو "تهاڏا" (تنهنجو) بدران "تئاڏا" استعمال ڪيل آهي ۽ ڳنڍيندڙ ڪردنت ناهڻ لاءِ لفظ "ڪراهين" جو استعمال: مثلاً "چڙهہ ڪراهين" (چڙهي (ڪري) (اُهو ديره غازي خان ۾ بہ مروج آهي). ۽ پنجابيءَ جو "آڻ". (اچي ـ جيڪو مظفر ڳڙهہ ۾ بہ مروج آهي). اسين "ڄَن" ۽ "هِن" جو استعمال بہ ڏسي سگهون ٿا جنهن جي معنيٰ "اُهي آهن" ۽ "اُهي هئا" ٿئي ٿي سگهي ٿي.

اسان کي هڪ ٻئي ضميري پڇاڙي بہ "ڏت ـ اون ـ ڦس" ۾ ملي ٿي جنهن جي معنيٰ آهي "ڏنائونس".

# ديره غازي خان جي هندڪي

مظفر ڳڙهه ۽ بهاولپور جي هڪدم اولهه طرف سنڌوءَ جي هُن پار ديره غازي خان جو ضلعو پوي ٿو. ان جي ئي اولهه ۾ بلوچستان پڻ آهي، جتي جي مکيه ٻولي بلوچي آهي، جڏهن ته ان جي ڏکڻ ۾ سنڌ آهي جتي جي مکيه ٻولي سنڌي آهي.

ديره غازي خان جي مکيه ٻولي، مظفرڳڙهه جيان لهندا آهي، پر گهڻو ڪري بلوچ بلوچي ڳالهائيندا آهن. ميداني علائقن جا ڪيترا بلوچ، بهرحال لهندا ئي ڳالهائين ٿا. ديره غازي خان جي لهندا جا ڪيترائي نالا آهن جن ۾ هندي، هندڪي، جتڪي ۽ ديري والي وغيره شامل هن. بلوچ جتن کي "جغدال" سڏيندا آهن. ۽ لهندا کي " جغدالي" چوندا آهن. مون هنن صفحن ۾ ان کي هندڪي سڏيو آهي.

ٿلهي ليکي چئبو ته هن ضلعي جي اولهه ۽ ڏکڻ پاسي بلوچي ڳالهائيندڙ ٿا رهن ۽ باقي هنڌن تي هندڪي ڳالهائيندڙ رهن ٿا. نقشي ۾ ڏيکاريل سنڌو. مسٽر ايم ايل ڊيمس مهرباني ڪري ڪڍيو آهي جيڪو هندستان سول سروس سان تعلق رکي ٿو ۽ بلوچيءَ تي عبور رکڻ لاءِ مشهور آهي. هن هيٺيان رايا ڏنا آهن (هو بلوچيءَ جي باري ۾ ڳالهائيندي "ٻاهر" جو جيڪو لفظ استعمال ڪري ٿو سو اوپر طرف يا لهندا واري طرف جي باري ۾ ڪري ٿو.)

"بي شڪ ڪيترائي اهڙا ماڻهو هن ليڪ يا سنڌي کان ٻاهر آهن جيڪي بلوچي ٿا ڳالهائين، ڪيترا اهڙا به آهن جيڪي اندر آهن، پر مغربي پنجابي ٿا ڳالهائين. خاص ڪري شهرن ۾، مون "چوٽي" کي ٻاهر رکيو آهي چو ته اتي رهندڙ گهٽائي، عام طرح سان، بلوچي نٿي ڳالهائي، جڏهن ته ٻئي طرف روجهاڻ ۾ هندو واپاري پڻ اها سمجهن ٿا ۽ چڱيءَ طرح ڳالهائي پڻ سگهن ٿا. جيتوڻيڪ هو پاڻ ۾ اها ڪونه ڳالهائين. اسنيءَ ۾، جيڪو درشڪ قبيلي جو صدر ـ مقام آهي، اُها تمام گهٽ استعمال ٿيندي آهي. اهو قبيلو جتن سان تمام گهڻو گڏيل هئڻ ڪري ڪيتري حد تائين بلوچيءَ جي استعمال کي ڇڏي چڪو آهي. اها ئي ڳالهه ٻين سيني اهڙن قبيلن لاءِ چئي سگهجي ٿي، جيڪي جبلن کان پري ٿا رهن. جيتوڻيڪ ميدانن ۾ به ڪجهه ميلن تائين بلوچي پهتل آهي. مزاري ان جو پورو استعمال ڪن ٿا. ايتري قدر جو سنڌوءَ جي ڪابي ڪپ تي به اها استعمال ڪن ٿا.

1891ع ۾ ديره غازي خان ۾ ٽنهي ٻولين جي ڳالهائيندڙن جو تعداد هن ريت هو:

| | |
|---|---|
| هندڪي | 362,270 |
| بلوچي | 27728 |
| ٻيون ٻوليون | 14033 |
| **ڪل تعداد** | 404,031 |

1891ع کان پوءِ ضلعي جي آبادي وڌي وئي آهي، ۽ 1911ع جا انگ اکر هن ريت آهن:

| | |
|---|---|
| هندڪي | 611,449 |
| بلوچي | 68921 |
| ٻيون ٻوليون | 9915 |
| **ڪل تعداد** | 528,447 |

آءٌ مقروض آهيان مسٽر جُوڪس جو جيڪو مغربي پنجابي ۽ انگريزيءَ جي ڊڪشنريءَ جو مصنف آهي، جتان ديره غازي خان جي لفظن جي بهترين فهرست ملي اٿم، جنهن کي اڳيان رکيو اٿم. انهيءَ لهجي بابت راءِ، گهڻو ڪري انهيءَ ڊڪشنريءَ جي لفظن تي ٻڌل آهي. ضلعي اختياريءَ وارن طرفان ٻه نمونا مهيا ڪيا ويا آهن. هڪڙو ته اهوئي "خرچائو پٽ" واري نقل جو نمونو آهي، ۽ ٻيو انصاف جي عدالت ۾ هڪ ملزم شخص جو بيان آهي. اهي اڳتي ڏنا ويا آهن.

جيئن ته مسٽر جُوڪس ديره غازي خان جي هندڪيءَ لاءِ فارسي رسم الخط استعمال ڪيو آهي ۽ مون به انهن اکرن ۾ نمونا ڏنا آهن ۽ گڏوگڏ رومن اکرن ۾ به لکيو اٿم.

مجموعي طرح ديره غازي خان جي هندڪي، مظفر ڳڙهه واري ملتانيءَ واري لهجي جي گروهه سان واسطو رکي ٿي، پر اها سنڌيءَ سان تمام گهڻي ويجهائپ ڏيکاري ٿي.

الف ـــ ب: مسٽر جُوڪس هندڪيءَ لاءِ لکيل اکرن جو نمونو فارسي رسم الخط ۾ مهيا ڪيو آهي. حرف صحيح هن ريت آهن:

| هندڪي | سنڌي | هندڪي | سنڌي | هندڪي | سنڌي | هندڪي | سنڌي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ا | الف | ح | ح | ش | ش | گ | گ |
| ب | ب | خ | خ | ص | ص | ڳ | ڳ |
| ٻ | ٻ | د | د | ض | ض | ل | ل |
| پ | پ | ڈ | ڊ | ط | ط | م | م |
| ت | ت | ڈ | ڏ | ظ | ظ | ن | ن |
| ٹ | ٽ | ذ | ذ | ع | ع | ں | ن(غنو(ن) |
| ث | ث | ر | ر | غ | غ | نج | ڃ |
| ج | ج | ڑ | ڙ | ف | ف | نڑ | ڻ |
| ڄ | ڄ | ز | ز | ق | ق | و | و |
| چ | چ | س | س | ک | ڪ | ه | ه |
| | | | | | | ي | ي |

حرف علت "اَ"، "آ"، "اِ"، "اِي"، "اُ"، "اُو"، "اي"، "آي"، "او"، آو". اهي ايئن هوندا آهن جيئن هندستانيءَ ۾. ٻنهه چوٽن سرن "اِ" ۽ "اُ" لاءِ جدا نشانيون ڪونه آهن اهي ساڳيا (i) ۽ (u) جيان ئي لکيا ويندا آهن. جيتري قدر "آءِ"، "آو" ۽ "آئي" جو تعلق آهي اهي اسان ملتانيءَ ۾ ڏٺا پر هتي اهي نظر نٿا اچن. جتي ملتانيءَ ۾ "آءِ" موجود آهي اُتي هندڪيءَ ۾ وري "اَ" هوندو آهي، ۽ جتي ملتانيءَ ۾ "آو" هوندو آهي اتي هندڪيءَ " "آ" يا "اَ" هوندا آهن، ۽ جتي ملتانيءَ ۾ "آئِي" هندڪيءَ ۾ "اي" آهي. اهڙي طرح سان:

| ملتاني | هندڪي |
|---|---|
| وَٺهرِ (ڳابي) | وَهڙ |
| ووهُڙ (ڳابو) | وَهَڙ |
| پوهُر (واڇ) | پاهر |
| ٻَٽنا (وينو) | ٻينا |

حرف صحيح گهڻو ڪري هندستانيءَ وانگر اچاريا آهن. صرف ڪجهه هيٺ ڏنل حرف صحيح، ڌيان جوڳا آهن.
ٻ، ڄ، ڏ، (ڏ)، ڳ، (ڳ)، نج، (ڃ)، ۽ ڙ (ڻ).
ڊاڪٽر جُوڪس جيڪا متبادل صورتخطي ڏني آهي، اها هن جائزي سان لهڪي نٿي اچي. ان ڪري سنڌس طريقو هيٺ ڏجي ٿو ته جيئن سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي.

| هندڪي اکر | متبادل سنڌي اکر |
|---|---|
| ٻ | ٻ |
| ڄ | ڄ |
| ڏ | ڌ |
| ڳ | ڳ |
| نج | ڃ |
| نڙ | ڻ |

ٻهريان چار اکر جن کي مون چوسڻ آوازن لاءِ حرفن سان ظاهر ڪيو آهي، اُنهن کي اچارڻ مهل، ڍگهو ڪري زور ڏنو ويندو آهي، ۽ ڪنهن حد تائين انهن کي اندر ڇڪي چوسڻ جي ڪوشش نظر ايندي جڻ ته انهن کي ورجائڻ بدران رڳو ٻٽو اچارڻ جي ڪوشش ڪندا هجن. اهي اکر گهڻو ڪري لفظن جي مُهڙ جا عام آهن، جيئن "ٻيا"، "ڄٽ"، "ڏُون" (ٻه)، "ڳيا" (ويو) وغيره. ڪيترن موقعن تي بنيادي طرح اهي چوسڪاري وارا آواز ئي آهن، پر سنڌيءَ وانگي، انهن ۾ به لفظن جي شروع ۾ هلڪن آوازن جي بدران ڳرن وينجنن جي اُچارڻ جي عادت ملي ٿي، جيتوڻيڪ انهن لاءِ ڪوبه لغوي سبب ڪونه هوندو آهي.

"ڃ" وارو آواز سموري لهندا واري علائقي ۾ عام آهي. ڊاڪٽر جُوڪس جو چوڻ آهي ته ان جو آواز ڪجهه "نج" ۽ "نيه" جي وچ وارو آهي، جيڪو ڪڏهن هڪ طرف ته ڪڏهن ٻئي طرف لڙي ٿو. اهو سواءِ "وڃڻ" جي، ٻئي ڪنهن به هنڌ ۽ خاص ڪري شروع ۾ استعمال نٿو ٿئي. اَمر "وڃ" ۾ "ڃ" جو آواز وڌيڪ چٽائيءَ سان اچارجي ٿو جڏهن ته "وڃيندا" (ويندو) ۾، هن جو خيال آهي ته "ي" جو اُچار وڌيڪ واضح آهي "وئيندا". هي اکر ديونا گريءَ جي اهڙي اکر يا "نج" سان هڪ جهڙائي رکي ٿو جيڪو مون (ڃ) ڪري لکيو آهي.

"ڻ" ساڳيو پشتو وانگر اچاريو آهي، جيئن گهڻو يا نڪ مان اچاريل "ڙ" هجي، "وڃڻ" جو اچار جڻ ته "ونيڙ" آهي.

**عدد:**

**پهريون ڦيرو** اُهو ساڳيو ملتانيءَ جمڙو آهي:

| جمع | واحد |
| --- | --- |
| گهوڙا | گهوڙي |
| ماري | مارئا |
| ڳئي (ويا) | ڳيا (ويو) |

اهو ڏسو ته اسم مفعول جو جمع ساڳيو ماتانيءَ جمڙو ڪونهي. ٻي قاعدي مثال آهي "چٽان" (چٽو) فاعلي جمع اٿس "چٽين" (چٽا) يا "چٽئان".

**ٻيو ڦيرو:**

هن ڦيري جو هڪڙو ئي اسم مون کي مليو آهي سو آهي "ڪُڪُڙ". ان جو گردان ساڳيو ملتانيءَ وانگي آهي. ملتانيءَ جا ٻيا هن ڦيري جا اسم، هندڪيءَ ۾ ٽئين ڦيري ۾ شامل آهن.

**ٽيون ڦيرو:** ملتانيءَ وانگي

| جمع | واحد |
| --- | --- |
| گهر | گهر |
| ڪانگ | ڪانگ |
| نائِي | نائي |
| پڳو | پڳو (پيءُ) |
| ٽٹُون | ٽـٹُون |
| آدمين | آدمي |

**چوٿون ڦيرو:**

(مونث) هن جو مذڪر ملتانيءَ جيان نهندو آهي.

| جمع | واحد |
| --- | --- |
| پيٹان | پيٹُ |
| گهوڙئان | گهوڙي |
| ڳئِئان | ڳئي (وئي) |
| ماوان | ما (ماءُ) |

بي قاعدي آهن:

| واحد | جمع |
|---|---|
| لانهه (رسي) | لاهان |
| ورهين (ورهيءَ) | وَرهين يا ورهيئان |
| نُونهه (نُنهن) | نونهان/نوهرين/نورهين |

**پنجون ڦيرو:** (مونث) هن ۾ جمع ٺاهڻ لاءِ ملتانيءَ وانگر "اين" ڳنڍيندا آهن ـ جيئن:

| واحد | جمع |
|---|---|
| اک | اکين |
| گالهه | گالهين |
| چوهڙ | چوهڙين |
| گئون | گنوين |
| ڏي | ڏيرين/ڏيئان |
| تريمت (زال) | تريمتين |

**ڇهون ڦيرو:** (مونث)

ملتانيءَ وانگي هن ۾ به جمع ٺاهڻ لاءِ "اون" ملائڻ سان ٺهندا آهن.

| واحد | جمع |
|---|---|
| هَنجهه | هَنجهون |
| تند | تندون |
| پلهه (هڪ ميوو) | پيلهون |
| پينڊ (پڪل ڪجي) | پينڊون |

**حالت:**

پهرئين قسم جي ڦيري وارن لفظن ۾ واحد جي مفعولي صورت ۾ پڇاڙيءَ ۾ "اي" هوندو آهي ۽ جمع ۾ "اين" ـــ ان ڪري "گهوڙي دا" (گهوڙي جو) ۽ "گهوڙين دا" (گهوڙن جو) ٺهن ٿا.

ٻئي قسم جي ڦيري ۾ اسان کي "ڪُڪڙ دا" (ڪُڪڙ جو) ۽ "ڪُڪڙين دا" (ڪڪڙين جو) بناوت ملي ٿي.

ٽئين قسم جي ڦيري ۾ مفعولي واحد، فاعلي جمع وانگر، ساڳيو فاعلي واحد جهڙو هوندو آهي. مفعولي جمع ۾ وري "اين" جوڙيندا اٿس. اهڙيءَ طرح "گهر" (واحد) مان ٺهندو، "گهر دا" (گهر جو) ۽ "گهر" (جمع) مان ٺهندو "گهرين دا" (گهرن جو).

**استثنيٰ:** ـــ "آدمي" ـ "آدمي دا" (ماڻهوءَ جو) ـ واحد ۾.

آدمين ـــ آدمين دا (ماڻهن جو) ـ جمع ۾.

چوٿين قسم جي ڦيري ۾ (مونث ۾) مفعولي واحد ساڳيو اُهوئي هوندو آهي جيڪو فاعلي واحد. البت مفعولي جمع ۾ فاعلي جمع وارو آخري "آن" جو آواز ڦري "اين" ٿي پوندو آهي. اهڙي طريقي سان "گهوڙي" مان "گهوڙي دا" ۽ گهوڙٽان" مان "گهوڙيٽين دا" ٺاهيندا آهن.

پنجين ۽ ڇهين ڦيري (مونث) ۾ وري مفعولي واحد ساڳيو فاعلي واحد جهڙو هوندو آهي جڏهن ته مفعولي جمع وري ساڳيو فاعلي جمع جهڙو ئي هوندو آهي. مثال طور:

| | |
|---|---|
| اک (اکين) | اک دا (اک جو) |
| اکِين (اکيون) | اکِين دا (اکين جو) |
| هجهه (لڙڪ) | هجهه دا (لڙڪ جو) |
| هجهون (لڙڪ جو) | هجهون دا (لڙڪن جو) |

استثنيٰ:

ڌي (ڌيءَ) ـ ڌي دا" (ڌيءَ جو)

ڌيڙين يا ڌيٽان (ڌيئرون/ڌيئون) مان ـ ڌيڙين دا يا ڌيئين دا (ڌيئرن جو/ڌيئن جو).

هيٺ ڏنل خاڪو هر هڪ ڦيري ۾ مفعولي صورتن جو باقاعدي نهڻ ڏيکاري ٿو.

| ڦيرو | واحد فاعلي | واحد مفعولي | جمع فاعلي | جمع مفعولي |
|---|---|---|---|---|
| (1) | گهوڙا | گهوڙي | گهوڙي | گهوڙين |
| (2) | ڪُڪڙ | ڪُڪڙ | ڪُڪڙ | ڪُڪڙين |
| (3) | گهر | گهر | گهر | گهرين |
| (4) | آدمِي | آدمِي | آدمِين | آدمين |
| (5) | گهوڙي | گهوڙي | گهوڙٽان | گهوڙٽين |
| (6) | اک | اک | اکِين | اکِين |
| (7) | هجهه | هجهه | هجهون | هجهون |

اهو ڏسي سگهجي ٿو ته مفعولي صورتون ساڳيون مظفر ڳڙهه جهڙيون آهن.

متعدي مجهول واري فاعلي حالت جي صورت پڻ ساڳي مفعوليءَ جهڙي آهي. حالت مڪاني، ڪجهه اسمن لاءِ ساڳي ملتانيءَ جهڙي نهي ٿي: جيئن ويلا (ويل)، ويلي (ويل تي). ٽئين ڦيري جي اسمن ۾ حالت مڪانيءَ ۾ واحد اسم جي صورت ساڳي فاعلي ۽ مفعولي صورتن جهڙي ٿيندي آهي. جيئن لفظ "گهر" آهي ـ اهو گهرِ (گهر تي) ئي رهندو.

مربوط مڪاني جمع جي نموني طور ٻهريون مثال "هٿين" (هٿن تي) جو آهي ۽ ٻيو "پٽرين" (پيرن تي) جو آهي.

هيٺ حالتن لاءِ پڇاڙي پد ڏنل آهي.

**حالت اضافت:** دي (جا)

**حالت مفعولي ثاني:** ڪون (کي)

**حالت جري :** ڳنون (کان)

**حالت مڪاني:** وچ (۾)

**صفتون:**

صفتون ساڳين اصولن موجب هونديون آهن.

مَندا گهوڙا (مندو ـ خراب گهوڙو)

مندي گهوڙي دا (مندي (خراب) گهوڙي جو)

مندين گهوڙين دا (مندن خراب گهوڙين جو)

منڍي گهوڙي (مندي (خراب) گهوڙي)

مندي گهوڙي دا (مندي گهوڙيءَ جو)

مندئان گهوڙئان (منديون گهوڙيون)

مندئين گهوڙئين دا (مندين گهوڙين جو)

ڪيترين ئي اهڙين صفتون، جن ۾ "آ" هجي، اهي ان کان گُهٽو ڪري ڇڏينديون آهن. ۽ اهو عمل سيني صورتن ۾ جاري رهي ٿو. اهڙيءَ طرح "چنگان" (چڱو) جو مذڪر مفعولي واحد آهي "چنگين". فاعلي ۽ مفعولي جمع اٿس ساڳيو چنگين. مونث ۾ "چنگِين"، مفعولي واحد پڻ "چنگِين" اٿس. فاعلي جمع ۾ وري "چنگِئين" ٿيو وڃي. پيٽ وارو عمل رواجي نمونې ٿيندو آهي، جيئن:

پيرڻ ڳنُون لمبا (پيرڻ کان ڊگهو)

سپرائين ڪنون "چنگان" (سيني کان چڱو)

هِڪو ـ (هڪ ـ صرف هڪ) . سپو (سپ ـ سپئي)

ٻيئا ـ (ٻيو) هيٺئين طريقي سان ڊيرائبو آهي:

**واحد**

| حالت | مذڪر | مونث | جمع (پيٽ/عام وغيره) |
|---|---|---|---|
| فاعلي | هِڪو | هِڪِي | هڪي |
| مفعولي | هڪي | هِڪي | هِڪ نين/هڪڙين |
| فاعلي | سپو | سپي | سپنان |
| مفعولي | سپي | سپي | سپنين/سپڙين/سپڙائين |
| فاعلي | ٻيئا | ٻئي | ٻهان |
| مفعولي | ٻيئي | ٻئِي | ٻهين |

پهريان ڏهه انگ لفظن جي فهرست ۾ ڏنل آهن جڏهن ته هتي مڪمل فهرست ڏني وئي آهي:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| هڪ/هڪاڙا | ستارهان | چوَترِي | اِڪوِجَاها | چيئائٽِ | ترئاسي |
| هڪڙا | اٺاران | پئنترِي | ٻوجها | ستائِٽ | چوراسي |
| ڏون | اُنوِي | ڇَترِي | ترِوجها | اٺائِٽ | پچاسي |
| ترِائي | ويهه/وي | سَتَترِي | چَووجها | اُنهترِ | ڇٿاسي |
| چار | اِڪوِي | آٺترِي | پچوجها | ستر | ستأسي |
| پڃ | ٻاوِي | اُنتالِي | ڇي وجها | اِڪترِ | اٺاسي |
| ڇي | تريوِي | چالهِي | (ڇيوجها) | ٻهترِ | اُنانمي |
| ست | چاوِي | اِڪتالِي | ستوجها | ترِهترِ | نوي |
| اٺ | پچوِي | ٻيتالي | اٺوجها | چورترِ | اِڪانمي |
| نون | ڇوِي | تريتالي | اُنائٺ | پچهتَر | ٻيئانمي |
| ڏاهه | ستاوِي | چَونتالي | سَٺ | ڇيهترِ | تريانمي |
| يارهان | اٺاوِي | پئنتالي/پچتالِي | اِڪائٺِ | ستترِ | چورانمي |
| ٻارهان | اُنترِي | ڇتالِي | ٻائٺِ | آٺترِ | پچانمي |
| تيرهان | تريهه | سَتتالِي | ترِي آئٺ | اُناسي | ڇٿانمي |
| چوڏهان | اُڪترِي | آٺتالي | چوئٺِ/چووٺ | اَسي | ستانمي |
| پندرهان | ٻترِي | اُنوِجها/اُنئجاها | (چَونٺ) | اِڪاسي | اٺانمي |
| سولهان | تيترِي | پجها | پچائِٺ | ٻيئاسي | وڏانمي |
| | | | | | سَو |

مون کي ڪا چاڻ ڪانهي ته ڪو پهرين ڏهن انگن جون مفعولي صورتون ملتانيءَ وانگر آهن يا نه. پر اسين اهو اندازو لڳائي ٿا سگهون ۽ ڪن لفظن جي جمڪتن ۾ اهڙا نمونو ملن ٿا. مثلاً :

ڏونئين واري (ٻئي پيري)

ڪي رواجي زوراڻيون صورتون به آهن:

ڏونهين (ٻئي)

تريهي (ٽيئي)

چارَهي (چار ئي) (مفعولي صورت چوَاهان)

قطاري عدد آهن:

پهلڙا (پهريون)

ڏُوجها (ٻيو)

تريجا (ٽيون)

ڇوٿو (ڇوٿون)
پڄوان (پنجون)
ڇيوان (ڇهون)
ستوان (ستون)
وغيره وغيره

**ضمير:** پهريان ٻه خالص ضمير هن ريت ڏين ٿا:

| | |
|---|---|
| مَئِن | تون |
| مئن (متعدي مجهول واري فاعلي حالت جو واحد) | تئُو/تئن (متعدي مجهول واري فاعلي واحد) |
| مَئن يا مئہ (مفعولي واحد) | تئن يا تئِہ (مفعولي واحد) |
| معڏا (منهنجو) | تئڏا (تنهنجو) |
| اسان (اسين) | تُسان (توهين) |
| اسان (اسان) | تُسان (توهان) |
| (متعدي مجهول وارو فاعل جمع) | (متعدي مجهول وارو فاعل جمع) |
| آسا (مفعولي جمع) اسان | تُسا (مفعولي جمع) توهان |
| اساڏا (اسان جو) | تُساڏا يا تُهاڏا (توهان جو) |

هيٺيان مثال آهن ضمير غائب جي صورتن جا ۽ ضمير اشاري ـ ويجهي ۽ ڏور جا:

| واحد | (ويجهو) | (ڏور) |
|---|---|---|
| حالت فاعلي | اي يا اهِ (هي يا اهو) | اُو يا اُوهہ (هو يا اُهو) |
| متعدي مجهول واري فاعلي حالت | اِين (هِن) | اُون (هُن) |
| مفعولي حالت | اِين (هِن) | اُون (هُن) |
| اضافت | آيندا (هِن جو) | اُندا (هُن جو) |
| **جمع** | | |
| حالت فاعلي | اي، ايهہ (هي، اهِي) | او يا اُهہ (هو/اُهو) |
| متعدي مجهول واري حالت فاعلي | اِنهين، (هِنن) | اُنهين (هُنن/اُنهن) |
| مفعولي | اِنهين (هِنن) | اُنهين (هنن/انهن) |
| اضافت | انهين دا (هنن جو) | اُنهين دا (هُنن جو) |

ضميري پڇاڙيون ساڳيون ملتانيءَ جهڙيون آهن. هيٺ ڏنل مثال ڪنهن حد تائين ڊاڪٽر جُوڪس جي ڊڪشنريءَ تي مدار رکن ٿا:

**ضمير متڪلم واحد:** چنگان لڳد ـ ئِم (چڱو ٿو لڳيم)

**ضمير متڪلم جمع:** اي ڳالهه سڀ دي ها ـ سي (اها ڳالهه پئي ٻڌيسين)

**ضمير حاضر واحد:** جيڙها هُن ڏهيندا ـ اي (جيڪو هاڻ ڏنو پيو وڃئي)

**ضمير حاضر جمع:** مئن ـ ڳون الاوڻ نہ ڏتو ـ وي (مون کي ڳالهائڻ نہ ڏنوَ)

**ضمير غائب واحد:** پيئا آکدا هہ ـ ئِس (پيو چويس پيو)

اُون ـ ڪون مِنت ڪيت ـ ئُس (هُن کي منٿ ڪيائين)

**ضمير غائب جمع:** رڙهہ ڪراهين آکِ ـ ئوني ـ (رڙ ڪري چياؤن)

**ضمير موصول:** آهي "جو" يا جيڙها"، مفعولي واحد ائس "جئن" فاعلي جمع "جنهان"، مفعولي "جنهين". ان جو جواب موصول آهي "تئن"، مفعولي واحد "تئن"، فاعلي جمع "تِنهان" ۽ مفعولي "تنهين".

**ضمير استفهام آهن:**

(1) "ڳون"، "ڪون"، يا "ڪيڙها" (ڪير/ڪهڙو) مفعولي واحد "ڪئن"، فاعلي جمع "ڪِنهان" مفعولي جمع "ڪِنهين".

(2) "ڪِئا"، "ڪي"، يا ڇہ" (ڇا) مفعولي واحد "ڪِت" يا "ڪئن".

**ضمير مبهم آهن:**

"ڪائي"، "ڪئي" يا "ڪهين" (ڪي ڪيترائي) ڪُجهہ. "ڪائي" جو مفعولي واحد آهي "ڪيهين" ۽ جمع ائس "ڪِناهين" يا "ڪنهين".

**ضمير متصل آهن:**

"آپ" (پاڻ) ـ اضافت "آپڙان" (پنهنجو) "آپت ـ وچ" (پاڻ ـ ۾) جيڪو هندستانيءَ ۾ "آپس ۾" ٿيندو آهي. "آپ هورين" (پاڻ سرڪار/يا پاڻ سڳورا) (احترام مان).

# فعل

## الف ـ معاونِ فعل ۽ خالص فعل:

زمان حال جون ٻه صورتون آهن: هڪ مڪمل ۽ ٻي مختصر يا شسيل يا سوڙهي ڪيل (contracted) اهي هن ريت آهن (۽ ملتانيءَ موجب ٿهن ٿيون:

**زمان حال مان (آءٌ) آهيان** (I am)

| | واحد | | جمع |
|---|---|---|---|
| مڪمل صورت | مختصر ـ شسيلَ صورت | مڪمل صورت | مختصر ـ شسيلَ صورت |
| هان | آن | هئن | آئن |
| هِين | اِين | هو | او |
| هي | اي | هِن | اِن |

زمان حال ٺاهڻ ۾ اسم حاليه جو جڙڻ ضروري آهي جيئن ملتانيءَ ۾ ٿيندو آهي. اهو اسم مفعول توڙي اسمن سان ٻه ٺهندو آهي. اهڙيءَ ريت اسان وٽ مثال آهي "ڪيت ـ اي" (ڪيو آهي)، ڪيتي ـ اي (ڪئي آهي)، ڏت ـ اي" (ڏنو آهي). "آ ـ اي" (آيو آهي) "ڏث ـ اي" (ڏنو آهي)، "مٿڏا ـ اي" (منهنجو آهي)، "تئڏا ـ اي" (تنهنجو آهي). ضرور ـ اي" (ضرور آهي)، درخت ـ اي (وڻ آهي).

زمان ماضي هن ريت ميلاپي ڦيرو ڪندو آهي:

**مان هوس** (I was)

| واحد | جمع |
|---|---|
| هائِم، هَم، هائُس، هاشو | هاسي، هاسون |
| هاوَي | هاوي |
| ها (مونث) هَئِي | هائِين، هَن |

"هائُس" جي هڪ معنيٰ ته "مان هوس" آهي پر ان جي ٻي معنيٰ "هُئَس" (هن وٽ هو ـ جنهن ۾ "ها" معنيٰ "هو" ۽ "ئس" معنيٰ هن وٽ آهي) ڌاتو "هو" مان مصدر آهي "هووڻ". اسم حاليه ٺهي ٿو ته "هوندا"، اسم مفعول "هوئِنا". "هووي" (معنيٰ هُجي) ۽ "هوسِي" (معنيٰ هوندو) وغيره.

ساڳيءَ طرح "ٿي" مان "ٿيوڻ"، "ٿيندا"، "ٿئِا"، "ٿيوي" ۽ "ٿِيسِي" وغيره ملن ٿا. ان کي ڌاتو "ٿا" مان ٺهندڙ "ٿڻ" "ٿيندا"، "ٿِئا"، ٿوي"، "ٿسي" کان ڌار ڪرڻ کپي جنهن جي معنيٰ آهي مناسب هئڻ، پورو هجڻ. وغيره.

ناڪاري فعل جو ڦيرو هن طرح ٿئي ٿو:

| جمع | واحد |
|---|---|
| نِسي | نِمِهين |
| نوهي | ....... |
| ....... | نِها |

ڊاڪٽر جُوڪس ضمير حاضر واحد يا ضمير غائب جمع لاءِ ڪي به صورتون نٿو ڏئي. ان کي اسم مفعول سان استعمال ڪبو آهي جيئن "نِمِهين رهہ ڳئا" (ڪونہ رهيس/ڪونہ رهجي ويس) ۾ آهي.

**معروف فعل:**

باقاعدي فعلن جا متصل ڦيرا ساڳيا ملتانيءَ وانگر آهن. ان کان سواءِ هينيان نڪتا ڏيان جوڳا آهن.

**اسم حاليہ:**

ملتانيءَ ۾ ڪيترن فعلن جو اسم حاليہ "ندا" يا "ايندا" پڇاڙي لڳڻ سان ٺهندو آهي. هندڪيءَ ۾ اهڙين حالتن ۾، انهن ۾ موجود "نون" ڪمزور ٿي پهرئين حرف علت جو صرف هڪ گُهٽو آواز رهجي وڃي ٿو ان ڪري "ندا" ۽ "ايندا" بنجي وڃن ٿا.

| هندڪي | ملتاني |
|---|---|
| آندا | آندا (ايندو) |
| ماريندا | ماريندا (ماريندو) |

اهڙا (ٻن پدن وارا)، جن ۾ ٻئي پد وارو حرف علت "اي" هوندو آهي انهن جو اسم حاليہ جڏهن "ايندا" پڇاڙي رکندو آهي تہ پوءِ اهو حرف علت "اي" ڪري ڇڏيندا آهن. جيئن:

| | |
|---|---|
| اسم مفعول ــ اٽريندا | Winds thread ــ اُٽير |
| اُپيڪندا يا اُپيڪدا | اُپيڪ (اُلٽي) |

اهڙا ٻہ پد/ڏاتو جن ۾ ٻئي پد وارو حرف علت "او" هجي تہ اهي وري ساڳيءَ صورت واري اسم حاليہ مان اهو "او" حذف ڪري ڇڏيندا آهن. ۽ ان جي بدران پهرئين پد ۾ "اُ" وجهندا آهن. ايئن "اَڏيروڙ" (اُڌيڙ/اکيڙ) ــ اسم حاليہ "اُڏڙيندا" (هتي پهرين "ر" پڻ حذف ٿي وئي آهي).

**متعدي:**

گَهسوڙ (گهيڙاءِ) ــ اسم حاليہ "گُهسريندا".

لِپور (ڊگهي فصل جا ڪنا ڪپڻ) اسم حاليہ "لپريندا".

نَچوڙ (نُپوڙ) ــ "نُچڙيندا"

ڦَلور (ڦلهور) ــ "ڦُلريندا"

ٿهور (طهڙ) ــ "ٿُهريندا"

ٽَتول (ٽٽول/ڳول) ــ ٽُتليندا"

| | |
|---|---|
| ڪُٽ (ڪُٽ) | ڪُتا يا ڪُتيا |
| ڪوهہ (ڪهُہ) | ڪُٿا |
| موهہ (موهہ) | مُٺا |
| مُس (ڦاس) | مُٺا يا مُسيا |
| نس (ڀڄ) | نَٺا |
| ڦيهہ يا ڦينهہ (پيهہ) | ڦينا |
| پيهہ (پيهہ) | پِيٺا |
| ٽرهہ يا ٽرهہ (ٿهہ) | ترٺا |
| رُس | رُٺا |
| وس ـ وس (مينهن) | وُٺا يا وَسِيا |
| وس وس (رهہ) | |
| وهہ (وهہ) | وُڙها |
| ڇا (ڪڙ) | ڇاٽا يا ڇاٽِٺا |
| ڏي | ڏتا |
| ڏان (وهنج) | ڏانتا |
| ڌو (ڌو) | ڌوتا |
| جهو (جوٽ) | جهوتا |
| جو (جوٽ) | جوتا |
| ڄا يا ڄان (ڄم) | ڄايا |
| ڄاڻ | ڄاڻِٺا يا ڄاتا |
| ڄاپ | ڄاٿا |
| ڪر | ڪيتا |
| لمب | لِتا يا لِمبٺا |
| نها (وهنج) | نهاتا |
| ني (ني) (وٺي وڃ) | نِتيا (نيٺو) |
| نڪل (نڪر) | نِڪتا (ملتانيءَ وانگر "نِختا" |
| | ڪونہ ٿيندو) يا نِڪلٺا |
| پي | پيتا |
| پو (پُوءِ) | پوتِا |
| سمهہ يا سُمهہ | سُتا يا سَمهِٺا |
| سي | سيتا |
| سُنجاڻ (سڃاڻ) | سُنجاتا يا سُنجاڻٺا |

| | |
|---|---|
| تپ | ٽتا يا تپٽا |
| وٽ | وَٽوتا يا وَٽٽا |
| ولهَپ (ورهائج) | ولهاتا يا ولها پٽا |
| جھرڻ (ڪٽ/جيت) | جُھتا يا جُھٽٽا |
| ڪما (ڪماءِ) | ڪَمتا |
| مڄ | مَتا يا مَڄٽا |
| مُڇهہ (اُماڙ) | مُتا يا مَڇهٽا |
| رنگ | رتا يا رنگٽا |
| ڍو يا ڍوهہ (ڍوءِ) | ڍوتا يا ڍوئٽِا |
| گھُس (گُس) | گُتا يا گھسٽا |
| کوهہ | کوٽا |
| لهہ | لَٽا |
| ڦاس، ڦس يا ڦهہ | ڦاٽا |
| وَها (وهاءِ) | واٽا يا وهائٽِا |
| ڦِس | ڦِٽا |
| وت | ودا |
| ڏوهہ (ڏُها) | ڏُڏا |
| ڏپ | |
| گھڻ | گِڏا |
| گُنهہ (گُنڊ) | گُڏا |
| کا يا کان | کاڏا |
| لَپ | لڏا يا لپٽا |
| راهہ يا رها (پوک) | راڏا يا رهائٽِا |
| رُجهہ | رُڏا، رُجهٽا، رُجها |
| پَڄ | پَتا يا پَڄٽا |
| پُڄ | پَتا يا پُڄٽا يا پُڄ گِٽا |
| ما | مانا يا ماٽا |
| پُڄ يا پهونچ | پُنا، پُنان، پڄٽا، پونهتا يا پهوتا |
| ڪُما (ڪوماءِ) | ڪماٽان يا ڪمائٽا |
| آن (آڻ) | آندا يا آنٽا |
| هُمر (ڪمر آڻ) | هُمرٽا، هُمٽا (ڪمر آندو) |
| تروپ (توپ) | ٽروپٽا (توپيو) |

هيٺ اسم مفعول ملتانيءَ ۾ ٻي قاعدي آهن ۽ هنديءَ ۾ قاعدي موجب آهن:

| ڌاتو | اسم مفعول | |
|---|---|---|
| | (ملتاني) | (هندي) |
| ٻڌ (ملتاني بنھ) | ٻڌا | ٻڌئا |
| ٻڌُ (ملتاني ٻڌ) | ٻـڌا | ٻڌيا |
| جڻ (ملتاني جَن) | جائيا | جڻئا |
| سُڪ | سُڪا | سُڪيا |
| وِڪ (ملتاني وڪ) | وِڪاڻا | وِڪيا |

**ڳنڍيندڙ ڪردنت يا ماضي معطوفي:**

وري "ڪر"، "ڪي" يا "ڪراهين" جا پشتا ڌاتوءَ سان لڳائي ٺاهبا آهن. اُهو پوين پشتو بهاولپور ۾ به مروج آهي پر سر جيمس وليم انهن جو ذڪر ڪونہ ڪيو آهي.

**مصدر:**

مصدر جي پڇاڙيءَ ۾ "آڻ" هوندو آهي جيڪو مظفر ڳڙهہ ۾ بہ ساڳيو هوندو آهي. ملتانيءَ وانگر "اُڻ" ڪونہ هوندو آهي، جيئن "مارَڻ" آهي.

**مضارع يا حال شرطي:**

ملتانيءَ جهڙو هوندو آهي جيئن:

| واحد | جمع |
|---|---|
| ماران | مارُون |
| مارين | مارو |
| ماري | مارِن |

امر ساڳيو ملتانيءَ وارو آهي. اهڙي ريت واحد "مار"، جمع "مارو" ٿيندا. ٻي قاعدي آهن:

| ڌاتو | امر- ضمير حاضر واحد |
|---|---|
| آپڙ (جهل) | آپڙ |
| وَجهہ (جهل) | وجهي (وجهہ نہ) |

نموني واري نقل ۾ اسان کي هڪڙو امر نيازي ملي ٿو "ڏيکان" (ڏسڻ لائق ٿيان).

باقاعدي مستقبل ٺاهڻ ۾ ڏيرائڻ جو طريقو ساڳيو ملتانيءَ وارو آهي. اهڙيءَ طرح "مريسان" (ماريندُس) ۽ "مرسان" (مرندس) ٿيندا.

جيئن اسم حاليه ۾ ٿيندو آهي ته هڪ ٻه پدو ڌاتو جنهن جي پهرين پد ۾ "او" موجود هجي ته اهو زمان مستقبل ۾ "او" کي رد ڪري ڇڏيندو ۽ ساڳئي وقت پهرئين پد ۾ "اُ" کي داخل ڪندو آهي. جيئن:

| ڌاتو | مستقبل ـ ضمير غائب |
|---|---|
| اڌروڙ (اُڌيڙ) | اُڌڙيسي (پهرين 'ر' به حذف ڪئي وئي آهي) |
| گمسوڙ (گهيڙ) | گُمسڙيسي |
| لپور (فصل جا ڪنا ڪپڻ) | لُپريسي |
| نَچوڙ (نپوڙ) | نُچڙيسي |
| ٿهور (ظهر) | ٿُهريسي |
| ٽنول (ڳول) | ٽُنليسي |
| ٽروپ (توپ) | ترپيسي |

هيٺيان زمان مستقبل بي قاعدي ٺهيل آهن:

| ڌاتو | مستقبل ـ ضمير غائب واحد |
|---|---|
| آک (چئُ) | آکيسي |
| چا (کڻ) | چئيسي |
| چايا چاڻ (چم) | چاسي يا چوسي |
| لا (لاءِ) | ليسي |
| ما (ماپ) | ماسي يا موسي |
| سُنجاڻ (سڃاڻ) | سُنجاڻسي يا سُنجڙيسي |
| وِڪ يا وِڪا (وڪام) | وِڪاسي، وڪوسي، وڪاوسي يا |
| وڃ | وڪسي |
| | ويسي |

**ماضي شرطي:**

اُهو ملتانيءَ وانگي ٺهندو آهي ۽ مضارع ۾ "ها" ملائي ٺاهيندا آهن جيئن "مئن ڪران ها" (مان ڪريان ها) ۾ آهي.

**مشتق زمان يا ڪردنتي زمان:** پڻ ملتانيءَ وانگر ٺهندا آهن. هيٺ ڏنل ڦيرا مختصر ٽيل صورتن جا آهن:

| جمع | واحد |
|---|---|
| ماريندُون | ماريندا |
| ماريندي۔هو | ماريندين |
| مارِيندِن | ماريندي |

ضمير حاضر جمع ۾ مختصر نٿو ٿئي.

لفظن جي فهرست ۾ "مارڻا" 'هن مارڻا' لاءِ عام طور ملي ٿو پر 'تون مارين ٿو' لاءِ صرف "ماري" ڏنل آهي. آخر ۾ آيل "اي" مان ظاهر آهي تہ ضمير حاضر واحد جي لاءِ ضميري نشانيءَ طور ڪم آيل آهي.

**مجهول:**

باقاعدي مجهول ٺاهڻ جو نمونو بلڪل ملتانيءَ وارو آهي. جيئن "مِريجڻ" (مارجڻ) آهي. مرڪب مجهول پڻ تقريباً ملتانيءَ لهندو آهي. جنهن ۾ معروف فعل جي ڌاتوءَ (ملتانيءَ مجهول فعل جي ڌاتوءَ مان نہ) کي "وڃڻ" سان گڏي گردان ڪندا آهن. جيئن "مارويسي" (ماريو ويندو) جيڪو ملتانيءَ جي "مارِي وئِيسي" جي برابر آهي. ٻي قاعدي مجهول ٺاهڻ بابت بالواسطہ فعلن واري سري هيٺ بيان ڪنداسين. هتي ٻئي نموني ۾ آيل سمجهہ ۾ نہ ايندڙ صورت "وَجهو ڳئا" [(منهنجا وار) جهلجي پيا]کي بہ ڏسي سگهون ٿا.

**بالواسطہ فعل:**

باقاعدي بالواسطہ فعل ملتانيءَ جيان ٿي لهندا آهن. جيئن "مارَڙ"، "مراوڻ" (مارائڻ) وغيره جا مثال آهن.

هيٺ ڏنل فهرست ۾ مکيہ ٻي قاعدي بالواسطہ يا متعدي فعل آهن. ٻئي نقطہ نگاهہ کان پهرئين ڪالم وارا ڌاتو ٻئي ڪالم وارن ڌاتن جا مجهول سمجهڻ گهرجن.

(الف) اهڙا فعل جن ۾ حرف علت مضبوط ٿئي ٿو.

| متعدي يا بالواسطہ | ڌاتو |
|---|---|
| چاڙهہ | چڙهہ |
| ڳاهہ | ڳهہ |
| واڙ | وڙ |
| ساڙ | سڙ |
| ڍا (ڍاهہ) | ڍَ (ڍهہ) |
| پا | پو (پئا) |
| لاهہ يا لَها | لهہ |
| چيڙ | چڙ |
| ريڙهہ | رڙهہ |
| ميٽ يا مِٽا | مٽ |
| جوڙ | جُڙ |
| ٽور | ٽُر |
| موڙ | مُڙ |
| ڏس (ڏيکار) ۽ ڏيک (ڏس) | ڏس (ڏسج) |
| نِکيڙ | نکڙ |

(ب) فعل جن جا آخري حرف صحيح بدلجن ٿا:

| ڏاتو | متعدي يا بالواسطه |
|---|---|
| ٻجهه (ٻڌ ج) | ٻڌ |
| ٻيپُ | ٻهه |
| ڀاٽ (ڦاٽ) | ڀاڙ (ڦاڙ) |

(ت) اهڙا فعل جيڪي آخري حرف صحيح حذف ڪري ٿا ۽ ڪڏهن عام طرح بنيادي حرف علت بدلجي ويندو آهي.

| ڏاتو | متعدي يا بالواسطه |
|---|---|
| چاپ (ڪچ) | چا (ڪرڻ) |
| ڍُڪ (پهچ) | ڍو (ڍوءِ/ڪرڻ) |
| لڳ | لا |
| ڦاس، ڦس يا ڦهه | ڦا، ڦسا، ڀها |
| تپ | تا |
| سپ | سي (سپ) |

(د) اهڙا فعل جيڪي بنيادي حرف علت ۽ آخري حرف صحيح بدلائين ٿا.

| ڏاتو | متعدي يا بالواسطه |
|---|---|
| ٻهه (ويهه) | ٻلها يا ٻلهو (ويهار) |
| ٻُڏ | ٻوڙ |
| ڇُٽ | ڇوڙ |
| ڏس (ڏسڻ ۾ اچ) | ڏيک (ڏس) ۽ ڏس |
| ڏُپ | ڏوهه (ڏُهه) |
| ڪُس | ڪوهه (ڪُهه) |
| مُس | موهه |
| ڦِس | ڦِينهه يا ڦيهه |
| ترٽ (ٽٽ) | تروڙ (ٽوڙ) |
| وِڪ (وڪام) | ويچ (وِڪڻ) |
| رَهه | رک |

(ج) ٻيا فعل:

| ڏاتو | متعدي يا بالواسطه |
|---|---|
| آ (اچ) | آڻ (آڻ) |
| ڏهي، ڏج يا ڏِوي | ڏي |
| ڏان (وهنج) ڏوپ | ڏو |
| ڄَمِ ڄان يا ڄا (ڄم) | ڄڻ |
| نِڪل | ڪڍ |

اتیں جال والی جاہ تیں کھس زال دَا پَیرا وی نہیں • او میڈے اُتّیں کُوڑ لینڈِین • بھِڑانڈ دے موقعہ تیں بے ہوش اتیں چھنڈ دے خَرف کَنوُں ھِک ہِزار جُتّی دا میں کَنُوں رہ گیا۔ پچھیں اُونھیں ڈِینہ تیں میں گنھوَر اتیں کَرَم اتیں مِیدن نال وَنجّ کے تھانہ یارو وچ رَپٹ لِکھوائی •

# سِرائڪي هندڪي

سنڌيءَ ۾ لفظ "سِرو" مان مطلب آهي "مٿيون ملڪ" يعني نديءَ جو مٿيون پاسو ۽ خاص ڪري اپر سنڌي (اتر سنڌ) لاءِ استعمال ٿيندو آهي، جنهن جو مقصد صوبي جو اهو حصو آهي جيڪو سنڌوءَ تي سيوهڻ کان اتر طرف آهي. انهيءَ مان لفظ "سِرائي" نڪتو آهي جنهن جو مطلب "سِري جو رهندڙ" ۽ "سِرائڪي" اها ٻولي آهي جيڪا سِري ۾ ڳالهائي وڃي ٿي.

ڊاڪٽر ٽرومپ پنهنجي سنڌي گرامر جي صفحي 11 تي لکيو آهي ته سنڌيءَ جو اتريون لهجو سرائڪي سڏبو آهي ۽ وڏيڪ چوي ٿو ته اها ٻوليءَ جي نِج صورت آهي. هن خطي جي ماڻهن جي پڻ اها ئي راءِ آهي جن وٽ هڪ چوڻي آهي ته لاڙ جو ڄاڻو ماڻهو سري جو ڏڳو آهي. سنڌي جي هر ضلعي مان، سواءِ ٿر ۽ پارڪر جي، هڪ اهڙي ٻوليءَ جا نمونا موصول ٿيا آهن جنهن کي مڪاني طرح سرائڪي چون ٿا. تجزيو ڪرڻ سان اهو معلوم ٿو ٿئي ته هر حالت ۾ اها سنڌي ڪانهي بلڪ لهندا جي هڪ صورت آهي، جيڪا ديري غازي خان جي هندڪيءَ سان ويجهائپ رکي ٿي. ان ۾ غلطي اها ٿي آهي ته ڊاڪٽر ٽرومپ ۽ ٻين مڪاني عملدارن اهو لفظ سرائڪي ٻنهي مختلف معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي. سموري سري جي علائقي جي ٻولي بلاشڪ سنڌي آهي، ۽ جيئن ته اها سِري ۾ ٿي ڳالهائي وئي ان ڪري ڊاڪٽر ٽرومپ سري جي سنڌيءَ کي ڪٺي سرائڪي سڏيو. ان جي باري ۾ شروع وارن صفحن ۾ بيان ڪري چڪا آهيون. لهندا جي سرائڪي صورت ڪنهن ٻـ علائقي جي ٻولي ڪانهي اها مختلف قبيلن جي ٻولي آهي، جن جا ماڻهو پوري سِري ۾ پکڙيا پيا آهن. مڪاني عملدارن بنا ڪنهن ڏار خوبيءَ جي هن ضلعي جي مکيه ٻولي سنڌيءَ کي ڄاڻايو آهي، ۽ باقي ٻي ٻوليءَ کي سرائڪي سڏيو آهي جيڪا سموري علائقي ۾ مختلف هنڌن تي ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي.

جيئن ته "سرائڪي" معنيٰ ته "سِري سان تعلق رکندڙ" ان ڪري آءٌ آئنده سري ۾ ڳالهائجڻ واري سنڌيءَ کي (جنهن کي ڊاڪٽر ٽرومپ سرائڪي سڏيو هو) "سرائڪي سنڌي" سڏيندس ۽ "هندڪي لهندا" جيڪا پڻ هن سموري علائقي ۾ ڳالهائجي ٿي (مڪاني عملدارن واري سرائڪي) ان کي "سرائڪي هندڪي" يا "سرائڪي لهندا" سڏيندس.

هيٺ ڏنل انگ اکر جن ۾ 1891ع واري آدم شماريءَ موجب سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ "سرائڪي سنڌي" ۽ "سرائڪي هندڪي" ڳالهائڻ وارن جو تعداد ڪٿيل آهي، اهي ڏيکارين ٿا ته ٻنهي صورتن جي ڪهڙي نسبتي اهميت آهي. اهو ياد رکڻ گهرجي ته ساڳئي ڳوٺ ۾ ٻئي ٻوليون گڏوگڏ پڻ ڳالهائجي سگهن ٿيون، جتي هڪ قبيلي جو ماڻهو ٻي ٻولي استعمال ڪري سگهي ٿو. ڪيترائي ماڻهو خاص ڪري اپر سنڌ جي سرحدي ضلعي ۾، ٻئي زبانون ڄاڻن ٿا ۽ ٻئي زبانون ڳالهائين ٿا.

**ڳالهائڻ وارن جو ڪٿيل تعداد**

| ضلعو | سرائڪي سنڌي | سرائڪي هندڪي |
|---|---|---|
| ڪراچي | ڏار انگ ڏئل ڪونه آهن | 5000 |
| حيدرآباد | ................................ | 30000 |
| شڪارپور ([1]) | 824,000 | 20000 |
| خيرپور | 119,000 | 3600 |
| ٿر ۽ پارڪر | ................ | 34,275 |
| اپر سنڌ واري سرحد | 100000 | 12000 |
| ڪل | | 104,875 |

ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ هر قسم جي سنڌيءَ جا انگ اکر 1801ع ۾ 980, 460 ۽ 000, 791 (ترتيبوار) هئا. لفظ "اُپو" معنيٰ "درياهه کان مٿي" ۽ اهو طرف ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. سو جيڪڏهن ملتان ۾ ڪابه ندي اتر کان ڏکڻ ڏانهن وهي ٿي ته اتر لاءِ لفظ "اُپا" استعمال ٿيندو آهي. ٻئي طرف جيڪڏهن مڪاني ندي اوڀر کان اولهه طرف وهندي هجي ته اتي "اپا" معنيٰ اوڀر ـ اهو ئي ساڳيو لفظ ٻن ڌار ڌار طرفن لاءِ پڻ استعمال ٿي سگهي ٿو. سر جيمس ولسن پنهنجي اوبرائن واري ملتاني ڏسڻيءَ ۾ لکي ٿو ته سنانوان نالي ڳوٺ وٽ ان جو مطلب آهي "اتر" جڏهن ته ميلسيءَ وٽ ان جو مطلب آهي اوڀر. سنڌ ۾ مکيه ندي "سنڌو" آهي ۽ سرائڪي هندڪيءَ لاءِ جيڪو ٻيو لفظ مروج آهي سو آهي "اُپيچي" يا "اُپيچي"، يعني ته اتر جي ٻولي. اهو نالو خاص طور انهيءَ ٻوليءَ لاءِ ڪم ايندو آهي جيڪا بهاولپور کان شڪارپور لڏي آيل 10,000 آبادڪار ڳالهائيندا آهن. جيڪي اُباوڙي ۽ گهوٽڪيءَ ۾ اچي آباد ٿيا آهن. هتي سنڌو ندي، سنڌ ۾ اتر ـ اوڀر کان اچي ٿي. ظاهر آهي ته "اپيچي" اها ساڳي سرائڪي هندڪي آهي. ان ڪري آءٌ اڳتي ان جو حوالو ڪونه ڏيندس.

سنڌ ۾ سرائڪي هندڪيءَ جي موجودگي، سولائي سان سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي. ٻهرين ڳالهه ته بهاولپور ۽ سري جي وچ ۾ اچ وڃ رهي ٿي. ٻي ڳالهه اها ته سري ۽ پنجاب جي ديره غازي خان ضلعي جي وچ ۾ ويجهو تاريخي لاڳاپو آهي. جنتي سڀ کان وڏيڪ نمايان خاندان مٺان صاحب سِرائيءَ (سري وارو) جو آهي جيڪو سنڌ جي ڪلهوڙن حاڪمن جي اولاد مان آهي. اهي ڪنهن زماني ۾ تقريباً سموريءَ سنڌ جا ۽ ديره غازي خان جا حقيقي حاڪم هئا. موجوده دور ۾ هن خاندان جو مرڪز هن ضلعي ۾ جامپور تحصيل ۾ حاجي پور ۾ آهي. ديره غازي خان ۾ سِرائي لفظ جي معنيٰ عام طرح سان "سنڌ جو رهاڪو" ورتي ويندي آهي.

جيئن ته سرائڪي ـ هندڪي سنڌ ۾ لڏي اچي آباد ٿيل ماڻهن جي ٻولي آهي، ان ڪري اُن کي سري جي ٻولي نٿو چئي سگهجي، ۽ ان جي مڪمل نمونى ڏيڻ جي به ضرورت ڪانهي. آءٌ صرف ڪي ٿورا مثال ڏيندس جن سان اهو ثابت ٿئي ته ٻولي اصل ۾ هندڪي آهي جيڪا گهٽ يا وڌ سنڌيءَ سان گڏجي وئي آهي. آءٌ اپر سنڌ واري سرحدي ضلعي کان شروع ڪندس.

[1] جڏهن هي جائزو پئي ورتو ويو ان کان پوءِ شڪارپور ضلعو ٻن ضلعن ۾ ورهايو ويو آهي لاڙڪاڻو ۽ سکر. هاڻي انهن انگن کي ورهائڻ ڏکيو ڪم آهي ان ڪري پراڻي ضلعي جو نالو ڏنو ويو آهي.

# شڪارپور جي سرائڪي هندڪي

اپر سنڌ سرحدي ضلعي جي ڏکڻ ۾ سنڌوءَ جي ٻنهي ڪپن تي شڪارپور([1]) ضلعو آهي. 1891ع ۾ هتان 20000 سرائڪي هندڪي ڳالهائيندڙن جو پتو پيو هو. سنڌوءَ جي اوپر پاسي روهڙيءَ واري ڊپٽي ڪليڪٽريءَ جي اتر ۾ خاص ڪري بهاولپور جي سرحد وٽ آٻاوڙي ۾ گهوٽڪيءَ جي آسپاس ان کي مڪاني طور "اپيچي" يا "اُپيچي" يا 'ندي ڪان مٿانهين طرف جي ٻولي' سڏيو ويجي ٿو. اها توقع موجب بهاولپور ۾ ڳالهائجڻ واري ملتانيءَ سان ملي ٿي. هن خطي ۾ اها گهڻو ڪري رياست جا هندو ڳالهائين ٿا، جڏهن ته مکيه ٻولي ظاهر آهي ته سنڌي آهي. شڪارپور جي سرائڪي هندڪي سنڌوءَ جي اولهه طرف وري مڪاني طور سرائڪي يا پنجابي سڏبي آهي. اُها خاص طور اهي ماڻهو اپر سنڌ سرحد ۾ ڳالهائين ٿا ۽ هتان جي به مکيه ٻولي سنڌي آهي.

شڪارپور جو سرائڪي هندڪيءَ جو نمونو ڏيڻ جي ضرورت ڪانهي. اهو هڪ گڏيل لهجو آهي جيئن اپر سنڌ سرحد وارو لهجو هو. صرف هڪ فرق چٽي سگهجي ٿو سو اهو ته اپيچيءَ ۾ لهندا جو عنصر هندڪيءَ ڪان وڌيڪ ملتانيءَ وارو آهي. اسين ڏسنداسين ته اها ساڳي ڳالهه سنڌوءَ جي اوپر طرف جي ضلعن ۾ به آهي ۽ اها تمام سياويڪ حقيقت آهي ته ايئن هجي.

[1] 1901ع ۾ شڪاربور ضلعي کي ٻن ضلعن لاڙڪاڻي ۽ سکر ۾ ورهايو ويو جيئن ته ٻوليءَ کي ان موجب ورهائڻ مشڪل آهي ان ڪري هتي پراڻي ضلعي جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

# ڪراچيءَ جي سرائڪي هندڪي

الهنديءَ ڪپ تي شڪارپور جي ذڪر ۾ ۽ اڃا ٻه (ڏکڻ طرف) سنڌوءَ جي ٻنهي ڪپن تي ڪراچي ضلعو واقع آهي. سرائڪي هندڪي هن ضلعي جي اتر ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، ۽ اهڙا ساڳيا طبقا ڳالهائين ٿا جيڪي اپر سنڌ سرحد ۽ اولهه شڪارپور پاسي هوندا آهن، جن جو تعداد 5000 ڪٿيو ويو آهي، جڏهن ته علائقي جي مکيه ٻولي سنڌي آهي. "خرچائوپٽ" واري نقل جو ننڍڙو ٽڪرو ڏيکاريندو ته هتي به ٻولي صرف هندڪي آهي ۽ توقع مطابق ان ۾ گهڻا سنڌي اصطلاح شامل ٿي ويل آهن. اسين ڏسي سگهون ٿا ته ڪيئن هن سموري ٻوليءَ ۾ سنڌي وارو آخري حرف ڪي متحرڪ ڪرڻ جو رُجحان داخل ٿيل آهي جيئن "پُٽَ" ۽ ٻين لفظن ۾ نظر اچي ٿو "هُن" ۽ "هائن" لاءِ "آهن" (هِتا لاءِ) جي استعمال کي ڏسي شاهپور واري لهندا جي يادگيري پوي ٿي. ٻين هنڌ اها ديري غازي خان واري هندڪيءَ ۾ سنڌي ملاوت واري بگڙيل هندڪي آهي.

لهندا يا مغربي پنجابي

سرائڪي هندڪي

ڪراچي ضلعو

ڪِهِي ـ مٿهو ـ ڪُون ڏون پُٽَ آهِن. اُنهان ـ وِچون ننڍي پِٽُو ـ ڪُون آکِئا "بابا جي ـ ڪو حصا مال دا منڏا هي سو مِڻِ ـ ڪُون ڏي آئِن اُهين مال اُنها ـ ڪون وِلها ڍِتا. آئِن گهٽي ڏينهه لنگهِئي ڪُجهه نه ته. ننڍيا آپڻا مال گڏُ ـ ڪر ڪهن ـ ڏُورئين ـ ملڪ ـ ڏانهه مسافري ـ تي ڳِئا. اُتا ـ هين سيو آپڻا مال اڊنگائي ـ نال وڃايه ـ ئُس.

# خيرپور جي سرائڪي هندڪي

سنڌوءَ جي اولهه طرف موٽندي شڪارپور جي يڪدم ڏکڻ ۾ خيرپور رياست آهي. هتي سرائڪي هندڪي (3600 ماڻهو ڳالهائيندڙ) ساڳي گڏيل نموني جي آهي ۽ جيئن سنڌوءَ جي اوير ۾ ٻين هنڌ ٿيو آهي هتي به اها ملتانيءَ سان هڪجهڙائي رکي ٿي بنسبت ديره غازي خان واري هندڪيءَ جي. ان ڪري اسان کي مفعولي جمع طور "حڪيمان" جمڙن لفظن ۾ پڇاڙي "اين" بدران "آن" ملي ٿي. ان کان سواءِ ٻي قاعدي مفعولي جمع به ڏسبو ته "اکين" بدران "آکِئان" موجود آهي ۽ سنڌيءَ وانگر لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ حرف علت به آهن.

**سرائڪي هندڪو** — **خيرپور رياست**

### نمونو پهريون

هڪڙي ـ ماڻهُو ـ ڪُون ڏون پُٽَ آهَن. انهان ـ وچين ننڍي ـ پُٽَ پِئون ـ ڪُون آکِئا تہ "بابا جي ـ ڪو پانگا مالَ دَا ميڏا ٿِيوي، سو مي ـ ڪُون ڏي" اُنهه آپڻا مال اُنهان ـ ڪُون وِلها ڏِتا. ٿولِئان ڏينهان ـ ڪِنون پڇي ننڍا پُٽَ سڀُ مالَ ڳڏُ ڪر هِڪڙي ـ دورانهي ـ ملڪَ ـ ڏهِي ٻُلئا ـ ڳِئا. اٿا ـ هِين سڀُ مال ٻُجڙِي ـ چال وچ وڃائـِ ـ ئُس.

**سرائڪي هندڪو** — **خيرپور رياست**

### نمونو ٻيو

هڪڙي بادشاهہ ـ ڪون مرض ڏاڍا ٻجڙا ها. جو انهين ڏِي ڳالهه ڪرڻ ڏِي حاجتي نهين. يوناني ـ حڪيمان دِي جماعت اٿا ـ هِين آئي، ڳڏُ ٿِي، آکِ ـ ئوني تہ "اُنهِين ـ مرض دي دوا آدمي دي پِتي ـ ڪنون ئي ـ سِوائِي ڪائي ـ ڪا نَهين." بادشاهہ حُڪم ڏِتا تہ ماڻهو گولئو "آخر هڪڙي ـ دهِقان دا پُٽُ آند ـ ئوني. بادشاهہ اُنهين دِي ـ پِئُو ـ انءَ ـ مائِي ـ ڪُون منگوائِا، آنءَ اُنهان ڪُون گمِٽِي ڏُنئا ـ دُولت ڏي خوس ڪيت ـ ئُس. قاضي فتوي ڏِتِي تہ "رعيت ـ وچون هڪڙا خُونَ ـ ڪرڻ بادشاهہ ـ ڪون رَوا هي." قصائي نينگر دي ـ ڪُهڻ دا ارادا ڪيتا.

اُنهي نينگر آسمان ـ ڏي منهہ ڪر مُرڪئا. بادشاهہ پُڇ ـ ئُس تہ "اِهڙِي ـ حالت ـ وچ ڪِئُون کِل ـ ئو؟". آکِ ـ ئُس تہ "لاءِ پُتان دا پِئو ـ مائِي ـ تي هي، دعوي قاضي دي اڳُون نيندي ـ هَن، عدل بادشاهہ دا منگدي ـ هَن. هُڻ پِئُو ـ مائي عوض گهنِ، مي ـ ڪون خُونَ ـ واسطي ڏِتا، آنءَ قاضي ميڏي ـ ڪُهڻ دا حُڪُم ڏِتا، بادشاهہ اپڻي ـ صحت ـ واسطي ميڏا مرڻ پِئا ـ ڏيکدا ـ هي. سو تڏهان سوائي الله ـ سائين دي ڪائي پناهہ نهان پِئا ـ ڏيکدا. ڪُنهن ـ ڪُون ڏيوان تيڏي فرياد؟ تيڏي اڳُون منگدا هِان تيڏا عدل."

بادشاهہ ـ ڪون اِها ڳالهہ ـ ٻُڌي دل ـ وچ ڏُکُ ٿئا، آنءَ اکئان ـ وچ پاڻِي آند ـ سُ، آنءَ آک ـ ئُس تہ "اهڙي نينگر دي ٻي ـ گُناهہ خُون ڪرڻ ـ ڪنُون مِٺن مُ ـ ئُس تہ چنگان." اِيوين آک اُنهي ـ نينگر ـ ڪُون پاڳُر پائِي چُمان ڏِتِ ـ ئُس، انءَ اُنهہ ـ ڪون آزاد ڪيت ـ ئُس. آنءَ دنئا ٻي ـ انداز بخش ـ ئُس. آک دي ـ هِن تہ اُنهين هفتي ـ وچ بادشاهہ وي چنگان پلا ٿئا.

# حيدرآباد جي سرائڪي هندڪي

خيرپورجي ذڪر ۾ اولهه پاسي، سنڌوءَ جي ڪاٻي ڪپ سان حيدرآباد جو ضلعو آهي. هتي سرائڪي هندڪي اٽڪل 30,000 ماڻهو ڳالهائين ٿا، جڏهن تہ 791,000 ماڻهو سنڌي ڳالهائيندڙ آهن. جيئن ٻين هنڌ آهي تيئن هتي بہ ٻولي علائقي جي حساب سان نہ پر ذاتين جي حساب سان ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي، ان ڪري ان جا ڳالهائيندڙ سموري ضلعي ۾ پکڙيل ملندا. آءٌ نموني لاءِ هڪ ننڍڙو مشهور نظم هتي ڏيان ٿو هن ۾ سنڌيءَ وارا متحرڪ آخري حرف علت ڏيان جوڳا آهن ۽ سنڌي لفظ جهڙوڪ "مهلَ" (وقت) پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

**سرائڪي هندڪي** — **ضلع حيدرآباد، سنڌ**

آوکا ٻنڌي ــ رکڻَ ياري دا
جيوين ڪچا ڏاڳا
جي ڪڙا رهي، تہ ٻٹارا لڳي
جي ٹُني پوي، تہ ٻڳي ياڳا
يارَ اسا ڏي ـ ڪون وڃي آکو
در ـ تي ڪڙا غلام تساڈا
حُڪمَ هووي لنگهڻي آئون
نہ ـ تہ ٹٹا سلامُ اساڈا
ڪهڻ ـ يارَ واسطي مٹن گِٹس
اُهو يارُ شمهِي رهٹا
افسوس جهَڙ ـ مَهلي ـ پر يارُ آئِٹا
مئہ ـ ڪون ڪهِن نہ سڻائِٹا

# ٿر ۽ پارڪر جي سرائڪي هندڪي

ضلعي حيدرآباد جي اوڀر ۾ ٿر ۽ پارڪر جو ضلعو آهي جنهن جي يڪدم اوڀر طرف وري مارواڙ ۽ ڄلني جون رياستون آهن.

ٿر ۽ پارڪر جي ٻولي سنڌيءَ جو هڪ قسم آهي جنهن ۾ مارواڙيءَ جي ملاوت آهي. هتي اٽڪل 34,275 ماڻهو سرائڪي هندڪي ڳالهائيندڙن بابت ٻڌايو ويجي ٿو. اها ٻولي خيرپور ۽ حيدرآباد واري ٻوليءَ سان تمام ويجهي هڪ جهڙائي رکي ٿي پر ڪٿي ڪٿي مارواڙيءَ جي اثر ۾ آهي جيئن "نظر ۾" (نظر - وچ ٻدران) ۽ "پناري" (مارواڙي پڇاڙي "ري" جو استعمال) نموني طور هڪ گيت ڏجي ٿو.

**سرائڪي هندڪي** — **ٿر ۽ پارڪر ضلع**

ڏيوين دلاسا مٺن سِڪي رهنان
سڪي - تيڏِي شڪَ - صبرَ وڃائِنا
روز سهان مٺن تيڏي تاني[1]
مُلهي خريد تيڏي پانهي
تيڏِي نظر - مين[2] هڪ رهنان
مُلهي خريد تيڏي ويچارِي
تيڏي - درسنَ - ديدَ ويڪارِي
تيڏي - پناري چپ رهنان
حاجي ڪانڻ[3] آکي، 'تو مين، تون هين'
مٺن ڏنا تان ڏُون هي، ڏُون هي
تيڏي ڦِڪت - مين ڦِڪ رهنان.

[1] (1) طعني (2) ۾ (3) خانڻ (مترجم)

# ڪيتراني يا ڪيترانڪي ۽ جافري

ديره غازي خان جي هندڪي ۽ سرائڪيءَ کي ڇڏڻ کان اڳ ۾ اسان کي ڪجهه صفحا ڪيترانن جي ٻوليءَ کي ضرور ڏيڻ گهرجن، جيڪو انهيءَ ضلعي جي اوير طرف بلوچستان ۾ رهندڙ هڪ قبيلو آهي.

سر ڊينزل ابسٽن پنهنجي ڪتاب "آئوٽ لائينس آف پنجاب ايٿنوگرافي" (ص 197) ۾ انهن کي هڪ اهڙو آزاد قبيلو سڏي ٿو جيڪو اسان جي سرحدن کان ٻاهر لغارين، کوسن ۽ لُنڊ قبيلن جي علائقي جي پٺيان رهي ٿو. سندن اصل آبادي ديره اسماعيل خان جي قصراني علائقي ۾ هئي جتي اجا بہ ڪيترائي سندن ماڻهو رهن ٿا ۽ قصرانيءَ ۽ درياهہ جي وچ ۾ زمينن جا مالڪ آهن. پر اڪبر بادشاهہ هن قبيلي جي مکيہ حصي کي هتان هڪالي ڪڍيو هو جتان هنن اچي لغاري ٽڪرين ۾ بورَکن واديءَ ۾ پناهہ ورتي هئي ۽ اجا بہ اتي چوڏاري زمين اٿن، ۽ لغاري سردار کي پنهنجو محافظ سمجهن ٿا. اهي يقينن نج بلوچ ڪونہ آهن ۽ ڪيترائي ماڻهو کين پٺاڻ سمجهن ٿا ..... ۽ ڪڏهن ڪن حالتن ۾ پٺاڻن سان سڱاوتيون بہ ڪن ٿا. پر حقيقت ۾ هي مهاندن، عادتن ۽ طور طريقن ۾ بلوچن سان مشابهت رکن ٿا ۽ سندن نالن جي پڇاڙين ۾ بلوچي نالن وانگر "آوني" اچي ٿو ۽ هاڻي مڪمل طرح سان هر حال ۾ بلوچ ٿي چڪا. اُهو ممڪن آهي تہ اهي اصل ۾ جتن جي رهيل کهيل آبادي هجن. اهي اهڙو هڪ پنهنجو لهجو ڳالهائين ٿا، جنهن کي ڪيترانڪي چوندا آهن. جيڪو هڪ اهڙو هندستاني لهجو آهي جيڪو سنڌيءَ سان ويجهو لاڳاپو رکي ٿو ۽ در حقيقت هيٺين سنڌ جي جٽڪي ٻوليءَ جو هڪ قسم آهي. اهي بلوچ قبيلن وانگر جنگجو ڪونہ آهن ۽ وڏا آبادگار آهن جنهن جي نتيجي ۾ تمام گهڻا شاهوڪار هوندا آهن.

هن جائزي لاءِ ڪيتراني ڳالهائيندڙن جو انگ ڪٿو ڪونہ ڪيو ويو آهي. 1901ع ۾ هن قبيلي جا ماڻهو 14,581 هئا ۽ اسين پڻ اهوئي انگ ڪٿي سگهون ٿا. مڪاني عملدارن طرفان ڪيترانيءَ جو ڪوبہ نمونو مون کي مهيا نہ ڪيو ويو آهي پر آءٌ مسٽر ايم لانگورٿ ڊيمس جو ٿورائتو آهيان جنهن جي لفظن جي ذخيري ۽ ننڍن جملن جي چونڊ مان مون مدد ورتي آهي. هن مونکي ڄاڻايو آهي تہ سليمان واري علائقي ۾ درگ واديءَ ۾ جافري لهجو ڳالهائين ٿا، جيڪو ڪيترانيءَ سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. هنن لفظن جي ذخيري تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي تہ اهو مغربي لهندا جو هڪ قسم آهي، جيڪو ديره غازي خان واري هندڪيءَ جو مائٽ آهي سواءِ سنڌيءَ جي چوسٽن وينجنن جي جيڪي ان لهجي ۾ ڳالهايا ويندا آهن. ان ۾ ڪجهه بلوچي لفظ بہ استعمال ٿين ٿا، پر پشتو جو ڪو اهڃاڻ نٿو ملي. اها ڳالهہ پڻ توجهہ لائق آهي تہ اها ٻولي ڪافرستان، چترال، سنڌوءَ جي ڪوهستان، گلگت ۽ ڪشمير جي داردي ٻولين جون ڪيتريون ملائيندڙ نشانيون ڏيکاري ٿي، جيئن ان ۾ ڳران وسرگ وينجنن مان وسرگائي کي حذف ڪرڻ جو رجحان آهي مثلاً : "ياتريجا" (يا - نہ) معنيٰ ياٺيو يا مرڪب حرف صحيح ۾ "ر" کي قائم رکڻ جو رجحان جيئن متئين ساڳئي لفظ ۾ "تر" جو استعمال. اُن کان سواءِ ٻي اچار (خاموش) آخري حرف صحيح کي وسرگ بنائڻ جيئن "نک" (نڪ) "لک" (پشتو لڪ معنيٰ ڇِچ)، ڏنداون آوازن کي مورڌني آواز بنائڻ جو رواج جيئن "سيڊا" (سڌا/سڌو لاءِ)، "ٽَڪا (تڪا/تڪل لاءِ) . ان کان سواءِ ڪيتراني "باها" (ياءَ) کي ڪوهستاني "يا" سان ڀيٽيو. ڪوهستاني "ٽون" (تون) شينا "تو" (تنهنجو) "آوي" (تون) جو استعمال پيٽي ڏسو. "آوي" کي اسان "واءِ" ڪافر ٻوليءَ جي لفظ "وِي" (تون) سان ۽ ڪيلاش ڪافر ٻوليءَ جي "آتي" (تون) سان، "هَت" (هي) کي کووار لفظ

**انگ:**

**ساڳيا لهندا وارا انگ آهن سواءِ "ٻہ" جي ۽ 40 کان پوءِ هن ريت ٿيندا آهن:**

50 ـ چالي تہ ڏهہ

60 ـ سِٺي

70 ـ سٺ تہ ڏهہ

80ـ چار ويهان

90ـ چار ويهان ڏهہ

100ـ سئو

اهو ڏسي سگهجي ٿو تہ ڳڻپ ويهن ويهن واري آهي، ڏهاڪن واري ناهي، هن ڏس ۾ ڪيتراني داردي ٻولين سان ٺهڪي اچي ٿي.

**ضمير وغيره:**

| سنڌي | ڪيتراني |
|---|---|
| مان يا آءٌ | ؟ |
| اسين | اسي |
| تون | ٿُون |
| توهين | اوي |
| هي، اهو | هو هي، هت |
| هو اُهو | هوـ آن |
| منهنجو/ منهنجي | مانجا، مانجي |
| تنهنجو/ تنهنجي | ٽانجا، ٽانجا (ي) |
| هن جو هن جي | هيتا، هيتي |
| ٻيو ٻي | ٻيئاـ ٻي |
| وري- ٻيو | آهي |
| سڀ | نُولا |
| ڪجهہ | ڪي |
| اهڙو ايترو | اِنا |
| ڇا | ڇا |
| ڪيهو ڪهڙو | ڪيها |
| گهٽا | گهٽي |
| پاڻ | آپ |

**فعل**(مصدر ۾ لکيل آهن)

**حرف جر ـ ظرف وغيره:**

| سنڌي | ڪيتراني | سنڌي | ڪيتراني |
|---|---|---|---|
| مٿي، مٿيون، اوچو | اُچا | ويجهو | ڪوتي، وجهائي، وِجرئي |
| پوءِ | نِنجا | هيٺ/هاڻ | اَنهيا |
| ڪٿي | ڪَدي | تي، مٿان | سان |
| پهرين، اڳيان | مُهر | ٻاهر/ٻاهران | ٻاهرون |
| پٺيان | پڇُو | هيٺن، سو، ايٺن | هِيون |
| هيٺ/هيٺان | زِمي | پوءِ | هو۔ وقت |
| وچ ۾ | آڌي۔ وچ | هُتي | هوچ |
| هتي، هت | هِت ـ هت وچ | اڄ | اڄ |
| هيڏانهن | ايٽان (اي۔ ٽان معنيٰ هيءَ جاءِ) | سياڻي | سَيا |
| ڪيئن؟ | ڪِڪر، چا | ڪڏهن؟ | ڪِهر ۔ وقت |
| پر سال | پيٺا وَراهہ | ڪٿي؟ | ڪيها ٽان |
| | | ڪالهہ | بيِڊي |

| ڪيتراني ننڍڙا جملا | سنڌي |
|---|---|
| راهندي پيٺُون | پوک ڪريان ٿو |
| وِياهي پيٺي | وِيائي آهي |
| سَرا ـ ويندائِين | سڙي پيو |
| چِينَدئن | اچي پيو |
| چِيندا پيٺون | اچان پيو |
| اچ ـ ڦُنچِنَئِن | (اچي ٿو) اچي پهتو آهي |
| چِيندائيِي | (هو) ايندو |
| آپ چِٺيسان | پاڻهي ايندس |
| چائِٺائِن | آٿي ٿو |
| چا ـ وجهو | لڳايو (هندستاني 'لڳائو') |
| چرها ـ پيٺائي | خالي (پيو) آهي |
| بس ـ چا ـ ڪر | بس، گهٽو ٿيو (بس ڪٽي ڪر) |
| رک ـ چا | رکي ڇڏ |
| پُچ ـ ڪنديهائين | پڇي ـ رهيو آهي (پڇا ڪري رهيو آهي) |

# ٿل جا لهجا، ديراوال ۽ هندڪو

ملڪ جو اهو حصو جيڪو اولهه ۾ سنڌو نديءَ، جهلم نديءَ (چناب سان گڏجڻ کان پوءِ) ۽ اوڀر ۾ جهلم - چناب جي وچ تي آهي، ان کي سنڌ - ساگر دو آبو چوندا آهن. انهيءَ دو آبي جو ڏاکڻو ڀاڱو ضلعي مظفر ڳڙهه وارو آهي. دو آبي کان مٿي اڏ پنڌ تي شاهپور ضلعي ۽ جهلم جي وچ ۾ سالٽ رينج (لوڙهيالو جابلو سلسلو) هڪ قسم جي اهم جاگرافيائي ۽ نسلي رڪاوٽ ناهي ٿو. سالٽ رينج ۽ مظفر ڳڙهه جي وچ وارو ملڪ (ڪڇي پٽ کان علاوه) گهڻو ڪري ريگستان آهي جنهن کي ٿل چوندا آهن. دو آبي ۾ سالٽ رينج جي ڏکڻ ۾ پونڊڙ مڪمل ضلعو هڪڙو ئي آهي، سو آهي مظفر ڳڙهه.

مِيانوالي سنڌو نديءَ جي ٻنهي پاسن تي آهي ۽ شاهپور ۽ جهنگ جهلم يا جهلم - چناب ندين جي ٻنهي پاسن تي آهن. ان کان سواءِ جتي جهلم ضلعي جو وڏو حصو سالٽ رينج جي اتر ۾ پوي ٿو اتي هڪ ننڍڙو ٽڪرو وري ڏکڻ ۾ به اٿس. ان ڪري دو آبي جي ڏاکڻي ڀاڱي ۾ ميانوالي، جهلم، شاهپور ۽ جهنگ ضلعن جا ڪي حصا ۽ سمورو مظفر ڳڙهه اچي وڃن ٿا. اسان جي موجوده مقصد لاءِ ٿل انهن سڀني ضلعن جي ڀاڱن ۽ مظفر ڳڙهه جي اترئين ڀاڱي کي شامل ڪري ٿو.

اسين ڏسي چڪا آهيون ته مظفر ڳڙهه ۾ ڳالهائجڻ وارو لهندا جو لهجو ملتانيءَ جو هڪ قسم آهي باقي سموري ٿل ۾ ٻوليءَ کي "ٿلي" سڏيو ويندو آهي جنهن جي معنيٰ ٿي ريگستان جي ٻولي. ڳالهائجڻ جو اهو ئي قسم سنڌو نديءَ جي هن پار ديره غازي خان ۽ بنوںءَ ۾ به مروج آهي.

علائقن جي حوالي سان ڏنل نالن مان "جٽڪي" سڀني هنڌ ساڳي آهي، جيئن ڏاکڻي لهندا واري سموري علائقي ۾ آهي. ديره اسماعيل خان شهر ۽ ان جي ويجهڙائيءَ ۾ ان جو ٿورو سڌريل نمونو ڳالهايو وڃي ٿو. ميانوالي ۽ بنوںءَ ۾ ان کي ڪڏهن "هندڪو" ۽ ڪڏهن "مُلڪي" پڻ چوندا آهن. جهلم ۾ اها ٿلي سڏجي ٿي ۽ ساڳيو نالو شاهپور ۾ به اٿس. جهنگ ۾ وري اها ٿلوچڙي ٿي سڏجي.

جتي جتي اها ڳالهائجي ٿي اتي خصوصي طرح اهو ساڳيو ئي لهجو آهي، ۽ ملتانيءَ سان ٺهڪي اچي ٿو. اتر طرف آهستي آهستي جهلم ۽ سالٽ رينج جي لهجن ۾ گڏجي وڃي ٿو ۽ اوڀر ۾ اهو شاهپور دو آبي ۽ جهنگ - لائلپور واري لهندا ۾ ضم ٿي وڃي ٿو. ڏکڻ ۾ ملتاني موجود آهي، اولهه ۾ پشتو جيڪا هڪ ايراني ٻولي آهي جيڪا هن جائزي جي جلد ڏهين ۾ بيان ڪئي وئي آهي، انهيءَ سان ضم ٿيڻ جو عمل نٿو ٿئي. پشتو ۽ لهندا جي وچ وارو سنڌو تقريباً اتر ۽ ڏکڻ ۾ بنوں ۽ ديره اسماعيل خان جي ضلعن مان لنگهي ٿو جيڪو سنڌو نديءَ جي الهندي طرف آهي.

هاڻ اهو سولو ٿيندو ته اسين مٿي ذڪر ڪيل ضلعن جو جدا جدا ذڪر ڪريون.

ميانوالي ضلعو سنڌو نديءَ جي ٻنهي ڪپن تي پوي ٿو جن مان ميانوالي تحصيل، پکر ۽ لياهه اڀرندي ڪپ تي آهن جڏهن ته عيسيٰ خيل تحصيل الهندي ڪپ تي پوي ٿي. عيسيٰ خيل ۾ مکيه ٻولي لهندا آهي. سواءِ ڪالاباغ جي شهر جي اتر ۾، جتي ٽاڪرو (جابلو) ملڪ جا ٻنگي خيل خٽڪ پشتو ڳالهائين ٿا. سنڌو نديءَ جي اوڀر ۾، ٽنهي تحصيلن ۾ ڳالهائجڻ واري ٻولي ٿلي لهندا آهي، جيتوڻيڪ هتي پڻ ڪي پٺاڻ خاندان پشتو ڳالهائين ٿا. پکر ۽ لياهه تحصيلن جي لهندا سڏي "ٿلي" آهي پر ميانوالي تحصيل ۾ اها ٿلي هوندي به ڪيترين ئي اٽڪ ۽ ڪوهاٽ جي آواڻڪاري لهندا جي اثر جون نشانيون ڏيکاري ٿي.

ميانوالي ضلعو سن 1901ع ۾ ٺاهيو ويو هو هن جائزي لاءِ مواد ڪٺو ڪرڻ کان پوءِ بنون ۽ ديره اسماعيل خان جي ڪن حصن مان ٺاهيو ويو هو ان ڪري اهي انگ اکر هاڻي ڪنهن ڪم جا ڪو نه آهن. ان ڪري اسان کي 1901ع واري آدم شماريءَ جي انگن اکرن تي ڀاڙڻو پيو پوي. جيڪي هن ريت آهن:

لهندا ........................................ 400,000

پشتو ........................................ 15,265

ٻيون ٻوليون ................................ 9,323

**ڪل تعداد** 424،588

عيسيٰ خيل تحصيل جي اولهه ۾ اتر - الهندي واري سرحد (NWF) جو ضلعو بنون آهي. 1901ع ۾ هن ضلعي جي ڪل آبادي 231,485 هئي، جن مان 195,829 ماڻهن پشتو تي ڳالهائي. ميانواليءَ لاءِ ڏنل ساڳئي سبب موجب بنون ۾ ٿلي لهندا ڳالهائڻ وارن جو صحيح انداز ٻڌائي نٿو سگهجي. انهيءَ کي اٽڪل 33,700 ڄڻي سگهجي ٿو. اها هن ضلعي ۾ رهندڙ هندو آباديءَ کان سواءِ ڪن ٻين غير پٺاڻ قبيلن جي ٻولي آهي، پر هن ملڪ جي مکيه ٻولي ڪانهي، جيڪا پشتو آهي. ان کي مڪاني طرح 'ملڪي' يا 'هندڪو' سڏيو ويجي ٿو.

ديره اسماعيل خان جو ضلعو اتر - الهندي واري سرحد ضلع (NWF) سان تعلق رکي ٿو جيڪو سنڌو نديءَ جي ساڄي پاسي يا الهندي ڪپ تي آهي. ان جي مکيه ٻولي ٿلي لهندا آهي پر پشتو جنهن لاءِ چون ٿا ته اتي ختم ٿي رهي آهي، سرحدي پٺاڻن جي الهندي واري سرحدي ضلعي سان لڳو لڳ مستعمل آهي. بهرحال اتي هڪ جاٽ علائقو آهي جنهن ۾ ٽنڪ (Tank) جو شهر ۽ ان جي چوڌاري وارو علائقو اچي ويجن ٿا جنهن کي جٽاتر ([1]) چون ٿا. ان جي ٻولي پڻ لهندا آهي جنهن جي چوڌاري پشتو ڳالهائيندڙ قبيلا رهن ٿا. ڪلاچي تحصيل جي ڏکڻ جي ٻولي بلوچي آهي.

ديره اسماعيل خان ۾ ڳالهائجڻ واري ٿلي لهندا کي مڪاني نالا جٽڪي ۽ هندڪي ڏنل آهن ۽ ديره اسماعيل خان ۾ ڳالهائجڻ واري ٿورڙي سڌريل صورت کي وري ديروال ٿا سڏين پر اها ڏار ذڪر ڪرڻ لائق ڪانهي.

جڏهن هن جائزي لاءِ مواد ڪٺو پئي ڪيو ويو ته ان ضلعي ۾ سنڌوءَ وٽان پکر ۽ لياهه جون تحصيلون به شامل هيون پر ان کان پوءِ اهي نئين ضلعي ميانواليءَ ۾ شامل ٿي ويون آهن. ان ڪري، جيئن ان ضلعي جي ذڪر مهل ٻڌايو ويو موجوده ديره اسماعيل خان ۾ ڳالهائجندڙ لهندا جا پورا پنا انگ اکر ڏيڻ ناممڪن آهي، هيٺ ڏنل انگ اکر 1901ع واري آدمشماريءَ تي ٻڌل آهن:

پشتو ........................................ 73,132

لهندا (جٽڪي ۽ ديره وال، اندازا) . 170,000

ٻيون ٻوليون ................................ 9,247

**ڪل تعداد** .... 259،379

---

[1] گجرات واري ضلعي جي "جٽاتر" سان هڪجهڙائي ڏسو.

ضلعي ميانواليءَ جي ٻن ڏاکڻين تحصيلن جي اوڀر طرف آهي جهنگ وارو ضلعو ۽ اڃا بہ اوڀر طرف وري لائلپور ([1]) آهي. جهنگ ۽ لائلپور جا ٻئي ضلعا گڏ ڪجن تہ اسان کي معلوم ٿيندو تہ لائلپور رچنا دو آبي ۾ آهي جڏهن تہ جهنگ کي هڪ تہ چناب ندي ۽ چناب - جهلم جي سنگم جي اپرندي ڪپ تي هڪ پٽي مليل آهي ۽ ٻيو وتس چيج دو آبي جو ڏاکڻو ڇيڙو آهي ۽ ٽيون وري سنڌ - ساگر دو آبي جو هڪ حصو جهلم ۽ چناب جي سنگم جي ساڄي ڪپ وٽ آهي.

جهلم ۽ چناب جي سنگم جي ساڄي ڪپ سان لڳو لڳ ڪڇي واري علائقي ۾ جنهن کي هتي "ڪاڇي" چون ٿا. "ڪاچڙي" نالي لهجو ڳالهائجي ٿو جنهن جو تعلق جهنگ ۽ لائلپور وارن لهجن جي مکيہ گروهہ سان آهي جنهن جو ذڪر پويان ڪري آيا آهيون. اهو ڪاڇيءَ جو علائقو اولهہ طرف يڪدم ٿل ۾ هليو ٿو وڃي، جتي جي ٻولي ٿلي آهي جيڪا مڪاني طور "ٿلوچڙي" سڏبي آهي ۽ ڏکڻ ۾ ميانواليءَ توڙي ديري اسماعيل خان واري ٿليءَ سان هڪجهڙائي رکي ٿي. ٿلوچڙي ڳالهائڻ وارن جو ڪاٿو 9,948 لڳايو ويو آهي. جهنگ ۽ لائلپور جا ٻيا انگ اکر پڻ اڳ ۾ ڏنا ويا آهن.

ميانواليءَ جي ڏاکڻي تحصيلن جي اتر - اپرندي طرف ۽ جهنگ جي اتر - اولهہ ۾ شاهپور وارو ضلعو آهي جيڪو جهلم نديءَ جي ٻنهي پاسن تي آهي. چيج دو آبي ۾ نديءَ جي اوڀر طرف واري علائقي جي شاهپور دو آبي واري لهجي کي تفصيل سان اڳئي ڏنو ويو آهي. سنڌ ساگر دو آبي ۾ نديءَ جي اولهہ طرف واري پاسي اتر طرف سالٽ رينج وارا لهجا آهن جن سان في الحال اسان جو واسطو ڪونهي. پر ان جي ڏکڻ ۾ ٿل وارو لهجو يا شاهپور واري ٿلي موجود آهن. شاهپور جا ڪٺيل انگ اکر هن طرح آهن:

| | |
|---|---|
| شاهپور دو آبي | 447,000 |
| شاهپور ٿلي | 21,000 |
| سالٽ رينج لهجو | 25,000 |
| ٻيون ٻوليون | 588 |
| **ڪل تعداد** | 493,588 |

هاڻ صرف جهلم ضلعي سان تعلق رکندڙ ٿليءَ جي ڳالهائيندڙن جو ذڪر رهي ٿو. اهي سالٽ رينج جي پاڙ وٽ پنڊ دادن خان تحصيل جي ڏکڻ - اولهہ ۾ رهن ٿا. انهن جو ڪاٿو 131,562 لڳايو ويو آهي.

اهڙيءَ ريت اسان کي ٿلي ڳالهائيندڙن جو تعداد سنڌونديءَ جي اولهہ ۾ ٻنون ۽ ديري اسماعيل خان جي لهندا ڳالهائيندڙن سميت هن ريت ملي ٿو.

| | |
|---|---|
| ميانوالي | 400,000 |
| ٻنون | 33,000 |
| ديره اسماعيل خان | 170,000 |
| جهنگ | 2,948 |
| شاهپور | 21,000 |
| جهلم | 131,562 |
| **ڪل تعداد** | 759,210 |

[1] 1904ع ۾ لائلپور کي جهنگ کان ڌار ڪيو ويو هو. هن جائزي ۾ جهنگ ۽ لائلپور کي هڪ وحدت ڪري ڪنيو ويو آهي.

اڳين صفحن ۾ آءُ انهن نڪتن جو مختصر خاڪو ڏيندس جن ۾ ٿلي شاهپور دو آبي جي معياري لهندا کان مختلف آهي ۽ اهو به ڏيکاريندس ته انهن ۾ اها ملتانيءَ سان نهڪي بيهي ٿي. اهي ڳالهيون گهڻو ڪري سر جيمس ولسن جي "گرامر اينڊ ڊڪشنري آف ويسٽرن پنجابي" تي منحصر آهن سواءِ چند واڌو ڳالهين جي، جن جو تعلق ڏنل نمونن سان آهي:

ملتانيءَ وانگي ٿليءَ سان موڙني "ڊ" جو گهاٽو سبنڌ آهي. جيئن:

| ٿلي | شاهپور دو آبي |
|---|---|
| ڊا ڊا | دادا (ڏاڏو) |
| ڊال | دال (دال) |
| ڊهاڙا | ڊِهاڙا (ڏهاڙو) |
| ڊيهون | ديهون (سج) |
| مڻڊا | ميرا (منهنجو) |
| تڻڊا | تيرا (تنهنجو) |
| ڊون | دوئين (ٻـ) |
| ڊاهہ | داهہ (ڏهہ) |
| چوڊان | چودان (چوڏهن) |
| ڊي | دي (ڏي) |
| ڊيهان | ديهان (سيائي) |
| اِڊي/اِڏي | اِدي (هيڏانهن) |
| اُڊي/اُڏي | اُدي (هوڏانهن) |
| ڪڊهانِ | ڪداهان (ڪڏهن) |

اهو ڏسي سگهجي ٿو ته ٿلي شاهپور دو آبيءَ جي ڀيٽ ۾ ملتانيءَ سان وڌيڪ نهي ٿي. لفظن جو ذخيرو اڪثر مختلف هوندو آهي، جي ايئن هجي ته اهو به ملتانيءَ سان ويجهو هوندو آهي.

مثلن:

| ملتاني | ٿلي | شاهپور دو آبي |
|---|---|---|
| ٽولا | ٽولا | ٽوڙا (ٽورو) |
| پوتر | پوتر | پُتُر (پٽ) |
| نسري | نسري | مسري (ڪنڌ) |
| نِڪا | نيا | نِڪڙا (ننڍو) |
| مرد | ڀاهڙي | مرد (مرد) |
| زال | زال | زناني (عورت/زال) |

| شاهپور دو آبي | ٿلي | ملتاني |
|---|---|---|
| ميرا | مٺڍا | ميڍا، مٺڍا |
| اَسين | اسان | آسان |
| تيرا | تٺڍا | تيڍا |
| تُسين | تُسان | تُسان |
| اِسدا (هن جو) | اِيندا | اِيندا |
| جهڙا (جيڪو) | جهڙا يا جو | جهڙا يا جو |
| ڪهين (ڪنهن) | ڪٿهين | ڪٿهين |

ٻين ڳالهين ۾ ضمير ملتانيءَ بدران شاهپور دو آبيءَ جي پوئواري ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح "ڪڪُوڙ" بدران "ڪوڙ" (ڪير) چوندا آهن. ضميري پڇاڙيون شاهپور جهڙيون آهن.

فعلن جي گردانن ۾ اسم حاليہ عام طرح سان "آندا" يا "اِندا" تي ختم ٿيندو آهي جڏهن تہ شاهپور ۾ اهو "ايندا" يا صرف "دا" تي ختم ٿيندو آهي. اهڙي نموني:

اسم حاليہ

| ڌاتو | شاهپور دو آبي | ٿلي | مُلتاني |
|---|---|---|---|
| ڪر (ڪر) | ڪردا، ڪريندا | ڪريندا | ڪريندا |
| وڪ (وڪام) | وڪدا | وڪاندا | وڪدا |
| هُونگ (هونگ) | هُونگدا | هونگندا | هُونگدا |
| ويچ (وڪڻ) | وچيندا | وچيندا | وچيندا |
| ست (هڻ/سٽ) | ستندا، ستيندا | ستيندا | ستندا، ستيندا |
| ٽور (هلاءِ) | ٽُريندا | ٽُريندا | ٽُريندا |

هتي اهو ڏسي سگهجي ٿو تہ ٿلي ٻنهي لهجن کان مختلف آهي.

ڌاتو "ڊيک" (شاهپور دو آبي واري "ديک" بدران) جو اسم حاليہ "ڊيدا" آهي جڏهن تہ ان جو اسم مفعول وري ساڳيو "ڊٺا" آهي.

فعل "نڪل" جو اسم مفعول "نڪتا" ملتانيءَ وارو آهي جڏهن تہ شاهپور دو آبيءَ ۾ اهو "نِختا" آهي. "گهن" جو اسم مفعول "گهدِا".

شاهپور دو آبيءَ ۾ مربوط مجهول صورت پنهنجو اسم مفعول ٺاهڻ لاءِ "گيئا" جوڙيندي آهي. اهڙي طرح "مري - گيئا" (ماريو ويو.) ملتانيءَ ۾ وري "ج" وچ ۾ وجهندا آهن جيئن "ماريج - گيئا" ۾ آهي. ٿليءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن "ج" يا "چ" وجهندا آهن. جيئن "ڦٽيج - گيئا" (ڦاٽي پيو) "مريچ - گيئا" (ماريو ويو).

ريت "ڪُـرَنَ" جو مثال نموني ۾ موجود آهي ۽ 3 بيت ۾ بہ آهي. مٿيون ڳالهيون ڏيکاريون ٿيون تہ ٿلي ملتانيءَ ۽ شاهپور دو آبيءَ جي سرحد وارو لهجو آهي پر ملتانيءَ کي وڌيڪ ويجهو آهي.

ٿليءَ جي هڪ وڌيڪ چرڪائيندڙ خاصيت (جنهن ۾ اها ملتانيءَ سان وڌيڪ هڪ جهڙائيءَ رکي ٿي) آهي مورڏني "ڊ" جو گهڻو چٽو استعمال ڏيکارڻ. اهو اکر جهلم نديءَ جي اولهہ ۾ ڏاکڻي لهندا جي خصوصيت آهي.

ٻئي طرف هن ۾ خاص سنڌي ٻڻن حرف علتن جي موجودگي ظاهر نٿي ٿئي جيڪي ديره غازي خان جي هندڪيءَ ۾ خاص نمايان عنصر آهن.

شاهپور مان "خرچائو پٽ" واري نقل جو ٿلي نمونو موصول ڪونہ ٿيو آهي، ان جي جاءِ تي سر جيمس ولسن جي "گرامر اينڊ ڊڪشنري آف ويسٽرن پنجابي" مان هڪ مرثيو ڏجي ٿو. اهو ٽڪرو صورتخطيءَ ۾ ٿوري تبديلي سان ڏجي ٿو تہ جيئن هن جائزي ۾ اختيار ڪيل متبادل صورتخطيءَ جي نظام سان ٺهڪي بيهي. سٽن جي وچ ۾ آيل ترجمي لاءِ آءٌ ذميدار آهيان پر آزاد منظوم ترجمو سر جيمس ولسن جو ڪيل آهي. اهو ڏسي سگهجي ٿو تہ ٻولي اڳ ۾ آيل ٿليءَ سان برابر آهي.

**شاهپور ضلع** **ٿلي**

**(سر جيمس ولسن ـــ ڪي سي. ايس. آءِ)**

حُسين ؑ جي ڌيءَ سُڪينہ (جنهن کي گبت ۾ سَڪينہ سڏيو ويو آهي) جي نصيب تي مرثيو جيڪو سنڌونديءَ ويجهو بکر جي فيروز جوڙيو جنهن 1889ع ۾ وفات ڪئي، اهو سُر آسا ۾ ڳايل آهي.

ڪِت مدينہ، ڪِت شاهہ نجف؟
ترجمو: ڪٿ مدينو ڪٿ شاهہ نجف؟
ٿِيئا شام مڪان سڪينہ دا
ترجمو: ٿيو شام مڪان سڪينہ جو
ملڪ، پيغبر ، ذات خدا دي
ترجمو: ملڪَ پيغمبر، ذات خدا جي
ڪرن ارمان سڪينہ دا
ترجمو: ڪن ارمان سڪينہ جو
1. سُڻ آواز عمر ـ شمرَ دا
ترجمو: سڻ آواز عمر ۽ شمر جا (حُسين جا قاتل)
روح ماسوم دا (معصوم) ٻهُون ٻهُون ڊردا
ترجمو: روح معصوم جو گهڻو گهڻو ڊڄي ٿو
سانگ دي اُتون پٹُو اڪبر دا
ترجمو: ڀالي جي مٿان پيءُ اڪبر جو (حُسين ؑ)

ڪري ڏتان سڪينہ دا

ترجمو: ڪري ڏيان سڪينہ جو

2. جي۔ ڪوئي ديس۔ پراءِ۔ تي مر۔ وئندا

ترجمو: جيڪو ديس پرائي ۾ مري ويندو

توڙي هووي دشمن، ڪفڻ ڊهليندا

ترجمو: توڙي هجي دشمن ڪفن ڏيندا

هاءِ هاءِ، مئيت ريها ڱُلينداا

ترجمو: هاءِ هاءِ، ميت رهيو ڳوليندو

ڪفڻ دي ڪاڻ سڪينہ دا

ترجمو: ڪفن جي ڪاڻ سڪينہ جو

3. هي دَستُور جي۔ ڪوئي مر۔ گيئا

ترجمو: آهي دستور جي۔ ڪو مري وڃي

ڪُل (قل) خواني وارس (وارث) ڪرَن چليئا

ترجمو: قُل خواني وارث ڪن چاليها

ٻن عابد دي ڪوئي نهين ريها

ترجمو: ٻن عابد جي ڪوبہ نہ رهيو

فاتحہ خوان سڪينہ دا

ترجمو: فاتحہ خوان سڪينہ جو

4. جان گهش۔ وچ علي عابد ٻڌ ڪي

ترجمو: جڏهن غم ۾ وڃي علي عابد ٻڌي

آکي مئيت سڪينہ دا ويرَن۔ ڪون۔ سڌ۔ ڪي

ترجمو: چوي ميت سڪينہ جو ڀاءُ کي سڏي

تئڊِتان زخمان۔ تون پٽڻ سدڪي (صدقي) سدڪي (صدقي)

ترجمو: تنهنجن زخمن تان پيڻ صدقي صدقي

نا ڪوئي نگاهبان سڪينہ دا

ترجمو: نہ ڪو نگهبان سڪينہ جو

5. وِيرَن مئڊا آکيئا منين

ترجمو: ڀاءُ منهنجو چيو مڃين

مئڊي ڪاڻ ڪفڻ دا نان نہ گهنين

ترجمو: منهنجي ڪاڻ ڪفن جو نانءُ نہ وٺين

ڪسم (قسم) خدا دي، متلڪ (مطلق) نهنين

ترجمو: قسم خدا جو بلڪل ناهي

جان سجان سڪينہ دا
ترجمو: جاڻ سڄاڻ (دوست) سڪينہ جو.
6. نهين ڪفڻ منگ دي آلهہ ـ راسي بالي
ترجمو: نٿو ڪفن گهُرجي الله ـ وارن (مجبور) ٻارن کي
دفن ڪروايندي چولي ـ نالي
ترجمو: دفن ڪريو آن جي چولي سان
آکن، "يا رسول الله اهہ ڊيکو هالي (حالي)
ترجمو: چون، "يا رسول الله هي ڏسو حالَ
بنديوان سڪينہ دا
ترجمو: باندي سڪينہ جو
7. هاءِ هاءِ لوڪ پرديس جو جاندي
ترجمو: هاءِ هاءِ ماڻهو پرديس جي وڃن
مُدت گذار ـ ڪي وتن (وطن) ـ تي آندي
ترجمو: مدت گذاري وطن ڏانهن اچن
سڄڻ سفرا دي (صغري دي) مر ـ گئئي وانڍي
ترجمو: سڄڻ صغري جا (سڪينہ جي ڀيڻ) مري ويا، ڏور ڪٿي
ٿيئا گهر وئران سڪينہ دا
ترجمو: ٿيو گهر ويران سڪينہ جو.
8. ڪوئي فِراڪِي (فراقي) جمُلا گمُلئِا
ترجمو: ڪو فراق جو واءُ گهلئو
ساٿ حسين دا ڀاهڍا رُلئا
ترجمو: ساٿ حُسين جو ڏاڍو رليو
موت دا نِکڙئا ول نهين ملئِا
ترجمو: موت جو وڇوڙيل وري نہ مليو
خاندان سڪينہ دا
ترجمو: خاندان سڪينہ جو.
9. شِمرا وڏو حُڪم سُناوي
ترجمو: شمر وڏو حڪم ٻڌائي
روندي ـ چ وڍا گُناه اي
ترجمو: روئڻ ۾ وڏو گناهہ آهي
ما، ڦڦي، نان چاهي
ترجمو: ماءُ، ڦُپي، نانو چاهي

مر گئئي نادان سڪينہ دا
ترجمو: مري وئي نادان سڪينہ ـ آ

10. آئِٿا اوازا ماسوم دا (معصوم دا) "نا رو وئِا هي"
ترجمو: آيو آواز معصوم جو نہ رُو توهان
متان وير مٿڊي ـ ڪُون شِمر ستائي
ترجمو: متان ڀاءُ منهنجي کي شمر ستائي
ڊاهڊيان نہ رُنئان ڦڦي مائي
ترجمو: ڏاڍيان نہ رنيون ڦڦي ۽ ماءُ
سُن فرمان سڪينہ دا
ترجمو: ٻڌ فرمان سڪينہ جو

11. هي دستُور جي ـ ڪوئي بند ـ وچ مردا
ترجمو: آهي دستور جي ڪو بند ۾ مري
جِي نڪٿا ول نهين ولدا
ترجمو: جان نڪتي تہ وري ناهي ورندي
علي عابد دي سر ـ تي ڦردا
ترجمو: علي عابد جي سِرَ تي ڦري ٿو
روح پريشان سڪينہ دا
ترجمو: روح پريشان سڪينہ جو.

12. شبير (حُسين) فِيروز دا مارُ اي
ترجمو: شبير فيروز (شاعر) جو ماڻُ آهي
جمان تئڊا تون مٿڊ ڪارڻ اين
ترجمو: جماڻ تنهنجو تون منهنجي ڪارڻ آهين
جگ وئِري تو رک ڏئِان اي
ترجمو: جڳ ويري تون رک ڏيان ـ اي
صدقي ذيشان سڪينہ دا
ترجمو: صدقي ذيشان سڪينہ جو.

(هن کان پوءِ سر جيمس ولسن جو ڪيل ترجمو ڏنو ويو آهي، جنهن جي هتي ضرورت محسوس نٿي ٿئي.)

# جهلم جي ٿلي

جهلم ۾ پنڊ دادن خان جي ٿلي تقريباً اُها ئي ساڳي آهي جيڪا شاهپور جي معياري ٿلي آهي. جتي ان ۾ فرق آهي تہ اهو صرف انهيءَ رخ ۾ آهي، جتي اها شاهپور دو آبيءَ سان هڪجهڙائي رکي ٿي. نموني طور "خرچائو پٽ" واري نقل جو هڪ روپ هيٺ ڏنو ويو آهي جنهن ۾ هيٺيون خصوصيتون ڏسي سگهجن ٿيون. جيتوڻيڪ "ٿلي" جي "د" کي مورڏني بنائڻ وارو لاڙو ثابت ٿئي ٿو پر اهو اهڙو زورائتو ڪونهي جهڙو ٿل ۾ آهي. اهڙي طرح ٻن کي "ٻو" بدران "دو" چيل آهي، "ٻي" بدران "دي" آهي ۽ ٻاهہ بدران "داهہ" آيل آهي.

هين هنڌن وانگي "ايٺا" پچاڙي جيڪا معياري ۾ گهٽي اچي ٿي اها هتي "اِيا" يا وري "اِٺا" جي شڪل ۾ آهي. اهڙي طرح "آکيٺا" بدران "آکِيا"، "گيٺا" بدران "گِيا" "مارِّٺان" بدران "ماڙيان" (ماڙا" عذاب) جو مفعولي مذڪر جمع ۾) "آپڻئان" (آپڻيئان" بدران) ياران نال"، اهو اچارن بدران صورتخطيءَ جو معاملو آهي.

جيتري قدر لفظن جو تعلق آهي تہ اسان کي ٿلي "ڊيک" ۽ "گهن" بدران دو آبي "ويک" ۽ "لئِہ" ملن ٿا. ساڳيءَ طرح "ٿيوڻ" بدران "هوڻ" (هووُڻ لاءِ) ملي ٿو. اسمن جي گردان ۾ "پٽ" لاءِ جيڪو لفظ آهي اهو فاعلي حالت واحد ۾ "ٻوتر" يا "ٻُتُر" جي بدران "ٻُتَر" آهي ضميرن ۾ "ڪوئي" جو مفعولي واحد پنجابيءَ جيان "ڪسي" آهي "ڪهِين" يا "ڪٿهِين" ڪونهي.

فعل جي معاملي ۾ "هي" يا "اي" بدران اسان کي "هَئِہ" يا "آئِہ" ملن ٿا. جڏهن تہ "هُو هو" لاءِ "آهہ" ۽ "آها" ٻئي موجود آهن. معروف فعل جي مستقبل ۾ "آکيسان" بدران اسان کي "آکسان" ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ٻي قاعدي اسم مفعول آهن "ڪڙاتا" (گم ٿيل) ڌاتو "ڪڙ" مان ۽ "پَٿُهتا" (پهتو) ڌاتو "پهونچ" سان. هين ڳالهين ۾ نمونو ڪا مختلف شي نٿو ڏيکاري.

**ٿلي لهجو** **جهلم ضلع**

هڪ ـ آدمي دي دو پُتر آهِي ـ اُنهان ـ وچُون نِڪي پِئو نُون آکِيا. "پِئُو مال دا جهِڙا ـ حِسا (حصہ) مئنُون ـ آئندا ـ ها مئنُون دي ـ چا. وت پِئُو آپڻا مال اُنهان نُون ونڊ ـ دتا. ٻهُون دهاڙي اجي ناهين ـ لڳّهي جي نِڪا پُتر سارا مال لئہ ـ ڪي ڪسي ـ دور مُلڪ نون ٽُر ـ گيا تي اٿي آپڻا مال ماڙيان ـ ڪمان ـ تي وَڃا ـ دتوس. جِس ـ ويلي اوهہ سبِ ـ ڪُجه وَڃا ـ بئٺا. اُس ـ مُلڪِ ـ وچ ڏاڍا ڪال پئہ ـ گيا تي اوهہ لاچار هوڻ لڳا. ڦيرا اُس ـ ملڪ دي هِڪ ـ آدمي ـ ڪول گِيا جس اوهہ نون آپڻي ـ زِمين ـ وچ سُور چُگاوَڻ گهل ـ دتا. اوهہ دي دل ـ وچ آئندا ـ آهہ جي، اُنهان ـ چلڙا ـ نال ڍِڍ ڀران جهِڙي سُور کاندي ـ آهي ڪوئي آدمي اوهہ نُون ڪُجهہ ناهہ ـ ديندا. جس ويلي اُس دل ـ وچ سوچ ڪِيتي آکيوس. 'مدي پِئُو دي بهون ـ نُوڪران ـ ڪول چوکا رزق آئِہ تي مئن ڀُکا مردا پِيان، مئن اُٿ ـ ڪي پِئُو ـ ڪول وَڃان اُس نون آکسان. "پِئُو مئن خدا دا گُناهہ ڪِيتا، تي تئڊا پُتر سڏاوڻ جوگا نہ رهيا. مئنُون آپڻا هِڪ ڪامان جاڻ ـ ڪي رک ـ لئہ." ڦير اوهہ اُٿيا تي آپڻي ـ پِئُو دي ڪول آيا.

# ديره اسماعيل خان جي جٽڪي ۽ ديراوالي

ديره اسماعيل خان جي لهندا هندڪي ۽ جٽڪي سڏبي آهي. جيئن اها ديره اسماعيل خان جي شهر ۽ آسپاس ۾ ڳالهائجي ٿي تہ ان کي ديراوال ٿا سڏين. پر سواءِ ان جي جو اها ٿوري سينگاريل آهي باقي ٻيءَ کان ڪا گهڻي مختلف ڪانهي.

اهو ٿن نالن وارو لهجو ان ئي ساڳي ٿلهيءَ جو آهي جيڪا شاهپور ۾ ڳالهائجي ٿي. صرف ڪي ٿورا فرق اچارن ۾ آهن. جيئن اسان کي "ٻَک" بدران "ٻَک" لفظ ۽ "گهڊِا" بدران "گڏا" لفظ ملن ٿا . شاهپور واري لفظ جي "ايٿا" پڇاڙي هتي "اٿا" يا "اِيا" لکجي ٿي جيئن "آکِٿا" ، "گِيا" ۽ پِيا (پيو) ۾ آهي. پٽ لاءِ لفظ آهي پُتر، نڪي "پُتُر" يا "پوتر".

اسمن جي گردان ۾ هتي مفعول ثاني واري حالت ۾ ٻہ نوان حرف جر آهن ، هڪ آهي "دو" جيئن "پِئو_دو لڳا _وجان" (پيءُ کان ٿيندو وڃان) هتي "دو" اصل ۾ هڪ پراڻي حالت مڪانيءَ طرفي جي نمائندگي ڪري ٿو جنهن جي فاعلي حالت پنجابيءَ ۾ "دا" آهي. جنهن جي معنيٰ آهي 'جو'.

جيئن مغربي پهاڙي ڪشميالي ۾ جي مفعول ثانيءَ وارو حرف جر "جو" سنڌيءَ جي اضافت واري حرف جر "جو" سان ناتو ڏيکاري ٿو. ٻيو حالت مفعولي ثانيءَ وارو حرف جر آهي "ڪِيتي" معنيٰ "لاءِ" جيئن "چراوڻ ڪيتي" ۾ آهي جنهن جي معنيٰ آهي 'چارائڻ لاءِ' اِها "ڪيتا" جي مفعولي صورت آهي جيڪو 'ڪَرُڻ' جو اسم مفعول آهي ۽ ان جي ڀيٽ ڪشميريءَ جي "ڪِيتُ" ۽ وِءَ_ آلا ڪافريءَ جي "ڪيتِي" سان ڪري سگهجي ٿي.

ضميرن جي گردان ۾ "اِ" (هي) جو مفعولي واحد آهي "اِينَ" ۽ "اُ" جو "اُون" ، جيئن ملتانيءَ ۾ هوندو آهي مفعولي جمع آهن "اِنا" ۽ "اُنان". ضمير موصول آهي "جيڙا" ۽ مفعولي واحد "جيڙي" ايئن ئي "ڪيڙا" (ڇا؟) ٿيندو.

فعل جي ڏس ۾ "هائي" معنيٰ "هي هو" جيڪو ملتانيءَ وانگر ''آها'' ڪونهي. "هائِن" معنيٰ "اهي هئا". "ٿي" ۽ "هو" (هُئا) ٻئي مروج آهن. مونث لاءِ "ٿئي" موجود آهي. "نان" معنيٰ 'آءُ ناهيان'. حال متشڪي جي ضمير متڪلم جمع جي پڇاڙي "اُون" آهي جيئن "کائُون" ، 'ڪرُون' معنيٰ شايد 'کائون'، شايد 'ڪريون'.

هيٺيان نمونا ديره اسماعيل خان کان آيل آهن ۽ ديراوال لهجي جي نمائندگي ڪن ٿا.

## ڏاڪٽر لهندا ۾ لفظن ۽ جملن جي معياري فهرست

| نمبر | سنڌي (انگريزيءَ مان ترجمو) | لهندا (شاهپوردو آبو) | ملتان جي ملتاني | هندڪي (ديره غازي خان) | شاهپور جي ٿلي |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | هڪ | هڪ هيڪ | هڪ هيڪ | هڪ | هڪ |
| 2 | ٻه | دوئين | ڏون | ڏون | ڏون |
| 3 | ٽي | ٽرئہ، ترائي | ٽرائہ | ترائي | ٽرائي |
| 4 | چار | چار | چار | چار | چار |
| 5 | پنج | پنج | پنج | پچ | پنج |
| 6 | ڇهہ | ڇين | ڇي، ڇي | ڇي | ڇي |
| 7 | ست | ست | ست | ست | ست |
| 8 | اٺ | اٺ | اٺ | اٺ | اٺ |
| 9 | نو | نا | نا | نو | نا |
| 10 | ڏهہ | داهہ | ڏاهہ | ڏاهہ | ڏاهہ |
| 11 | ويهہ | ويهہ | ويهہ | ويهہ | ويهہ |
| 12 | پنجاهہ | پنجاهہ | پنجاهہ | پچاهہ | پنجاهہ |
| 13 | سئو | سئو | سئو | سئ | سو |
| 14 | آءُ / مان | مئن | مئن، مئنءِ | منءِ | مئن |
| 15 | منهنجو | ميرا | ميڊا، مئڊا | مئڏا | مئڊا |
| 16 | سنڌمر | ميرا | ميڊا، مئڊا | مئڏا | مئڊا |
| 17 | اسين | هسين يا اسين | اسان | اسان | اسان |
| 18 | اسان جو | اساڊا، هساڊا، ساڊا | اساڊا، ساڊا | اسان ڏا | اسان ڊا |

| نمبر | سنڌي (انگريزيءَ مان ترجمو) | لھندا (شاھپوردو آبو) | ملتان جي ملتاني | ھندڪي (ديره غازي خان) | شاھپور جي ٿلي |
|---|---|---|---|---|---|
| 40 | مٿو / سِر | سِر | سِر | سِر | سِر |
| 41 | زبان / جڀ | جڀ | جڀ | جڀ | جڀ |
| 42 | پيٽ / ڍِڍ | ڍِڍ، | ڍِڍ | پيٽ | ڍِڍ |
| 43 | پٺ | ڪنڌ، ترڪل | ڪنڌ | ڪنڌ | ڪنڌ |
| 44 | لوھ | لوھا | لوھا | لوھا | لوھا |
| 45 | سون | سونا | سونا | سونا | سونا |
| 46 | چاندي | چاندي | چاندي | رُوپا | چاندي |
| 47 | پيءُ | پئو | پِڻو | پئو، پِڻو | پئو |
| 48 | ماءُ | ما، امان | ما | ما | ما |
| 49 | ڀاءُ | ڀرا، ڀرا | ڀرا | ڀرا | ڀرا |
| 50 | ڀيڻ | ڀيڻ | ڀيڻ، ڀيڻ | ڀين، ڀيڻ | ڀيڻ |
| 51 | ماڻھو / مڙس | آدمي | مڻس، مڙس | آدمي، مرد | ڏاھڙي |
| 52 | عورت / زال | سواڻي | زال، سواڻي، تريمت | تريمت | زال، چونڊا |
| 53 | جوءِ / زال | سواڻي | سواڻي، تريمت | زال، جو، جوئي | جٽي، سواڻي، ترِمت |
| 54 | وار | وال | وال | وال | بلوڙا، نينگر |
| 55 | پٽ | پُتر | پوتر | پُتر | پوتر |
| 56 | ڌيءُ | ڌي | ڌي | ڌي | ڌي |
| 57 | غلام، گولو، ٻانھو | گلام | نوڪر | ٻانھان | گولا |
| 58 | ھاري | مُزاري | رڙھـ، وھـ | رڙھـ – رھا | زميندار |
| 59 | ڌنار | آجڙي | آجڙي | آجڙي | ائيال |
| 60 | خدا، الله، رب | خدا، رب | خدا | خدا | خدا، رب |

| نمبر | سنڌي (انگريزيءَ مان ترجمو) | لهندا (شاهپوردو آبو) | ملتان جي ملتاني | هندڪي (ديره غازي خان) | شاهپور جي ٿلي |
|---|---|---|---|---|---|
| 61 | شيطان | شيطان | شئطان | شيطان | شيطان |
| 62 | سج | ديهون | سِجهه | سِجهه | ديهون |
| 63 | چنڊ | چن | چندر | چندر | چن |
| 64 | تارو | تارا | تارا | تارا | تارا |
| 65 | باهه | آگ | ڀا | ڀا | آگ, ڀا |
| 66 | پاڻي | پاڻي | پاڻي | پاڻي | پاڻي |
| 67 | گهر | گهر | گهر | گهر | گهر |
| 68 | گهوڙو | گهوڙا | گهوڙا | گهوڙا | گهوڙا |
| 69 | ڍڳي, ڳئون, گانءِ | گان | گا | ڳئون | گان |
| 70 | ڪتو | ڪتا | ڪتا | ڪتا | ڪتا |
| 71 | ٻلي | ٻلي | ٻلي | ٻلي | ٻلي – مذڪر ٻلا |
| 72 | ڪُڪڙ | ڪُڪڙ | ڪُڪڙ | ڪُڪڙ | ڪُڪڙ |
| 73 | بدَڪ | بتڪ | مُرگائي (جهنگلي بدڪ) | بدڪ | بتڪ |
| 74 | گڏهه, مونث گڏهِ | کوتا, گدون | گڏانهه (مونث گڏ ينها) | گڏهان | گدون (مونث گدين) |
| 75 | اُٺ | اٺ | اٺ | اٺ | اٺ (مونث ڏاچي) |
| 76 | پکي | پکو | پکو, پکي | پکي | پکو, پکي |
| 77 | وڃ | ونج | ونج | ونج | ونج, جاهه |
| 78 | ڪا | ڪا | ڪا | ڪا | ڪا |
| 79 | ڏيهه | ٻئهه | ٻئهه, باهه | ٻهه – ٻواهه (وهار) | ٻئهه |
| 80 | اچ, آ | آ | آ | آ | آ |

| نمبر | سنڌي (انگريزيءَ مان ترجمو) | لهندا (شاهپوردو آبو) | ملتان جي ملتاني | هندڪي (ديره غازي خان) | شاهپور جي ٿلي |
|---|---|---|---|---|---|
| 163 | تون هُئين يا هوئين | تون آهين | تون هانوين ، هائين | تون هاوين | تون آهين |
| 164 | هي / هو هو | اوهہ آها | اوها ، ( مونث – هائي) | اوها | اوهہ آها (مونث آهي) |
| 165 | اسين هئاسين | اسين آهسي | اسان هاسي | اسان هاسي | اسان آسي |
| 166 | توهين هئا | تسي آهِي | تسان هاوي | تُسان هاوي | تسان آهي |
| 167 | اهي هئا | اوهہ آهِن | اوهائِن | اوهن | او آهين، مونث آهئان،اهن |
| 168 | ٿي (هُئا) | هو | ٿي | ٿي ، هو | هو |
| 169 | ٿيڻ ، هئڻ | هووَڻ | ٿيوَڻ | ٿيوَڻ ، هووَڻ | ٿيوُڻ |
| 170 | ٿي | هو- ڪي | ٿي- ڪي | ٿي-ڪي،ٿي ڪَر،ٿي ڪراهين | ٿي ڪي |
| 171 | هوندو | هُندا | ٿيندا | ٿيندا ، هوندا | ٿيندا |
| 172 | مان هُئان / هجان يا ٿيان | مئن هووان | مئن ٿيون | مَنءِ ٿيوان ، هووان | ٿيوان |
| 173 | هوندسُ يا ٿيندسُ | مئن هوسان | مئن ٿيسان | مَنءِ ٿِيسان ، هوسان | مئن ٿيسان |
| 174 | هُئڻ يا ٿيڻ گهرجان | مئن هُسُ | مئن ٿيندا ، ٿيوان ها | – – | مئن ٿيوان ها |
| 175 | مار | مار | مار | مار | مار |
| 176 | مارڻ | مارَڻ | مارڻ | مارَڻ | مارُڻ |
| 177 | ماريندو | ماريندا | ماريندا | ماريندا | ماريندا |
| 178 | ماري | مار- ڪي | مار- ڪي | مار-ڪي-مار ڪر، مار ڪراهين | مار- ڪي |
| 179 | مان ماريان ٿو | مئن ماريندا – هان | مئن مارينان | منءِ ماريندا | مئن ماريندا ها ، مارينان |
| 180 | تون مارين ٿو | تون ماريندا – هين | تون مارينين | تون ماريندين | تون ماريندا هين،مارينين |
| 181 | هو ماري ٿو | اوهہ ماريندا – هي | او مارنين | او ماريندي | اوهہ ماريندا هي |

ضميري پڇاڙيون اتر ۾ بہ ساڳيون ذڪر واريون استعمال ٿين ٿيون. پر ضمير متڪلم ۽ حاضر جوٗن پڇاڙيون وڌيڪ عام آهن.

ذڪر ۾ اسم حاليہ جي پڇاڙي "دا" آهي ۽ ساڳيو حال اُتر - اولهہ ۾ آهي، پر اتر - اوڀر ۾ اها "نا" آهي، اهو ياد رکڻ گهرجي تہ بلڪل اهائي ساڳي ڳالهہ حالت اضافت واري حرف جر جي آهي.

اتر الهندي وارن لهجن کي ڏسبو تہ اهي سالٽ رينج جي هڪ وڏي حصي ۾ ۽ اٽڪ ضلعي جي ذڪر ۾ پڻ ڳالهائجن ٿا. ان کان سواءِ جهلم ضلعي جي اوڀر ۾ سموري راولپنڊي ضلعي ۾ اترئين جابلو علائقي ۽ ان جي اتر ۽ اتر- اوڀر ۾ ڪشمير ۽ پدروهہ تائين اهي ئي ڳالهائجن ٿا. اتر- الهندي وارو لهجو ذڪر ۾ ايئن شروع ٿئي ٿو جڻ اهو اٽڪ جي پنڊي گهيب تحصيل ۽ مغربي جهلم جي وچ وارو ڪوگبو (گڏيل سڏيل) لهجو هجي. جيڪو اتر اٽڪ کان اپرندي طرف هلندو پشاور ۽ اچا بہ اتر ڏانهن هزاره تائين هليو وڃي. هزاره جو هڪ ننڍو حصو انهي اتر - اپرندي واري علائقي ۾ پوي ٿو.

هيٺيان اهي لهجا آهن جيڪي اُتر - اپرندي وارو گروهہ ٺاهين ٿا. پهرين تہ آهي خود اولهہ سالٽ رينج وارو لهجو جنهن سان اهي گهرا ڳنڍيل آهن. ذڪر اٽڪ جو "آوانڪار" (اعواڻڪاري) ۽ وچولي اٽڪ جو "گهيبي" لهجو. انهن سيني کي مشرقي جهلم وارن اتر- اپرندي وارن لهجن (مشرقي سالٽ رينج واري لهجي سميت) کان ڌار ڪري ٿو اتر- الهندي واري لهندا ڳالهائيندڙن جو هڪ پٽو جيڪو جهلم ۾ چڪوال جي ذڪر تائين هليو وڃي ٿو.

ڪوهاٽ ۾ سنڌوءَ جي هن پار اعواڻڪاريءَ جو هڪ نمونو ضلعي ۾ پکڙيل هندو ۽ اعواڻ پڻ ڳالهائين ٿا جنهن کي مختلف نالن سان سڏيندا آهن. اسين پنهنجي موجوده مقصد لاءِ ان کي "ڪوهاٽي" سڏي سگهون ٿا. اسين اهو ڏسي ٿا سگهون تہ انهن سيني لهجن ۾ "وچ" جي لاءِ لفظ آهي "ونج"، "گچ" ڪونهي. باقي بين رهيل لهجن ۾ "ونج" استعمال نٿو ٿئي، ان کان پوءِ اچي ٿو "پوٺواري" لهجو. جيڪو مشرقي جهلم ۽ راولپنڊيءَ جي ميداني حصي ۾ ڳالهايو وڃي ٿو اهو ضلعي گجرات جي بہ هڪ ڪنڊ ۾ ڳالهائجي ٿو جيڪا پبي رينج ۽ جهلم نديءَ جي وچ ۾ آهي. اتر راولپنڊيءَ جي مري پهاڙين ۾ بہ هڪڙو ٿورو مختلف لهجو ڳالهائيندا آهن جنهن کي اسان "پهاڙي پوٺواڙي" سڏي سگهون ٿا. ان جي يڪدم اولهہ طرف هڪ لاڳو علائقي ۾ وري "ڍُنڊي" لهجو موجود آهي. اچا بہ اتر- اولهہ طرف وڃبو تہ مهاراجا ڪشمير جي علائقي ۾ گهڙنداسين. هتي الهندي وارين پهاڙين ۾ ڪشمير واديءَ جي ذڪر ۾ پوٺواري ڳالهائيندا آهن جنهن کي مڪاني طور تي "چڀالي" يا ڇڀن جي ٻولي چوندا آهن. انهيءَ سان ويجهائپ رکندڙ لهجو آهي. "پُنڇي" جيڪو ڪشمير جي جاگير "پُنڇ" ۾ ڳالهائيندا آهن. اتي اچي لهندا جا مختلف قسم ختم ٿين ٿا. اچا بہ اتر طرف اسان کي "ڪشميري" ۽ "شينا" ملن ٿيون. جڏهن تہ اوڀر طرف جموں جي "ڊوگري" ۽ "پدرواهي" (هڪ مغربي پهاڙي لهجو) موجود آهي. هيٺ ڏنل خاڪو اتر - اپرندي واري لهندا ڳالهائڻ وارن جو تعداد ڏيکاري ٿو.

## مغربي سالٽ رينج جو لهجو:

شاهپور............................ 25000_25000

**اعواڻڪاري:**

اٽڪ ............................ 89901_123901

ڪوهاٽ جي ڪوهاٽي ........................ 34000

گهيبي (اٽڪ جو پنڊي گهيب).............. 90000

**پوٺواري:**

راولپنڊي ........................ 475973

مشرقي جهلم ........................ 183389

گجرات ........................ 25000_684302

**پهاڙي پوٺواري:**

مري پهاڙين وارو لهجو ........................ 57957

هزاره جي ڏنڊي ........................ 20820_ 87777

**ڪشميري جا لهجا:**

چڀالي ........................ 521338

پُنڇي ........................ 220009_741407

---

اتر - الهندي واري لهندا جا ڪل ڳالهائيندڙ.. 1752755

# سالٽ رينج جي لهندا

سالٽ رينج يا جابلو سلسلو جهلم ضلعي جي ڏکڻ ۾ ميانوالي ۾ شاهپور ضلعن جي اُتر منجهان لنگهي جهلم نديءَ کان اڳتي وڏي سنڌوءَ ڏانهن هليو وڃي ٿو. انهيءَ ۾ سڀ کان پهرين اسان کي لهندا جو اُتر- اپرندي وارو لهجو ملي ٿو.

جهلم ضلعي مان سالٽ رينج جي مشرقي چيڙي مان ڪنهن جدا لهجي جي ڄاڻ ڪا نہ ملي آهي، جو تہ لهجن جي ورهاست اتر ۾ ڏکڻ ۾ ٿئي ٿي. هن جابلو سلسلي جي مشرقي چيڙي وارو لهجو اهوئي ساڳيو آهي جيڪو ان جي اتر ۾ جهلم تحصيل وارو "پوٺواري" سڏجي ٿو. جڏهن تہ هن سلسلي جي مغربي چيڙي ۾ "ڌني" لهجو آهي جيڪو اتر- الهندي واري لهندا جو هڪ قسم آهي ۾ چڪوال تحصيل ۾ ان جي اتر ۾ ڳالهايو وڃي ٿو.

جيئن تہ سالٽ رينج جي اولاهين طرف واري سلسلي جي ٻولي شاهپور ضلعي تائين، لهندا جي اتر- اپرندي واري لهجي سان تعلق رکي ٿي. ان ڪري اهو ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ ان پهاڙي سلسلي جي وچ تي، پنڊ دادن خان تحصيل تائين(جتي ڏاکڻي لهندا جو ٿلي لهجو مستعمل آهي) هڪ قسم جو گڏيل لهجو اتر- الهندي واري لهندا جو ڳالهايو وڃي ٿو.

انهيءَ گڏيل لهجي لاءِ ڊپٽي ڪمشنر لکي ٿو تہ هن ۾ ٻہ علائقا اچي وڃن ٿا. ڪهُون ۾ ونهار- پهرئين ۾ گهٽو ڪري جنجوعا ۾ ٻئي ۾ اعوان رهن ٿا. پر جيڪڏهن توهين چڪوال کان پنڊ دادن خان ڏانهن سفر ڪندا تہ توهان کي "نا" (جيڪو اتر- اپرندي واري لهجي ۾ آهي) بدران "دا" ٻڌڻ ۾ ايندو (جيڪو اتر-الهندي واري لهندا ۾ هوندو آهي) (سواءِ ڪن ٿورن ماڻهن جي جيڪي شايد "پوٺواري" وارن علائقن مان آيل هوندا آهن).

انهيءَ حقيقت جي ڪري تہ اتر - اپرندي وارو لهجو اولهہ تائين هن گڏيل لهجي کي اورانگهي شاهپور، سالٽ رينج ۾ هليو وڃي ٿو. اها ڳالهہ امڪان ۾ آهي تہ ڪنهن وقت رينج ۾ اتر- اپرندي واري قسم جي ڳالهائيندڙن جي رهائش هئي، جيڪي پوءِ لڏي ايندڙن نون ماڻهن جي ڪري ٻن حصن ۾ ورهائجي ويا، جيڪي هاڻي اهو اتر - الهندي وارو لهجو ڳالهائين ٿا.

اسين ڏسنداسين تہ اتر- الهندي وارو لهجو ڪن خاصيتن ۾ (مثال طور "دا" اضافت) ڏاکڻي لهجي سان لهڪي اچي ٿو ۾ ڪن ٻين خاصيتن ۾ (مثال طور حرف صحيح تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسمن جي ڦيري ۾) اهو اتر- اپرندي واري لهجي سان لهڪي ٿو. انهيءَ مان اهو مناسب طور نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ اتر- الهندي وارو لهجو سالٽ رينج جي هن طرف مغربي جهلم ۾ هزاره ۾ ڏاکڻي لهجي جي نمائندگي ڪري ٿو جيڪو ايئن اڳتي وڌي وڃڻ جي ڪري سالٽ رينج جي اصلوڪي اتر- اپرندي واري لهجي ڳالهائيندڙن واريون صورتون اختيار ڪري ٿو وٺي.

جيئن تہ شاهپور، سالٽ رينج، اٽڪ ۾ ڪوهاٽ ۾ ٻہ اتر- اپرندي وارو لهجو ملي ٿو اُن ڪري اهو نالو "اتر- اپرندو" ان سان لهڪي نٿو اچي. پر ان جو اصلي ڦهلاءُ اتر - اپرندي طرف راولپنڊي پوٺوار مان ڪشمير جي سر زمين تائين آهي ۾ اها ٻہ حقيقت آهي تہ اهو لهجو اولهہ طرف سالٽ رينج کان اعوانڻ آندو آهي.

اها ڳالهہ وڌيڪ مناسب آهي تہ انهيءَ اولهہ واري ڦهلاءَ کي شاهپور، اٽڪ ۾ ڪوهاٽ ۾ پهرين جانچجي تہ جيئن پوٺوار علائقي ۾ ڪشمير جي اصلوڪي اتر- اپرندي واري لهجي تي بحث ڪرڻ جو رستو صاف ٿئي. شاهپور سالٽ رينج ۾ 25000 ماڻهو اهو لهجو ڳالهائين ٿا جنهن جو هاڻ ذڪر ڪنداسين. اهو پوٺوار سان گهري ويجهائپ رکي ٿو ۾ ان جو

| | | |
|---|---|---|
| ڀوڪ | (ڳوڻڙو) | |
| ڏِسا | (کھرو ڪمبل) | |
| ڍِل | (وڏو پٽڙ - پٽڙ) | D= ڍلھ |
| ڳَٽُڻ | (ڳٽڻ) | |
| گار ڳَرَٽِيا | (پٿريلي زمين) | |
| هَڳڻ | (سگھڻ) | D= سڳُڻ |
| هَل | (پاڻي ۾ پاڻ واري زمين) | |
| هَڻ | (هاٿي، هينڊر) | D= هُڻ |
| هيڪل | (مونث هيڪل) (سوئر) | |
| هِل | (سرڻ) | |
| هيج | (هيٺن، ايٺن) | D= ليهُڻ |
| هُرَڻ | (لهڻ) | D= هُرَٽال |
| هُرَٽار | (جابلو رڍ) | D= اِٽا |
| اترا | (ايترو) | |
| جنھ | (هميشھ وهندڙ نئن يا واھ) | |
| جهامڙ | (شاخ) | |
| جُلَڻ | (هلڻ) | |
| ڪهوتا | (ان جي ڳُندي) | D= اِٽا |
| ڪنهيرا | (هڪ گُل "زنگي") | |
| ڪس | (ڪسي، نالي) | |
| ڪسي | (ڪسي) | |
| ڪاوڙ | (ڪاوڙ) | D= ڪئوڙ |
| ڪسئا | (نالي، ڪسي) | |
| ڪاوڙيل | (ڪاوڙ واري جذباتي) | |
| ڪپرا | (ڪپر (بلا) يا ڪوڙو) | |
| ڪرمور | (تلوار) | D= تلوار |
| ڪيڙي | (جتي - سينڊل) | D= هپيئان |
| کُوب | (ڳوڳها "بيماري") | |
| ڪُڏُو ڪُڏري | (گهاري واري پڳل زمين) | |
| ڪرسي | (ڪرسي) | |
| ڪِليهون | (ننڍڙو ڪجهيءَ جو وڻ) | |
| ڪِرڙاڪا | (هندن جو) | D= ڪرڙيڪا |
| ڪترا | (ڪيترو) | D= ڪنٽا |

مفعولي ثانيءَ جو حرف جر "نون" بدران آهي "هان" يا "آنهه" جيئن: گهوڙي- هان (گهوڙي کي)
حالت جريءَ جو حرف جر آهي "ٿائون" جيئن: گهرِ- ٿائون (گهرن کان)
انهيءَ ڪري هيٺ هن لهجي جي اسمن جي مختلف گروهن جا مڪمل گردان ڏجن ٿا.

| | مذکر "گهوڙا" واحد | جمع |
|---|---|---|
| فاعلي حالت | گهوڙا | گهوڙي |
| متعدي مجهول واري فاعلي حالت. | گهوڙي | گهوڙيان |
| | گهوڙي- هان | گهوڙيان- هان |
| مفعولي ثاني سببي حالت. | گهوڙي- ٿائون | گهوڙيان- ٿائون |
| جري حالت | گهوڙي- نان | گهوڙيان- نان |
| اضافت واري حالت | گهوڙي ([1]) | گهوڙين |
| مڪاني حالت | گهوڙيئان | گهوڙيان |
| ندائي حالت | | |
| | مذکر "گهر" | |
| فاعلي حالت | گهر | گهر |
| متعدي مجهول واري حالت | گهري | گهران |
| مفعولي ثاني- سببي حالت | گهري- هان | گهران- هان |
| جري حالت | گهرِ- ٿائون | گهران- ٿائون |
| حالت اضافت | گهري نان | گهران نان |
| مڪاني حالت | گهر، گهرِي | گهرين |
| ندائي حالت | گهرا | گهران ـ هو |

| | مونث. "گهوڙي" واحد | جمع |
|---|---|---|
| فاعلي حالت- | گهوڙي | گهوڙيئان |
| متعدي مجهول واري حالت فاعلي | گهوڙي | گهوڙيئان |
| مفعولي ثاني- سببي | گهوڙي ـ هان | گهوڙيئان- هان |
| جري حالت | گهوڙي ـ ٿائون | گهوڙيئان- ٿائون |
| حالت اضافت | گهوڙي- نان | گهوڙيئان نان |
| مڪاني حالت | گهوڙين | گهوڙيِئان |

[1] اهي صورتون تمام گهٽ آهن ۽ صرف ڪن لفظن ۾ ٿين ٿيون. جڏهن اهڙن لفظن جي مڪاني حالت جي ضرورت پوندي آهي ته پوءِ عموماً حرف جر "وچ" کي مفعولي حالت سان استعمال ڪندا آهن.

جون ٽي صورتون هونديون آهن جن مان هڪڙي مڪمل صورت، ٻي گهٽايل صورت ۽ ٽين زورائتي صورت هوندي آهي، باقي ٻين ڳالهين ۾ فرق آهي مثلاً:

| واحد | زمان حال (آءٌ) مان آهيان | | | | جمع |
|---|---|---|---|---|---|
| مڪمل صورت | گهٽايل صورت | زورائتي صورت | مڪمل صورت | گهٽايل صورت | زورائتي صورت |
| 1. آنهه | آن | ايهون | آنهه | آنهه | -- |
| 2. اينهه، آئنهه | اين | -- | -- | -- | اهو |
| 3. اِهه، آئهه | اي | -- | -- | -- | آئهن، آهِن |

اهو ڏسي ٿو سگهجي تہ مڪمل ۾ ڳرن آوازن جو ڪو مڪمل سيٽ نٿو ملي، شايد اهي صورتون هر هنڌ موجود آهن پر انهن ڏانهن ڌيان نہ ويو آهي. معياري لهجي وانگر هن ۾ بہ ضمير غائب جمع جي "اِن" ۽ "آن" کي اڳ ۾ آيل لفظ سان ڳنڍڻ جو رواج آهي. ايئن (نموني جي پيرا 4) "مجود ۔ آن" (موجود آهن) جو مثال آهي. ساڳي طرح "هوان" جو استعمال هوئي -ان" جي جاءِ تي (لالون لڪل آهن) "مارينين" جو استعمال "ماريني ۔ اِن" جي جاءِ تي "وٺنين" جو استعمال "وٺني - ان" جي جاءِ تي ۽ "دسائين" جو استعمال "دسائي -اِن" جي جاءِ تي ڏيکاريل آهن.

زمان ماضي بہ معياري لهجي کان مختلف آهي جيئن:

| واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|
| مذکر | مونث | مذکر | مونث |
| 1. آئهس، ائهس هائس | آئهس، ائهس | آئهان، آهان هان آئهسي | آئهان، آهان هان آئهسي |
| 2. آئهئون، آهون، هائِئون | آئهين، آهين | آئهو آهو هَئِو | آئهو آهي، هَئِئي |
| 3. ائها، آهہ هَئِئا | آئهي، آهي | آئهي، آهي، هَئِئي | |

هتي هڪ ناڪاري فعل پڻ آهي جنهن جون هيٺيون صورتون ڏنيون ويون آهن.

واحد ۔ 1. "ناهان" نهان

2. نهين، نيهان، ناهون، نهون

3. نهين

هن ۾ بلاشڪ ڪي جمع صورتون بہ آهن پر مون کي نہ مليون سگهيون آهن، سر جيمس ولسن موجب معياري صورتون سڀ استعمال ٿين ٿيون سواءِ ضمير حاضر واحد جي -مٿي ڏنل صورتن مان متڪلم ۽ غائب واريون صورتون نموني مان کنيون ويون آهن.

فعل جي ٻين زمانن جي باري ۾ اهو تہ فعل "ٿيوڻ" گهٽو ڪري معياري واري "هوڻ" جي جاءِ تي ڪم ايندو آهي پر تہ بہ اسان کي نموني ۾ "هوڻ" بہ ملي ٿو معروف فعل جي متصل ڦيري ۾اسم حاليہ جي پڇاڙي معياريءَ واري "دا" جي بدران "نا" يا "نان" اچي ٿي. اهڙي ريت "بچنا" (بچڻ) "ترنا" (وڃڻ) "ڪرينان" (ڪرڻ) (متعدي). ٻيا اسم مشتق يا ڪردنت

۾ فعلي اسم ساڳيا معياريءَ وارا آهن پر آخري حرف علتن کي اڪثر گھٽو ڪندا آهن جيئن "مَنٿان" (مجيو) (نمونو- پڙرا 4) بجاءِ "مِنِٿا" جي.

مضارع ۾ معطوفيءَ جو ڦيرو هن ريت آهي:

آءٌ ماريان ٿو I Strike

| واحد | جمع |
|---|---|
| 1. ماران، مارهان | مارهان |
| 2. مارهين مارهو | مارهو |
| 3. ماري | مارن، مارن |

زمان مستقبل ساڳيو معياري جهڙو آهي سواءِ ان جي جو ضمير غائب جمع "سِن" بدران "سَن" تي ختم ٿئي ٿو. اهڙي طرح "ماريسَن" (ماريسِن بدران) جو استعمال ٿئي ٿو.

ٻين معاملن ۾ فعلن جا متصل ڦيرا ساڳيا معياريءَ وارا آهن. پر اهو تڏهن جڏهن اسين اهو ياد رکون تہ اسم حاليہ "دا" بدران "نا" ۽ "نان" تي ختم ٿين.

ضميري پڇاڙيءَ سان فعل جي هڪ گهٽ عام صورت طور اسين "دسيئيهوس" (اسين ڏسي سگهونس ٿا) جو مثال ڏئي سگهون ٿا. اسين زمان حال مطلق جو هڪ مثال ضمير غائب جمع سان گهٽايل صورت ۾ بہ ڏيکاري ٿا سگهون " جيڪو "مارينين آن" جي جاءِ تي "مارينين" (مارين پيا) آهي

شاهپور کان "خرچائو پٽ" جي نقل جي ڪا بہ صورت ڪانہ آئي آهي ان ڪري آءٌ سر جيمس ولسن جي گرامر مان هڪ لوڪ ڪهاڻي شاهپور سالٹ رينج جي لهجي جي نموني طور ڏيان ٿو.ان جو ترجمو مون ڪيو آهي البت آزاد ترجمو سر جيمس ولسن ڪيو هو. اصل مواد شاهپور کان آيو آهي ۽ گرامر مان ورتل ڪونهي، اُن ڪري پوئين نقل ۾ صورتخطيءَ ۾ فرق نظر اچي ٿو.

# اوانڪاري يا اوانڪي (اعواڻڪي)

اعواڻ ([1]) هڪ اهم قبيلو آهي جنهن جي رهائش جا مرڪز مغربي سالٽ رينج جي چوڏاري آهن ۽ ميانوالي شاهپور ۽ جهلم ضلعن جي ويجهن حصن تائين هليا وڃن ٿا ۽ سنڌوءَ جي ڪپ تي سيني اعواڻن جي سردار جي جاءِ "ڪالا باغ" کي بہ شامل ڪن ٿا.

جيتري قدر سالٽ رينج جو تعلق آهي تہ اتان جي ٻوليءَ جو ذڪر علائقائي لهجي جي حوالي سان ٿي چڪو آهي. اٽڪ واري ضلعي ۾ اهي سالٽ رينج جي اُتر - الهندي واري ڇيڙي واري علائقي ۾ رهندڙ آهن. اهي عملي طرح سموري تلاگنگ ۽ پنڊي گهيب تحصيل جي وچ ۾ سون نديءَ کان ڪالا چِٽا رينج تائين علائقي جا مالڪ آهن. جيڪو اٽڪ تحصيل کي پنڊي گهيب کان ڌار ڪري ٿو اهو سمورو علائقو ايتري قدر تہ اعواڻن جي مالڪيءَ ۾ آهي جو ان کي چوندا ئي "آوانڪاري" آهن. تلاگنگ تحصيل جي ٻوليءَ کي بہ "اوانڪاري" يا اوانڪي" چوندا آهن.

اسين هتي اٽڪ ضلعي ۾ ڳالهائجندڙ لهندا جي ٻين لهجن جو بہ ذڪر ڪري سگهون ٿا. هن ضلعي ۾ چار تحصيلون آهن. اتر ۾ اٽڪ، الهندي واري وچ ۾ پنڊي گهيب، اوڀرندي مرڪز ۾ فتح گنج ۽ ڏکڻ ۾ تلاگنگ اچي وڃن ٿيون. سنڌوءَ جي ڪپ وٽ پنڊي گهيب جي مکد الاڪا ۽ اٽڪ تحصيل جي اترئين ميداني علائقي ڇڇ ۾ پشتو ڳالهائي وڃي ٿي، باقي ٻين سيني هنڌ لهندا آهي. پشتو ۽ لهندا جي وچ واري سرحد گهڻي واضح آهي جيڪا سنڌوءَ کان ڪجهہ ميل اوپر طرف وڃي ٿي. پنڊي گهيب تحصيل ۾ لهندا جو هڪ مڪاني نمونو مروج آهي جنهن کي گهيبي چوندا آهن ۽ سالٽ رينج واري لهجي سان ويجهاپ رکي ٿو. ان جو ذڪر اوانڪاري ۽ ڪوهاٽ واري لهجي کان پوءِ يڪدم ايندو. فتح گنج تحصيل سون نديءَ جي ماٿريءَ جي ٻنهي طرف پوي ٿي ۽ اتان جو لهجو "سوئن" سڏجي ٿو. اهو لهندا جو اتر - اوڀرندي وارو لهجو ڪونهي بلڪہ اهو اتر - الهندي واري لهندا جي ڌني لهجي جو تسلسل آهي، جيڪو ڏکڻ طرف جهلم جي چڪوال تحصيل ۾ ڳالهايو ويندو آهي. تنهن هوندي بہ اهو گهيبيءَ سان گڏجي سڏجي ويل آهي. اٽڪ تحصيل ۾ مڪاني لهجي جو ڪو خاص نالو ڪونهي پر "سوئن" وانگر اهو بہ گهيبي ۽ - اتر - الهندي واري لهندا جو گاڏڙ لهجو آهي. سوئن ۽ اٽڪ جي لهجي بابت اڳتي بحث ڪيو ويندو جتي "ڌني" جي سري هيٺ ان جو ذڪر ايندو، ان ڪري هتي وري ان جو ذڪر ڪونہ ڪنداسين.

اٽڪ جي آباديءَ جو اهو تعداد جيڪو اتر - اوڀرندي واري لهندا ٿو ڳالهائي:

اوانڪاري.................. 89901

گهيبي......................... 90308

ڪل. 780209

---

[1] گريئرسن "آواڻ" لکيو آهي. (مترجم)

جيڪڏهن ان سان اسين اتر- الهندي واري لهندا ڳالهائيندڙ ماڻهن جو تعداد 188051 جوڙيون ته اسان کي اٽڪ ضلعي ۾ هر قسم جي لهندا ڳالهائڻ وارن جو ڪل تعداد ملندو 368260 اهو سمورو ڪاٿو 1891ع واري آدمشماريءَ منجهان ڪيل آهي. 1901ع يا 1911ع وارين آدمشمارين جا انگ ميسر ڪونہ آهن.

اٽڪ جي ٻوليءَ جا ڪجهه ٻيا ننڍا ننڍا فرق ([1]) بہ هتي بيان ڪري سگهجن ٿا. عام ڪيتي ڪندڙن کان ڪترين جي ٻولي مختلف چئي وڃي ٿي. ٻنهي ۾ فرق بابت ڪو تفصيل نٿو ملي پر شايد اهو فرق لهجي جو نہ پر سڌريل اڻ سڌريل وارو فرق آهي. جيڪي گُجر آهن اهي پنهنجو پاڻ تائين محدود رهندا آهن. ان ڪري انهن جو پنهنجو لهجو آهي جنهن جو ذڪر هن جائزي جي جلد نائين جي پاڳي چوٿين ۾ ڪيو ويو آهي.

سنڌوءَ جي هُن طرف اتر- الهندي سرحدي ضلعي جي ڪوهاٽ ۾ اوانڪاريءَ جهڙو هڪ لهجو اتان جا هندو بہ ڳالهائيندا آهن. هتي جي ضلعي جي مکيہ ٻولي پشتو آهي پر اوانڪاري ڳالهائڻ وارا سموري ضلعي ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن. ڪوهاٽ ۾ ٻوليءَ کي ٻي ڏيانيءَ ۾ اوانڪاري، اوانڪي، ڪوهاٽي، هندڪو يا هندڪي ٻيا سڏيندا آهن.

اسين ڏسي سگهون ٿا تہ ڪوهاٽ ۾ اتر- اپرندي واري نموني جي لهندا سان حالت اضافت لاءِ لفظ آهي "نان" جڏهن تہ ان جي ذڪرڻ ۾ ٻنوڻءَ واري لهندا آهي. جيڪا ٻوليءَ جي معياري ڏاکڻي صورت واري آهي ۽ ان ۾ اضافت "دا" سان ڏيکاريبي آهي. ان جي اتر ۾ وري پشاور جي پشاوري لهندا آهي. جيڪا اتر- الهندي واري لهندا جهڙي آهي، ان ۾ بہ اضافت لاءِ "دا" موجود آهي.

اوانڪاريءَ جي ڳالهائيندڙن جو ڪل تعداد هن ريت آهي.

اٽڪ.................. 89901

ڪوهاٽ............. 34000

ڪل تعداد .. 123901

هيٺ اوانڪاريءَ جا بہ نمونا ڏسي سگهجن ٿا ۽ لفظن ۽ جملن جي هڪ فهرست پڻ اڳين صفحن ۾ ڏنل آهي، هڪ نمونو تہ ساڳيو "خرچائو پٽ" واري نقل جو روپ آهي ۽ ٻيو وري هڪ ڳوٺاڻي جو عدالت ۾ ڏنل بيان آهي.

هيٺ ڏنل ڳالهين مان صاف ڏسي سگهجي ٿو تہ هنن نمونن ۾ آيل صورتون سالٽ رينج جي ٻوليءَ سان هڪجهڙائپ رکن ٿيون.

**لفظن جو ذخيرو :**

اهو عملي طرح ساڳيو شاهپور سالٽ رينج وارو آهي. اسين هيٺ ڏنل لفظن جون غير رواجي صورتون ڏسون ٿا "اُٺڻ" لاءِ لفظ "اٺڻ" بدران "اُٺرڻ" آهي. لفظ "ني" بدران "هو" استعمال ٿو ٿئي، فعل "پئُوڻ" (پوڻ) پنهنجي اسم حاليہ "پيئا" سان (جمع "پئي") عام طرح مرڪب فعل ناهڻ ۾ ڪم ايندو آهي جنهن سان بظاهر معنيٰ تي ڪو اثر ڪو نہ ٿو پوي، مثلاً "جي- پيئا" يا "وج- پيئا" (وڃائجي ويو) "لڳ- پيئي"، "پيئا ڪون" "پئي ڪرينين" (نمونو II)

**اچار:**

آوازن کي گهٽو ڪرڻ جو رواج ايترو ئي عام آهي جيترو سالٽ رينج ۾ آهي. تقريباً هر ڪو ڍگهو سُر مرضيءَ موجب گهٽو ڪري سگهجي ٿو. اهڙا گهٽو ڪرڻ (نڪ مان ادا ڪرڻ) جا ايترا تہ عام مثال آهن ۽ مرضيءَ موجب ڪجن ٿا جو خاص اهڙي خوبيءَ وارا ڪي بہ لفظ هيٺ آيل نوٽس ۾ نٿا ملن.

---

[1] ڏسو اٽڪ گزيٽيئر (1907) ص 63

سالٽ رينج ۽ شاهپور دو آب جي لهجن ۾ اچار "آتہ" اوانڪاريءَ ۾ "اي" ٿي وڃي ٿو. پر اهو صورتخطيءَ جو طريقو آهي ان ڪري اسين شاهپور وانگر هن ۾ بہ لکڻ مهل ساڳيو "آتہ" استعمال ڪنداسين.

هن ۾ ڳرن وسرگ آوازن کي اوسرگ ڪرڻ جو پڻ لاڙو آهي. اهڙيءَ ريت "پِي " ڦري "بِي" ٿي وڃي ٿو ۽ ٻئي طرف "هِڪّنا" ۾ وري اضافي "ھ" جوڙي وئي آهي. ساڳيءَ طرح هي (هيءَ) ۾ ۽ "اوھ" (هو) جي مفعولي واحد صورت ۾ "اُس" سان گڏ "هٹس" ۾ ڪيل نظر اچي ٿو.

لفظ "ڪيڊنين- نان" ۾ هندستاني "ڪيلنا" وارو "ل" "ڊ" ۾ تبديل ٿيو آهي.

**گردان :** اسمن جي گردان ۾ اهي اسم جيڪي دوآبي ۾ "اُ" تي ختم ٿين ٿا. جيئن "پُتُر" "چوهُر" وغيره- تہ انهن جو پوئين "اُ" واري حرڪت گم ٿي صرف "پُتر" ۽ "چوهر" رهجيو وڃن. ساڳي طرح سان مونث ۾ ساڳي جاءِ تي آيل "اِ" پڻ غائب ٿي ويندي آهي ۽ لفظ "چوهِر" ڦري "چوهر" ٿيو پوي.

اهي مذڪر اسم جيڪي حرف صحيح تي ختم ٿيندا آهن انهن جي آخر ۾ "اي" ڳنڍي مفعول واحد صورت ساڳي سالٽ رينج وانگر ٺاهيندا آهن. اهڙي ريت "پُتري"، "دلي"، "گهري"، نوڪري"، "اباسي" (نمونو II ۾) اها حرڪت هميشہ ڪا نہ لڳندي آهي. جيئن نموني ۾ اسان ڏسون ٿا "اُس - مُلڪي نين" بدران "اس مُلک نين" استعمال ٿيل آهي. "مان" (ماءُ) جي مفعولي واحد صورت "مائن" (نمونو II) آهي.

حالت مفعولي ثاني جي حرف جر لاءِ "آنھ" بدران "آن" موجود آهي. اهڙي طرح "پئو- آن" (پيءُ کي) نوڪر آن" (نوڪر کي) وغيره ملن ٿا. ساڳئي قسم جو ٻيو حرف جر آهي "دائين" (ڏانهن) جنهن سان حالت جريءَ وارو حرف جر "دائينئو" (کان) فهرست 1.3 - 1.4) آهي.

هيٺيون ضميري صورتون پڻ ڌيان سگهجن ٿيون. سڀ ڪان وڌيڪ ذڪر جي قابل آهن پهرين پن خالص ضميرن جا اضافت وارا مثال. واحد ۾ جن جي آخر ۾ "ڏا" هوندو آهي.

| | آءٌ / مان | تون |
|---|---|---|
| **واحد** | | |
| فاعل | مئن | تون |
| متعدي مجهول وارو فاعل | مئن | تون يا ٿُڌ |
| مفعولي ثاني | مانهہ مئن - ڪو | تانهہ يا تئن ــ ڪو |
| اضافت | مئنڏا | تئنڏا يا تونڏا |
| مفعول | مئن | تئن يا ٿُڌ |
| **جمع** | | |
| فاعل | اسين | تُسين |
| متعدي مجهول وارو فاعل | اسان | تُسان |
| اضافت | آسِڏا | تُسِڏا |
| مفعول | اسان | تُسان |

ضمير اشاري کي ضمير غائب طور بہ استعمال ڪندا آهن

# ڪوهاٽ جي هندڪو

ڪوهاٽ جي اتر - الهندي واري سرحدي ضلعي جي مکيه ٻولي پشتو آهي. بهرحال ضلعي ۾ هر هنڌ ڪيترائي هندو ترڙيل پکڙيل رهن ٿا ۽ ٻيا به ڪيترائي جهلم اٽڪ ۽ راولپنڊيءَ کان لڏي آيل ماڻهو جن ۾ خاص طور اعواڻ شامل آهن، اتي اچي آباد ٿيا آهن. اهي سڀ هڪ خاص قسم جي لهندا ڳالهائين ٿا، جنهن کي مختلف نالا ڏنل آهن، جيئن - اواڻڪاري، اواڻڪي، هندڪي، هندڪو ۽ ڪوهاٽي وغيره. پلي ان کي کهڙي به نالي سان سڏيو وڃي، پر بنيادي طرح اها ساڳي ٻولي آهي. اها مختلف قبيلن جي ڳالهائڻ سبب لهندا جي مختلف لهجن جو گاڏڙ لهجو بڻجي وڃي ٿي. جن سڀني ۾ سالٽ رينج جي اواڻڪاري سڀني کان نمايان آهي. هن ۾ لفظن جو ذخيري ۾ پشتو مان ڪيترائي لفظ اڌارا ورتا وڃن ٿا جنهن جا سبب اڳ ۾ ان جي ٻئي نموني جي حوالي سان بيان ڪيا ويا آهن ۽ ٻيهر هتي ورجائڻ جي ضرورت ڪانهي. هن لهجي جي ڳالهائيندڙن جو تعداد 34000 ٻڌايو وڃي ٿو.

اڳين صفحن ۾ لفظن ۽ جملن جي رواجي فهرست کان سواءِ ڪوهاٽ جي هندڪو جا به نمونا هتي ڏينداسين، پهريون ته اهوئي "خرچائو پٽ" وارو نقل آهي ۽ ٻيو ڪوهاٽ ضلعي جو احوال ۽ ان ۾ رهندڙ قبيلن بابت احوال آهي، انهن تي مبني اسين ڪجهه خاص ڳالهين جو هتي ذڪر ڪري رهيا آهيون جيڪي ڪوهاٽ جي هندڪو کي شاهپور جي معياري لهندا کان مختلف ڪن ٿيون.

اچارن ۾ جيڪا خاص ڳالهه اهميت رکي ٿي سا آهي وسرگ آواز کي حذف ڪرڻ جي. اهڙي نموني اسان کي "ٻهُون" ۽ "ٻئون" ٻئي ملن ٿا. "ٿڏ" بدران "تبر"، "ڪڃهه" بدران "ڪج" "ڍڍ" بدران "ٿڏ"، "ڪلهه" بدران "ڪل" وغيره پڻ آهن. ٻئي طرف وري "آڇا" (چڱو) بدران "هڇا" چون ۽ "اِجها" (هن جهڙو) ۾ وري "هه" جي جاءِ بدلائي "هجٽا" ڪري ڇڏين. لفظن جي ذخيري ۾ پشتو لفظ تمام گهڻا آهن. اهي ايترا ته گهڻا آهن جو هتي مثال ڏيڻ غير ضروري آهي.

اسمن جو ڦيرو ساڳيو اواڻڪاريءَ وارو آهي. هيٺيان مثال ڏيئي سگهجن ٿا :

"پئو" (پيءُ) مفعول به "پئو" جمع فاعل "پئو" جمع مفعول "پئوئان"

"جٽا" (ماڻهو) مفعول "جٽي" جمع فاعل "جٽي"، جمع مفعول "جٽئان"

"ڌي" (مونث) مفعول - "ڌي"، جمع فاعل ۽ مفعول "ڌيئان"

"ٻئنت" (مونث) بيد يا لڪڻ) جمع فاعل "ٻئنتان"

ساڳيءَ طرح "رنان" (رنون)، "گلان" (ڳالهيون)، "ڪتان" (ڪتائون) ۽ "قامان" (قومون يا قبيلا)، "گان" (ڍڳي) جمع فاعل "گانئئان" ۽ "پٿڙ" واحد مفعول اٿس "پٿون". مذڪر اسم جيڪي حرف صحيح تي ختم ٿين گهڻو ڪري واحد مفعول ۾ "اِ" ڳنڍيندا آهن، جيئن "پُتُر" مان واحد مفعول "پُتر" نهي ٿو "سر" مان "سِر"، "مُلڪ" مان "مُلڪِ"، "ڪوهاٽ" مان "ڪوهاٽ" نهن ٿا.

ٻئي پاسي اسان کي "گهر وچ"، "مئدان وچ" "شوق نال" صورتون به ملن ٿيون.

جمع مفعول جي مثال لاءِ اسين نموني مان "ياران - وچ" جو مثال ڏئي سگهون ٿا.

ترجمو: سئيون ٿهنديون آهن، ساديون هجن يا

تلي دار هوون

ترجمو: زريءَ واريون هجن.

اج ڪل اِتي سرڪاري- فئوج- تي ڇانوٽي نين

ترجمو: اڄڪلهه اتي سرڪاري فوج ۽ ڇانوٽي جي

سبب- نال بٿون رئونق تي آبادي اي اِس

ترجمو: سبب ڪري گهڻي رونق ۽ آبادي آهي، هن

جگا نين آب- و هوا تندرست آتي

ترجمو: جڳهه جي آب هوا تندرست ۽

هَچي اي

ترجمو: سٺي آهي.

# گهيبي

اٽڪ ضلعي جي پنڊي گهيب تحصيل ۾ لهندا جو مڪاني لهجو "گهيبي" سڏجي ٿو ۽ اوڌڪاريءَ سان ويجهو لاڳاپو رکي ٿو ۽ انهيءَ وانگي اتر - اپرندي واري نموني سان واسطو رکي ٿو.

پنڊي گهيب جي اوڀر ۾ فتح گنج تحصيل پوي ٿي جنهن جي ڏکڻ ۾ وري جهلم ضلعي جي چڪوال تحصيل آهي. فتح گنج تحصيل سون نديءَ واري واديءَ ۾ ٻنهي پاسن تي پوي ٿي ۽ مڪاني لهجي کي "سوَئن " چوندا آهن. جيڪو عام طرح سان گهيبيءَ جي هڪ صورت سمجهيو آهي. بهر حال مڪاني اختيارين وارن کان مليل احوال مان مون اندازو لڳايو آهي ته اصل ۾ ايئن ڪونه ٿو ٿي سگهي.

فتح گنج جي يڪدم ڏکڻ ۾، چڪوال وارو لهجو اصل ۾ اتر - الهندي گروهه جي "ڌني " صورت آهي، اتر - اپرندي واري لهندا ڪانهي. اهو اتر - الهندي وارو لهجو اتر طرف فتح گنج کان ٿيندو اٽڪ ضلعي جي اٽڪ تحصيل تائين هليو وڃي ٿو. فتح گنج ۾ جيئن اسان اڳ ۾ چيو ته ان کي "سوَئن"چوندا آهن ۽ گهيبي سان گهڻو مليل آهي، ان ڪري ان کي انهيءَ لهجي جي صورت چئي سگجي ٿي.

اٽڪ تحصيل ۾ ٻه ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون "ڇڇ علاقي" (علائقو) ۾ تقريباً ٿيهن ڳوٺن جي ٻولي پشتو آهي باقي تحصيل ۾ اصل ۾ ٻوليءَ کي پشاوري ۽ پوٺواريءَ جو گاڏڙ لهجو چيو وڃي ٿو جيئن ته اها پڪ آهي ته پوٺواري اولهه تائين نٿي پکڙجي ۽ جيئن پشاوري ڌني ۽ اتر طرف هزاره جي ٻولي سڀئي اتر - الهندي واريءَ لهندا جون صورتون آهن. ان ڪري اهو سمجهڻ مناسب ٿو لڳي ته اٽڪ تحصيل ۾ به ايئن ئي هوندو. فتح گنج واري لهجي وانگر اهو به شايد گهيبي ۽ اتر- الهندي واري لهندا جو گاڏڙ لهجو آهي.

اٽڪ تحصيل ۽ فتح گنج مان ڪي به نمونا موصول نه ٿيا آهن ۽ انهن لهجن لاءِ جدا انگ اکر به ڪو نه ڏنا ويا آهن. جيڪي انگ اکر مليا آهن سي سڀ اٽڪ، فتح گنج ۽ پنڊي گهيب جي تحصيلن ۾ ڳالهائجندڙ گهيبيءَ ناليَ لهجي جا آهن، اهي 278389 چيا وڃن ٿا. جيڪڏهن اسين ٽنهي تحصيلن ۾ هر قسم جي لهندا ڳالهائڻ وارن ماڻهن کي حصي رسيءَ سان ورهايون ته هيٺيان انگ اکر بيهندا :

| | |
|---|---|
| پنڊي گهيب جي گهيبي.......................... | 90338 |
| فتح گنج جي سوئن.......................... | 106010 |
| اٽڪ تحصيل جو اتر - الهندو لهجو..... | 28389 |
| ڪل | 278389 |

انهيءَ قسم جي مواد جي کوٽ جي ڪري اسين عارضي طور اندازو لڳائي پنڊي گهيب جي گهيبي ڳالهائيندڙ جو تعداد 90308 چئي ٿا سگهون. فتح گنج ۽ اٽڪ جو لهجو ڌنيءَ واري سري هيٺ بحث هيٺ آڻينداسين. گهيبي عملي طرح سان ساڳي سالٽ رينج واري لهندا آهي جيڪا انهن ڳالهين ۾ ان سان نهڪي ٿي جن ۾ اوڌڪاريءَ کان مختلف آهي، ڪي ٿورا اچارن جا فرق آهن جيئن "وڃاڻا" ۽ "وَڃاڻا" (موڪلڻ- وڃڻ لاءِ سبب) ۽ "گهنڻ" بدران "گهيٽا" (وٺڻ).

هند آريائي خاندان — اتر - الهندو گروهه

لهندا يا مغربي پنجابي

گهيبي لهجو — اٽڪ ضلع

پيو نمونو

ربا هر - جيان پٺا روزي ڏينا

ترجمو: رب هر جيءَ کي پيو روزي ڏي

ٿهڏٿان بي - پرواهٿان

ترجمو: تنهنجون بي پرواهيون

پهاڙان - وچون مڪڙي نِختي

ترجمو: پهاڙ مان ماڪڙ نڪتي

اوس آن ڪي واگان چاڙيٿان

ترجمو: ان اچي واڳون ورتيون

هاٿان ٻنهہ ٻنهہ آني - آهي

ترجمو: ڪارا ڪڪر ٻنجي آئي ٿي

تا پڑهنا لوڪ دو هائٿان

ترجمو: پوءِ پڑهيون ماٺهن دعائون

رکي آپ تا ماري ڪور؟

ترجمو: رکي ٿو اهو تہ ماري ٿو ڪير؟

ٿهڏٿان بي - پرواهٿان

ترجمو: تنهنجون بي پرواهيون

پُنواري - وچ جي ڪٺڪان ٿيٿان

ترجمو: پونوار ۾ جيڪي ڪٺڪون ٿيون

اُنهہ ٽسئو يار هلاٿٿان

ترجمو: انهن ڪونہ يار هلايون (لوڏيون)

اڳي اڳي مڪڙي هوني آهي

ترجمو: اڳيان اڳيان ماڪڙ ٿيندي وئي

پڇي ٻوندان آئٿان

ترجمو: پٺيان ٻونديون آيون

جٿي ٿوڑا - ڇها ڊِهُون لڳنا آئئوس

ترجمو: جتي تورو گهٹو ڏينهن ڏسڻ آئيس

اُٿي ڪب سوريني - آهي تائٿان

ترجمو: اتي ڪنب سوريندي وئي پوءِ

جٿي رات مڪڙي هوني - آهي

ترجمو : ٻڌي نڪتا ڪاهہ ڪرڻ

هٿان - وِچ جي رَمبي ڪُهِٺان ديني

ترجمو : هٿن ۾ جيئن رنبيون ڪهاڙيون ڏيئي

چاران - ان ڪٺائٺان

ترجمو : ڪڏون انهن ڪوٺايون

هر واڙيِ - وچ ٻُونگ جي وَرٺا

ترجمو : هر لوڙهي ۾ ٻچا جيئن آيا

اڱتي لوڪان لائٺان

ترجمو : ٻاهيون ماڻهن ٻاريون

هر - شعئي فرزند پٺاري

ترجمو : هر شئي کي ٻچا پيارا

مُڙ مُڙ آندي - آهي تائٺان

ترجمو : ڦري ڦري ايندي رهي پوءِ

ڄندالي - وچ جي جوَتِئي

ترجمو: ڄندالي ۾ جيڪي جَوٽيا

ڪٽڪان هٿ نہ آئٺان

ترجمو : ڪٽڪون هٿ نہ آيون

ڄَٽڊي - وچ جي چولي ٽيڦن،

ترجمو : ڄَٽڊ ۾ جيڪي چٽا ٽين

مڪڙي خُونان لائٺان

ترجمو : ماڪڙ خون لڳايو (ڪيو)

ٻُونگ جي اُتي سُنتي آئٺا

ترجمو : ٻچو جو اُتي سنت (طهر) لاءِ ويلو

لهڙي ٻڻ - گئي نائٺان

ترجمو : فائده ٿي ويا حجامن جا

اڳون ٻُونگ جو چڙهِٺا نراري - تي

ترجمو : اڳتي ٻچا جيڪي چڙهيا نرار - تي

ويکو باتشاهٺان

ترجمو : ڏسو (انهن جون) بادشاهيون

ٻُونگ جيون نِلٺا وچ سوئائين

ترجمو : ٻچا جيئن تريا سون نديءَ ۾

ڪولِس يار سَر نا هِٺان

ترجمو : گڏيائون يا (ڄڻ تہ) سڄيل ٻڪريءَ جي ڪلن تي

وچ - ڪي ڊنا جيي ۽ تراب

ترجمو: وچي ڏٺاسين جهڙي ۽ تراب (علائقا)

أٽي ٻيلي ويکو ڪاهٿان

ترجمو: اتي ٻيلا ڏسو ڪاهيءَ (جي گاهه) جا

اڳون ٻُونگ جو چڙهٿا وچ وناندي

ترجمو: ٻوءِ ٻچا جو چڙهيا وڃنا ندي ۾

لوڪي ڦُوڙٿان ٻنهه ڪي چائٿان

ترجمو: ماڻهن ٽنٿوريون ٻڌي ڪنيون

داني گهرون لڏي نهيني

ترجمو: دانا گهرن ۾ لڏا ڪو نه

ٻٽر نهي لڳي آهي تائِٿان

ترجمو: پير لڳا ڪو نه هٿا اوستائين

اُس- سال چنگڳي چنگڳي لوڪ ٻني- آهي

ترجمو: ان سال چڱا چڱا ماڻهو ڏٺا هٿا

اُنهان ڪٽٿان لائٿان

ترجمو: انهن ڪيون مزوريون

آڪي- ٿال ٻٿي- ويکو ياري

ترجمو: اکين سان ٻيا ڏسو يارو

اڇهي باتشاهٿان

ترجمو: ايٿن بادشاهيون

مڪڙي ڪٽڪان ڪا چوڙٿان- آهٿان

ترجمو: ماڪڙ ڪٽڪون ڪائي چڏيون هيون

اڳون ٻوهلٿان نِڪل- آئٿان

ترجمو: ٻوءِ ٻوهليون (فصل) نڪري آيون

هٿان- وچ ترينگل گهن- ڪي

ترجمو: هٿن ۾ پاهوڙي ڪٽي

داترٿان آن- دندائٿان

ترجمو: ڏاتا ۽ ڏانداريون

جٽي گهر جي ڪم ڪرين

ترجمو: ماڻهو گهر جيڪي ڪم ڪن

تريمتي ڪپ ڪپ ٻوهلٿان لائٿان

ترجمو: زالون ڪپي ڪپي ٻوهليون لاتيون

وڏي- ويلي دٿان چپلٿان تر ٽٿان

ترجمو: صبح جي وقت جون جتيون ٽُٽيون

پچان آ- گڊائٿان

ترجمو : پوءِ اڳي ڳنڍايون

اڳي پوهلئان ڪوئي پُڇنا نهي آهيا

ترجمو : اڳي پوهلين کي ڪو پڇندوڪو نہ هو

اُس - سال لوڪي ڊنگران - نال گهائئان

ترجمو : اُن سال ماڻهو ڏاندن سان ڳاهيون

ڪَلوارِئان - تي وچ هَڇُئان ڪيتئان

ترجمو : ڳاهڻ (واري جاءِ) وچي صاف ڪيون

مِڻ مِڻ ڇنّان - اِچ پائئان

ترجمو : ماپي ماپي ڳوٽين ۾ وڌيون

پوهلي پلي ڇيهڙ نيي

ترجمو : پوهلي گهٽي ڇيڙهہ (لڳلڳدار) سان جهلي وئي

چڪئان خوب گهسائئان

ترجمو : (چنڊ) چڪيون خوب گسايون

تريمتئا ڪُتي عادت

ترجمو : زالن جي ڪُتي واري عادت

پوهلي جوان - وچ رلائئان

ترجمو : پوهليون جَوَن ۾ ملائي چڙيائون

جنهان پوهلي تان پئي - ڪادي

ترجمو : جنهن بہ پوهلي پئي ڪاڏي

اُنهان قيمت پائي

ترجمو : انهن کي ملهہ مليو

رب سَچي نان حُڪم ٿِئا

ترجمو : رب سچي جو حڪم ٿيو

مڪڙي رب وجائي

ترجمو : ماڪڙ رب پجائي

اُستاد مئندا مليار ائهہ

ترجمو : اُستاد منهنجو مليار آهي

اهہ گل تان خوب ٻڌائي

ترجمو : اها ڳالهہ تہ خوب ٻڌائي

# پوٺواري

پوٺوار ملڪ جي ان علائقي جو نالو آهي جيڪو جهلم نديءَ جي اولهه ۾ ۽ چڪوال جي اوڀر ۾ پوي ٿو. ان ۾ راولپنڊيءَ جو موجوده ضلعو بہ شامل آهي، سواءِ اتر ۽ اولهہ واري جابلو علائقي جي ۽ جهلم ضلعي جي اڀرندي پاسي سالٽ رينج جي ذڪر واري علائقي جي.

پوٺوار ۾ ڳالهائجڻ واري ٻولي "پوٺواري" سڏبي آهي. اها سموري راولپنڊي ضلعي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي سواءِ اتر واري جابلو علائقي جي، جتي اسان کي هڪ تمام ويجهو لاڳاپو رکندڙ لهجو ملي ٿو جنهن کي "پهاڙي" چوندا آهن. پوٺواري جهلم ۾، جهلم تحصيل ۾ ([1])، چڪوال تحصيل جي اڀرندي حصي ۾ ۽ پنڊ دادن خان تحصيل ۾ سالٽ رينج جي اڀرندي اڌ ۾ ڳالهائيندا آهن.

چڪوال جي اولهہ ۾ ۽ پنڊ دادن خان واري سالٽ رينج جي بہ اوڀر ۾، ڪافي مختلف ٻولي آهي جو تہ اها اتر - لهندي واري لهندا جي هڪ شڪل "ڌني" آهي. پنڊ دادن خان ۾ اجا بہ ذڪر ۾، اسان کي ڏاکڻي لهندا جي "ٿلي" صورت ملي ٿي، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

جهلم جي هن پار گجرات ضلعي جي اتر - اولاهين ڪنڌ ۾ پڻ پوٺواري ڳالهائي ويندي آهي. هتي پبي رينج هن ضلعي مان لنگهي ٿي ۽ اها اتر - اوڀر کان ڏکڻ - اولهہ وڃي ٿي ۽ ان رينج جي ۽ جهلم جي وچ واري ڪنڌ ۾ بہ ماڻهو پوٺواري ڳالهائيندا آهن.

پوٺواريءَ جيئن اسين ڏسنداسين، شاهپور سالٽ رينج ۾ ڳالهائڻ واري لهجي سان تمام ويجهو لاڳاپو رکي ٿي. ان ڪري ان ۾ اضافت لاءِ "نا" پڇاڙي آهي ۽ حرف صحيح تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسمن جي مفعولي صورت ۾ "اي" موجود آهي. اهڙيون ٻيون بہ خالص مغربي سالٽ رينج جي لهجن واريون خصوصيتون ملن ٿيون. ان ۾ لفظن ۾ بہ ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي هن لهجي جون پراڻيون متروڪ خاصيتون ظاهر ڪن ٿيون. جيئن هڪڙو چاڙ ڏيندڙ لکي ٿو: "نا" واري اضافت هن لهجي جي خاص خصوصيت آهي پر عام ڳالهائڻ ۾ لهجي جي فرق کي ظاهر ڪندڙ لفظ آهن. "اڇڻا" (اچڻ) "گڇڻا" (وڃڻ) "مڻنڊا" (منهنجو) ۽ "تڻنڊا" (تنهنجو). هر اهو ماڻهو جيڪو اهي لفظ ٻڌي ٿو ان کي خبر آهي تہ اهو پوٺواري لهجو آهي.

بهرحال اهو پڻ ياد رکڻ گهرجي تہ "مڻنڊا" ۽ "تڻنڊا" مغربي سالٽ رينج ۾ بہ موجود آهن.

هن جائزي لاءِ پوٺواري ڳالهائيندڙن جو تعداد هن ريت ڪٿيو ويو آهي.

| | |
|---|---|
| راولپنڊي.................... | 475973 |
| جهلم.......................... | 183389 |
| گجرات........................ | 25000 |
| ڪل.. | 684362 |

[1] جهلم نديءَ جي ساڄي ڪپ سان ڳالهائجندڙ ٻولي هن پار واري ضلعي گجرات جي لهندا جهڙي ساڳي آهي، پر اها ڳالهائيندڙن جو تعداد ايترو اهم ڪونهي جو ان ڳالهہ کي هٽي ڏي تہ جهلم تحصيل جي ٻولي پوٺواري آهي.

جيتوٽيڪ پوٺواري تقريباً اهڙي ساڳي آهي جهڙي مغربي سالٽ رينج واري ٻولي ۽ جيتوٽيڪ ٻنهي ۾ فرق بابت ڪي نڪتا پڌائي چڏڻ ئي ڪافي ٿيندو تڏهن به ٻچو جو اها لهندا جي مشهور ۽ جاتل سڃاتل صورت آهي ان ڪري پيٽ لاءِ ان جو ڪجهه وڌيڪ احوال ڏينداسين. ٽي نمونا ڇاپيا ويا آهن. هڪ نمونو ته "خرچائو پٽ" واري نقل جو راولپنڊيءَ مان آيل آهي، ٻيو جهلم مان ۽ اتان ئي هڪ لوڪ ڪهاڻيءَ جو هڪ ٽڪرو پڻ مليو آهي- گجرات جي پوٺواريءَ جو نمونو ڏيڻ جي ضرورت ڪانهي جيڪا ساڳي جهلم واري آهي. عام رواجي لفظن ۽ جملن جي فهرست پڻ اڳيان ايندي

**لفظن جو ذخيرو :** اسين اڳئي ڪن لفظن ڏانهن ڌيان ڇڪائي آيا آهيون جن ۾ "اڇٽا "،"آوڻ " بجاءِ ۽ "گڇٽا" وڃڃڻ يا "وڃڻ" بجاءِ استعمال ڪرڻ پوٺواري خاصيت آهي. اسين اهو به ڌيان ۾ رکي سگهون ٿا ته ڌاتو "گڇ" ڪشميريءَ ۾ موجود آهي پر اتي صورت اٿس "گڇش " ([1]) بهرحال پوٺواريءَ ۾ جيتوٽيڪ "اڇٽا" ۽ "گڇٽا " سيني ڪان عام وڌيڪ صورتون آهن ته به اتي "آٹا " ۽ "جاٹا " پڻ ساڳي معنيٰ ۾ استعمال ٿين ٿا. نمونن ۾ اهڙا ڪيترائي مثال ملن ٿا. ٻيا ڌيان جوڳا پوٺواري لفظ هي آهن. "ٻجهٽا" (ٻڌڻ) ڪشميري "بوزُن" "گهدئيا" (نمونو III) هڪ مفعولي مونث جمع جيڪو حرف جر طور استعمال ٿيو آهي جنهن جي معنيٰ آهي "ان جي ڪري" يا "انهيءَ سبب" جيئن "شرمين - نئان گهدئان" معنيٰ شرم جي ڪري "گهليان" معنيٰ اڪيليون. "گهنان" "اِڪنا" جي لاءِ معنيٰ گڏ. "ليٽا" يا (جهلم ۾) "لڏٹا" معنيٰ ليڻ.

**لفظن جي ترتيب :** اها ڳالهه به ڌيان ڏيڻ لائق آهي ته فعلن جي مرڪب زمانن ۾ جهلم ۾ معاون فعل ڪڏهن ڪڏهن ڪشميريءَ وانگر ڪردنت يا مشتق فعل کان اڳ ايندو آهي بجاءِ پٺيان اچڻ جي، ايئن ئي اڪثر هندستاني ٻولين ۾ ٿيندو آهي (نمونو III) "بهون دهاڙي نهين سن لنگگهتي" (گهٽا ڏينهن ڪو نه گذريا)

"ڪوئي آدمي، اهس - ڪي ڪجهه نهين سي ديٽا" (ڪنهن "ماڻهوءَ هن کي ڪجهه نه ڏنو) (نمونو III) "اوهه باهَر سدَاگري- ڪي نهين سي جاٹان (هو ٻاهر سوداگريءَ لاءِ نه ويو) (نمونو III)

**اُچار :** جيئن سالٽ رينج ۾ ٿيندو آهي، عملي طرح اڪثر مرضيءَ موجب هرڪو آخري ڊگهو حرف علت گُهٽو ڪيو ويندو آهي. نمونن ۾ اهڙن مثالن جو گهٽو تعداد ملندو ۽ ان نڪتي کي وري ڪو نه ورجائينداسين.

مثال طور اسين "بهُو " يا "بهُون" پيش ڪري ٿا سگهون ۽ اضافت جي پڇاڙي جيڪا ڪڏهن "نا"، يا "نان" ته ڪڏهن "ني" يا "نين" ۽ "نِي" يا "نِين" استعمال ٿيندي آهي.

حرف علت آهي "اِ" جيڪو جڏهن زور ڏئي اچاريو ويندو آهي ته "اُ" بڻجي ويندو آهي اهڙي طرح "بيمار" کي "بمار" چوندا آهن جيئن نموني ( III) ۾ آهي.

هڪ پد وارو ٻٽو سُر (dipthong) "آءِ" هميشه اچارن مهل "آئہ" اچاريندا آهن جيئن سالٽ رينج ۾ اوالڪاريءَ ۾ ڪندا آهن جنهن ۾ "هَئِہ " بدران "هئہ" چوندا آهن. "مِنءِ" بدران "مئن" ۽ "پٽران" بدران "پٽِران" چوندا آهن. اهڙي طرح ڪڏهن ڪڏهن "رئهٽا" (رهڻ) ۽ "رَئهٽا" ٻئي ڪتب آڻيندا آهن جيڪي برابر آهن شاهپور واري "ريهٽا" جي - بهرحال ڪڏهن ڪڏهن جي "آءِ" کي صحيح ڪو نه اچارين ته پوءِ اهو صرف "آ" رهجي ويندو آهي جيئن "شطان" ۾ آهي معنيٰ "شئِطان". ساڳيءَ طرح "آئو" پڻ "آ" ٿيو وڃي جيئن "سداگر" ۾ آهي معنيٰ 'سوداگر' (نمونو III).

[1] "اڇٽا" ۽ "گڇٽا" واريون صورتون ڪيترن پهاڙي لهجن سان به لاڳاپو رکن ٿيون.

مٿين فهرست ۾ ڪي بي قاعده اسم به آهن ("پٽو"، "ڌي" ۽ "پيئڻ" وغيره) ۽ ٻيا بي قاعدي اسم آهن. وڌيڪ عام حرف جر ۽ حالتن جون پڇاڙيون آهن -

**حالت مفعولي ثاني - سببي،** حرف جَر "ڪي" ۽ "آن" جيئن "پٽو - ڪي آکنا" (پيءُ کي چيو).

**حالت جري متحرڪ،** "پٽو ڪولون، "پٽو ٿين" "پٽو- نال" "پيوان - وچون" وغيره.

**حالت اضافت:** "پٽونا" مفعولي مذڪر واحد ۽ جمع ۾ فاعلي صورت "ني " مونث ۾ "ني" جمع ۾ "نيئان" وغيره. انهن کي اڪثر گُهٽو ڪيو ويندو آهي - "نان"، "نين" ۽ "نين" وغيره.

**حالت مڪاني،** "وچ" (۾) "ڪول" (وٽ) وغيره

پر مفعولي صورت اڪثر اڪيلي سر ڪم ايندي آهي جيئن "گهري" (گهر ۾ - لاءِ).

صفتون هميشه وانگر استعمال ٿينديون آهن، جيئن "چڱگا آدمي"

"چڱگي آدمي"

"چڱگئان آدميئان نان" يا صرف "چڱگي" به چون

"چڱگي زناني"

"چڱگيئان زنانيئان"

پيٽ جي لاءِ مثال آهن.

"اس نا پرا اُس ني پٽڙ - ڪولون لما آئه" (هن جو پاءُ هن جي پيٽ کان ڊگهو آهي). "سارئان - نالون چڱگي چلي" (سڀني کان چڱا ڪپڙا)

**ضمير:** پهرين پُرِ ضميرن لاءِ اسان وٽ مثال آهن:

| متڪلم | | حاضر |
|---|---|---|
| فاعل | - مئن | تون |
| متعدي مجهول جو فاعل | - مئن | تون، ٿُڌ |
| مفعول ثاني | - مي- ڪي- مغي | تئه- ڪي- ٿُڌ- آن |
| اضافت | - مئندا، مُهادا، مهاڙا | ٿئندا، ٿُهادا ۽ تهاڙا |
| مفعول | - مئه | تئه، ٿُڌ |
| **جمع** | | |
| فاعل | - اسين، آس | ٿسي، ٿس |
| متعدي مجهول جو فاعل | - اسان | ٿسان |
| اضافت | - اسادا، اساڙا، سادا، ساڙا | ٿسادا، ٿساڙا |
| مفعول | - اسان | ٿسان |

مفعول ثاني واحد "مغي" (مون کي) راولپنڊيءَ مان موصول ٿيو آهي. "مي - ڪي" ٻنهي ضلعن ۾ آهي. پائي مايا سِنگهه جي ڊڪشنريءَ ۾ "مڪي" لفظ شايد "مئه - ڪي" جي نمائندگي ڪري ٿو.

**ضمير اشارو**

| ويجهو | | ڏور |
|---|---|---|
| **واحد** | **ويجهو** | **ڏور** |
| فاعل | اِهو | اُهو |
| مفعول | اِس | اُس |
| **جمع** | | |
| فاعل | اِن، اِهو | اُن، اُهو |
| مفعول | اِنهان - اِنان | اُنهان، اُنان |
| ضمير موصول | | |
| **واحد** | | **جمع** |
| جِهڙا، جَتھ | | |
| جهڙي، جِس، جي | | جِهري |
| **ضمير استفهام** | | جِنهان |
| ڪير؟ | | -- |
| **واحد** | | |
| فاعل - | ڪهڙا، ڪُڻ | ڪئهو |
| مفعول - | ڪِس | ڪس |
| **جمع** | | |
| فاعل - | ڪهڙي | - |
| مفعول - | ڪِنهان | - |

ضمير مبهم آهن "ڪوئي" مفعول "ڪسئ" ۽ "ڪجھ" يا "ڪُجھ"، "هبا ڪجِھ" معني 'سڀ ڪجھ' ۽ "جٺ ڪِجھ" معني جو ڪجھ.

ضمير پڇاڙين جو ذڪر فعل جي سري هيٺ ايندو.

**فعل :**

**الف۔ معاون فعل ۽ مڪيہ فعل**

هن ۾ مڪيہ فعل جون زمان حال ۾ ٿوريون مختلف صورتون آهن جيئن :

| واحد | جمع |
|---|---|
| "هان"، آن | "هان"، "آن" |
| هين، اين، هَئن، ائن | هو، او |
| هي، اي، هئہ، ائہ ـ وي | هَن، آن، هئن، ائن،ـ ن |

"چراٽا" (چارڻ) (راولپنڊي)

"چُگانا" (چارڻ / چڳائڻ) (جهلم)

"لوڙا" هندي "لگانا" (لڳائڻ/ ڀارائڻ) ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي ڪپڙا ڀارائڻ. اهو فعل اڪثر "لاٽا" واري صورت وٺي بيهندو آهي. ان ڪري ان کي هنديءَ واري لفظ "لانا" سان منجهائڻ نه گهرجي جنهن جي معنيٰ "آڻڻ" هوندو آهي.

**مرڪب فعل**

زوراٺتا مرڪب گهڻا ٿيندا آهن ۽ رواجي نموني لهندا آهن "چا" کي اڪثر اڳياڙيءَ طور اهڙن فعلن سان لڳائيندا آهن جن ۾ تڪڙ، چرڪ يا نا موزونيت ظاهر ٿيندي هجي جيئن "چاديهه" (راولپنڊي ۾ "چائي - ديهه") معنيٰ "ڪڍ" ۽ "ڏي" ملائي "ڪٽي ڏي" جو استعمال ڪيل آهي "چا - گهن" (ڪٽي، وٺ) اهڙا مرڪب جن ۾ "گڇڻا" يا "پئڻا" (وڃڻ ۽ پوڻ) هجي اهي ٻئي نمبر تي عام آهن جيئن (جهلم ۾) "مر - گيئا - سي) مري ويو هو) "گنو گيئا سي" (گم ٿي ويو هو) (راولپنڊيءَ ۾) "جي پيئا ائهه" (جي پيو آهي) "گُمي - گيئا سا" (گم ٿي ويو هو) "ليي - پيئا - ائهه" (ليي پيو آهي) هنن ۾ "پيئا" ۽ "گيئا" جو استعمال ظاهر آهن.

"گهني آچڻا" (نمونو II) يا "گهن آچڻا" (II) (وٺي اچڻ) هنديءَ جي "لي آنا" جو متبادل آهي. "گهن جاٽا" (II) (وٺي وڃڻ) وري هنديءَ جي "لي جانا" جو متبادل آهي پر اهي صحيح زوراٺتا مرڪب ڪو نه آهن "گهنڻا" ٻين به ڪيترن ئي مرڪبن ۾ ظاهر ڪري ٿئي ٿو جيئن "گهن - ديڻا" (وٺي وڃڻ (III) "رک - گهنڻا" (رکي وٺڻ/ ڇڏڻ) (II) "تڪ گهنڻا" (ڏسي وٺڻ) (II) "لا گهنڻا" (لڳائي وٺڻ) (II) "ڪر گهنڻا" (ڪري وٺڻ) (II) ۽ "منا ٺهنڻا" (مڃائي وٺڻ) (II). ٻيا ڪيترائي مختلف مثال آهن: "آرٿهسان" (اچي ويندس) (III). "ٻڌي (يا ٻڌ) "ديڻا" (ونڊي ڏيڻ) ۽ "ٻنهي ڇوڙنا" (ٻڌي ڇڏڻ) (جملو 652) "لاشوڙنا" (لڳائي ڇڏڻ) (I) يا "گنوا ڇوڙنا" (وڃائي ڇڏڻ) (II).

شروعات ڪندڙ مرڪبن جا مثال مصدر واري سِري هيٺ ڏنا ويا آهن

هڪ مثال ٽن مرڪبن يا ورجاءُ وارن مرڪبن جو به نموني (II) ۾ ملي ٿو "گهن - جائنا ڪر" (وٺي ويندو ڪر) اهو پڻ نوٽ ڪري سگهجي ٿو ته هن مثال ۾ "جائنا" استعمال ٿيل آهي "گيئا" نه _ !

مٺان جي ٻلاٽين - تائين، تي هڪ ڪُتي

ترجمو : مٺنا دل وندرائڻ لاءِ، ۽ هڪ ڪُتي

گهري نين راکي - تائين گهن - دِتي - سوا گرنين

ترجمو : گهر جي رکواليءَ لاءِ ونئي ڏني، سوداگر جي

جاٽي پڇي گولي هر - دِهاڙي باگي - وڇون

ترجمو : وڃڻ کان پوءِ گولي هر روز باغ مان

ڪُسڻ - ملياري - ڪولون باران ڦل سجري

ترجمو : ڪنهن ماليءَ کان ٻارنهن گل تازا

سَداگرني جناني نين گار لاٽين - تائين گهن

ترجمو : سوداگر جي زال کي هار ٺاهڻ لاءِ ڪٽي

آڇني (يا اشني) - سي، باگيني راهي - وڇ

ترجمو : ايندي هئي، باغ جي رستي ۾

ڪسڻ - هور - سداگر نان هٽ سي، جس ڪي

ترجمو : ڪنهن ٻئي سوداگر جو هٽ هو جنهن کي

اُس - سداگر تي اُس نين جناني نان اِهہ ڪرار

ترجمو : ان سوداگر ۽ ان جي زال جو اهو وعدو

مالوم - سي، اِس گولي - ڪي آکٺا ڪي،

ترجمو : معلوم هو، هن گوليءَ کي چيو ته،

مهاڙي - ڪولون باران - ڦلان نين جائين ٺاران

ترجمو : مون وٽان ٻارنهن گلن جي جاءِ تي ارڙهن

ڦل تي هو جَڻ - ڪجهہ لوڙهو وي گهن

ترجمو : گل ۽ ٻيو جيڪا ڪُجهہ ضرورت هجي وٺي

جائِٺا - ڪر پر سَداگرنان ڪرار لنگنهين

ترجمو : ويندي ڪر پر سوداگر جو وعدو لنگهڻ

اُپر مهاڙي - نال ايس بيوي نين ڏٺا

ترجمو : تي مون سان انهيءَ عورت جي شادي

بنها - دي، گولي سداگر نين جناني - نال

ترجمو : ڪرائي ڏي، گولي سوداگر جي زال سان

اِهہ گل ڪري ڪي اُس - منا گهدي

ترجمو : اها ڳالهہ ڪري هن کي مڃائي ورتو

ڇيٺا، ٻينٺان - وڇ سداگر نان ڪوئي

ترجمو : ڇهن مهينن ۾ سوداگر جو ڪو نہ

ڪاگت پتر نا آئِتا. جان ڪراري نا

ترجمو: ڪاغذ پٽ نہ آيو. جيئن وعدي جو

دهاڙا آئتا تي گولي اُس هٽالي - ڪي

ترجمو: ڏينهن آيو ۽ گولي ان هٽ واري کي

سَد - ڪي اُس بيوي نين گهر گهِن گئي

ترجمو: سڏي اُن عورت جي گهر وٺي وئي

جان اُهہ بيوي نين گهر پٺنهتا تي

ترجمو: جيئن اهو عورت جي گهر پهتو تہ

اُسئہ - وکت اُس نان گهريتالا وي وهيلي

ترجمو: انهيءَ وقت هن جو گهر وارو بہ حويليءَ

نين درواجي - آپر پٺنهتا. اُنهان

ترجمو: جي دروازي تي اچي پهتو. هُن

هٽالي - ڪي هِڪ - هور - ڪوٺي - وچ ڇِپا - دِتا

ترجمو: هٽ واري کي هڪ ٻي ڪوٺيءَ ۾ لڪائي ڇڏيو

تي بيوي شرمين نيٺان گهدٺان بِمار بڻ

ترجمو: ۽ عورت شرم جي ڪري بيمار بڻجي

بٺني، سَداگر اندر آئِتا تي گولي - ڪولون

ترجمو: ويٺي، سوداگر اندر آيو ۽ گوليءَ کان

پڇتا ڪي، بيوي ڪي ڪٺهہ هوئتا؟ گولي

ترجمو: پڇيائين تہ زال کي ڇا ٿيو آهي؟ گولي

جباب دِتا ڪي ”بمار هٺہ“ اُسئہ ويلي

ترجمو: جواب ڏنو تہ ”بيمار آهي“ انهيءَ وقت

سداگر ڪَسئہ - سياٽي - ڪي شهري - وچ

ترجمو: سوداگر ڪنهن سياٽي کي شهر مان

لوڙني - تائين گيئا، اِچران اُنهان هٽالي ڪي

ترجمو: ڳولڻ لاءِ ويو. ان وچ ۾ هن هٽ واري کي

اندرون باهر ڪبہ - ڇوڙتا. جان هڪ - سياٽي

ترجمو: اندران ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. جيئن هڪ سياٽي

آڪي اُس - پڇتا ڪي ”بيوي ڪٺهہ

ترجمو: اچي هن کان پڇيو تہ ”مائي ڪهڙو

حال هٺہ؟“ بيوي آکٺا.

ترجمو: حال آهي؟“ عورت چيو

(هتي ڪهاڻي اوچتو ختم ٿيو وڃي)

ترجمو : ۽ اگهاڙي آهيان : ايئن منهنجي بي پردگي ٿئي ٿي." هن

سجادي اُني چيڙي اُس - ڪي نا ڊِتي، تي هور چيڙي

ترجمو : شهزادي هن جا ڪپڙا هن کي ڪو نه ڏنا ۽ ٻيا ڪپڙا

ڊِتي. جي پردا ڪري جس ويلي اوهه چيڙي لائي - رهي

ترجمو : ڏنا جيئن پردو ڪري جنهن وقت ان ڪپڙا پائي ورتا

اُس لگگهي پگڙي گهِدِي تي گهر گهِني آئِنا.

ترجمو : هن وتان لنگهي (تـا) پڪڙي ورتائين ۽ گهر وني آيس.

# چڀالي ۽ پُنڇي

ڊريو جي چوڻ مطابق چڀال جو ملڪ مٿانهين جابلو علائقي ڪشمير جو اهو حصو آهي جيڪو چناب ۽ جهلم ندين جي وچ ۾ آهي (1).

ان جو نالو هن علائقي ۾ "ڇڀ" نالي قبيلي مان ورتل آهي. ڪشميري عملدارن طرفان هتي جي مڪاني ٻوليءَ کي "چڀالي" چيو ويو آهي. جيڪو هتي مناسب نالو لڳي ٿو.

چڀالي جي اتر - اولهه ۾ جهلم نديءَ جي ڀنهي ڪپن تي مظفر آباد جي اوپر ۾ اُريءَ تائين. بلڪ اڃا به ڪجهه اڳتي ڪشن گنگا نديءَ جي واديءَ مٿان (جتي اها ندي جهلم نديءَ سان مظفرآباد کان شاردا وٽ ملي وڃي ٿي) به قبيلا آباد آهن جيڪي پڻ اهائي ٻولي ڳالهائين ٿا. جنهن کي 'چڀالي' سڏيو وڃي ٿو. اهي قبيلا آهن "بومبس" ۽ "ککس". جن مان پهريون جهلم نديءَ جي اتر ۾ ۽ ٻيو ان جي ڏکڻ ۾ رهي ٿو. ککس گهڻو ڪري يقيني طرح سان قديم "کشس" (2) جي نمائيندگي ڪن ٿا. جن جي باري ۾ اسان تفصيل سان "پهاڙي" (3) لهجي جي سلسلي ۾ لکيو آهي.

اصلوڪي چڀالي ملڪ جي دل ۾ موجود آهي جاگير 'پُنڇ' يا "پرنتس" جي (نالي جي ڪشميري صورت) - قديم "پرڻوتسا" (4). چڀالي جهڙي جابلو علائقي ۾ قدرتي طرح سان لهجو ڪجهه ٿي ميلن جي مفاصلي تي بدلجيو وڃي ۽ پُنڇ جي معاملي ۾ اهو ان حقيقت مان ظاهر آهي ته جيتوڻيڪ هتان جا مسلمان حاڪم جهلم واديءَ جي ککسن سان ويجهي ماٽي رکندا هئا ته به آباديءَ جي اندر ڪشميريءَ جو مضبوط عنصر موجود آهي. جيڪو ان ڳالهه جي تصديق ڪري ٿو ته پراڻي وقت ۾ هن موجوده جاگير جي ڪشمير سان ويجهاڻپ هئي. انهيءَ ڪري پُنڇ جي چڀاليءَ ۾ ڪشميري ٻوليءَ جي اثر جون ڪيتريون ئي نشانيون ملن ٿيون ۽ ان جو نالو به خاص پنهنجو - "پُنڇي" آهي.

چڀالي (پُنڇيءَ سوڌي) اوپر ۾ مريءَ جي پهاڙي علائقي ۾ ڳالهائجڻ واري قسم سان ڳنڍيل آهي ۽ ان کان تمام ٿوري مختلف آهي. مظفرآباد جي اتر ۾ ان (ٻوليءَ) جي ايرندي پاسي هزاره جي لهندا آهي ۽ بي شڪ آهستي آهستي ان ۾ ضم ٿي وڃي ٿي، پر ڀنهي جي وچ واري لهجي جو ڪو نمونو ڪونه مليو آهي. ان جي اتر ۾ ڪشن گنگا واديءَ جي اتر طرف چلاس علائقي ۾ "شينا" ڳالهائي وڃي ٿي، ۽ چڀاليءَ جي اتر ۾ خاص "ڪشميري" ڳالهائجي ٿي. ان جي ڏکڻ ۾ جهلم ضلعي واري "پوٺواريءَ" آهي ۽ ان جي اوپر ۾ جمونءَ جي ڊوگري پنجابي اٿس ۽ اڃا به اتر طرف مغربي پهاڙيءَ جو "ڀدرواهي" لهجو مروج آهي. مظفر آباد جي اتر طرف چڀاليءَ جي مختلف صورتن جا ڪي به نمونا ڪو نه ملي سگهيا آهن. ان ڪري اهو پڌائڻ

---

1) "جمون ۽ ڪشمير وارا علائقا" — ص 57. لفظ "ڇڀ". "چڀال" ۽ "چڀالي" کي "ڇڀ" "چڀالي" لکيو ويندو آهي ۽ آخري لفظ نقشي (پويان ڏنل) ۾ ايئن ئي لکيل آهي. مسٽر گراهم بيليءَ انهيءَ معاملي ۾ مڪاني طور پڇا ڳاڇا ڪئي آهي ۽ مون کي ٻڌايو آهي ته ان جون صحيح صورتون پهرين واريون آهن مونکي اها معلومات تڏهن ملي جڏهن نقشو ڇپجي چڪو هو.

2 اسٽين جي "راجترنگڻي" II جو ترجمو ص _ 404

3 جلد نائون ڀاڱو چوٿون ص _ 2ff

4 اِسٽين — ص 433.

بهرحال هن ۾ ڪشميري اثر جون نشانيون به ملن ٿيون جيڪي لفظن ۽ اچارن ٻنهي ۾ موجود آهن. اهڙي نموني چپاليءَ وارو ڏاتو "ڏو" (ڊوڙ) ڪشميريءَ واري ڏاتو "ڏو" سان پيٽي سگهون ٿا. گهنا (ونڃ) بدران "هنا" به ڪشميريءَ جي "هيونُ" سان ملي ٿو ۽ "ٻُجهنا" (ٻڌڻ) وري ڪشميري "بُوزن" جهڙو لڳي ٿو. اچارن ۾ اسان کي مورڊني "ٽ" ۽ "ل" جي غير موجودگي ڏسڻ گهرجي جيڪي لهندا ۽ پنجابيءَ ۾ ٻين سيني هنڌن تي موجود آهن. ڏندن وارو "ن" ۽ "ل" هميشه انهن جي جاءِ وٺن ٿا ۽ اهوئي ڪشميريءَ ۾ ٿئي ٿو. اهو هڪ اهم نڪتو آهي ۽ اسان کي تمام آڳاٽي وقت سان ڳنڍي ٿو ڇڏي، جڏهن هندو وياڪرڻين (گرامر لکندڙن) اها حقيقت لکي هئي جڏهن انهن "پشاچن" جي ٻوليءَ ۾ "ٽ" بابت راءِ ڏني هئي جيڪي انهيءَ ساڳئي هنڌ رهندا هئا. هتي ڪٿي ڪٿي ڊوگري پنجابيءَ جي اثر جا مثال به ملن ٿا. انهيءَ ۾ متعدي مجهول جي فاعلي حالت سان "ني" لڳائڻ ۽ مستقبل ۾ "گا" لڳائڻ واريون ڳالهيون شامل آهن. اهي اصل ۾ اڻ سڌي اثر بدران سڌي طرح اڌارا لفظ ونڃ واري عمل جو مثال آهن.

جيتري قدر حرف علت جي اُچار جو تعلق آهي ته چپاليءَ ۾ اهي بلڪل پوٺواريءَ جهڙا آهن. جتي لهندا ۾ "اي" هوندو آهي اتي چپالي ان کي "آءِ" ڪرڻ جو لاڙو ڏيکاريندي آهي. جيڪو وري هميشه وانگي "آئه" ڪري اچاريندا آهن. ان ڪري جيڪڏهن لهندا ۾ مذڪر اسمن جي مفعولي حالت واري پڇاڙيءَ "اي" هوندي آهي ته چپاليءَ ۾ اها عموماً "آئه" هوندي آهي. انهيءَ سبب پوٺواري "نوڪري - ڪي" چپالي ۾ "نوڪرئه - ڪي" ٿيو وڃي. اهڙي طرح چپالي "ڏٺا" آهي "ديٺا" (ڏيڻ) ڪونهي ۽ "مين" (مان) بدران چون "مئن". اها تبديلي هميشه ڪا نه ٿيندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ٻئي صورتون گڏ به ڏسڻ ۾ اينديون آهن. اهوئي سبب آهي جو پهرئين نموني ۾ "نڪي پُترئه" نظر اچي ٿو (جنهن ۾ ٻئي صورتون موجود آهن).

ڪشميريءَ وانگي "اي" ۽ "اِ" به ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻئي بدران ڪم اچي سگهن ٿا. ان ڪري چپاليءَ جو هڪ "هِڪ" آهي ته "پُنڇيءَ" ۾ وري "هيڪ" آهي. پُنڇي ڪڏهن ڪڏهن "اُ" کي "آ"، پر به بدلائيندي آهي مثلاً "چَم" (چُمي). "آ" جو استعمال به سرسري ذڪر ڪان وڌيڪ جي طلب ڪري ٿو. چپاليءَ ۾ اسين شروع ۾ آيل "آ" کي ختم ٿيندو ڏسون ٿا جيئن "سمانئه - نا" (آسمان جو). پُنڇيءَ ۾ هڪ ٻيو به لاڙو آهي سو اهو ته ان ۾ هڪ ڊگهي "آ" کي انگريزي وانگر "(تورو گولائي ڏيندي اچاريندا آهن) ان نشانيءَ کي آءُ "0" ([1]) سان ظاهر ڪندس. لفظن جي فهرست ۾ ۽ ٻئي نموني ۾ ڪيترائي مثال ملن ٿا. (نمونوII) "گينُا" جيڪو 'گينا' جي لاءِ آهي معنيٰ 'وڃان' "اپِنئون" جيڪو "اپِنئان" (پنهنجو) لاءِ آهي (مفعولي جمع) "چاهُني" جيڪو "چاهني" (چاهي ٿي) لاءِ آهي (مونث).

**فهرست نمبر- 45**

| | | |
|---|---|---|
| "ساُنا" | "سونا" لاءِ | (معنيٰ - سون) |
| "جَناُني" | "جناني" لاءِ | (زناني - زال) |
| "شئطاُن" | "شئطان" لاءِ | (شيطان) |
| "پاُني" | "پاڻي" لاءِ | |
| "آهون" | "آهان" لاءِ | (ها) |
| "نئون" | "نئان" لاءِ | (اسين آهيون) |

[1] انهيءَ کي سنڌيءَ ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ گڏيل اکرن ۾ (اُ) يا الف جي مٿان ننڍڙو 'و' لڳائي ان کي ڏار ڪيو ويو آهي. (مترجم)

| | | |
|---|---|---|
| "آسئون" | "آسئان" لاءِ | (اسين هئاسين) |
| "هأئون" | "هوئان" لاءِ | (هجان / هئان) |
| "هوناُ" | "هونا" لاءِ | (هئڻ) |
| "مارناُ" | "مارنا" لاءِ | (مارڻ) |
| "مارناُ | "مارنا" لاءِ | (تون مارينديين) |
| "نون" | "نان" لاءِ | (نالو) |
| "گِرون" | "گِران" لاءِ | (ڳوٺ) |

اهو ڏسي سگهجي ٿو تہ "اَ" جي اچار کي گولائي ڏئي "اُ" ڪرڻ مرضيءَ تي ڇڏيل آهي. ساڳي طرح سان "اَ" وارو حرف علت بہ ساڳئي نموني "اُ" وانگر اچاريو آهي (جيئن انگريزي لفظ "hot" ۾ 0 جو اچار آهي) اهڙيءَ ريت "ڪُن" لاءِ "ڪاُن" (ڪن) "ڪنڊ" لاءِ "ڪاُنڊ" (پٺ جي ڪنڊي) جو مٿيون حصو)(43)

"جَڻگُت" يا "جاُنگُت"- (چوڪرو) ٻنهي استعمال ۾ آهن. هڪ لفظ ۾ مسٽر بيلي ڏهري حرف "آءِ" کي نئين ڪرڻ جو مثال ڏنو آهي اهو آهي گِئِو (ڳئون) (فهرست ۾ 69 نمبر).

جيتري قدر حرف صحيح جو سوال آهي تہ هڪ نڪتو خاص توجہ گهري ٿو جيڪو اڳي بہ بيان ٿي چڪو آهي، سو آهي موروثي "ڻ" ۽ "ل" کي استعمال نہ ڪرڻ وارو ان جي بدران ڏندوان آواز "ن" ۽ "ل" استعمال ٿيندا آهن. سواءِ انهن لفظن جي جيڪي اڌارا ورتل هجن.

ڇپاليءَ ۾ اسمن جو گردان پونواري ۽ مري پهاڙين وارن لهجن سان تمام ويجهڙائي رکي ٿو. اهي مذڪر اسم جن جي پڇاڙيءَ ۾ حرف صحيح هجي تہ انهن ۾ مفعولي واحد جي پڇاڙيءَ "اڻ" هوندي آهي (اي" بدران) اهڙي طرح "نوڪر" جو مفعولي واحد "نَوڪرَڻ". فاعلي جمع، "نَوڪَر"،مفعولي جمع "نَوڪران" نهندا آهن "پيئو" جو مفعولي واحد "پِيئُو" آهي، فاعلي جمع "پيري" (مري - پيوري")، مفعولي جمع "پيرئان" ٿيندا آهن پر هن لفظ جي معاملي ۾ جمع جو استعمال تمام گهٽ ٿيندو آهي ان جي بدران واحد ئي استعمال ڪندا آهن. مريءَ وانگر "آدمي" جو مفعولي واحد آهي "آدمِيئا" مفعولي جمع "آدمِيئان". ايئن ئي "اي" وارا بيا مذڪر اسم ٿيندا آهن. "اَ" وارا مذڪر اسم قريب مهل ساڳي پونواريءَ واري عام اصول جي پيروي ڪندا آهن جيئن "گهوڙا" آهي. لفظ "پُتُر" ۾ مفعولي واحد ۾ پوين "اُ" ڪڏهن ڇڏيندا آهن ۽ ايئن "پُترڻ - نون".

ڀُنڇي انهن مذڪر اسمن جي گردان ۾ مختلف آهي جن جي پڇاڙيءَ ۾ حرف صحيح هجن. متعدي مجهول فاعل واحد "اي" تي ختم ٿيندو آهي ۽ مفعولي واحد "اَ" تي (اڻ تي نا) ۽ مفعولي جمع "اين" تي ("آن" تي نا) ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح:

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| فاعل | نَوڪر | نَوڪر |
| متعدي مجهول جو فاعل | نَوڪري | نَوڪرين |
| مفعول | نَوڪرا | نَوڪرين |
| فاعل | آدمي | آدمي |
| متعدي مجهول وارو فاعل | آدميئي | آدمِيئين |
| مفعول | آدمِيئا | آدمِيئين |

III

| جمع | واحد |
|---|---|
| ............ | "دا - ايس " |
| ............ | "ڍِين " |
| "دي" | "دا " (مونث - ڍِي ") |

ٽين صورت ۾. "دا" اڳياڙي نمبر I ۾ ڳنڍيل آهي. مسٽر بيلي طرفان ضمير متڪلم ۽ ضمير حاضر جمع بابت ثابتي ڪا نہ ملي آهي ان ڪري اهي ڪونہ ڏنا اٿئون. اهي صورتون چيالي ۾ ڪونہ آهن:

هتي اسان کي پشتو واري صورت "دءِ" ڌيان ۾ ٿي اچي جنهن جي معنيٰ آهي "هي آهي."

IV

چوٿين صورت ۾ مطلب "مان آهيان" آهي پر "هئڻ" يا "وجود" جي باري ۾ چيل ڳالهہ آهي.

| جمع | واحد |
|---|---|
| ٿيئان | ٿيس |
| ٿيئا | ٿين |
| ٿئي (مونث / ٿيئان) | ٿيئا (مونث ٿي) |

هنن صورتن ۾ پنچيءَ واري ضمير حاضر جي پڇاڙي "آ" موجود آهي "او" جي بدران. اها ئي ساڳي پڇاڙي چمبا جي مغربي پهاڙيءَ ۽ پاڙيسري ٻولين ۾ موجود آهي پر ڊوگريءَ ۾ ڪانهي. ساڳي طرح زمان ماضيءَ جون بہ ٽي صورتون آهن.

آءٌ (مان) هئس I

| جمع | واحد |
|---|---|
| آسئان (آسئون) | آسيس |
| آسئا | اسين |
| اسي | اسا (مونث آسي) |

اها صورت چيالي ۾ نہ ٿي ملي. "اسس" سان ڪشميريءَ جي "آسُس" کي ڀيٽي ڏسو:

ٻي صورت چيالي ۽ پنچيءَ ۾ موجود آهي. پنچي صورتون هن ريت آهن :

II

| جمع | واحد |
|---|---|
| "سِئان " (سِئون) | "سيس" |
| "سِئا" | "سين" |
| "سي" | "سا" (مونث - سي) |

چيالي صورتون آهن :

| واحد | جمع |
|---|---|
| "سان" | "سان" |
| "سين" | "سان" |
| "سا" | "سان" |

III

ٽين صورت صرف ڀنچيءَ ۾ ڏيڪاريل آهي ۽ مسٽر بيلي متڪلم ۽ حاضر واحد وارين صورتن جي تصديق ڪا نہ ڪئي آهي.

| واحد | جمع |
|---|---|
| "نا اسيس" | "ني - سِئان" (ني - سِئون) |
| "نا اسيس" | "ني - سِئا" |
| "نا اسيس" | "ني - سي" |

قلمي (هٽ اڪرن) واري احوال ۾ جيڪو مسٽر بيلي مون کي ڏنو اهو جمع وارو "نو" ننڍڙو آهي جيڪو سندس ڇپيل گرامر ۾ وڏو "ني" آهي. "ڀنچي ۾" هن ۾ هڪ ناڪاري فعل پڻ آهي جنهن جي مثال لاءِ "نَئس" (ناهيان) موجود آهي ۽ "نان" چپاليءَ ۾ ـ ٻيءَ ڪهاڻي ۾ موجود آهن.

**ب ـ معروف فعل:**

هن ۾ ڪي نڪتا خاص طور ڌيان ڏيڻ جهڙا آهن. سواءِ زمان مستقبل جي جيڪو عام لهندا جي صورتن کان بنهہ مختلف هوندو آهي. اهڙا سيئي فعل جن ۾ "آ" هوندو آهي انهن کي ٿورو گول ڪري "آ" اچاريندا آهن. اهو هڪ عام اصول طور سمجهڻ گهرجي ۽ هتي صرف "آ" واريون صورتون ڏينداسين.

هيئان فعل جا مکيہ حصا آهن:

| | | |
|---|---|---|
| مصدر | "مارنا" | (مارڻ) |
| اسم حاليہ | "مارنا" | (ماريندو) |
| اسم مفعول | "مارِئا" | (ماريو) |

ماضيءَ معطوفي يا ڳنڍيندڙ ڪردنت "مارِي" "مارِي ـ تي" (ماري). (ڀنچيءَ) "مارِي ڪئہ" (چپالي) آهن.

مٿئين معاملي ۾ ڀنچيءَ ۾ صورتن جي باري ۾ ڪي مونجهارا ٿا ڏسجن. اهڙي سبب جو "چارِئا جولئا" (چارڻ لاءِ موڪليو) (نمونو) (II) واري مثال ۾ اسم مفعول کي مفعولي مصدر واري معنيٰ ۾ استعمال ڪيل آهي ۽ مسٽر بيلي وري اهو ٿو ڏيکاري تہ مجهول ناهڻ لاءِ اسم مفعول نہ پر هڪ اهڙي صورت ڪتب اچي ٿي. جيڪا مصدر سان هڪ جهڙائي رکي ٿي ـ جيئن "اوهہ مارئونا" (هو ماريو پيو وڃي) جنهن جو اسم مفعول ڪنهن مناسبت سان استعمال پيو ٿئي تہ پوءِ اهو اضافت وارو حرف جر ڪڏهن ڪڏهن لڳائيندو آهي ـ جيئن II) "پلِئا" 'رکيو' يا 'پاليو' لاءِ ۽ "پلئانا بئِهڙا" "رکيل يا پاليل وغيره".

اهو ٿي ساڳيو اصطلاح نيپال ۽ ان جي اولهہ طرف وارين پهاڙي ٻولين ۾ عام آهي. ان کان سواءِ امر "مار" معنيٰ (تون) ۽ "مارا" (يا چ ـ "مارو") معنيٰ (توهين) ماريو ۽ "مارِين" معنيٰ احترام واري نموني (توهين) ماريو ـ موجود آهن.

زمان مضارع جا صرف ٿورا مثال جيڪو حال متشڪي ناهن ٿا اهي هيٺان آهن ـ "هوٺان"(هُجان/هٺان) فهرست ۾ نمبر(172) "ماران"(ماريان)، "پران"(پريان) (نمونو I ۽ II)، "کان"(کائون) (I) ۽ "ڪران"(ڪريون) وغيره.

زمان حال ۾ استمراري رواجي نمونا نهن ٿا. ايئن (پُنڇي) "مار ـ نا ـ ايس"(ماريان پيو)"مارنا آسيس"(ماريم پئي)، پُنڇيءَ ۾ مستقبل جي لاءِ خاص قسم جو گردان آهي. اهو مسٽر بيلي هيئن ڏي ٿو:

**"ماريندس" لاءِ**

| واحد | جمع |
|---|---|
| "مارسان" | مارينئو |
| "مارنان" | مارلئا |
| "مارسي" | مارلي |

چپاليءَ ۾ ملندڙ صورتن ۾ صرف "مارسان" (ماريندس) آهي يا "مارسي" (ماريندو) ٻيون صورتون لفظن جي فهرست ۾ ڏنل ڪونه آهن.

پڌ رواهِي کان اوپر طرف جي مغربي پهاڙي لهجن ۾ "ل" جو اڪر مستقبل جي نشانيءَ طور عام آهي. "مارنا" ۽ "مارنئون" ۾ "ن" شايد "ل" جو صرف ڦريل اچار آهي، ڊوگريءَ ۾ مستقبل ۾ "ل" موجود ڪونهي. اسم مفعول مان ٺهندڙ زمان ساڳيا پوٺواريءَ وانگي ٿا ٺهن ان ڪري انهن جي باري ۾ ڪجهه چوڻ اجايو آهي.

**بي قاعدي فعل:**

وڃڻ ۽ اچڻ لاءِ ساڳيا اهي فعل "گڇڻا" ۽ "اچڻا" آهن جيڪي پوٺواريءَ ۾ آهن. "گڇڻا" جو اسم حاليه آهي "گيئنا" (ج ـ "گئنا")، ان جو اسم مفعول آهي "گا"(ج ـ گِئا) ۽ ان جو مستقبل "گيسان" وغيره آهن. "اچڻا" جو اسم حاليه "اينا" ۽ اسم مفعول "آئِئا" هوندو آهي.

ٻيا فعل پنهنجا اسم مفعول بي قاعدي نمونا ناهين ٿا. جيئن:

| | | | |
|---|---|---|---|
| "دنيا" | (ڏيڻ) | اسم مفعول | "دينا"(ج "دتا") |
| "هنا" | (ونڻ) | اسم مفعول | "هِندا" |
| "ڪرنا" | (ڪرڻ) | اسم مفعول | "ڪيتا" |
| "تهنا" | (ويهڻ) | اسم مفعول | "بيٺا"(ج ـ "بئٺا") |
| "پينا" | (پوڻ) | اسم مفعول | "پيئا"(ج ـ پئٺا") |
| "هونا" | (هئڻ) | اسم مفعول | "هوا" (ج ـ "هُئا") مونث ـ هوئِي(ج ـ "هُئي") |

پنڇيءَ ۾ مجهول ناهڻ لاءِ مفعول ڪونه استعمال ڪندا آهن. جيئن پوٺواريءَ ۾ ڪندا آهن. بلڪ هڪ اهڙيءَ صورت ڪي استعمال ڪندا آهن جيڪا "مصدر" جهڙي لڳندي آهي. مسٽر بيلي هيٺيان مثال ڏنا آهن.

"اوهه مارنو نا" (هو مارجي ٿو)

"اوهه مارنو ني" (هو مارجن ٿا)

**پُنچي لهجو** **(پُنچ رياست)**

**نمونو ـ II**

**(پادري گراهم بيلي ـ ايم.اي)**

هڪس ـ آدميئا ني دو پُتُر تينس. نڪي ـ پُتري ـ ني پئُو نون آکِئا "آبا مالينا جهڙا هِسا مين اينا، مين دي. اُس ـ ني اُنهين ـ بچا مال ٻِٽِي هِندا. ٿورئان ـ دهاڙئان ـ وچ پُتري سارا مال ڪٺا ڪيتا، تي دور ـ ڪُسي ـ مِلڪا ـ گا اُٺي، تي اُس جائي لُچپُنا ـ ني مال سارا بَرواد ڪري ـ ڇوڙيس. جِس ـ ويلا ساراهہ ڪرچ ڪرِي ـ ڇوڙئا. اُس ـ ملڪا ـ اچ بڙا ڪال ٻيئِي ـ گيئا، بڱنهہ تانگ هوا. اُس ـ جائي ڪُسي ـ گرائين والي ڪول رِها. اُني اُس نون اپنِي ـ باڙي سُر چارئا جولِئا، جهڙئان ڦليئان سُور کاني ـ سي اوهہ آکنا سا. "انهي ـ ني مين اپنا پيٽ ڀران"، تي اوسِ نون ڪوئي نہ سا دينا. جس ـ ويلا هوسا ـ اچ آئئا اُٺي دلا ـ اچ آکِئا، مهاڙي پئو ڪول ڪِتري مزور رَجِي ـ تي کادي والي، مين اِتي ڀُکا مرنا ايس. مين اُني پئُو ـ ڪول گيسان تي اوس نُون گڇي آکسان "ابا مين ڪُدانا تي ٿهاڙا گناهہ ڪِيتا تي ٿهاڙا پُتُر آکني جوگا نِئس رها. مين اپني مزورا جهِا بَنا."
فير اُني پئُو ـ اپني ڪول گا. اوهہ اجي دورون آچنا تي پئُو ني اُس نون هيرئا تي اُس نون ترس آئِئا. تي ڏوري اُس نون گلا لائي هنديس، تي اُس نون چُمر ديناٿس. پُتري اُس نون آکِئا. "آبا مين ڪُدانا تي ٿُحاڙا گُناهہ ڪِيتا، تي ٿهاڙا پُتُر آکني جوگا نِئس رِها." پئُو نَوڪرين آکئا. "چڱگي ڪپڙي ڪڍِ هني آچا تي جو گُگٺي لُئائي ڇوڙا تي اڱگلِي ـ تي چاپ، تي پئرين جوڙا لائي ڇوڙاس تي پَلئا وِٿهڙا آنِي هلال ڪرا، اس کائي کُشي ڪران مهاڙا يو پُتُر مري ـ گا ـ اسا، دُوئي وار جينا هوئي گا، ڪُتي هوئِي ـ گا ـ سا ڦِري لَيئا." تي اوهہ کُشي ڪرن لگي.
اُس نا بڙا پُتُر جمين ـ وچ سا. جس ويلي اَپني ـ گمرا ـ ڪول آئِئا اوس گاني ـ بجاني ـ تي نچڻ نا آواز بُجهئا، تي نوڪرا سَدِي پڇئا. "يوڪئِہ دا؟" اُني آکئا. "تهاڙا ڀرا آچي ـ گا، ٿهاڙي ـ پئُو پلئانا بٿهڙا هَلال ڪرائئا، اُس ـ گهلا ڪي اُس ني ـ پئُو باهَر گڇي مِنٿئائِس اُني اپني ـ پئو آکِئا. "ڏِک مين ڪتني برس ٿهاڙي ٿهڪ ڪِتي، تہ ڪڏي ٿهاڙي آکِي مين نهين موڙي، تون ڪدي مين بڪريئانا بڪرو تا نئي دِتا. مين اپنئون ـ دوستين کاوان. تي جس ـ ويلي يو پُتُر ٿهاڙا آئئا. جس ٿهاڙا سارا مال ڪنجريئين ـ اچ برواد پليئانا ٻِٿهڙا هلال ڪرائئا." اُني آکئا پُتُرا تون هميشہ مين ڪول دِين، جهِڙا ڪُجهہ مهاڙا تيئا، رو ٿهاڙا. تي کُشي ڪرنِي تي کُش هونا چاهُنِي سي، يو ٿهاڙا ڀِرا مرِي گا ـ اسا، دُوئي پار جِينا هوئِي ـ گا، ڪُتي هوئِي ـ گا ڦيري لِيئا.

# اتر ـ الهندي واري لهندا

اتر ـ اوڀر ۽ اتر ـ اولهه وارين لهندا ٻولين جا فرق لهجن جي ٻهرئين عنوان هيٺ ڄاڻايا ويا آهن. انهن کي هتي ورجائڻ جي ضرورت ڪانهي. بس اهو چوڻ ڪافي ٿيندو ته اتر ـ اڀرندي وارن لهجن ۾ مکيه خاصيت آهي حالت اضافت ۾ "نا" جو ڳنڍيجڻ جڏهن ته اتر ـ الهندي وارا لهجا "دا" ڳنڍيندا آهن.

اتر ـ الهندي وارا لهجا پيٺ ۾ ڪجهه گهٽ علائقن ۾ ڳالهايا وڃن ٿا. اهي ڏکڻ ۾ پنڊ دادن خان تحصيل کان شروع ٿين ٿا، جنهن ۾ اهي ڏاڪڻي لهجي جي "ٿلي" نموني سان ملن ٿا ۽ سالٽ رينج پار ڪري جهلم ضلعي جي سموري چڪوال تحصيل تائين پکڙيل آهن. هن ضلعي ۾ اهو لهجو "ڌني" سڏبو آهي. چڪوال جي اتر ۾ اٽڪ ضلعي جي فتح گنج تحصيل آهي جيڪا سون نديءَ جي واديءَ جي ٻنهي ڪپن تي پکڙيل آهي. هتي مڪاني لهجن کي "سوائِن" چوندا آهن ۽ اهو پڻ اتر ـ الهندي واري نموني جو لهجو آهي، پر چون ٿا ته اهو ان جي يڪدم اولهه ۾ ڳالهائجڻ واري گهيبي لهجي سان گڏيل آهي. فتح گنج جي اتر ۾ اٽڪ ضلعي جي اٽڪ تحصيل پوي ٿي. هن تحصيل ۾ ڇڇ علائقي جي ٽيهارو کن ڳوٺن ۾ پشتو ڳالهائي وڃي ٿي، باقي ٻين هندن جي ٻولي لهندا آهي جيڪا اتر ـ الهندي گروهه جي آهي، جيڪا شايد فتح گنج واري سوائن سان ويجهڙائپ رکي ٿي، پر پشاوريءَ سان گڏجي وئي آهي. اٽڪ تحصيل جي اولهه ۾ پشاور ضلعو آهي. مکيه ٻولي پشتو آهي، پر اتر ـ الهندي نموني واري لهندا کي "هندڪو" به چوندا آهن ته "پشاوري" به چوندا آهن. جيڪا اٽڪل 130,000 کن هندو ڳالهائيندا آهن. پشاور کان اڳتي اولهه طرف مڪمل طرح پشتو ئي موجود آهي. اٽڪ جي اتر ۾ هزاره ضلعو آهي. اتي به ٻولي اتر ـ اولهه واري لهندا آهي، جنهن کي پڻ مڪاني طرح "هندڪو" چوندا آهن. هزاره ۾ مکيه ٻوليءَ هندڪو کان سواءِ به ٻيا ننڍا لهجا "تِنائولي" ۽ "ڍوڍي" يا "ڪنڙالي" نالي ملن ٿا. ٻهريون لهجو ضلعي جي اولهه ۾ ڳالهايو وڃي ٿو ۽ اُهو اتر ـ الهندي واري قسم سان تعلق رکي ٿو. جڏهن ته ڍوڍي اوڀر ۾ آهي، جتي راولپنڊيءَ جي مري ٻهاڙين سان سرحدون ملنس ٿيون، ۽ اهو پوٺواريءَ جو هڪ قسم آهي جيڪو اتر ـ اڀرندي واري قسم سان تعلق رکي ٿو. ان بابت اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي. ان ريت اسان کي اتر ـ الهندي واري لهندا جا هيٺيان انگ اکر ملن ٿا.

| | | |
|---|---|---|
| جهلم جو ڌني لهجو: | | 201,082 |
| اٽڪ جو سوائِن : | 106,010 | 188,051 |
| اٽڪ وارو اٽڪ لهجو | 82,041 | |
| پشاور وارو هندڪو يا پشاوري لهجو | | 129,000 |
| هزاره وارو هندڪو لهجو | | 308,867 |
| تِنائولي | | 54,425 |
| **اتر ـ الهندي واري لهندا جا ڪل ڳالهائيندڙ** | | 891,425 |

**ڌني:**

جهلم ضلعي ۾ ٽي تحصيلون شامل آهن. جهڙوڪ: اوڀر ۾ جهلم، ڏکڻ ۾ پنڊ دادن خان ۽ اتر ـ اولهه ۾ چڪوال.

جهلم ضلعي جي اوڀر ۾ ان کي جهلم ندي لڳي ٿي جيڪا ان کي گجرات ضلعي کان ڌار ڪري ٿي.
اولهه گجرات جو لهجو معياري لهندا جي هڪ صورت آهي ۽ جهلم نديءَ جي ڪناري سان گڏ هلندڙ درياهي پٽ جو سمورو خطو انهيءَ ساڳئي لهجي جو ڳالهائيندڙ آهي، پر اهي هتي ڪجهه گهٽ تعداد ۾ آهن. تحصيل جي اولهه طرف سالٽ رينج جي اپرندي پاسي سوڙو جيڪا ٻولي ڳالهائجي ٿي سا آهي "پوٺواري". جنهن جو اڳ ۾ ذڪر اچي چڪو آهي.

پنڊ دادن خان تحصيل وچان اوڀر کان اولهه طرف سالٽ رينج (جابلو سلسلو) لنگهي ٿي جيڪا اڃا به اولهه طرف شاهپور ضلعي تائين هلي وڃي ٿي. شاهپور سالٽ رينج جو لهجو اتر-اپرندي واري لهندا سان تعلق رکي ٿو. جنهن جو ذڪر پويان ڪري چڪا آهيون. اوڀر طرف ويندي اسان کي پنڊ دادن خان واري سالٽ رينج جي اولاهين ڇيڙي سان واسطو پوي ٿو جتي جي ٻولي اتر - الهندي واري گروهه سان تعلق رکي ٿي، ۽ چڪوال جي "ڏني" جهڙي آهي، جيڪا اُن جي اُتر ۾ آهي جنهن جو هاڻي ذڪر ڪنداسين. پنڊ دادن خان تحصيل جي ڏکڻ ۾ سالٽ رينج کان هيٺ پرو اسان سنڌ-ساگر-دو آب جي ٿل يا واريا سي پٽ ۾ اچون ٿا، جتي جي ٻولي ڏاکڻي لهندا جي "ٿلي" صورت ۾ آهي، جنهن جو ذڪر پڻ ڪري آيا آهيون.

پنڊ دادن خان تحصيل ۾ سالٽ رينج سان لڳو لڳ ويندي اوڀر جي ٻولي اتر - اپرندي واري لهندا جي "پوٺواري" صورت ۾ آهي. اهڙي نموني اسان کي خبر پوي ٿي ته سالٽ رينج ۾ اتر - اپرندي واري لهندا ٻنهي الهندي ۽ اپرندي وارن ڇيڙن تائين موجود آهي پر چڪوال جي وچ ۽ ڏکڻ ۾ وري اتر - الهندي واري ٻولي آهي.

چڪوال تحصيل ۽ ان جي ڏکڻ ۾ پنڊ دادن خان سان لاڳو علائقو هڪ مٿانهين پٽ يا پوٺي تي مشتمل آهي، جنهن جو الهندي وارو حصو "ڏن" سڏجي ٿو. چڪوال جي اپرندي پاسي واري ٻولي اها ئي ساڳي جهلم تحصيل واري "پوٺواري" آهي، جڏهن ته "ڏن" واري ٻولي بلڪل مختلف آهي، ۽ ان جو تعلق اتر - الهندي واري لهندا سان آهي. ان کي "ڏني" چوندا آهن.

ڏن وارو علائقو سوهن يا سون واري وهڪري ۽ سالٽ رينج جي وچ ۾ قائل آهي. ۾ مکيه قبيلا "مائر" ۽ "ڪَسَر" موجود آهن، اهي تمام قدامت پسند ماڻهو آهن. تقريباً سمورن پنجابي مسلمان قبيلن جي اُبتڙ هي برطانوي حڪومت جي فوج ۾ نوڪري ڪرڻ کان پاسو ڪن ٿا جڏهن ته گهڪڙ جنجوعا ۽ اعوان جيڪي سندن پاڙيسري آهن، اُهي فوج ۾ آزاديءَ سان داخل ٿين ٿا. "ڏن" هڪ پاڻ پرو علائقو آهي ۽ ضرورت جون گهٽي قدر شيون انهن وٽ پنهنجيون موجود آهن. اهو اڃا تائين ريل جي سهولت کان وانجهيل آهي، ۽ ان جي لاءِ ويجهي ۾ ويجهي اسٽيشن چاليهه ميل پري چڪوال آهي. ([1])

"ڏني" صرف ڏن علائقي ۾ نٿي ڳالهائي وڃي بلڪ جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي ته اُها ڏکڻ طرف سالٽ رينج تائين ڳالهائجي ٿي، جنهن کان اڳتي اها وري پنڊ دادن خان واري ڏاکڻي لهندا واري ٿلي لهجي سان گڏجي ٿي.

چڪوال جي اتر ۾ فتح گنج تحصيل آهي جيڪا اٽڪ ضلعي سان تعلق رکي ٿي، اُتان جو مڪاني لهجو "سوائن" سڏجي ٿو جيڪو سوهن يا سون نديءَ جي ڪري آهي. جيڪا هن تحصيل مان لنگهي ٿي. سوائن جو ڪو نمونو موصول ڪونه ٿيو آهي، پر مڪاني عملدارن کان پڇڻ تي مون کي معلوم ٿيو آهي ته اهو "ڏنيءَ" سان گهڻي مشابهت رکي ٿو پر ان جي يڪدم اولهه طرف ڳالهائجڻ واري اتر - اپرندي واري قسم جي گهيبي لهجي سان گڏيل آهي.

فتح گنج جي اتر ۽ اتر - اولهه ۾ اٽڪ ضلعي جي اٽڪ تحصيل پوي ٿي، هتي جي ٻولي، سوائن ٻوليءَ وانگر، اتر - الهندي واري قسم جي آهي پر اها وري پشاوريءَ (اتر - الهندي وارو قسم) سان گڏيل آهي جيڪا سنڌوءَ جي پار ۽ اڃا به اولهه طرف ڳالهائي ويندي آهي.

---

[1] مٿيان تفصيل جهلم جي ڊپٽي ڪمشنر ڪرنل ايچ ناڪس اسٽرٽنگويز جي مهربانيءَ سان مليل آهن.

ان کان سواءِ "ڪٿين ـ وسڪيٽي ـ ڪول" (ڪنهن رهندڙ وٽ) ۾ هڪ صورت آهي. "هور ـ ڪوئي" (ٻيو ڪو) وغيره ـ "ڪجهه" ۽ "ڪئي" (ڪيترا) پڻ موجود آهن.

**متصل ڦيرو**

**مکيہ ۽ معاون فعل:**

**زمان حال**

| | | | |
|---|---|---|---|
| آن، انهہ | (آهيان) | آنهہ آنهان | (آهيون) |
| آئنهہ | (آهين) | او، آهئو اهئو | (آهيو) |
| آئہ نهہ | (آي) | اهن، آن | (آهن) |

**زمان ماضي**

| | | | |
|---|---|---|---|
| آهس | (هُئُس) | آهسا | (هئاسين) |
| آهين | (هُيئن) | آهو | (هُئئو) |
| آهہ | (هو) آهِي (هئي) | آهي | (هئا) |

معروف فعل لاءِ ڪجهہ چوڻ جي گهڻ ضرورت آهي. جيئن لفظن جي فهرست مان ڏسبو تہ ان جو متصل ڦيرو ساڳيو معياري لهندا جهڙو آهي. اسين اهو ڏسي ٿا سگهون تہ اتر ـ اڀرندي واري لهندا ۾ ٺليءَ وانگي 'ڪڻ/وٽ' جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ ڌاتو "گهنِ" آهي (ماضي "گهِدا") "لي" ڪونهي، ۽ اهو ڏسي سگهجي ٿو تہ اسم حاليہ ٺاهڻ جو طريقو ساڳيو معياريءَ وارو آهي يعني "دا" ڳنڍجي ٿو ـ اتر ـ اڀرندي واري لهندا وارو "نا" نٿو ڳنڍجي جيئن "مارينداٌ" استعمال ٿيل آهي بجاءِ "مارنا" جي ("ماريندو" لاءِ).

ڏنيءَ جي نموني طور مون "خرچائو پٽ" واري نقل جو هڪ قسم ۽ هڪ مڪاني لوڪ ڪهاڻي ڏني آهي. معياري لفظن ۽ جملن جي فهرست پڻ اڳيان ڏني اٿم.

# پشاوري هندڪو

لهندا کي پشاور ضلعي جي ٻولي نٿو چئي سگهجي، ان کان وڌيڪ اها ڪوهاٽ جي ٻولي آهي. پشاور پشتو ڳالهائيندڙ ضلعو آهي. پشاور جي آبادي 1901ع ۾ 788,707 هئي، جن مان 619,025 اها ٻولي ڳالهائيندڙ آهن. ساڳئي وقت هن ضلعي ۾ آباد ٿيل هندو اتر ـ الهندي واري لهندا جي هڪ صورت ڳالهائيندا آهن جنهن جو ذڪر معمولي نموني ڪرڻ کان وڌيڪ جي گهرج آهي ڇو تہ ان جي ڳالهائڻ وارن جو تعداد هن جائزي لاءِ 129000 معلوم ٿيو آهي.

هنن ٻنهي ٻولين لاءِ ڪا زمين (علائقي) جي تقسيم نٿي ڪري سگهجي. اهي ڳالهائيندڙ گڏ رهن ٿا، ۽ فرق قوميت جو آهي، علائقي جو ڪونہ آهي. پشاور جو وڏو شهر ان کان بہ وڌيڪ گڏيل آباديءَ وارو آهي. هتي نہ رڳو "پشتو" ۽ "هندڪو" ڳالهايون وڃن ٿيون، بلڪ هندستاني، پنجابي ۽ هندستان جي ٻين علائقن جون ٻوليون پڻ ڳالهائڻ ۾ اچن ٿيون. انهن سڀني هندڪو کي بگاڙي ڇڏيو آهي، ۽ اسين نہ صرف فارسي ۽ عربي لفظن جو آزاد استعمال ڏٺون ٿا پر هندستاني ٻهاڪا پڻ ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. اها ڳالهہ خاص طور پشاور شهر ۾ رهندڙ 50000 هندڪو ڳالهائيندڙن لاءِ چئي سگهجي ٿي. هتي ٻولين جي ملاوٽ ايتري آهي جو "هندڪو"، جنهن کي مڪاني طور پشاوري بہ چوندا آهن، شهر جي زندگيءَ جو گاڏڙ نتيجو سمجهي ويندي آهي. ڪجهہ بہ هجي، اسين پشاور شهر ۽ ضلعي جي هندڪو کي هن طرح ورهائينداسين.

ضلعي جي هندڪو.......................... 79,000

شهر جي هندڪو يا پشاوري.................. 50,000

**ڪل تعداد..** 1,29000

آءٌ پشاور جي هندڪو جا بہ مثال ڏيان ٿو. پهريون تہ "خرچائو پٽ" وارو نقل خاص پشاور ضلعي جي ٻوليءَ ۾ آهي ۽ ٻيو هڪ غزل آهي جيڪو شهر واري ٻوليءَ ۾ آهي. جيئن تہ اهو پويون مثال ادبي نمونو آهي ان ڪري اهو نہ صرف رومن ۾ پر فارسي رسم الخط ۾ بہ اختياريءَ وارن کان موصول ٿيو آهي. ٻنهي نمونن جي ٻولي تقريباً اُها ساڳي آهي جيڪا جهلم، ڏن ۽ هزاره جي اتر الهندي واري لهندا سان تعلق رکندڙ آهي.

ميانواليءَ جي هندڪو جي باري ۾ لکندي اسان عربي ۽ فارسيءَ جي لفظن جا ڪي غلط اچار بہ ڏنا هئا. پشاور ۾ اسان کي اهڙو مثال هڪ هنڌ ملي ٿو جتي "لائق" کي "لئيخ" چيل آهي. ٻئي نموني ۾، جيڪڏهن ترجمو صحيح موڪليل آهي تہ عربي لفظ "اڪثر" اسان کي "آخر" جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيل مليو آهي.

عربي ۽ فارسي لفظ تمام گهٽيءَ آزاديءَ سان اڏارا ورتا وڃن ٿا ۽ اها ڳالهہ خاص ٻئي نموني ۾ ظاهر آهي، جنهن کي "پشاوري" سڏجي ٿو. هتي اسان کي فارسي اصطلاح هندستاني لفظن سان استعمال ٿيل ملن ٿا. اهڙيءَ ريت "وچ" کي اڳ ۾ ايندڙ حرف جر (preposition) طور استعمال ڪيل آهي بجاءِ پوئتان حرف جر (post_position) طور استعمال ڪرڻ جي، ان ڪري "محشر ـ دي غم ـ ني" بدران "غم محشر ـ دي ني" جي ترڪيب ملي ٿي، جيڪا بنهہ غير ـ هندستاني آهي ۽ فارسيءَ مجهول واري فاعلي حالت ظاهر لاءِ "ني" ڳنڍيندا آهن ۽ معياري لهجي واري خصوصي ڏيري واري صورت هتي ڪانهي، حالت جريءَ وارو پوئتان لڳندڙ حرف جر هندستاني "سي" آهي ("سب ـ سي"، "سالان ـ سي" "ڪاٺي ـ سي"، ٺڪ ـ

سي"، "ٿک - سي"). پشاوري نموني ۾ اسان کي هندستاني "ائسا" (=اسا) ملي ٿو ۽ "ڪُجھ" بدران "ڪُڇ" جو استعمال به ٿئي ٿو.

فعلن ۾ مصدر جي پڇاڙي "ٺا" يا "نا" آهي جيئن پنجابيءَ ۾ هوندي آهي ("اُڻ" - ڪونهي) ان جي مفعولي صورت واري پڇاڙي "ٺي" (ني) آهي ("آڻ" ڪانهي)، جيئن "ڪرني لڳي" "گاٺي - نچڻي دا آواز" ۾ آهي. پوئين مثال ۾ ڏسو ته "آواز" کي مونث بدران مذڪر صيغو ڏنل آهي. ڪيترائي هندستاني فعل استعمال ٿين ٿا، جيئن "جاڻا" "وڃڻ" بدران "ڪهڻا" "آکڻ" بدران "دوڙنا" "پهچڻ" موجود آهن.

اچارن ۾ اسين ڏسي سگھون ٿا ته "اِ" جي چوٿين سُر بدران "اِي" جو ڪجھ ڊگھو آواز اچي ٿو جيئن: "ڪهڻا" بدران "ڪِهيڻا" ٿلهيءَ وانگر "ڊ" وارو اڪر موڙني ڪونه ٿو ٿئي.

اسمن جي گردان ۾ پيءُ لاءِ لفظ "پِئو" آهي جيڪو واحد جي سيني حالتن ۽ جمع جي فاعلي حالت ۾ ساڳيو ٿو رهي. مفعولي جمع اٿس "پِئوئان."

"۾" ۽ "مان" لاءِ لفظ آهن "وچ" ۽ "وچو" نه ڪي "وِچ" ۽ "وِچون". جملي نمبر 237 ۾ اسان کي "چون" لفظ ملي ٿو جنهن جي معنيٰ به "مان" آهي جيڪو لفظ کي گھٽائڻ جو ظاهري مثال آهي.

هيٺيون ضميري صورتون ملن ٿيون:

مٿن - (مان، "ٿني" (متعدي مجهول وارو فاعل) "ٿنون" يا "ٿٿنون" (نمونو II) (مون کي) لاءِ "ميرا" (منهنجو)، "اسي"، مفعولي جمع "اسان" ۽ "اسان دا" (اسان جو).

"تون" يا "تو"، "تني" (متعدي مجهول وارو فاعل) "تيرا" (تنهنجو) "ٿسي"، مفعولي جمع "ٿسان" (توهان) "ٿسادا" (توهان جو) "ايهه"، "اي" (هي) مفعولي واحد "اِس" مفعولي جمع "انهان" يا "اِنان".

"ووهه"، "اوهه"، "او"، (هو اهي) مفعولي واحد "اُس" مفعولي جمع "اُنهان" يا "اُنان".

ٻيا ضمير ساڳيا معياري لهندا وارا آهن.

مکيه فعل جو زمان حال هن ريت ڦرندو:

**مان آهيان لاءِ**

| واحد | جمع |
|---|---|
| هون، هان، وان، آن | هان، آن، وان |
| هَئن، وَئن، ائن، هين، اين | هو، او |
| هئه، وئه، ائه هي، وي اي | هئن، ائن، هَن، آن |

اهو ڏسي سگھجي ٿو ته اهو ضمير غائب جمع سان معياريءَ کان مختلف آهي، "و"، "وان"، "وين"، "وئه" سان شروع ٿيندڙ صورتون صرف حرف علتن کان پوءِ استعمال ٿينديون آهن جيئن: "مارنا - وان" آهي يا "چراندا - وئه" (جملو 229) "لما - وئه" (جملو 231) وغيره ۾ آهي.

زمان ماضي معياريءَ کان گھٽو مختلف آهي. "آيا" معنيٰ 'هو' - جمع ۾ "آئي" ٿيو وڃي ۽ مونث ۾ واحد ۽ جمع ۾ "آئي" آهي. اهو ڏسو ته اتي اهو "آيا" (آيو) سان هڪجهڙائي رکي ٿو.

هن ۾ هڪڙو ناڪاري فعل بہ آهي "نيان" معنيٰ 'ناهيان'، جيڪو معياري جي "نِهُون" جي برابر آهي.

ٿيڻ/هئڻ لاءِ صرف "هوٺا" آهي "ٿِيٺا" ڪونهي. معروف فعل ۾ مصدر جي پڇاڙي، جيئن اڳ ۾ ٻڌايوسين تہ "ٺا" يا "نا" هوندي آهي. "اُڻ" ڪا نہ هوندي آهي. معياريءَ کان دوريءَ جا خاص مثال آهن.

مستقبل ۽ حال مطلق ۾ مستقبل جو گردان هن طرح آهي:

**مارينِدس**

| واحد | جمع |
|---|---|
| مارسان | مارسِيئان، مارسان |
| مارسين | مارسِيو |
| مارسِي | مارسَن |

ايئن ئي "جاسان" (ويندس)، "ڪهسان" (چوندس) "لاسين" (کائيندين) (نمونو II) "ڇُتسين" (ڇتندين) وغيره آهن. اهو ڏسبو تہ متعدي فعلن ۾ معياريءَ وانگي "اي" ڪا نہ ٿي وجهجي ـ "پُڇسئا" (پڇنديءَ) (نمونو II) ۾ ضمير حاضر واحد جي لاءِ حالت سببيءَ ۾ پڇاڙي آهي "آ".

جي اهو صحيح آهي تہ اسين شينا واري پڇاڙي "آ" سان ڀيٽي سگهون ٿا، جيڪا هڪڙي داردي ٻولي آهي جيڪا گلگت واري ملڪ ۾ ڳالهائي ويندي آهي.

زمان حال مطلق ۽ استمراريءَ لاءِ ترڪيبون آهن:

**ماريان ٿو/ماريان پيو**

| واحد | جمع |
|---|---|
| مارنا ـ آن، مارنا ـ وان، مارنا | مارني ـ آن، مارني ـ وان |
| مارنا ـ اين،مارنا ـ وين، مارنين | ماردي ـ او |
| ماردا ـ اي، ماردا ـ وي، ماردئہ | ماردي ـ ائن |

ساڳيءَ طرح "مرنا ـ آن" (مران پيو)، "ڪرنا ـ وان" (ڪريان پيو) ٿين ٿا. واحد وانگر شايد جمع ۾ بہ ننڍيون ڪيل صورتون آهن پر مون کي اهڙا مثال نہ ملي سگهيا آهن. اهو بہ ڏسي سگهجي ٿو تہ اتر ـ اپرندي واري ("مرنا") ۽ اتر ـ الهندي واري (ماردا) صورتون زمان حال ۾ استعمال ٿين ٿيون. ماضي قريب ۾ صورتون ننڍيون ٿيو وڃن ان ڪري اسان کي "مِلئا ـ وي" (مليو آهي) کان سواءِ "ڦرئا ـ وان" (گهميو آهيان) (جملو 224) صورتون ملن ٿيون پر ساڳئي وقت "هوئِئا ـ آن" (ٿيو آهيان) جي لاءِ "هوئئان" واري صورت بہ ملي ٿي.

بي قاعدي اسم مفعول هن ريت ڏسي سگهجن ٿا:

"پيئا" بدران "پِئا"

"گيئا" بدران "گِئا"

"ليئا" بدران "لئا" "ڪيئا" ۽ "ڪيتا" وغيره.

پشاوري لهجو — پشاور ضلعو

نمونو 11

# غزل پشاور

خالق اکبر دی بندگی کرلے کچھہ وقت سحار *
اکثر مرنائی ہندیا غفلت وچ نہ سو قرار *

ایسی غفلت نے بہلائیں بہلیں کیوں نادان توں *
خوشیاں کر دم نوں نبائیی وچ فاني دوران توں *

بہت کہاسیں ارمان توں جد پچھہ‌سیا پروردگار *
خالق اکبر دی بندگی کرلے کچھہ وقت سحار *

خالق اکبر دے آگي بن عملاں دیسیں کے جواب *
مشکل چھٹسیں اسجگہہ جگ فانی کرلے ثواب *

دل نوں ورم اے لگی ای حق میری ندی عذاب *
عرضاں کرنا وچ جناب تو بخشن‌والا ہیں ستّار *

بخشش منگنا تیری خالق غم محشر دنی نے چھوڑی گال *
عفو کر قدرت دے مالک مشکل دسدی بہت محال *

سب کجھ ھی وچ تیری تعلق ھور کسی دی ے مجال *
خاطر حضرت دي ذوالجلال میری بیڑی نوں جھب کردی پار *

خاطر حضرت دي خدا غم نه مینوں توں دکھا *
دين نبی دا ھے سوایا شافع روز جزا *

نام اقدس توں گھول گھمایا یا محمد مصطفےٰ *
میرزے کرلے خوش طبع خوش غزل مکھ سے پکار *

# هزاره جي هندڪو

هزاره ضلعي جي لهندا کي مڪاني طرح "هندڪو" چوندا آهن. اها وڏي اڪثريت جي ٻولي آهي، پر تہ بہ صرف اهائي هڪ ضلعي جي ٻولي ڪانهي (ڳالهائيندڙن جو تعداد 306,867 ڪٿيو ويو آهي). سواءِ ذڪر اوپر جي ٻنهہ چيڙي جي ٻين هنڌن ضلعي جي مختلف حصن ۾ پشتو ڳالهائيندڙ بہ آهن ۽ ٻنهہ اتر ۾ وري "گوجري" گوجرن ۽ آجڙن جي ٻولي آهي، جيڪي جابلو علائقي ۾ پنهنجن ڍڳن سان گھمندڙ ماڻهو آهن. ضلعي جي اولهہ ۾ تنؤل پهاڙين ۾ لهندا جو هڪ جدا نمونو آهي جيڪو "تنؤلي" سڏيو وڃي ٿو جڏهن تہ اوپر طرف هڪ ننڍي ٽڪري ڀرسان کي هڪ ٻيو لهجو ملي ٿو جنهن کي ڍوٽڊي يا ڪِنڙالي ٿا چون.

هزاره جي هندڪي ۽ تنؤلي ٻئي اتر ـ الهندي واري اضافت واري پڇاڙي "دا" ڪم آڻين، جڏهن تہ ڍوٽڊيءَ ۾ اتر ـ اڀرندي واري پڇاڙي "نا" ڪم ايندي آهي. هندڪو کان يڪدم پوءِ اسين تنؤلي جو ذڪر ڪنداسين پر ڍوٽڊي جي باري ۾ اڳ ئي اتر ـ اڀرندي واري لهندا جي لهجن جي سلسلي ۾ ذڪر ڪري آيا آهيون، جيڪي اضافت ٺاهڻ لاءِ "نا" جو استعمال ڪندا آهن. هزاره گزيٽيئر 1907 موجب، هندڪي جي اچارن ۾ اُهو گھٽو عنصر موجود ڪونهي جيڪو هيٺين علائقن جي لهجن ۾ آهي ۽ فعلن سان ڳنڍيل ضميري پڇاڙين جو استعمال بہ ايترو عام ڪونهي، سواءِ ضمير غائب واحد ۽ جمع تائين محدود رهڻ جي، انهيءَ پوئين نڪتي ۾ اهو لهجو نہ صرف اتر ـ الهندي وارن لهجن سان ٺهي اچي ٿو بلڪ اتر ـ اڀرندي وارين صورتن سان بہ ٺهڪي ٿو.

ٻن ٻين معاملن ۾ اها هندڪو لهندا جي اتر ـ الهندي وارن لهجن سان هڪجهڙائي ڏيکاري ٿي ۽ اهي ٻوليءَ جي ٻنهي اترين لهجن جا خصوصي عنصر چئي سگھجن ٿا. اهي اسمن جي ڦيرن ۾ نظر اچن ٿا. جن مان هڪڙو مفعول ثانيءَ سان حرف جر "آن" جي استعمال بابت آهي، ۽ ٻيو حرف صحيح تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسمن جي مفعولي واحد ۾ "اي" جي ڳنڍجڻ بابت آهي. نمونن ۾ بہ اهڙي هڪ بہ خصوصيت نظر اچي ٿي. اهڙيءَ طرح "س" وارو اکر (اصل "ش" لاءِ ڪم آيل) گھٽو ڪري "هہ" جي جاءِ وٺي ٿو جيئن لفظ "ورسا" ۾ آهي (سنسڪرت "ورشڪهہ"). جڏهن تہ ڏاکڻي لهجي ۾ "وَرها" ملي ٿو جنهن جي معنيٰ ورهيہ يا سال آهي. ان کان سواءِ اسان کي اسم مفعول جي پڇاڙي "ايئا" بدران "اِئا" ملي ٿي، جيئن "آکِئا" ۾ آهي. ايئن ئي "پِئو" (مفعولي "پِئُو") جو مثال آهي.

ڪڏهن ڪڏهن لفظن ۾ هندستاني ۽ پنجابي اثر نظر اچي ٿو. اهڙي نموني "ويکُڻ" (ڏسڻ) لاءِ "ديکُڻ" جو استعمال ٿيل آهي. "پڇُڻ" (پڇڻ) بدران "دَوڙُڻ" ڪم آيل آهي. وڃڻ لاءِ "گڇڻ" آهي، ان مان "وَئسان" نہ پر "گَئسان" يا "جاسان" (ويندس) ٺهن ٿا. "چوڻ" لاءِ لفظ "ڪهنا" يا "ڪَهُڻ" بدران "آکُڻ" آهي، جيئن پشاوريءَ ۾ آهي. اهي سڀ لفظ اترينءَ لهنداجي ٻنهي قسمن لاءِ مخصوص چئي سگھجن ٿا.

اسمن جي گردانن ۾ متعدي مجهول جي فاعلي صورت لاءِ پنجابي ۽ پشاور جي هندڪو وانگر "ني" حرف جر جو استعمال ٿئي ٿو. اهو حرف جر مري پهاڙين ۽ چڀال ملڪ جي اتر ـ الهندي واري لهندا ۾ پڻ ڪتب ايندو آهي. اولڪاريءَ وانگر حالت مفعولي ثانيءَ جو حرف جر آهي "آن"، جيڪو گھٽو استعمال ٿئي ٿو. انهيءَ سان پيٽ لاءِ اسين پيش ڪري سگھون ٿا. ان جي پاڙيسري ملڪ سنڌو ڪوهستان جي ڪوهستاني ٻوليءَ ۾ ساڳي پڇاڙيءَ جو

استعمال ۾ وري مغربي سالٽ رينج پاسي حالت مفعولي ثانيءَ واري حرف جر جي "آنهہ" پڇاڙيءَ جو استعمال، انهن جا مثال آهن: "پِڻو- آن" (پيءُ کي) "ملڪي- آن" (ملڪ ڏانهن)، "نولري- آن" (نوڪر کان)، "چواٽي- آن" (چارڻ لاءِ) وغيره.

اهو پڻ ڏسي سگهجي ٿو تہ انهن اسمن ۾ گهٽا مفعولي صورت ناهڻ لاءِ بنياد ۾ "اي" پڻ ڳنڊيندا آهن. جيئن "ملڪ" کان "ملڪي" ۽ "نوڪر" مان "نَوڪري" ٺهيل آهن. "چراٽي" (پنجابي "چراٽا" مان) بهرحال ان جو مثال ڪونهي.

اها بہ هڪ اتر - اپرندي واري لهندا جي خاصيت آهي. هندڪو ۾ انهيءَ مفعولي صورت جا ٻيا مثال آهن: "مالِي دا" (مال جو)، "ڏوري دا" (پري جو)، "گلي - نال" (گلي سان)، "گهري دي نيڙي" (گهر جي ويجهو)، پر اها "اي" سڀ جاءِ هڪ جهڙي استعمال ڪانہ ٿيندي آهي. "ملڪي - آن" سان گڏوگڏ اسان کي "ملڪي - وچ" (ملڪ ۾)، "اُس ديس دا" (هن ملڪ جو)، "هتاوڻدا" (ملهائڻ جو) "جواب - وچ" (جواب ۾) وغيره جا مثال پڻ ملن ٿا.

بلڪل ساڳئي نموني لفظ "هِڪ" ڪڏهن ڪڏهن مفعولي صورت ۾ "هِڪي" ٿيو وڃي، ان ڪري "هِڪي باشندي دي" (هڪ باشندي جي) بہ موجود آهي، تہ وري "هِڪ آدمي دي" (هڪ ماڻهوءَ جي) بہ موجود آهي.

ضميرن جون هيٺيون صورتون نمونن ۾ ملن ٿيون:

– "مئن" (مان) ، "مهان" (مون کي) "ميرا" (منهنجو) "اسين" (اسين)

– "تون (تون)، "تُڌ - ني" يا "تون - ني" (توکان) تيرا (تنهنجو)

– "اي" (هي" ، "اسان" (هن کي)

– "او" (هو) "اُسان" (هُن کي) - "او" (اهي). متعدي مجهول جي فاعل لاءِ واحد ۾ "اُس" استعمال ٿيندو آهي جنهن ۾ "ني" ڪونہ ڳنڊيين.

فعلن جي لاءِ هيٺيون صورتون ملن ٿيون:

– "هان" (آهيان)، "هئن" (آهين)، "هئہ" ، "هي" يا "اي" (آهي)

هزاره کان مليل لفظن جي فهرست جيڪا ڇپيل ڪانهي، زمان حال لاءِ اهي صورتون ڏيکاري ٿي:

| واحد | جمع |
|---|---|
| "آن" | "آن" |
| "ائن" | "او" |
| "ائہ" | "ائن" |

زمان ماضي لاءِ وري جيڪي صورتون نموني ۾ آهن سي هن ريت آهن:

"آئها" (مونث "آئهي") (هو يا هُئي) "آئهن" ۽ آئهي" (هئا).

لفظن جي فهرست ۾ هيٺيان لفظ آهن.

| واحد | جمع | |
|---|---|---|
| "ايان"<br>"آئن"<br>"ايا" | "آيان"<br>"آيو"<br>"آئن" | اهي پشاوريءَ واري "آيا" سان مشابهت رکن ٿا |

معروف فعلن جي مُتصل ڦيري ۾ معياريءَ سان ويجهي مشابهت آهي. مصدر جي پڇاڙي "اُڻ" آهي جنهن جي مفعولي صورت ۾ "آڻ" اچي ٿو. ايئن "هو وڃڻ لڳا" (ٿيڻ لڳو)، "مناوڻ لڳا" (ملهائڻ لڳا)، "مناوڻ دا حُڪم" (ملهائڻ جو حڪم) جا مثال موجود آهن.

هڪ مثال ۾ پنجابي مصدر واري "ڻا" ۽ مفعولي صورت ۾ "ڻي" به نظر اچن ٿا جيئن "چراڻي - آن" آهي. اسم حاليه جي پڇاڙي "دا" آهي، "نا" ڪانهي جيئن اتر - اپرندي وارن لهجن ۾ هوندي آهي. زمان حال ۾ هڪ مثال ۾ غلطي آهي. جيئن "روٽي مِلدي - آئهي" ۾ "روٽي" مونث واحد آهي "مِلدي - آئهي" وري مذڪر جمع واري ترڪيب آهي. جيڪڏهن "روٽي" "روٽي" (مذڪر جمع) جي بدران لکجي ويو آهي يا وري "مِلدي آهِي" بدران "ملدي ائهي" لکجي ويو آهي ته ٺيڪ آهي پر جي ايئن ڪانهي ته پوءِ اها ترڪيب آءُ سمجهي نه سگهيو آهيان.

زمان مستقبل ساڳيو معياريءَ وانگي آهي، سواءِ ان جي جو متعدي فعلن ۾ "اي" ڪونه وجهندا آهن (پشاور وانگي) مثلاً "جاسان" (ويندس)، "آڪسان" (چوندس). اسان کي به لفظ "رِهان" ۽ "رِها" ساڳي معنيٰ (رَهُيس) ۾ ملن ٿا. مجهول جو هڪ مثال "اکواوان" (چوايو وڃان) ۾ملي ٿو.

هزاره هندڪو جي نموني طور "خرچائو پٽ" واري نقل جو ان لهجي ۾ مثال ڏجي ٿو:

# تنؤلي

"تنؤلي" يا "تنائولي" هڪ قبيلو آهي جنهن جي اصل بابت معلومات گهٽ آهي. انهن کي پنهنجن سنڌوءَ پار جي مهابن لڳ ملڪ مان يوسف زئي قبيلي وارن ڌڪي ڪڍيو هو جن پوءِ شايد سترهين صديءَ ڌاري يا ارڙهين صديءَ جي شروع ۾ هزاره جي اولهه واري علائقي ۾ اچي پاڻ کي آباد ڪيو جيڪو هاڻي تِناول پهاڙين جو علائقو سڏجي ٿو. اسان پڙهيو آهي ته 1853ع ۾ هنن سِتانا جي هندستاني "جنونين" (fanatics) سان گڏجي انگريزن تي حملو ڪيو هو ۽ اها ڳالهه سندن پاڻ ۾ ڊگهي لاڳاپي ڏانهن اشارو ڪري ٿي، ۽ سندن ٻوليءَ ۾ ڪٿي ڪٿي هندستاني صورتن جي موجودگيءَ جو جواز پيش ڪري ٿي.

اها ٻولي تنؤلي (جنهن جا ڳالهائڻ وارا اٽڪل 54,425 ڪٿيا ويِن ٿا) هزاره جي هندڪيءَ جي مائٽ، لهندا جي هڪ صورت آهي. انهيءَ هندڪيءَ وانگر هيءَ به اتر - الهندي ۽ اتر - اڀرندي واري لهندا جي پوٺواري ڪري ٿي جو حرف صحيح وارن مذڪر اسمن جي حالت مفعولي واحد ۾ "اي" يا "آ" ڳنڍي ٿي، جڏهن ته اها پنهنجي هندستانيءَ سان لاڳاپو "ڪو" حرف جر ذريعي ظاهر ڪري ٿي جيڪو حالت جريءَ ۾ ڪم اچي ٿو.

تِنائليءَ جي نموني لاءِ اسان وٽ "خرچائو پٽ" واري نقل جو هڪ مثال به آهي ته لفظن ۽ جملن جي فهرست به اڳيان ڏني اٿئون. پادري گراهم بيلي جي ڪتاب "لينگويجز آف دي نارٿ هماليز" ۾ هن لهجي جو مختصر احوال به ڏنل آهي، جنهن مان مون گهڻي مدد ورتي آهي، تنؤلي جي لفظن ۾ گهڻو ڪري معياري لهندا جي پوٺواري ٿيل آهي. اسين 'وچڻ' لاءِ تي لفظ ڏسون ٿا. جيڪي آهن "جُلڻا"، "گڇڻا" ۽ "جاڻا" پهرئين جو مطلب شايد هلڻ شروع ڪرڻ ڏانهن اشارو آهي، ۽ اهو اتر - اڀرنديءَ واري لهندا ۾ به موجود آهي. ٻيو لفظ به اتر - اڀرندي واري لهندا ۾ آهي پر خاص طرح ان جو تعلق اتر وارين داردي ٻولين سان آهي، ۽ ڪشميريءَ ۾ "گڇُڻ" واريءَ صورت ۾ ڏسجي ٿو. آخري وري پنجابيءَ يا هندستاني آهي. "آڻڻ" لاءِ "آرڻا" صرف هن لهجي جي خصوصيت آهي ۽ ڏسڻ لاءِ هندستانيءَ وارو "ديکڻا" ڪم اچي ٿو "ويکڻا" ڪونه ٿو اچي.

اچارن ۾ اسين وسرگائي گم ڪرڻ جو رجحان ڏسون ٿا. جيئن "اجهيها" يا "اجيها" (اهڙو) ۾ ڏسجي ٿو. "کيڙنا" (کيڏڻ) ۾ "ل" جي جاءِ "ڙ" ورتي آهي. پڇاڙيءَ ۾ حرف صحيح وارن مذڪر اسمن جي مفعولي صورت ٺاهڻ لاءِ "آ" يا "اي" ڳنڍيندا آهن. جيئن "مالي دا" (مال جو) "دورا دي (هٽ ۾) "هڪي نوڪران - ڪي" (هڪ نوڪر کي). هِڪي جٽي دي (هڪ جٽي جا). "آسماني دا" (آسمان جو)، "گلي - نال" (گلي سان) وغيره ۾ نظر اچي ٿو.

مونث اسم جي مفعولي صورت جو ساڳئي قسم جو مثال هن ترڪيب ۾ ملي ٿو "هو شي - ٻچ" (هوش ۾) پر ٻيا مونث اسم "اُ" ڳنڍيندا آهن جيئن "پٽڻون" "پٽڻ" مان ۽ "ڌيئون" "ڌي" مان ٺهيل آهن.

هزاره هندڪو ۾ مذڪر مفعولي واحد واري صورت ٺاهڻ لاءِ "اي"بدران "آ" جو استعمال نظر نٿو اچي پر هزاره هندڪو جي اولهه ۾ اتر - اڀرندي واري ڀُنڇيءَ ۾ ملي ٿو جنهن کي چڀاليءَ کان هندڪو ڌار ڪري ٿي. پر اهي مذڪر اسم جن ۾ "اي" آهي جيئن "آدمي" ته اتي مفعولي صورت ٺاهڻ لاءِ "آ" جو اضافو ڪندا آهن جيڪا ڳالهه اتر - اڀرندي وارن ڪيترن لهجن (چڀالي ۽ مري پهاڙين واري پوٺواريءَ سوڌو) ۾ پڻ نظر ايندي آهي. متعدي مجهول واري فاعلي حالت ساڳي

جيتري قدر معروف فعلن جو تعلق آهي تہ مصدر گهڻو ڪري پنجابيءَ وانگر "نا" يا "ڻا" تي ختم ٿيندو آهي، جيئن "هوڻا" (هئڻ) "مارنا" (مارڻ) وغيره ۾ آهي. مفعولي صورت، جيئن اڳ ۾ ٻڌايوسين تہ ڪڏهن ڪڏهن "اي" بدران "آ" ۾ تبديل ٿيندي آهي. اسان کي اصلوڪو لهندا وارو مصدر "اَڻ" سان بہ ملي ٿو جيڪو مفعولي صورت " "آڻ" ۾ ڦريو وڃي، جيئن "اکُٺا لڳا" ۾ آهي.

اسم حاليہ ٺاهڻ لاءِ معياريءَ وانگر "دا" ڳنڍيبي آهي. جيئن "ڪردا" (ڪندو)، "ڪيڙدا" (ڪيڏندو)، "ڏيندا" - (ڏيندو) ۽ "هوندا" (هوندو) وغيره ۾ ٿيندو آهي. ڪڏهن ورِي، اسان کي اتر - اڀرندي واري پڇاڙي "نا" پڻ ملي ٿي، جيئن "مارنا" ۽ "چارنا" ۾ آهي. (جملو (229)

اسم مفعول جي پڇاڙي "اِتا" آهي جيئن "آڪِتا" ۾ ڏسجي ٿي. زمان مضارع لاءِ ترڪيبون آهن.

**آءٌ (مان) ماريان وغيره**

| واحد | جمع |
|---|---|
| ماران | ماران |
| مارين | مارو |
| ماري | ماري |

مان حال ۽ استمراريءَ جو نهڻ ساڳيو معياريءَ جهڙو آهي ان ڪري ڪجهہ چونڊ اجايو ٿيندو. اسان کي "ڪردان" واري صورت ۾ ننڍو ڪرڻ جو مثال ملي ٿو.

مستقبل لاءِ هيٺيون صورتون آهن:

**ماريندس وغيره لاءِ**

| واحد | جمع |
|---|---|
| مارسان | مارسان |
| مارسئن، مارسي | مارسئن |
| مارسِي | مارسُن، مارسُن |

ايئن ئي "ڄلسان" "آڪسان" نهندا آهن. ڏسو تہ متعدي فعلن ۾ "اي" - نٿي پوي.

زمان ماضي ٺاهڻ جو طريقو ساڳيو معياريءَ وارو آهي. ماضي قريب ۾ لازمي فعل ڪڏهن ڪڏهن شسايل صورت اختيار ڪندا آهن.

| واحد | جمع |
|---|---|
| گئان ("گيان - آن" لاءِ) | گئئان |
| گئن (ويو آهين) | گئئو |
| گِئا (ويو آهي) | گئِ |

بي قاعدي اسم مفعول آهن "ڪيتا"، "دتا"، "گا" يا "گِئا" بالواسط فعل ڪڏهن ڪڏهن وچ ۾ "ل" وجهندا آهن. مثلاً "چرالنا"، "چرڻا" جي لاءِ 'لُٽالنا' ورِي "لُٽاڻا" لاءِ چوندا آهن.

## اتر- الهندي واري لهندا جي معياري لفظن ۽ جملن جي فهرست

| نمبر | سنڌي | جهلم جي ڏني | پشاور جي هندڪو | تنولي |
|---|---|---|---|---|
| 1 | هڪ | هِڪ (مفعولي هِڪي) | اِڪ، هڪ | هِڪ |
| 2 | ٻه | دو | دو | دو |
| 3 | ٽي | ترائي، ترئي | ترِي | ترئہ |
| 4 | چار | چار | چار | چار |
| 5 | پنج | پنج | پڃج | پنج |
| 6 | ڇهہ | ڇين | ڇئي | ڇي |
| 7 | ست | ست | ست | ست |
| 8 | اٺ | اَٺ | اَٺ | آٺ |
| 9 | نوَ | نڙ | نو | نُون |
| 10 | ڏهہ | داهہ | دس | داهہ |
| 11 | ويهہ | ويهہ | وِي | ويهہ |
| 12 | پنجاهہ | پڃجاهہ | پڃجا | داهہ تي چالي |
| 13 | سئو | سئو (جمع سَئِا) | سَئو | سو |
| 14 | آءُ / مان | مئن | مئن | مين |
| 15 | منهنجو (of me) | مئنڊا، مئڊا، مئهنڊا، مئهڊا | ميرا | ماهڙا |
| 16 | سندمُ (منهنجو) (mine) | مئنڊا، مئڊا، مئهنڊا، مئهڊا | ميرا | ماهڙا |
| 17 | اسين | آسين، آسي | آسي | آسين |
| 18 | اسان جو (of us) | اساڊا | اساڊا | اسڊا |
| 19 | اسان سندو (our) | اسا ڊا | اسا ڊا | اسڊا |
| 20 | تون | ٿون | تو ٿون | ٿون |
| 21 | تنهنجو (of thee) | تئنڊا، تئڊا، تئهنڊا، تئهڊا | تيرا | توهاڙا |
| 22 | سندءِ (thine) | تئنڊا، تئڊا، تئهنڊا، تئهڊا | تيرا | توهاڙا |
| 23 | توهين | ٿسي، ٿسين | ٿسي | ٿسين |
| 24 | توهان جو (of you) | ٿساڊا | ٿساڊا | ٿسڊا |
| 25 | سندوَ (your) | تساڊا | تساڊا | تسڊا |
| 26 | هي | اوهہ، اُهہ | ووهہ، اوهہ، او | اوهہ |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 27 | هن جو(of him) | اُسدا | اُسدا | اُسدا |
| 28 | سندس(his) | اُسدا | اُسدا | اُسدا |
| 29 | اهي | اُوهہ | ووہ، اوهہ، او | اوهہ |
| 30 | هنن جو(of them) | اُنهان دا | اُنهان دا | اُنهان دا |
| 31 | سندن(their) | اُنهان دا | اُنهان دا | اُنهان دا |
| 32 | هٿُ | هٿ | هٿ | هٿ |
| 33 | پيرُ | پئر | پَئر | پَئر |
| 34 | نڪُ | نَڪ | نَڪ | نَڪ |
| 35 | اکِ | اک | اک | اک |
| 36 | واتُ | مُونهہ | مُونهہ | مُونہ |
| 37 | ڏندُ | داند | دند | دند |
| 38 | ڪنُ | ڪَن | ڪَن | ڪَن |
| 39 | وار | وال | وال | وال |
| 40 | مٿو / سِر | سِر | سِر | سِر |
| 41 | زبان / جڀ | جڀ | زبان | جڀ |
| 42 | پيٽ | ڍِڍ | پيٽ | ڍِڍ |
| 43 | پٺُ | ڪانڌ | ڪمر | لَڪ (مٿيون حصو)<br>ڪنڌ (هيٺيون حصو) |
| 44 | لوهہ | لوها | لووا | لوها |
| 45 | سون | سوننا | سونا | سونا |
| 46 | چاندي | چاندِي | چاندِي | رُپا |
| 47 | پيءُ | پِئو | پِئُو | پِئو |
| 48 | ماءُ | ما | ما | امان |
| 49 | ڀاءُ | ڀرا | ڀرا | ڀِرا، لالا |
| 50 | ڀيڻ | ڀئڻ | ڀئڻ، ڀيڻ | ڀئڻ، ڀيڻ، بي بي |
| 51 | ماڻهو | جَڻا | آدمي | جَڻا |
| 52 | عورت / زال | زنانِي | رَن | بي بي |
| 53 | جوءِ / زال | تريمَت، سانوا نيڻن | تريمَت، زناني | وَتُهٽي |
| 54 | ٻار | جاتڪ | نِيا | ٽَٻا (ڇوڪرو) ڪُڙهي (ڇوڪري) |
| 55 | پٽ | پُتر/پُتر | پُتر | زاهہ |
| 56 | ڌيءُ | ڌي | ڌي | ڪاڪي |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 121 | هڪ چڱي ماڻهوءَ کي | هڪ چانگي جٽي نون | اچي آدمي نون | چگگي جٽي کو |
| 122 | هڪ چڱي ماڻهوءَ کان | هڪ چانگي جٽي کولون | اچي آدمي – سي | چگگي جٽي ٹين. کولون |
| 123 | ٻہ چڱا ماڻهو | دو چانگي جٽي | دو اچي آدمي | دو چگگي جٽي |
| 124 | چڱا ماڻهو | چانگي جٽي | اچي آدمي | چگگي جٽي |
| 125 | چڱن ماڻهن جو | چانگئان جٽِئان دا | اچي آدميئان دا | چگگيئان جٽِيئان دا |
| 126 | چڱن ماڻهن کي | چانگئان جٽِئان نون | اچي آدميئان – نون | چگگيئان جٽِيئان کو |
| 127 | چڱن ماڻهن کان | چانگئا جٽِئان کون | اچي آدميئان – سي | چگگيئان جٽِيئان ٹين. کولون |
| 128 | هڪ چڱي عورت | هڪ چانگي ٹريمٹ | اچي رن | چگگي بي بي |
| 129 | هڪ ڪنو ڇوڪرو | هڪ پئرا جاتڪ | خراب نڍا | متدا ٹبَا |
| 130 | چڱيون عورتون | چانگيئان ٹريمٹي | اچي رنان | چگگيئان بيبيئان |
| 131 | ڪني ڇوڪري | هڪ پئري جاتڪڙي | خراب لڙڪي | متدي ڪڙي |
| 132 | چڱو | چانگا | اچا. هچا | چگگا |
| 133 | چڱيرو | چانگيرا | (اُس سِي) اُچا | (اُس – نال) چگگا |
| 134 | سيني کان چڱو | ٻهون – ئي چانگا | سب سي اُچا | ساريئان – نالون چگگا |
| 135 | اُچو | اُچا | اُچا | اُچا |
| 136 | اچيرو | اُچيرا | (اُس سي) اُچا | (اُس – نال) اُچا |
| 137 | سيني کان اُچو | ٻهون اُچا | سب سي اُچا | ساريئان – نالون اُچا |
| 138 | گهوڙو | گهوڙا | گهوڙا | گهوڙا |
| 139 | گهوڙي | گهوڙي | گهوڙي | گهوڙي |
| 140 | گهوڙا | گهوڙي | گهوڙي | گهوڙي |
| 141 | گهوڙيون | گهوڙيئان | گهوڙيئان | گهوڙيئان |
| 142 | ڍڳو / ڏانڊ | داند | داند | داند |
| 143 | ڍڳي / ڳئون / ڳانءِ | گان | گان | گان |
| 144 | ڍڳا / ڏاند | داند | داند | داند |
| 145 | ڍڳيون/ڳايون | گائين/گايان | گايان | گائئن |
| 146 | ڪتو | ڪتا | ڪتا | ڪتا |
| 147 | ڪتي | ڪتي | ڪتي | ڪتي |
| 148 | ڪتا | ڪتي | ڪتي | ڪتي |
| 149 | ڪتيون | ڪتيئان | ڪتيئان | ڪتيئان |
| 150 | ٻڪرُ | ٻڪرا | ٻڪرا | ٻڪرا |
| 151 | ٻڪري | ٻڪري | ٻڪري | ٻڪري |

جهنگ: 277، 282، 284، 285، 286، 337، 338، 339، 344، 346، 348، 349، 350، 352، 353، 377، 427، 429، 438، 552.
جهنگ سيال: 346، 347.
چارڻ: 237.
چپ: 288، 353.
چپال: 288، 294، 514، 522، 567.
چپالي: 461، 462، 514، 522، 523، 524، 525، 526، 527، 529، 530، 532، 535، 536، 537، 538، 539، 540، 541، 542، 543، 544، 545، 546، 547، 548، 549، 571.
چترال: 26، 416.
چچرا: 203.
چڪوال: 461، 463، 476، 492، 499، 550، 551.
چلاس: 522.
چناب: 277، 284، 285، 337، 352، 353.
چناب ماڙي: 278.
چناب ندي: 277، 288، 296، 299، 377، 427، 429، 522.
چناواڙي (چنهاواڙي): 284، 285، 299، 337، 338، 339، 377.
چندر گپتا (چندر ڀاڳ): 45.
چنگگل خيل: 490.
چنيوٽ: 338.
چيچ دو آبي: 429.
چيلاڙ: 203.
چاچري: 203.
چاچي: 26.
چاند وگيا اپنشد: 44.
چچو پگت: 379.
چچ: 476، 492، 550.
چوڙ: 203.
حاجي پور: 409.
حافظ احمد: 345، 347.
حسين عليہ السلام: 434، 436.
حيدرآباد: 53، 87، 90، 169، 170، 172، 175، 201، 225، 266، 409، 414، 415.
حيدرآباد رياست (دکن): 57.
حيدرآبادي گرامر: 74.
خانصاحب نوجنائي: 239.
خانہ ڪعبہ: 345، 346.
خداوادي: 169، 174، 291.
خرچائو پٽ نقل: 27، 169، 179، 204، 217، 225، 253، 329، 348، 349، 351، 367، 378، 384، 412، 434، 438، 439، 473، 477، 483، 493، 500، 514، 555، 561، 569، 571.
خرماتو: 489.
خواجا (ڪوجا): 237.
خواجہ خضر: 520.
خوزستان: 25، 29.
خيرپور: 54، 195، 196، 201، 204، 409، 413، 414، 415.
خيل خٽڪ: 427.
دادستان/ داردستان: 25، 28، 29.
دارا اول: 45.
داردي: 10، 11، 26، 28، 29، 39، 43، 44، 46، 49، 50، 218، 225، 226، 259، 278، 279، 280، 281، 282، 283، 285، 416، 423، 553، 563، 571.
داستان مومل راڻو: 213.
دراوڙ يا مُنڊا گروهہ: 13، 17، 28.
دراوڙي: 11، 16، 21، 22، 23، 29، 31.
درشڪ: 383.
درگ وادي: 416.
دريو ڏن: 44.
دسرٿ: 44.
دليترام پرنجيون ڪاڪر: 239.
دنبورو: 58.
دو آبو: 479.
دو آبي: 55.
دوارڪا پرشاد: 12، 13، 14.

رند: 201.
رنسيپ، بي ـ جي: 291.
رنگپور: 377.
رنگدر: 203.
رڻ پٽ: 48.
رومن: 30، 194، 384، 475، 561.
رومن رسم الخط: 203، 294.
روهڙي: 411.
ريشمي پٽڪا: 490.
ريگستان: 48، 54، 95، 145، 203، 286، 296، 338.
زرڪس: 45.
سارويپسا، ڪيڪئي: 46.
سالٽ جابلو سلسلو: 286.
سالٽ رينج: 284، 287، 288، 296، 427، 429، 460،
461، 463، 464، 471، 474، 476، 477، 478، 479،
483، 492، 493، 499، 500، 550، 551، 552.
سامي ٻولي: 11، 13.
سامي قوم: 13.
سانوان: 409.
ساهيوال: 277.
سائونڊ اسٽوڊيو: 7.
ستين: 46.
سڌمائي واهه: 285، 354.
سراج الحق ميمڻ: 11، 23.
سرائڪو: 201.
سرائڪي: 10، 26، 29، 52، 53، 57، 195، 201، 285،
291، 408، 416.
سرائڪي سنڌي: 53، 54، 201، 202، 410.
سرائڪي هندڪي: 286، 410، 411، 412، 413، 414، 415.
سرائي: 408، 409.
سرحد: 28، 43، 49، 277، 428.
سر سريراڳ (سراڳ): 179.
سرو (اپر/مٿين سنڌ): 48، 53، 93، 95، 99، 101، 145،
199، 200، 201، 202، 204، 225، 226، 285، 300،
408، 409، 410، 411، 412.
سري لنڪا: 21.
سستانا: 571.
سڪينه بنت حسين عليہ السلام: 434، 435، 436، 437.
سک: 294، 354.
سکر: 54، 409، 411.
سلاتورا: 44.
سليمان پيغمبر: 44.
سليمان جبلن جو سلسلو: 285.
سليمان علائقو: 416.
سمڪتا پرڳڻو: 203.
سمنڊ: 225، 237.
سميري تهذيب (سيپتا): 11، 12، 23.
سنانوان: 409.
سنتي ڪمار چٽترجي: 18، 19.
سندري برچاٽي: 30.
سنڌ: 7، 8، 11، 15، 25، 26، 27، 28، 29، 43، 46، 48،
53، 54، 55، 57، 58، 69، 84، 199، 201، 203، 204،
216، 237، 278، 294، 381، 383، 408، 409.
سنڌ جو پراچين اتهاس: 12.
سنڌ ساگر ـ دوآبو: 427، 429، 460، 551.
سنڌو: 48، 237، 277، 285، 288، 383، 408، 409،
411، 412، 413، 414، 444، 460، 461، 463، 476،
477، 551، 571.
سنڌو تهذيب: 9، 10، 11، 12، 13، 14، 15، 16، 17، 18،
20، 21، 22، 23، 24، 25، 26، 29.
سنڌو درياه (ندي): 20، 45، 46، 53، 278، 286، 289،
427، 428، 429.
سنڌوس: 44.
سنڌو ڪوهستان: 28، 29، 416، 567.
سنڌو لکت: 22، 23.
سنڌو ماٿر: 7، 11، 12، 13، 14، 15، 16، 18، 20، 21،
22، 23، 24، 25، 28، 29، 43.
سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون: 45، 59.
سنڌي: 7، 8، 9، 10، 11، 12، 14، 17، 18، 19، 20، 22،
24، 26، 27، 29، 30، 31، 43، 44، 46، 48، 49، 50.

شرت، جارج: 67، 201، 228.
شڪارپور: 54، 199، 200، 201، 409، 411، 412، 413.
شڪارپوري: 64.
شمر: 434، 436، 437.
شودر: 15.
شورسيني اپڀرنش: 12
شهباز ڳڙهي: 46.
شهدادپور: 410.
شيخ خورشيد حسن: 25.
شين: 25.
شينا: 278، 281، 461، 522، 523.
صغريٰ بنت حسين عليہ السلام: 436.
عباسي: 201.
عبدالحق مهر: 16، 20، 28.
عبداللطيف شاهہ: 57، 179، 193، 194.
عبدالمجيد سنڌي: 7.
عبراني: 92، 311.
عراق: 22.
عربستان: 344.
عربي: 31، 46، 58، 60، 193، 239.
عربي سمنڊ: 237.
عربي- سنڌي: 7.
عربي- فارسي: 169، 179، 218، 444.
عزيز انصاري: 28.
علي عابد (امام زين العابدين عليہ السلام): 435، 437.
عمر بن سعد: 434.
عمر ڪوٽ: 203، 213.
عيسائي پادري: 30.
عيسيٰ حضرت: 44.
عيسيٰ خيل: 277، 427، 428، 444.
غزل: 561، 565.
غزني: 46.
غلام شاهہ ڪلهوڙو: 256، 257.
غلام علي الانا: 31.
غير آريا: 28.
فادر هيراس: 13، 20.
فارس: 45.
فارسي: 31، 46، 60، 92، 239، 311، 367، 384.
فارسي رسم الخط: 294، 561.
فارسي - عربي رسم الخط: 67، 169، 170، 175، 177، 196.
فائينل رپورٽ آف دي سيٽلمينٽ آف دي ديره غازي خان ڊسٽرڪٽ: 291، 292.
فتح گنج: 476، 492، 550، 551.
فتح نامو: 23.
فرائيو، ايف ڊبيلو آر: 291.
فرينچ: 49.
فوجداري ڪورٽ: 169.
فهميده حسين، ڊاڪٽر: 9، 28.
فيجي بيٽ: 21.
فيروز: 437.
فيصل آباد: 284.
فيئر سروس: 20.
قليا: 353.
قديم دروازي: 13.
قديم هند آريائي: 22.
قصراني علائقو: 416.
قلات: 410.
ڪاٺياواڙ: 25، 26، 27، 48، 53، 55، 237، 238.
ڪاٺياواڙي: 25، 237.
ڪاڇي: 284، 338، 429.
ڪاڇڙي: 284، 337، 338، 349، 350، 429.
ڪاغان: 277، 278، 279.
ڪاڪ ندي: 213.
ڪاڪو پيرومل: 10.
ڪالاباغ: 277، 427، 476.
ڪالا چٽا رينج: 476.
ڪاليبنگن: 26.
ڪائيسٽ: 237، 259.

ڪايسٿي: 55، 237، 238، 250، 259، 260، 261، 262.
ڪتروخ: 22.
ڪڇو: 427، 429.
ڪڇ: 25، 29، 43، 48، 49، 53، 55، 237، 238، 239، 254، 256، 257، 260، 265.
ڪڇا: 237.
ڪڇ جو رڻ: 237.
ڪڇ جو سردار: 256.
ڪڇ ـ گجرات: 26.
ڪڇي: 29، 30، 48، 52، 55، 237، 238، 247، 248، 252، 253، 254، 256، 257، 259، 260، 261، 262، 265، 349.
ڪڇي ٻوليءَ جي ڊڪشنري: 239.
ڪڇي ڪوش: 239.
ڪڇي ڪويتاس: 239.
ڪڇي گنداوا: 43.
ڪراچي: 16، 48، 53، 54، 55، 179، 180، 191، 193، 202، 216، 217، 223، 225، 235، 237، 238، 409، 412.
ڪرشنا راءِ: 13، 14.
ڪرمان: 29.
ڪرمديشور: 18.
ڪسر قبيلو: 551.
ڪشان: 46.
ڪشمير: 25، 26، 28، 218، 288، 294، 416، 461، 463، 514، 522، 523، 532.
ڪشميري: 9، 10، 26، 29، 43، 46، 49، 50، 52، 92، 103، 125، 218، 259، 277، 278، 279، 280، 281، 282، 288، 289، 293، 297، 311، 328، 441، 460، 486، 500، 514، 522، 523، 524، 531، 571.
ڪشن گنگا ماتري: 277، 288.
ڪشن گنگا ندي: 522.
ڪلاچي تحصيل: 428.
ڪلاش ڪافر: 281.
ڪلڪتہ: 291.
ڪلهوڙا: 409.
ڪليڪشن آف اسيمين ڪمرشل: 294.
ڪنائر، جي ـ مارڪ: 16، 20.
ڪورو: 44.
ڪوري (اپرندو مهڙ): 237.
ڪوگڊو: 461.
ڪول: 25.
ڪولاپا ضلعو: 238.
ڪولهي (ڪوهان): 15.
ڪوهاٽ: 288، 289، 290، 427، 461، 463، 476، 477، 483، 486، 487، 488، 489، 490، 561.
ڪوهاٽي: 288، 461، 477، 483.
ڪوهستان: 48، 54.
ڪوهستاني: 29، 278، 280، 416، 567.
ڪهون: 463.
ڪٿڙال: 288، 514، 567.
ڪٿڙالي: 288، 514، 567.
ڪئمبيل، جي ـ ڪي: 291.
ڪئنال ڪالوني: 337.
ڪي اي نيلڪنت: 20.
ڪيڪاي (سنڌو ندي): 44.
ڪيڪاي پشاچي: 46.
ڪيڪئي: 44.
ڪارو رڻ پٽ: 237.
ڪاوار: 237.
ڪتري: 237، 477.
ڪر: 25.
ڪشس قبيلو: 522.
ڪڪس: 522.
ڪوسو قبيلو: 416.
ڪووار / ڪوار: 46، 281.
ڪيتراني (ڪيترانڪي): 279، 285، 286، 290، 416، 417، 423، 424، 425.
ڪيرٿر: 48.
گاڏڙ لهجو: 48، 49، 54.

**لھندا (لھندي/مغربي پنجابي):** 7، 9، 10، 25، 29، 30، 43، 46، 48، 51، 52، 53، 60، 92، 103، 195، 199، 201، 216، 218، 276، 277، 278، 279، 280، 281، 282، 283، 284، 285، 286، 287، 288، 290، 291، 292، 293، 294، 296، 297، 298، 299، 311، 313، 314، 329، 337، 338، 339، 348، 349، 350، 351، 352، 353، 354، 355، 357، 369، 372، 377، 382، 383، 385، 386، 404، 406، 408، 410، 411، 412، 423، 427، 428، 429، 430، 438، 441، 442، 446، 447، 448، 449، 450، 451، 452، 453، 454، 455، 456، 457، 458، 459، 460، 463، 464، 476، 447، 480، 481، 483، 487، 488، 492، 493، 494، 500، 507، 509، 510، 511، 514، 522، 52[illegible]، 529، 550، 552، 553، 554، 555، 561، 567، 568، 571، 573.

**لنگئيجز آف ناردرن هماليز:** 514، 523، 571.

**لياه:** 427، 428، 444.

**ليجندس آف دي پنجاب:** 344.

**ماڇي:** 15.

**مارشل، جان:** 16، 20.

**مارڪنڊيه:** 10، 12، 46، 52.

**مارواڙ:** 27، 48، 49، 54، 203، 204، 294، 415.

**مارواڙي:** 26، 27، 49، 54، 55، 56، 203، 204، 208، 209، 212، 259، 260، 279، 291، 381، 415.

**مارواڙي ملني:** 27.

**ماسيڪا، ڪولن:** 10، 21.

**مالھي:** 25.

**مانسهره:** 46.

**مائر قبيلو:** 551.

**مني:** 203.

**محمد اسماعيل:** 347.

**محمد پرويش شاهين:** 28، 29.

**محمد رفيق مغل:** 16، 20.

**محمد يعقوب ميمڻ:** 7.

**محمود غزنوي:** 46.

**مدراس:** 56، 57.

**مدينو:** 434.

**مديه ديش:** 18، 19، 43.

**مراڻي:** 44، 97.

**مرثيو:** 434.

**مرزا قليچ بيگ:** 10، 67، 201.

**مرليڊر جيٽلي:** 11، 12.

**مرهٽي:** 17.

**مري:** 288، 461، 526، 531، 567.

**مري ٽڪريون:** 280.

**مري پهاڙيون:** 461، 514، 517، 518، 522، 523، 525، 527، 550، 571.

**مزاري:** 383.

**مسلمان:** 346، 410، 522.

**مشرق:** 11.

**مشرقي اٽڪ:** 287.

**مشرقي بنگال:** 21.

**مشرقي پنجاب:** 43، 282.

**مشرقي هندي:** 44.

**مشرقي ۽ ڏکڻ آفريڪا:** 21.

**مصر:** 22، 329.

**مصري:** 12.

**مظفر آباد:** 288، 522، 523.

**مظفر ڳڙهه:** 285، 299، 344، 354، 355، 358، 361، 377، 378، 379، 381، 383، 384، 387، 400، 427.

**معياري:** 290، 439، 471، 472، 473، 555، 563، 569، 573.

**معياري سنڌي:** 52، 53، 195، 197، 202، 208، 212، 214، 216، 218، 219، 225، 226، 238، 239، 240، 243، 245، 248، 249، 250، 251، 252، 266.

**معياري لھجو:** 50، 53، 170، 172، 175، 180، 191، 193، 196، 198، 220، 227، 228.

**معياري لھندا:** 481، 483، 486، 551، 554، 555، 571، 572، 575.

**مغرب:** 11.

**مغربي پنجاب:** 45.

واڻڪا اڪر: 60.
واڻڪي لڪڻي: 60، 64.
واڻيا: 237.
وثوق: 16.
وچ پنجاب: 277.
وچولو (وچين سنڌ): 48، 52، 53، 54، 55، 202، 225، 226، 238.
وچولي: 30، 53، 55.
وچيان صوبا: 56.
وڏو سنڌي ويا ڪرڻ: 129، 165.
وراچڊ: 10، 11، 12، 19، 46، 49، 52.
وزير آباد: 299.
وسڪانسن يونيورسٽي ائنٿر اپالاجي شعبو: 16.
وسي ويري ٻولي: 39.
وليم، جيمس: 400.
ونهار: 463.
وهلوس، ائولوڊو ڪرس: 291.
وهيلر، مارٽيمر: 16، 20.
ويدڪ هندو آريا: 13.
ويرگاٿائون: 27
ويرون: 281
ويس، اي ـ جي: 291.
هامي قوم: 13.
هريانا: 25، 26، 29.
هڙپا: 11، 13، 16، 29.
هزاره: 277، 278، 280، 287، 288، 294، 461، 462، 463، 492، 514، 517، 522، 526، 550، 561، 567، 568، 571، 574.
هزاره ضلعو: 277.
هزاره گزيٽئر: 567
هزاره هندڪو: 569، 570، 571، 572.
هلد: 237، 265.
هماچل پرديش: 25، 26.
هماليه جبل: 277.
هَن: 46.
هنٽر: 20.
هند ـ آريائي ٻوليون: 9، 10، 12، 19، 29، 43، 44، 46، 77، 81، 164، 242، 278، 281، 282.
هند آريائي خاندان: 170، 172، 175، 177، 180، 191، 193، 196، 198، 210، 223، 235، 254، 256، 261، 329، 339، 348، 349، 350، 351، 352، 353، 372، 442، 446، 474، 480، 481، 487، 488، 493، 494، 509، 510، 511.
هند آريائي ديسي ٻوليون: 10، 33، 44، 49، 71، 103، 209، 242.
هند ايراني ٻوليون: 10، 11.
هندستان: 12، 19، 21، 43، 44، 45، 46، 57، 58، 78، 82، 237، 238، 280، 281، 293، 416، 561.
هندستاني: 43، 45، 52، 69، 73، 74، 78، 85، 125، 201، 237، 279، 281، 318، 338، 344، 384، 385، 478، 483، 500، 561، 562، 567، 571.
هندستاني لسانيات جو جائزو: 28.
هند سرڪار: 30.
هندڪو (هندڪي): 10، 25، 278، 285، 286، 287، 288، 377، 383، 384، 385، 386، 387، 396، 404، 406، 408، 409، 410، 412، 413، 416، 428، 434، 441، 444، 445، 446، 447، 448، 449، 450، 451، 452، 453، 454، 455، 456، 457، 458، 459، 477، 483، 487، 488، 489، 490، 535، 536، 537، 538، 539، 540، 541، 542، 543، 544، 545، 546، 547، 548، 549، 550، 561، 564، 567، 568، 571، 575.
هندو: 13، 58، 278، 287، 288، 294، 383، 411، 428، 444، 461، 477، 483، 524، 550، 561.
هند و پاڪ: 18، 19.
هندو ـ سنڌي اڪر: 64، 169، 179.
هندوڪش: 285، 553.
هندي: 17، 28، 49، 51، 68، 69، 87، 103، 120، 124، 127، 128، 130، 131، 132، 133، 157، 164، 165، 240، 253، 285، 377، 383، 387، 400، 508، 572.
هنزه نگر: 39.

هيناژ: 353.
هير: 338، 339، 346، 347.
هير ـ رانجها: 338، 346.
هيروډوټس: 45.
هيريماث:20.
هيسټنگز، اي ـ جي.: 291.
يوتيډيمس:45.
يورپ: 9، 19، 21، 291.
يورپي:52، 294.
يوسف زئي قبيلو: 571.
يوکريټائيډس: 45.
يوناني:45، 46، 117.

انډيکس جوڙيندڙ: صفدر حسين ميرزا

# LINGUISTIC SURVEY OF INDIA

## Vol. VIII Part -I

*By*

***G.A. Grierson***

*Translated by*

***Dr. Fahmida Hussain***

**ENDOWMENT FUND TRUST**

**for Preservation of Heritage of Sindh, Karachi**

**SINDHI LANGUAGE AUTHORITY**

**HYDERABAD, SINDH**

ISBN 978-969-9098-66-6

Rs. 500/-